

سیتا ہرن
(ناول)
قرۃ العین حیدر
ولي رام ولپ
روشنی

سيبنا هرڙ

(ناول)

قرة العين حيدر

ترجمو

ولي رام ولپ

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1997ع

Roshni Book No. 120

"سيتا هرڻ"

[قرة العين حيدر جي اڙدو ناول 'سيتا هرڻ' جو سنڌي ترجمو]

سنڌيڪار: ولي رام ولڀ

ٽيون چاپو © سنہ 1997ع

ڪمپوزنگ: سڪندر نقوي، بشير جمالي- راڻو مينگهواڙ، عبدالبرادرز ليزر ڪمپوزنگ سسٽم، حيدرآباد، سنڌ.

چاپيندڙ: القادر پرنٽرس، رنچوڙ لائين، ڪراچي.

ڇاپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو/ حيدرآباد سنڌ، پاڪستان.

SEETA HARAN (The Abduction of Seeta)

(From Urdu Novel "Seeta Haran" by Qurrat-ul-Ain Hyder)

A Sindhi Translation by Vali Ram Vallabh.

Composed by

Sikander Naqvi, Rano Meghwar & Bashir Jamali,

Abdul Brother's Laser composing System, Hyderabad, Sindh.

Printed by

Al-Qadir Printers, Ranchor Line, Karachi.

Published by

Roshni Publication, Kandiaro/ Hyderabad, Sindh, Pakistan.

First Edition: June 1977

Second Print: July 1982

Third Edition © May 1997

ولي رام ولپ جا ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب

ترجمو ڪيل ناول

- غدار: ڪرشن چندر (1968-1980-1983-1990)
- سيتا هرڻ: قرة العين حيدر (1977-1982-1996)
- بند دروازو: امرتا پريتم (1978-1991)
- ڏاريو: البيرڪاميو (1993)
- اڻنا ڪرينينا: ليو ٽالسٽاءِ
- ڪهاڻي هڻ جي: امرتا پريتم
- پوئين پهر جا پاڏيئڙا: قرة العين حيدر
- سمهيل پاڻي: سرويشور ديال سڪسينا
- چتن ڪُتي جو مسيحا: سرويشور ديال سڪسينا
- ڪارو ڪتاب: عابد سورتي

ترجمو ڪيل ڪهاڻين جا مجموعا

- ٽين دنيا جون ڪهاڻيون (1980)
- ٽڪل سُريت: البرتو موراويا (1983)
- ديس ديس جون ڪهاڻيون (5 جلدن ۾)

ترتيب ڏنل سنڌي ڪهاڻيون

- هار سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ (1984)

ترجمو ڪيل شاعري

- ديس ديس جي شاعري (2 جلدن ۾)

شاعري

- آڪارون آڪاس ۾

سوانح

- اقبال (1877-1938): احمد نديم قاسمي (1977)
- سدا ساوا پن (1984)
(محمود درويش - يشپال - نرودا - لورڪا)

فلسفو ۽ مذهب

- گيتا جو اپياس: ساردياسا ۽ بوس (1992)

سنڌيڪار جي قلم مان

قرةالعين حيدر، جنهن جو نالو اڙدوءَ جي چوٽي جي ڪهاڻيڪارن ۾ ناول نويسن ۾ ڳڻيو ويندو آهي، اڙدوءَ جي مشهور ڪهاڻيڪار مرحوم سجاد حيدر يلدرم جي ڌيءَ آهي. سندس ماءُ به ناول نگار هئي. پاڻ 1927ع ۾ علي ڳڙھ ۾ جائي، جتي پٽس مسلم يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار هو. 1947ع ۾ لکنؤ يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب مان ايم۔ اي ڪيائين ۽ انهيءَ کان سواءِ چترڪلا ۾ به نالو ڪڍيائين. ادبي زندگيءَ جي شروعات 1944ع ۾ ڪهاڻي لکڻ سان ڪيائين، جيڪا اڙدوءَ جي ماهوار رسالي 'همايون' ۾ شايع ٿي ۽ پسند ڪئي ويئي. انهيءَ وقت کان وٺي لاڳيتو لکندي پئي اچي. سندس ڪهاڻين جا ڪافي مجموعا، ناول، ناوليٽ رپورتيج، آتم ڪتا 'ڪارِ جهان دراز هي' وغيره شايع ٿيل آهن، جن مان 'ستارون سي آگي'، سندس ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي، ۽ 'ميري پي صنم خاني' سندس پهريون ناول آهي، جيڪي 1947ع ۾ ڇپيا. اهو ناول ورهاڱي جي موضوع تي لکيل آهي ۽ اڙدوءَ جي پهرين ڏهن جديد ناولن ۾ ليکجي ٿو، پر مشهوري کيس 'آگ کا دريا' کان پوءِ ملي، جيڪو 1959ع ۾ ڇپيو. اهو ناول Stream of Conciousness ٽيڪنيڪ تي اڙدوءَ جو پهريون سڀ کان ڪامياب ناول سمجهيو ويندو آهي. اهو ناول هند و پاڪ ۾ ڪيترائي ڀيرا ڇپيو ۽ نيشنل بوڪ ٽرسٽ پاران هندستان جي چوڏهن ٻولين ۽ روسي ٻوليءَ کان سواءِ، دنيا جي ٻين سڌريل ٻولين ۾ ترجما شايع ڪيا ويا آهن. اهو ناول ڪراچي يونيورسٽيءَ جي اڙدوءَ جي ايم۔اي جي ڪورس تي نصاب طور پڻ رکيل هو. انهيءَ کان سواءِ ساهتيه اڪادمي پاران سندس مجموعو 'پتجهڙ ڪي آواز' تي، جيڪو ٽن ياڳن (Triology)۔'پت جهڙ ڪي آواز'، 'جلاوطن' ۽ هائوسنگ سوسائٽي' تي مشتمل آهي، 1967ع ۾، ۽ 'آخرِ شب ڪي هم سفر' تي 1971 ۾ انعام به ڏنا ويا آهن.[1]

ڪيس تاريخ سان گهري دلچسپي آهي. سندس وڏا صوفي پرچارڪن مان هئا،

---

(1) ويجهڑائيءَ ۾ سندس به ناول 'گردشِ رنگ چمن' ۽ 'چاندني بيگم' پڻ شايع ٿيا آهن، جن ۾ ليکڪا پنهنجي سموري ذات ۽ ڏاهپ سان موجود آهي.

جيڪي ٻارهين عيسوي صدي ڌاري بخارا کان هندستان لڏي آيا هئا. سندس پڙ ڏاڏو انگريزن سان 1857ع جي آزاديءَ جي جنگ ۾ وڙهيو هو ۽ پٽس 'نوجوان ترڪ هلچل' ۾ حصو ورتو ۽ ترڪي ڪهاڻيون جديد اڙدوءَ ۾ ترجمو ڪيائين.

قرةالعين حيدر ڪهاڻي-ڪيتر ۾ انساني جذبن جو ڀرپور اظهار ڪري ٿي، جنهن ڪري سندس فن اعليٰ شاعريءَ جي اوتاهين تائين وڃي ٿو ڪلهو هڻي. وٽس ندي‌ءَ جي وهڪري جهڙي تيزي ته ناهي، پر چاندوڪي رات ۾ باغ جي سڱڌ ضرور ملي ٿي. هوءَ انسان جا لڙڪ ۽ مُرڪون، خوشيون ۽ خواب پنهنجي پلاند ۾ ڪٿي نڪري ٿي ۽ جيڪي پلاند ۾ اٿس، وندبيندي ورهائيندي ٿي وڃي. جيڪي انساني ضمير جي آرسيءَ ۾ جيون جي سيني دکن ۽ سپن جو روپ ڏسڻ تا چاهين ۽ اِهو به چاهين تا ته انساني جيون ڪنهن سپني جي ساييا بنجي پوي ته اُهي سندس رچنائن کي پسند ڪن تا. گهٽوڪري حقيقي ڪردار ۽ انهن جي سپن جا پاڇولا، سندس ڪهاڻين جي تاڃي پيٽي ۾ اُڃيو ائين تا گڏجيو وڃن جو ڪين هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. وقت جيڪڏهن هڪ مسلسل حقيقت آهي، جو ڪڏهن به ڪٽي نٿو ٻيهي ۽ رواں دواں آهي، ته وڏي ۾ وڏي ترئجدي به اُن وقت تائين انسان جي عظيم جذبن ۽ اُمنگن جي ترجمان نٿي بنجي سگهي، جيستائين قرةالعين حيدر جهڙين ليکڪائن وانگر اها ڪوشش نه ڪئي وڃي ته جيون جي ڏکن ۽ سکن جي رنگن مان جيڪي ڪردار جنم ولن تا، اُهي سيئٽي انهن سپن جا پاڇولا بنجي وڃن، جن جو واسطو هڪ عظيم انساني سماج ۽ عظيم انساني تصور سان آهي. عظيم انسان مان منهنجي مراد خيالي انسان نه، پر هڪ اهڙو انسان آهي، جنهن جو درد سمنڊ جيترو گهرو ۽ آڪاس جيڏو وشال آهي. لڙڪن ۾ معصوم انسان جي مرڪ ۽ مرڪندڙ انسان جي منهن تي دکي انسانن جي ڏکن جا پاڇولا- اِها 'اُس-جانوَ' واري ڪهاڻي جيڪڏهن ڪهاڻيءَ ۾ ناهي ته اها 'عظيم ڪهاڻي' ٿي نٿي سگهي.

'سيتا هرڻ' ۾ فن جون بنيادي ڌارائون هڪ هنڌ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون، جنهن ڪري اهو ناوليت شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. هن ناوليت جو کينواس جاگرافيائي، تاريخي ۽ تهذيبي طور تي وسيع آهي، جنهن ۾ هندستان جي رزميه شاعري 'رامايڻ' جي واقعن کي System of reference بنائي سيتا ميرچندانيءَ جي ڪهاڻي Personal involvement سان پيش ڪئي ويئي آهي.

ناوليت جو مرڪزي ڪردار، سيتا مرچندانيءَ، هڪ پڙهيل لکيل عورت آهي- پروگريسو سوچ جي حامي ۽ پرچارڪ آهي. ڪولمبيا يونيورسٽيءَ مان 'هندستان جي سماجي انقلاب' جي موضوع تي ريسرچ ڪري پي ايڇ-ڊي جي ڊگري ورتي اٿس.

هوءَ مذهب، سياست، زندگي، موت ۽ دنيا جي هر شيءَ جي باري ۾ سوچي ٿي ۽ بحث ڪري ٿي. هندو آهي، پر سندس پهرين محبت ۽ پوءِ شادي جميل نالي اڙدو ڳالهائيندڙ هڪ مسلمان سان ٿئي ٿي، جيڪو فيض آباد (هندستان) جو رهاڪو آهي، پر نوڪريءَ سانگي آمريڪا ۾ رهي ٿو. هوءَ پاڻ اصل ۾ سنڌي ۽ حيدرآباد جي رهاڪو آهي. سندس ننڍپڻ سنڌ ۾ گذريو آهي. سندس پيءُ ڪراچيءَ ۾ عامل ڪالونيءَ ۾ ميڊيڪل پريڪٽس ڪندو آهي، پر ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي ٿو وڃي.

ناوليٽ جي شروعات، جميل جي پي شاديءَ جي خبر سان ٿئي ٿي. سيتا علمي، ادبي ۽ ثقافتي قسمن جي گڏجاڻين ۾ مشغول رهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. سندس دوستيءَ جي دائري ۾ متڀين طبقي جي امير پڙهيل لکيل نوجوان چوڪرن ۽ چوڪرين جي دنيا آهي، جيڪا بيحد ذهين، خوبصورت ۽ آزاد آهي. سندن دلچسپيون، گفتگو جا موضوع، ماحول ۽ گڏجاڻيون_ سڀ هڪ جهڙا آهن. زندگي انهن لاءِ خوشيءَ جي ڪيڏ آهي، چهڪتو آهي، پر زندگيءَ جي دڪ جو ايڏاءُ ڪيس چيبندو ۽ ڪُرائيندو رهي ٿو. ننڍڙي پٽ راهُل جي ياد ۽ جميل لاءِ محبت جي چڪ، انهن ٻنهي ڪارڻن ڪري، زندگي ڪيس خالي ۽ فضول لڳي ٿي. پوءِ هوءَ هيڪلائي جي شديد احساس هيٺ حالتن جي بيرحم ۽ تکين لهرن ۾ بيوس بنجي اڇيان لڙهندي وڃي ٿي ۽ خبر نٿي پويس ته نيٺ انهيءَ جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. پر زندگيءَ جي دڪن سڪن مان گذرندي سندس بنيادي احساس پاڻ وٽيڪ گهرو ٿيندو وڃي ٿو ۽ ڏوهه جو احساس چاتيءَ تي بار بنجي ٻيهي ٿو وڃيس. انهيءَ بار کي جهڪو ڪرڻ لاءِ، آسائش جون پناهگاهون ڳولي ٿي. پچاڙيءَ ۾ عرفان، جيڪو سندس آخري پناهگاهه آهي، جي بيوفائي کان ته سيتا جي دل بلڪل وسامیو وڃي ٿي ۽ زندگي هيڪاري وٽيڪ اونداهي ٿي وڃيس ٿي. تمام شديد گهرو احساس سندس دل ۽ روح تي حاوي پٽجي ٿو وڃيس.

سيتا جي جذباتي محرومي، هن ناوليٽ جي دل آهي. اها محرومي هڪ ماڻ جي محرومي آهي، هڪ زال جي محرومي آهي ۽ ساڻٽي وقت پنهنجي جنم يوميءَ کان ٻه محرومي آهي جيڪا ليڪڪا پنهنجو وطن چڏي پرڏيهه ۾ اچي محسوس ڪئي هئي ۽ سيتا جي ڪردار ۾ سموئي، تاريخي فريم ۾ رکي، موضوع ۾ وسعت ۽ گهرائي پيدا ڪئي اٿس. بنيادي طور تي سيتا جي ٽرئجدي، ليڪڪا جي پنهنجي فطرت ۽ سياڻ جي ٽڪراءَ جو نتيجو آهي. پنهنجي وطن مان لڏڻ جي تجربي مان، ٽرئجديءَ جو عمل شديد ٿئي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ، جوان ٽيندڙ مهاجر نسل جون پاڙون ڪنهن زمين ۾ نٿيون ڪُپن. سندس جذبا جن علائقن سان ڳنڍيل هئا، کين اُتان

نکري ٻين هنڌن تي وڃي رهڻو پيو. ليڪڪا انهيءَ جذبي کي شدت سان محسوس ڪري هيءَ ناوليٽ لکيو آهي. تهذيبن جو متجڻ، لکين مائهن جو ڦٽڙجي جلاوطن ٿي پي گهر ٽيڻ، قرقالعين جا پسنديده موضوع آهن. هن ناولٽ ۾ جلاوطنيءَ جي مسئلي کي ننڍي کنڊ جي حدن کان ٻاهر وسيع پڌماني تي ۽ پريور انداز سان پيش ڪرڻ جي کوشش ڪئي آٿس، جيڪا سندس فني پٽڻ ۾ هڪ نئين شيءَ آهي.

هن ناولٽ ۾، اڄ ورهايل هندستان جي هندن ۽ مسلمانن کي هڪ لحاظ کان هڪ ئي ثقافت جو حامي ڏيکاريو ويو آهي. ليڪڪا جي خيال ۾ ڏٺن، رسمن رواجن ۽ عبادت جي طور طريقن ۾ ظاهري فرق ته هو، پر اصل ۾ انهن جو بنياد هڪ هو. جيتوڻيڪ اخلاقي، سماجي ۽ اقتصادي آدرشن جي فرق کي پاسيرو ڪري، ٻڌ ڌرم، هندو ڌرم ۽ اسلام کي پاڻ ۾ ملائي ۽ منجهائي ڇڏيو ويو آهي، پر انهيءَ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته ورهاڱي کان پوءِ انسانيت پرستيءَ جي لاڙي کي ڇيهو رسيو آهي، جيڪو آهستي آهستي، گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پراڻي شڪل ۾ ختم ٿي ويو آهي.

قرقالعين جي ڪهاڻي- رچنا جي شروعات محدود ماحول ۽ خاص طبقي کان ٿي آهي، پر سندس ذهني اڏام جو Aperture آهستي آهستي ڪُلندو ويو آهي، ايتري قدر جو سموري ثقافت سندس موضوعن ۾ سمينجي آئي آهي. پر سندس ڪهاڻين ۽ ناولن ۾ جيڪي موضوع داخل ٿيا آهن، انهن جو رنگ ۽ روپ سندس ذاتي تجربن جي روشنيءَ ۾ بلڪل بدلجي ويو آهي. جيئن سندس تجربن ۾ محرومي پريل آهي، انهيءَ ڪري انسانيت پرستيءَ ۽ ترقي پسنديءَ جي پيشڪش ۾ سندس لهجو مايوس ڪُن آهي. سندس لکڻيون ترقي پسند تحريڪ جي اوساري جي حيثيت رکن ٿيون، جنهن جي پويان سندس حساس شخصيت پوري آب ۽ تاب سان اُجاگر ٿئي ٿي. هيءَ ناولٽ ٻي انت خلوص سان پريور جذباتي تاثر جو نتيجو آهي، جنهن ۾ خوبصورت عورت جي محبت جو ڏُکائيندڙ ڪلائيمئڪس، سندس پنهنجي وطن جو وڻن مان لڏڻ جو تجربو ۽ انسانيت پرستيءَ جي روايت جي ناڪاميءَ جو اوسارو- اِهي ٽي موضوع، جيڪي قرقالعين جي ڪهاڻيءَ ۾ تاجي پيٽي جي حيثيت رکن ٿا- اچي وڃن ٿا ۽ جذبات جي انهيءَ خانه جنگيءَ کي انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکڻ گهرجي.

ترجمي ڪندڙ کي ترجمي ڪرڻ وقت تخليق جي تجربي مان گذرڻو پوندو آهي. آڻون جڏهن به ڪنهن ڌاري ٻوليءَ جي ادب جي ڪنهن به صنف جي شهپاري کان متاثر ٿيندو آهيان ته اُن کي هڪدم پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ جي خواهش

جاڳندي اٿم. پر اهڙين سوين شاهڪارن کي ترجمي ڪرڻ وقت ڪيترين ئي ڏکيائين پيش ايندين آهن ۽ پوءِ اهو ڪم هڪ فرد جي وِت کان ٻاهر بنجيو وڃي. ادب جي شاهوڪاريءَ جو مدار نہ رڳو ڏرتيءَ، جي اصلوڪين تخليقي لکڻين تي آهي، پر پرڏيهي ۽ ڌارين ٻولين جي ترجمي تي پڻ آهي. دنيا جون شاهوڪار ٻوليون- انگريزي، فرانسيسي، اسپيني، جرمن، روسي يا اٽالين وغيرهہ رڳو پنهنجي تخليقي ادب ۽ ڏيهي لکڻين جي ڪري مهندار نٿيون ليکجن، پر دنيا جي ٻين ٻولين جي ادب کي پاڻ ۾ سموئڻ ڪري به اُتم آهن. رومن لٽريچر کي اينگلو سئڪسن ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ انهيءَ کان پوءِ جديد انگريزي ۾، نہ تہ روم جي زوال کان پوءِ سندن تهذيب جو خاتمو ٿي وڃي ها. نثر جي زبان، جيڪا تمدن جي زبان آهي، انگريزي نثر جي ٻوليءَ کي ايلزبيٿ پهرين ۽ جيمس جي زماني ۾ مترجمن سڌاريو ۽ سنواريو. فيلسوفن جي فڪر جا ترجما ڪري لبرل سوچ کي اڳاهون ڪيو ويو. ترجمن وسيلي ئي بحرِ روم جي رهاڪن جا خيال يورپ تائين پهتا ۽ پوءِ ارڙهين صديءَ ۾ انگلينڊ ۽ هالينڊ جي نون بورجوائي Dialectic فيلسوفائي نظرين ۽ ترقي پسند تحريڪن ڏکڻ جو سفر ڪيو. اهو ڪم گهٽوڪري فرانسيسي مترجمن ڪيو، جنهن ڪري فرانس ۾ انقلاب آيو، جيڪو آمريڪا جي انقلاب جو پيش خيمو بنيو.

اسان جي ٻوليءَ جو ادب به فڪر، ٽيڪنيڪ، فارم ۽ ڪنٽينيٽ جي جن مرحلن مان گذري، جنهن منزل تي پهتو آهي، انهيءَ کي ڏسبو تہ اسان بيشڪ پنهنجي ڏرتيءَ جي تاريخي، جاگرافيائي، سياسي، معاشي، مذهبي ۽ سماجي حالتن جو ڪجو مال استعمال ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت پرڏيهي ادب جي مختلف ذهني ۽ فڪري لاڙن ۽ نظرين کي قبولي فارم ۽ ٽيڪنيڪ جا تجربا به ڪيا آهن. اهڙي قسم جا تجربا اسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻين ٿا ۽ هڪ ٻئي سان ڳانڍاپي ۾ مدد ڪن ٿا. ادب جي چاشنيءَ جا سمنڊ پري پيا آهن، پر انهيءَ چاشنيءَ کي چکڻ لاءِ اسان کي پرڏيهي ادب جي هر صنف جي شاهڪار ڪتابن کي ترجمو ڪرائڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪم لاءِ جامع رٿابندي جي ضرورت آهي، جيڪا قومي سطح جا ادارا ئي ڪري سگهن ٿا.

آخر ۾ هن ناوليٽ جي ترجمي بابت ذڪر ڪندس. ترجمو ڪيئن ٿيو آهي، انهيءَ جو فيصلو پڙهندڙن تي آهي، پر موضوع جي لحاظ کان اسان وٽ هيءُ نٿون ۽ نرالو موضوع آهي، جيڪو جيڪڏهن محدود طبقي کي پسند ٿو اچي تہ انهيءَ جو بار نہ ليڪڪ تي آهي ۽ نہ سنڌيڪار تي.

ولي رامر ولپ

2 - شمس چيمبرس، ٽماڻ.
رسالا روڊ، حيدرآباد، سنڌ.
15 مئي 1977ع

1

• اُها منجهند ۽ هميشہ وانگر بلڪل عام منجهند هئي، جڏهن ڊاڪٽر سيتا ميرچنداڻيءَ کي سُڌ پيئي تہ جميل ٻي شادي ڪري ورتي آهي. گهڙي اڌي وانگر ٽڪ ٽڪ ڪري رهي هئي. نومبر ۽ پکي اڌي وانگر آسمان ۾ ڦيرا ڏيئي رهيا هئا. 'ايشين ٽيئٽر انسٽيٽيوٽ' ۾ چوڪريون ۽ چوڪرا 'ٻارن جي ٽيئٽر' جي ڪلاس ۾ اڌي وانگر ڪٽ پتليون ناهڻ سکي رهيا هئا. ٻئي ڪمري ۾ اڌي وانگر 'ڳوناڻي ٽيئٽر' تي ليڪچر ڏنو پئي ويو. نئين دهليءَ جي رستن تي بسون اڌي وانگر هلي رهيون هيون. هوءَ للتا سان ملڻ لاءِ هتي آئي هئي. ٽين وڳي ڪيس هيما وٽ پهچي، شهزاد سان گڏجي 'مدرا راڪشس'[1] جي رهرسل ۾ وڃڻو هو. رات جو 'ماڊرن ٽيئٽر' جي ميمبرن ڪيس مسز ڊولي سين وٽ مانيءَ تي ڪوٺ ڏني هئي. زندگي ڪيتري مصروف هئي، (۽ ڪيتري خالي هئي). اڌائي وڳي هوءَ مٽرا روڊ ڪان بس ۾ علي پور روڊ ڏانهن رواني ٿي هئي ۽ ڪمشنر لين ۾ اچي 'پيلي ڪوٺيءَ' جي ڳاڙهي بجريءَ واري ڏڳهي روڊ تي پهتي هئي. هوءَ 'پيلي ڪوٺيءَ' جي چبوتري تي وينل چوڪرين کي 'هيلو هيلو' ڪندي، 'پيلي ڪوٺيءَ' جي گارڊن هائوس جي گنڊيريءَ ۾ گهڙي هئي. دروازي جي پرسان شهزاد جو ڪمرو هو. هُن پردي مان ڏنو هو تہ شهزاد اڃا تائين آرام سان ليٽيو پيو هو. هوءَ هيما جي ڪمري ڏانهن وڃي رهي هئي تہ گنڊيريءَ جي ٻئي فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. گهنٽي ڪافي دير تائين وڄندي رهي ۽ وچ ۾ ڪجهہ ڪن بند ٿي وينديءَ هئي. شهزاد ننڊاکڙي آواز ۾ بيزاريءَ مان رڙ ڪئي هئي، "اڙي ڪو فون چو نٿو ڪٽي!؟"

هُن اُڇل ڏيئي رسيور کنيو هو. اُن وقت تي وڳا هئا. ٻئي پاسي کان بلقيس زور زور سان چئي رهي هئي: "هيما، چا تو وٽ سيتا پهچي ويئي آهي؟"

---

(1) چوڏهين صدي ڀاري(۲) وساک دت جو سنسڪرت ۾ لکيل ناٽڪ 'مدرا راڪشس' (وزير جي خانگي مُندي)، جنهن ۾ چندر گپت موريا کي تخت تي مضبوطيءَ سان وهاڻ لاءِ نند گهراڻي جي آخري راجا جي وزير، راڪشس جي منصوبن کي ناڪام بنائڻ لاءِ چاڻکيا جي رڻائي جو بيان ڪيل آهي.

"هاءِ ... بلقيس ... مان سيتا ٿي ڳالهايان. ڪا خاص ڳالهه آهي؟"

"اڙي تون ته ڏاڍو جلدي پهچي وئينءَ. خاص ڳالهه...؟ اوهه ... اڙي بابا ها ... اڄ ڏاڍو مزو آيو ... پرديپ، ڪامران ڪي چوڻ لڳو..."

"بلقيس، تو هن وقت مون ڪي چو فون ڪيو؟"

"ڪجهه به نه ... اڄن ٿي ..." بلقيس جو آواز معمول کان وڌيڪ پُر سُڪون هو، "هي هي هي. مون سوچيو ته خبر وٺان ته اڄ جون ڪهڙيون خبرون آهن. تو للتا ڪي حميدا جو نياپو ڏنو يا نه؟"

انهيءَ کان پوءِ ويهه منٽ ڪن بلقيس شهر جي ٿيئٽر گوسپ (Theater gossip) ڪئي هئي. ڊراما سيزن شروع ٿي چڪي هئي ۽ شهر جا ٽيهه چاليهه ڊراما گروپ قسمين قسمين ڊراما اسٽيج ڪرڻ ۾ رُڌل هئا.

هاڻي سائرا تي وڳا هئا. سيتا بيزار ٿي چيو هو: "بِلي ڊيئر، چا تو مون کي اهوئي ٻڌائڻ لاءِ فون ڪيو آهي؟"

"اڙي ... هو ..."

"نيويارڪ کان ڪو خط آيو آهي؟"

"ها." بلقيس جي آواز جو جڙتو جوش هڪدم ڍرو پنجي ويو.

"چا ڳالهه آهي بلقيس؟".

"جميل ... جميل شادي ڪري ورتي آهي."

گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ. شهزاد زور سان پاسو وراين ۽ سندس پلنگ جي اسپرنگ مان چيچات جو آواز نڪتو. ٻاهر عنابي گلاب جي ٻارين پرسان هيما جو ٻار رُئڻ لڳو. ڊائننگ روم ۾ بشن سنگهه ٽڪاءَ سان الماري بند ڪئي.

"ڪنهن سان؟" سيتا اهڙي طرح پڇيو جڻ ڪنهن پراڻي ڦِٽل کوهه مان ڳالهائيندي هجي.

"ڪا ڪانٽينينٽل چوڪري آهي." ڪئين ميل پري، چاٽڪيا پوريءَ ۾، بلقيس جي گهر ۾ به زندگي هميشه وانگر جاري هئي. ٻار شور مچائي رهيا هئا. چانهه جا ٽانوَ ڪڙڪيا پئي. نندي ماسي، رام اوتار تي ناراض پئي ٿي. بلقيس جي وڏي پاٽيجي فرش تي اوکڙو ويهي ٽيپ رڪارڊ وڄائي رهي هئي: 'تمام عمر رها غمزه و ادا کا شڪار.' دروازو ٻيڪڙي ڇڏ. خاموش! اڙي ڳالهائڻ کان بس به ڪر. واهه واهه! خوب! ڪهڙي ڳالهه ڪجي ته غمزه و ادا... ادا وري ته پڙهجو، 'تمام عمر رها...' اهو غزل بلقيس وارن وٽ

مجھ ڏينهن اڳ ڪنهن شاعر ترنم سان پڙهيو هو. ۽ سيتا کي ڏاڍو وٺيو هو.

انهن سيني آوازن سان ملي بلقيس جو آواز چٽو ٻڌڻ ۾ نٿي آيو.

"اڄا مجھ زور سان ڳالهاء. تو وٽ گهر ۾ ڏاڍو روچ راڙو مستل آهي." سيتا ٻه ٽورو رڙ ڪري چيو هو.

"هڪ ڪانٽينينٽل چوڪريءَ سان. تفصيل جي ته خبر ناهي پر فقط ايترو لکيو اٿس نه يو اين ۾ سنڊس آفيس ۾ ڪم ڪندي آهي. ڪا هوندي اڙي مظفر. منهنجي مٽي تي چو ٿو نڌڻس؟ ماهر وڃي ڪيڏ. اڙي ها. ڇ هوندي ويترس يا ٽائيپسٽ نياگي!"

"هو منهنجي طرفان ايلزبيٿ ٽيلر سان وڃي شادي ڪري. منهنجا حا وڃي." سيتا رڪائيءَ سان وراٽيو. هاڻي هوءَ فون پرسان رکيل آرام ڪرسيءَ تي ويهي رهي هئي. ڪنڊيءَ ۾ اونداهي چانيل هئي ۽ غير معمولي طور تي سردي ٻه.

"انهيءَ ۾ فقط هڪ خرابي آهي سيتا ڊيئر، ايلزبيٿ ٽيلر ته شادي ڪري چڪي آهي ۽ ٻڌو اٿر ته پرنسيس مارگريٽ جي هٿ ۾ ٻه اڃ سياڻي ميهندي لڳڻ واري آهي. سموري دنيا ۾ اهي ئي ٻه چوڪريون ڪيس پسند هيون ۽ ٽين نرگس. هن ٻه هاڻي وڃي پنهنجو گهر ٻار وسايو آهي."

بلقيس انور علي، مُلڪ جي چوٽيءَ جي استيج ايڪٽريس جي حيثيت سان هاڻي وري ڏاڍي نارمل آواز ۾ ڳالهائي رهي هئي. گذريل سال ٻمبئي جي "انڊين اڪيڊمي آف ڊرامٽڪ آرٽ" مان ڊپلوما حاصل ڪئي هئائين. هن سال ڪيس 'دهلي ناٽيہ سنگهہ' طرفان بهترين ايڪٽريس جو ايوارڊ ملیو هو. 'مادرن ٿيٽر' جي ايندڙ پيشڪش ۾ هوءَ غضب جي آليہ اداڪاري ڪرڻ واري هئي. پوءِ هوءَ پنهنجي آواز مان ڪهڙي طرح ظاهر ٿيڻ ڏيندي ته دراصل چا سوچي رهي آهي.

"بلقيس."

"ها سيتا."

"تون ايتري قدر ڪميٽي ڪيئن ٿي سگهينا چگو. مان هيما سان ملي ونان. شام جو ملاقات ٿيندي."

"باءِ سيتا."

2

• بلقيس رسيور رکي چڊيو ۽ لائونج مان لنگهي پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي. وچ واري ڪمري ۾ ننڍي ماسي، ناسي شال ۾ مٿي کان پيرن تائين ڍڪيل، تلسي پور کان آيل ڪنهن مائٽ سان گالهين ۾ رڌل هئي. پوئين لان تي ٻار ڪرڪيٽ کيڏي رهيا هئا. آخري سرءُ جو ٺمار ڏنڊيل ڏنڊيل سج لائونج جي شيشن مان لينٿا پائي رهيو هو. پنهنجي ڪمري ۾ وڃي، بلقيس ڊريسنگ ٽيبل تان خط کنيو جيڪو ڪلينڪس جي ڊبي تي اڌ ڪليو پيو هو. استول تي ويهي هن ٻيو پيرو پڙهڻ شروع ڪيو. سنڊس ماسات جميل هيڏانهن هوڏانهن جي گالهين کان پوء آخر ۾ فقط هڪ پٽرا وڌيڪ لکي هئي:

"مون گذريل آڇر جو هڪ اسپينش چوڪريء سان شادي ڪئي آهي. هوء منهنجي ٽي سيڪشن ۾ ڪم ڪندي آهي. ڏاڍي معقول چوڪري آهي. انٽيلڪچوئل ناهي. اسمٿ ڪاليج ۾ پڙهي آهي، جيڪو هتان جو وڏو ارسٽوڪريٽڪ ڪاليج آهي. انهيءَ ڪري دلجاء ڪجاءِ ته تنهنجي ياڇائي 'شاپ گرل' ناهي، جو توهان نيٽو(Native) چوڪرين جو اجايو خيال آهي ته توهان جا بيهودا ياءِ مغرب ۾ اچي شاپ گرلز ۽ بقول تنهنجي، ڏوٻٽين کي ٻُهاري ايندا آهن. واقعي! توهان کيتري قدر زبردست سنوب (Snob) آهيو! بهرحال، تصوير جلدي موڪليندس. ڪارمن خوبصورت ناهي ۽ سازهيءَ ۾ بلڪل هندستاني لڳندي، چو جو 'آج پي اس ديس ميں عام هئه چشمِ غزال' وغيرهه. اها گالهه امان کي ٻڌائي ڇڊج. راهُل بلڪل نيڪ آهي، ڪارمن سان هينئر ٽي هري مري ويو آهي ۽ خوب ٽلهو ٽيندو ٽو وڃي، ماشاالله. مان ڪالهه ٽي ڪارمن سان گڏجي سنڊس اسڪول ويو هوس. تون ايندڙ سال فال جي وقت هتي اچ. اُن وقت ايسٽرندي ڪناري جي شاندار وڻڪار، گاڙهي پن جي هويهو باهه ۽ وڪوڙيل هوندي آهي. ٻڌو اٿر توکي هتي ايڪٽنگ سکڻ لاءِ اسڪالرشپ ملي ويئي آهي. ڪڏهن ٽي اچين؟ اسان ڪرسمس ٽي بوسٽن ويندا سين."

سيتا جي باري ۾ هن هڪ لفظ به نه لکيو هو. سيتا، جيڪا سندس پٽ راهُل جي ماءُ هئي.

1951ع ۾ بلقيس وٽ جميل جو خط انهيءَ نيويارڪ مان آيو هو. انهيءَ ڏينهن به هوءَ ساڳي طرح هڪ ريهرسل لاءِ باهر وڃڻ واري هئي. اهي ئي ماڻهو هتا. اها ئي دنيا. اهي ئي مصروفيتون.

کجهه گهرو ڳالهيون کان پوءِ، هن پڇاڙيءَ ۾ لکيو هو:

"...۽ بي کا خاص ڳالهه لکڻ لاءِ رهي ڪانهي.

ها، هڪ ڳالهه البت بتائڻ ويجي ويس. مون گذريل هفتي هڪ سنڌي چوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. هوءَ ڪولمبيا ۾ سوشيالاجيءَ ۾ پڙهي ٿي. بي حد ذهين چوڪري آهي، ڏاڍي زبردست انٽليڪچوئل قسم جي. ذات جي عامل آهي، جيڪا سنڌين ۾ وڏي ذات سمجهي ويندي آهي. انهيءَ ڪري امان کي گهٽ ۾ گهٽ دلجاءِ ڪرڻ گهرجي ته مون ڪنهن 'نيچ فرنگڻ' سان پلوَ ڪونه ٺکايو آهي. هاڻي تون اهو چاڻڻ لاءِ بي آرام ٿيندي هوندينءَ ته هن جي شڪل صورت ڪهڙي آهي. بي حد سهڻي آهي. سرخ ۽ سفيد. عورتن جي حسن جي تعريف جي معاملي ۾ مان هميشه ڪنجوس رهيو آهيان، (جو ته ٽوري تعريف سان سندن دماغ خراب ٿي ويندو آهي.) ۽ حقيقت اها آهي ته هوءَ صورت ۾ من موهيندڙ آهي. قد ۾ توکان وڏي ٿيندي. اڙدو تمام صاف نٿي ڳالهائي ۽ وڏو پائنچو پائيندي ته هوبهو چانديور جي تلسي پور ضلعي فيض آباد جي سيّداڻي لڳندي. دلجاءِ ڪج. اسان هينئر ٽي ٽئه ڪيو آهي ته پنهنجي پُٽ جونالو راهُل رکنداسين. جيئن ته توهان جاهل آيو، انهيءَ ڪري بتائڻو پوندو ته راهل، گوتم بُڌ جي پٽ جو نالو هو. هاڻي توکي ڏاڍو ڏک ٿيو هوندو ته منهنجي بيبي ايڏي فروٽ آهي جو هاڻي ٽي اڍيون ڳالهيون ڊسڪس ٿي ڪري. ته بابا قصو هيئن آهي ته تون آهين پهرئين نمبر جي پراڻي اولد انڊين. پل ڪڻي اعليٰ تعليم يافته آهين ۽ ترقي پسند به، پر سماجي لحاظ کان اڃا تائين بيحد فيوڊل به آهين. سيتا بلڪل نئين عورت آهي. توهان وانگر ڳوناڻي ناهي. جيئن ته هوءَ اڃا نئين ڪنوار آهي، تنهنڪري هار جو ذڪر ٻڌندينءَ شرماتجي ڪمري مان ٻاهر ويندي ... لاحول ولا. بهرحال پُٽ جو نالو راهُل رکيو

۽ جيڪڏهن ڏيڻ چاڻي ته انهيءَ جو نالو گل رخ رکنداسين، جو اهو نالو سيتا کي ڏاڍو وڻي ٿو. چوي ٿي ته ڪراچي گرئمر اسڪول ۾ انهيءَ نالي واري هڪ هم ڪلاسڻ پڻان چوڪري سندس پياري سهيلي هئي. آيئه سمجهه ۾؟"

بلقيس خط ميز تي رکي چڏيو. ڏاڍي لڳ ڪانبارينڊ ڳالهه هئي. ٻئي خط هڪ جهڙا هئا. هڪ ئي ماڻهو لکيا هئا. پوءِ هن آهستي اُٿي الماري کولي ۽ ساڙهيون ڪڍي اُٿلائيندي پٿلائيندي رهي. اڄا ڪيس تيار ٿي 'مدرا راڪشس' جي رهرسل لاءِ وڃڻو هو. ايندڙ اڏ ڪلاڪ ۾ اُهي سڀ گڏ ٿيندا. اُهي سڀ پراڻا دوست. للتا، راڪيش، ڪامران، حميدا، شهزاد. ڄاتل سڃاتل چهرا. مانوس هستيون. زندگي هميشه اهڙي طرح جاري رهندي.

3

• گنلريءَ جي ٻئي طرف هيما جي ڊريسنگ روم ۾ ڪنهن شيءَ ڪِرڻ جو آواز آيو. هيما هاڻي ٽوال مٿي تي ويڙهي غسلخاني جي دروازي کان باغ ۾ داخل ٿي چڪي هئي. سندس ڪمري جو اُهو دروازو، جيڪو جمنا ڊانهن کليو ٿي، زرد گلاب جون وليون جهڪي آيون هيون.

هوءَ فون رکي اُٿي ۽ دروازي تي بيهي سراپجي ٻاهر ڏسندي رهي. پوءِ پڙدو هٽائي هيما جي ڪمري ۾ ويئي. ڪمرو خالي هو. وارڊ روب تي گهٽائي پڪچر پوسٽ ڪارڊ ۽ هيما جي مرهٽي مڙس جي تصوير سجائي رکيل هئي، جيڪو ڪنهن اعليٰ ٽريننگ لاءِ لنڊن ويل هو. ٻار جي بيڊ جي ٽوڪري پلنگ پرسان رکيل هئي. صوفي تي نيري رنگ جي ڪٽڪ جي ساڙهي پيئي هئي، جيڪا هيما انهيءَ صبح جو خريد ڪري آئي هئي. ڪنڊ ۾ ميز تي چغتائيءَ جي "انڊين پينٽنگس" جي ڪتاب تي ڪير جي بوتل رکي هئي. سرخ روغني فرش تي سرءُ جي مدم سج جا مدم ڪرٽا ڦهليل هنا. گارڊن هائوس جا سڀ دروازا باغ ۾ کليا ٿي، جتي پيلا پن اڏري چانئڻ ۽ درين جي شيشن سان ٽڪرائجي رهيا هنا. ڏاڏي مان چانيل هئي.

ڪجهه ڪن ڪان پوءِ پرواري ڪمري ۾ سُس پُس ٿي. هيما جو ننيو پاءُ شهزاد ٽپو ڏيئي پلنگ تان لٿو ۽ پوءِ باٿ روم جي شاور مان پاڻي وهڻ جو آواز اچڻ لڳو. اُهو بيڊ روم جيڪو 'پيلي ڪوٺي' جي ڏس ۾ هو، انهيءَ جي دروازي تي هيما جي ماءُ تڏو وڃائي گيٽا پڙهي رهي هئي. ڪيڏي نه پراڻي مذهبي عورت هئي! ايڏي تعليم يافته روشن خيال اولاد جي اهڙي اولڊ فيشن ماءُ! عجيب لڳو هو! سندس پنهنجي ماءُ ۽ ايڏي ئي مذهبي هئي. سندس سس ۽. بلقيس جي ماءُ ۽. شالن ۽ چُنين ۾ ويڙهيل سيڙهيل گڏين جهڙيون ننڍيون ننڍيون ڪمزور عورتون، جيڪي هر وقت پنهنجي اولاد لاءِ دعائون گهرنديون رهنديون هيون، چگا مدا سوٽ ڏسيندیون هيون، ورت ۽ روزا رکنديون هيون. مائون ڪلٽ جهڙيون ٽيندیون آهن. هوءَ خود ماءُ هئي. هيما ۽ هاڻي ماءُ بڻجي چڪي هئي، جيڪا پنهنجو سڄو جرمن فلسفو پلجي،

کالهہ کان پنهنجي پٽ جي معمولي بيماريءَ جي ڪري چري ٿي پيئي هئي ۽ ڊاڪٽر کي فونن مٿان فون ڪري رهي هئي.

هوءَ گهٽيءَ جي ڊاڪٽ لهي ٻاهر آئي. لان جي پرئين پر 'پيلي ڪوئيءَ' جي چهوٽري تي وڃ جي ڪٽ تي ويهي، اُما جيجي پنهنجي پٽ کي هڪ مشهور هندي نظم پڙهائي رهي هئي. ٻارين جي ٻنهي پاسن کان وڏا وڏا گلاب هٽا. هوءَ ٻارين تان لنگهي چهوٽري تي آئي. اُما جيجي سندس ڪڙڪي تي ڪنڌ ڪٽي ڏنو، خاموشيءَ سان مشڪي ۽ وري ڪتاب تي جهڪي پيئي. "ها پڙهہ:

بنديلي هر بولون سي يہ هر ني سني ڪهاني ٿي،
خوب لڙي مرداني وہ تو جهانسي والي راني ٿي."

پر پٽس پڙهڻ بدران پنهنجي ماءُ سان ضد شروع ڪيو، "ممي، مان نہ پڙهندس. چگو، هڪ ريپو ڏي تہ پڙهان."

"ڏنگائي نہ ڪر، اڳتي پڙهہ." اُما جيجي کيس چينيو.

"اهو 'مرداني' جو ڇا مطلب آهي؟"

"بهادر." اُما جيجي ٿهڪ ڏيئي جواب ڏنو.

ٻار لُڏي لُڏي پڙهڻ شروع ڪيو. سيتا ڪجهہ ڪن اهو پُرسڪون منظر بيٺي ڏٺو. پوءِ هيما جي پراڻي ڪمري ۾ گهڙي، جتي هوءَ پنهنجي شاديءَ کان اڳ رهندي هئي. الماريون ۾ ڪتاب بيڪسيءَ جي عالم ۾ پيا هٽا. پٽين تي مني پوري ٽوپيون ۽ جڳن نات جون مورتيون ٽنگيل هيون. پرواري ڪمري جي هڪ الماري ديوي ديوتائن سان ڀريل هئي. وچ واري تختيءَ تي ديويءَ جو ننڍڙو پلنگ هو. هر اڳاري تي ديويءَ کي اشنان ڪرائي پوڄن ڪرايو ويندو هو ۽ نوان ڪپڙا پارايا ويندا هٽا. هن گهر ۾ ديوي ديوتائن جي ايڏي گهڻ هئي، جو سيتا جو جيءُ ڏکي ويندو هو. هيما انهن مورتين کي فرنيچر جو هڪ حصو سمجهي، انهن کان بلڪل بي نياز هئي. هوءَ مذهبي يا غير مذهبي، ڪجهہ بہ نہ هئي. هوءَ هڪ تمام نارمل قسم جي چوڪريءَ هئي. اهو تہ سيتا جي دماغ ۾ خلل هو جو هوءَ مذهب، سياست، زندگي، موت ۽ دنيا ۾ جي هر شيءَ جي باري ۾ سوچي سوچي چري ٿي پوندي هئي. ۾ هاڻي هيما بہ پنهنجي تازي ڇاول ٻار کي ونڊي، هر اڳاري جو پنهنجي ماءُ ۽ پٽين سان

گڏجي، ڪالڪا جيءَ جي مندر ۾ ويندي هئي.

سيتا ڊرائنگ روم مان نڪري مهڙ واري ورانڊي ۾ آئي، جتان پرائيويٽ روڊ ور ڪائي علي پور روڊ ڏانهن مڙيو ٿي. سامهون هيما جي هڪ ڪرن پرميلا پنهنجي آفيس ڪان اچي رهي هئي. هن هٿ لوڏي سيتا کي 'هيلو' چيو ۽ اڳتي هلي ويئي. سيتا وري اندر آئي ۽ سيني ڪمرن ۾ چڪر ڏيندي رهي. ڪيس اها 'ڪوئي' شروع ڪان ڏسند هئي. ڪيس گهر ۾ اچي، انهيءَ جي ياتين سان ملي، هڪ عجيب راحت ۽ حفاظت جو احساس ٿيندو هو. هن ماڻهن جي زندگي ڪيتري نه پُرامن هئي. وٽن هتي ڪي دماغي يا نفسياتي يا جذباتي مونجهارا نه هئا. سڀ ستر ورهين کان هيءَ ڪٽنب پنجن ڇهن وڏين وڏين ڪوٺين ۾ اهڙي نموني رهندو آيو ٿي. سندن مرد اورنگزيب جي زماني کان مغل دربار ۾ وقائع نويس ۽ منشي هئا ۽ مغل بادشاهن انهن کي 'راءِ' جو لقب ڏنو هو. سعيد احمد مارهروي جي ڪتاب 'امرائي هند' جا ڪٿين باب انهيءَ خاندان جي بزرگن جي تذڪري سان پريل آهن. دهليءَ جي ڪسالي اڙدوءَ جي سلسلي ۾ هن ڪانسٽ گهراٽي جي زبان ۾ سند طور پيش ڪئي ويندي هئي. هيما جو ڏاڏو، صاحبِ ديوان هو، پڙڏاڏي لغت تصنيف ڪئي هئي، ۽ تڙ ڏاڏي فارسي شاعرن جو تذڪرو لکيو هو. هيما جي ماءُ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا اصطلاح ڪم آڻي وٺندي هئي، جيڪي سيتا جي سمجهه ۾ نه ايندا هئا. انهيءَ تي هوءَ چوندي هئي: "اڙيءَ لکنؤ ۾ تنهنجا ساهورا آهن، هاڻي اها هولي سکي وڃ." ۽ پوءِ نڪ ڪي موڙ ڏئي چوندي هئي: "۽ لکنؤ وارن نياڳن ڪي ۽ اڙدو ڪٽي ٿي اچي - پوربيا ته آهن."

حقيقت ۾ اهي ايتري قدر شائسته، مهذب، نستعليق،بيحد وضعدار ۽ بي انتها غير سياسي قسم جا ماڻهو هئا، جو سيتا کي حيرت ٿيندي هئي. ايڏو وڏو هنگامو آيو ۽ لنگهي ويو، دنيا هيڏ مٿي ٿي ويئي، پر اهي ماڻهو انهيءَ سڪون سان انهن ڪوٺين ۾ وينا رهيا. هوءَ خود بي گهر بنجي، هندستان جي ڪيترن ئي ريفيوجي ڪيمپن مان ٿيندي، 1948ع ۾ دهلي آئي هئي. هتي سندس ملاقات هيما سان، بلقيس جي وڏي پيڻ فرخنده جي گهر ۾ ٿي هئي، جيڪا لوڪ سيا جي ميمبر هئي. وٽس صبح ڪان شام تائين

شرنارٿين ۾ هيسيل مسلمانن جي قطار لڳي پيئي هوندي هئي ۽ هوءَ نهايت ئي دردمندي ۽ صبر سان انهن سڀني لاءِ دُک ڏوڙ ڪندي رهندي هئي. هيما، جيڪا اُنهي سال آءِ . سي . ايس (I.C.S) ۾ پاس ٿي هئي، ريهيبليٽيشن منسٽريءَ ۾ نوڪري ڪندي هئي. انهيءَ ڏينهن فرخنده جي ڊرائنگ روم جي هڪ ڪنڊ ۾ بيٺل هڪ ڊنل چوڪريءَ کي بلقيس پنهنجي پرسان سڏي هيما کي چيو هو، (جيڪا اوڏي مهل پنهنجي عنابي رنگ جي ڪار 'ديش' ڊرائيو ڪندي اچي لٿي هئي)، "هيما، اُما جيجي ڪالهه سنڌي پرت جي ساڙهي پرائڻ لاءِ چيو ٿي. سيتا جي ماءُ ڏاڍيون خوبصورت ساڙهيون ٿي پري."

"او، هائو ونڊرفل!" هيما چيو هو. "هڪ ڪاتن ساڙهيءَ جو پلوُ ۽ ول توهان کيتري ۾ پري ڏينديون؟"

"ڏهه رپيا." سيتا ڪَرُو ڏُک پيئندي وراڻيو هو. اُن وقت اهو محسوس ڪري ته هوءَ غريب ۽ رحم لائق شرنارٿي آهي، سندس سڄو بدن ڏکڻ لڳو هو. پوءِ هڪ ڏينهن هوءَ بلقيس سان گڏجي هيما جي گهر ويئي هئي. سندس ڪتب جي ٻين پاتين جون ڪوئيون پرسان هيون ۽ پنهنجي رنگن جي مناسبت سان مشهور هيون. هيما پنهنجي ماءُ، پيءُ، پينرن ۽ پائرن سان گڏ 'پيلي ڪوئيءَ' ۾ رهندي هئي. سندس وڏو چاچو 'نيري ڪوئيءَ' ۾، وچيون چاچو 'لال ڪوئيءَ' ۾ ۽ ننڍو چاچو 'سائي ڪوئيءَ' ۾ رهندا هئا. اهي سڀ بيحد زنده دل، خوش مزاج، دوست نواز ۽ پُر خلوص ماڻهو هئا. سندن لاتعداد چوڪريون ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ پڙهي رهيون هيون. چوڪرا به گهٽ ڪري زيرِتعليم هئا. شهزاد، مهتاب، اقبال، گلزار، نهال، خوشونت ۽ الانجي کهڙا کهڙا... وٽن غرور جو ته نالو به نه هو. انهيءَ جي باوجود سيتا شروع شروع ۾ ڪاڻن پري پري رهندي هئي. هوءَ ان وقت عمر ۾ ننڍي ۽ بيحد حساس هئي. فرخنده ۽ هيما جڏهن ساٿس وڏين پينرن جهڙو ورتاءُ ڪنديون هيون ته سندس اکين ۾ هڪدم لڙڪ اچي ويندا هئا.

هن سان اها کهڙي مصيبت هئي جو دردمندي ۽ اخلاص جي هڪ ننڍڙي ٻالهه سندس دل تي لکجي ويندي هئي. هڪ ڏينهن اونهاري ۾ جڏهن سيئي نرگس جي نئين فلم جو سيڪنڊ شو ڏسڻ لاءِ ڪنات سرڪس

ويا هئا ته وراندي ۾ ٽنين پرسان هڪ گلن وارو جوهي جي گلن جا هار وڪڻي رهيو هو. سيتا اوڏانهن پاسو ورائي ڏنو ئي هو ته نعمت مامي هڪدم کيس گلن جا هار وٺي آڻي ڏنا هئا. ان کان پوءِ جڏهن اُهي ٻيو پيرو سنيما ڏسڻ لاءِ، انهيءَ جاءِ تي ويا هئا ته نعمت مامو کار مان لهي خود ئي وڏي وڃي گل وٺي آيو هو. "مون کي خبر آهي، توکي سفيد گل پسند آهن." هن چيو هو. نعمت مامو هاٿي اُتر پرديش ۾ ڪٽي فارمنگ ڪري رهيو هو. سندس شادي ٽي ويئي هئي. شهزاد به هاٿي وڏو ٽي چڪو هو. کيس آءِ. سي. ايس ۾ آئي به ست اٺ سال ٽيئ وارا هئا. هيستائين هو مغربي بنگال جي ضلعن ۾ مقرر ٽيل هو ۽ تازو مرڪز ۾ بدلي ٽي هئس. هيما جي پيءُ کي گذاري وئي هاٿي تي سال ٽي چڪا هئا. هيما جي شادي ٽي چڪي هئي. هوءَ پنهنجي ٻار ۾ ايڏو رڌل هئي جو سيتا ڏاڻهن ڏيان ڏيڻ لاءِ وٽس وقت ئي نه هو. شهزاد ٽينٽر موومنٽ ۾ رڌل هو. هيما جون سڀ ڪزنس تعليم پوري ڪري وڃي نوڪري کي لڳيون هيون. ڪن ته وڃي پنهنجا گهر وسايا هئا. اقبال ۽ مهتاب فوجي آفيسر هئا ۽ ڪشمير ۾ مقرر ٽيل هئا.

گذريل نون سالن ۾ انهيءَ خاندان ۾ ڪافي تبديليون اچي ويون هيون. هيءَ گهر، جيڪو هميشه آٽمٽ سُڪون جو هندورو معلوم ٽيندو هو، ٽورو ٽورو بدليل ٽي لڳو. شايد انهيءَ ڪري جو هوءَ پاڻ هڪدم بدلجي چڪي هئي.

ڀ اهي ڪمرا، اهي غاليچا، تصويرون، پڙدا، فرش جون ٽائيلس، باغ ۾ گل- هر شيءَ اُتي ئي هئي. هيءُ گهر هينئر به بندر گاهه تي بيٺل هڪ محفوظ خاموش جهاز هو، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن هوءَ هتان جي سڪون سان پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. چوڌاري رنگ برنگي ڪوئيون به هميشه وانگر پُرسڪون ڏسڻ ۾ آيون ٿي. هيٺ وڪڙ ڪائيندي ڏکهي خاموش سڙڪ جي پريان، جمنا ساڻئي سڪون سان وهي رهي هئي. چا سچ پچ ايڏو سڪون ممڪن ٿي سگهي ٿو؟ ڪمرن مان چڪر ڏيئي، هوءَ وري هيما جي پراڻي ڪمري ۾ واپس آئي.

"آڻي سيتا، ڪٽي ٿي پيئي گهمندي وٽين، بانورين وانگر. ٻاهر اڄ.

اندر ڏاڍي اُبس آهي." چپوتري تان هيما جي ماءُ جو آواز آيو، جيڪا چاڪڙيون پائي ڪٽ ڪندي، پنهنجي ديوي ديوتائن واري ڪمري ڏانهن وڃي رهي هئي. هوءَ هن جي پويان پويان انهيءَ ڪمري ۾ ويئي ۽ ٽورو وسامجي دروازي پرسان بيهي رهي.

"اڙي، هن کي پرڻائڻ ته ڪر. تنهنجو ڪهڙو نقصان ٿيندو. پڳوان ته هر شيءَ ۾ آهي. اڙي بانوري ڊپ ڇاجوا منهنجي ہن پائڻين ۾ مسلمانن مان شادي ڪئي. اڄ ڪلهه ته هوا ئي اها پيئي هلي. ڪين گهر مان ٽوروئي ڪڍيو ويو آهي! پٽس ته ايڏي وڏي 'ايٽ هوم' ڏني هئي... نالو ڇا اٿس، مون کي ته نياڳي جو نالو به ياد نٿو رهي. منهنجي پنهنجي هيما غيرن مان شادي ڪئي. ايڏو پري مرهٽن ۾ وڃي نڪتي. پوءِ ڇا ٿيوا زمانو ئي اهڙو آهي." امان الماري کولي ديپ محل ۾ چراغ ٻارينديءَ چيو.

هوءَ الماريءَ جي سامهون اچي بيٺي جتي ديوي ديوتا سينگاريل هئا. انهن پويان ساڻن ۽ جوڳين جا فوٽو گراف رکيل هئا ۽ انهن تي گينديءَ جا هار پيل هئا.

هيما جي ماءُ سان سيتا جي ملاقات کي ايڏو عرصو نه ٿيو هو، انهيءَ ڪري هوءَ ڪاڦئس ٽورو ڏنل رهندي هئي. جڏهن 1948ع ۾ هوءَ دهليءَ ۾ هئي، تڏهن هوءَ پنهنجي پاءُ وٽ لکنؤ ويل هئي. ٽي ورهيه اڳ جڏهن هوءَ امريڪا مان ڪجهه مهينن لاءِ دهلي آئي هئي، تڏهن ٽي پهريون پيرو سنڌس منهن تي چڙهي هئي. هوءَ هميشه وانگر گاهه تي مُوڙو رکي ويهي گيتا پڙهي رهي هئي. هيما اڳتي وڌي چيو هو، "امان، هيءَ سيتا آهي."

"آداب عرض." سيتا عادت مطابق هڪ هٿ سان سلام ڪندي چيو هو.

هيما جي ماءُ عينڪ پيشانيءَ تي چاڙهي پنهنجون وڏيون وڏيون شربتي اکيون چنيي ڪيس غور سان ڏٺو هو ۽ ٽورو مشڪي چيو هئائين: "نالو ته تنهنجو سيتا آهي ۽ 'جئه رام جي' جي بدران 'آداب عرض' ٿي چئين!"

۽ ٻاهر اچي ڪار ۾ ويهندي هن غصي مان چيو هو: "تنهنجي ماءُ به ته عجيب آهي. مان 'جئه رام جي' چو چوان؟ I am no a bloody Hindu."

امان هڪ وڏي شديد چقمق جهڙين اکين واري جوان سنياسيءَ جي تصوير جا هار متائڻ ۾ لڳي ويئي. ڪُڇيءَ ۾ تلسي مالها پاتل، وار وکريل ۽

بنان بلائوز جي ساڙهي ۾ڪيل، اُها سنياسڻ هڪ ٻئي وڏيڪ چمڪ جهڙين اکين واري نوجوان سنت سان گڏ صندل تي ويٺل هئي. سنت ڏاڍو هينڈسم هو.

"امان، هي ڪٽي ٽا رهن؟" سيتا سنت ڏانهن اشارو ڪري آهستي سوال پڇيو.

"هي، هي پنهنجوشرير چڏي چڪا آهن."

"اوهہ!! What a pity ڪيڏو خوبصورت هو ويچارو!"

"ڇ هيءَ؟" هن سنياسڻ ڏانهن اشارو ڪيو.

"هيءَ؟ راڌا؟ هيءَ به ٻه ورهيه ٿيا ته پنهنجو شرير چڏي چڪي آهي."

"اهي ٻئي؟"

"ها، اهي ٻئي دنيا جي نظرن ۾ زال مڙس هئا.

ننڍپڻ ۾ راڌا جي سائس شادي ڪئي ويئي هئي پر اِهي ڪڏهن زال مڙس وانگر نه رهيا."

'What a nonsense!' سيتا دل ۾ چيو.

امان هاڻي ديويءَ جي پوشاڪ متائي رهي هئي.

"امان، توهان کي ساڌن سنتن جي سنگت ۾ وڌا وڏا طاقتور سنت مليا." سيتا ڪجهہ دير رکي پڇيو. هن پنهنجي سمجهہ مطابق Spritual power جو ترجمو 'طاقتور' ڪيو هو. نيٺ ته هوءَ ڏهن سالن کان اڏدو پڙهي رهي هئي.

"مون کي جيڪي سنت مليا، اُهي تمام وڏي روحاني طاقت وارا هئا."

هن اکيون بند ڪري جواب ڏنو.

"اوهہ."

"اڄ ديويءَ کي هيما جي پُڻيءَ جي گهر وڃڻو آهي." امان مورتيءَ تي مُڪٽ سجائيندي چيو.

"چڱو."

هوءَ ٻاهر آئي.

بي معنيٰ، بي معنيٰ، زندگي ڪيتري قدر بي معنيٰ هئي!

هاڻي لان تي هيما جون تي چار ڪزنس گڏ ٿي چڪيون هيون. هيما

گلابي هائوس کوڙ ۾، گهمندي گهمندي ٻار کي سمهاري رهي هئي. شهزاد به وهنجي سهنجي اندران نڪتو هو. سائس سندس دوست به گڏ هو. هو ايترو ته خوبصورت هو، جو سيتا کيس ڏسندي رهجي ويئي. هو عمر ۾ تمام ننڍو هو. وڏ ۾ وڏ چوڏهن ستاويهن ورهين جو هوندو. ۽ نياڳي جون اکيون قيامت هيون ۽ وار ڪيڏا نه خوبصورت هئس!

"هيلو سيتا، This is Kailash" شهزاد چيو.

"هيلو."

"مسز جميل اوهان اڄ اسان جي رهرسل ڏسڻ اچي رهيون آهيو؟" نوجوان ڏاڍي پنهنجائپ ۽ بيساختگيءَ سان ڳالهه شروع ڪئي. هن ڊراما گروپ وارن جي ڏاڍي عجيب جٽيبندي هئي.

"ڊاڪٽر ميرچنداڻي." هن آهستي چيو.

"اوهه! I do beg your pardon." وري هن شهزاد کان پڇيو، "يار مون خلل ته نه وڌو؟"

"اڙي نه يار، سپ ٺيڪ آهي." شهزاد وراڻيو. پوءِ هن مُڙي سيتا کان پڇيو، "تون هاڻي هلين ٿي يا پوءِ اچي پِڪ اَپ ڪريان؟" هوءَ بي اختيار ڪيلاش جي اکين ڏانهن ڏسي رهي هئي. ڪيس اهڙي طرح پاڻ ڏانهن ڏسندو ڏسي ڪيلاش گهٻرائجي ويو ۽ وڌيڪ ڏيان سان پرميلا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو.

"سيتا!" شهزاد وڙي چيو.

"اوهه!" هوءَ چرڪي. "مان هيما سان گڏ ايندس. توهان پلي وڃو." هيما ٻار جي فڪر ۾ غلطان هئي. سندس بخار گهٽيو نه هو ۽ ننڊ نٿي آيس. هن سيتا جي ڳالهه ٻي نه ٻڌي.

"هيما!" سيتا چيو.

فضول. فضول. هر شيءَ فضول.

"اوهه ساري. ها سيتا. نه، مان ڪيئن ٿي وڃي سگهان. آنند جي حالت ته ڏس."

"چگو، تون چهين وڳي ڪافي هائوس پهچي وڃجان. ڪيلاش توکي اُتان پِڪ اپ ڪري ونندو." شهزاد چيو ۽ ٻئي ڇٽا لان جي ڇپر تان لنگهي ڪار طرف هليا ويا.

سامهون 'نيري ڪوٺيءَ' جي چپوتري تي سپيئي چوڪريون نٽنگ ۾ مشغول هيون ۽ نيرا ڪائي رهيون هيون ۽ ڏاڍي آرام سان نارمل ڳالهيون ڪري رهيون هيون.

هيما آيا کي سڏائي ڪير جون بوتلون صاف ڪرائڻ ۾ لڳي ويئي.

"هيما، مان ٿورو پنهنجي گهران ٿي اچان ٿي." سيتا اٿندي چيو.

"گهر؟"

"ها قرول باغ. اتان ئي اوڏانهن هلي ويندس. گڈ نائيٽ."

"گڈ نائيٽ سيتا."

هوءَ پنهنجي بنگ کٽي ڳاڙهي بجريءَ واري روڊ تي آئي ۽ بس اسٽاپ ڏانهن روانو ٿي ويئي.

4

• ڪامران هڪ ٽنيي جي پنيان لڪي ڪجهہ ڪٽ پٽ ڪري رهيو هو. پوءِ هن فرش تي پيل تارن تي جهُڪي سوئچ دٻايو. اسٽيج تي هلڪو سفيد اجالو ڦهلجي ويو. 'اسٽيج ڊائريڪٽر خالي آڊيٽوريم کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو:

"مختصر بيان ڪريان ٿو. مون کي اڪيڈمي طرفان چيو ويو آهي تہ توکي گهرجي تہ 'راڪشس جي مُنڊيءَ' [1] نالي ناٽڪ، جيڪو مهاراجا پاسڪر دت جي پٽ ۽ سامنت واتيشوردت جي پٽ، تمثيل نگار وساک دت لکيو آهي، اڄ پيش ڪر. مون کي خوشي آهي تہ هيءُ ناٽڪ هڪ اهڙي ميڙ جي سامهون پيش ڪيو ويندو، جيڪو هڪ ادبي تخليق جي خوبين کي ساراهي سگهي ٿو، ڇو تہ اڄ جي سڀني فصل جو مدار پوکيندڙ جي ذاتي خوبين تي نہ ٿئي. هاڻي مان گهر وڃان ٿو جيئن پنهنجي زال سان گڏ سنگيت جي تياري ڪري سگهان." پوءِ هن اسٽيج جو هڪ چڪر ڏنو. "هيءُ رهيو منهنجو گهر. هاڻي مان اندر وڃان ٿو." هن چوطرف نهاريو. "آهہ" ڪهڙي ڀَالهہ ڪجي. ائين تہ لڳي ڇڻ ڪنهن ڏڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن. نوڪر پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ رڌل آهن. هڪ داسي پاڻي ڪنيو پيئي اچي. ٻي خوشبودار جڙي ٻوٽين ڪُٽي پٽي. هيءَ چوڪري هار پوئڻ ۾ لڳي پيئي آهي ۽ هوءَ داسيءَ تہ ڏسو جا ڪُٽڻ ۽ چاٽڻ سان گڏ راڳ ۾ پيئي جهونگاري. هاڻي مان گهرڏياڻيءَ کي ٿو سڏيان."

نڪاءَ سان پلاءِ وُڌِ جو وڏو تختو هڪ پاسي سِرڪيو ۽ سردار پرديپ سنگهہ اووَرآل پائي هٿ ۾ مترڪو ڪٽي ظاهر ٿيو.

"پرديپ توکي ٻہ هن وقت گوڙ ڪرڻ آهي." بلقيس هال ۾ رڙ ڪري چيو.

---

(1) 'مدرا راڪشس' جي پهرئين منظر جو پهريون ڊائلاگ

"منهنجي ڪَني تي پاڻي ڦري ويو. شهزاد ڪٿي آهي؟" پرديپ ڪاوڙ ۾ چيو.

"اڙي اڙي، هي تخت هيڏانهن گسڪاء."

"اي پاڪباز عورت، سگهڙ ۽ خوش تدبير! منهنجي گهر جي سياست جي ماهر! اي منهنجي گهر ۾ار جي راڻي! هيڏانهن اچ." راڪيش چوندو پٺي ويو.

هاڻي 'ايڪٽريس' سامهون آئي. "مهاراج مان هتي آهيان. پنهنجي هدايت سان مون کي سرفراز ڪريو."

بلقيس وري چيو: "راڪيش، جتي 'ظالم حملہ آور وارو جملو آهي، انهيءَ کان اڳتي ٽوڙو وري چئو."

"چگو ڏس! 'ظالم حملہ آور' ڪيترُو سان گڏ چندرما کي نيڇو نوائڻ ٿو چاهي. ها ڪير آهي!! جڏهن مان هتي بيٺو آهيان ۽..."

هاڻي ست وڃا هئا. 'سيتا اڃا تائين نہ آئي هئي.' بلقيس گهڙيءَ تي نظر وجهي سوچيو.

هاڻي پاتليپترا جي نند راجا جو وزير راڪشس جو دوست 'چندن داس' چئي رهيو هو:

منهنجي متان بادلن جي گجگوڙ آهي
منهنجو پريتم پري آهي
هي چا ٿيو؟
امر ٻوٽيون برفاني جبلن تي آهن.
۽ انهن تي نانگ ڇَپ هٽي ويٺو آهي.

هاڻي چندر گپت چئي رهيو هو:

"هوءَ مغرورن کان ڪيهائي ٿي، ڏڇڻ وٽ نٽي ترسي، ڇو تہ ڪيس ڏپ ٿئي ٿو. ڪيس بي آراميءَ کان، احمقن کان نفرت آهي. هوءَ وڏن وڏن گٹوانن سان بہ بي تڪلف نٽي ٿئي. بهادرن کان گهبرائي ٿي. وٺش ناريءَ وانگر ڪيس ڏاڍي مشڪل سان ريجهائي سگهجي ٿو."

"سيتا اچي ويئي." ڪامران چائڪيا جي گهر جي دريءَ مان ڪُڇي ڪڍي للتا کي ٻڌايو. سيتا هال مان لنگهي، پاسي واري وراندي جي ڏاڪڻ تي ويهي رهي، جتي اونداهي هئي.

ڪامران سوئچ دٻايو. اسٽيج تي اُداس زرد روشني ڦهلجي ويئي.

هاڻي چندر گپت چئي رهيو هو:

"اُفق جي منظر کي، سرءَ ڪيڏو نہ خوبصورت ناهيو آهي. چو نہ آهستي آهستي سُڪندڙ ندين جي ٻنهي طرف واريا سا ڪنارا جرڪن پيا.
سارسن جا ٽولا ۽ ڪنول جي ڦُلن جا جهُڪٽا
۽ چاندءِ جا بادل ۽ اڏامندڙ ٻگهه
۽ سانجهيءَ جو آسمان ۽ دڪندڙ ستارا!"

"سيتا!" بلقيس وراندي مان نڪرڻ مهل سڏ ڪيو.

"هاءِ بِلي."

بلقيس سندس ويجهو وڃي ڏاڪڻ تي ويهي رهي. "هتي ڪافي ٺڊ آهي، اندر هل."

"نہ، هتي ئي ٺيڪ آهي."

"اڃڻ ۾ دير ڇو ڪيئه؟ اسان ڪافي ڏاهڻ مهل تنهنجو ڏاڏو انتظار ڪيوسين. تنهنجا ٻہ ٽي فون ٻہ آيا هئا."

"ڪنهن جا؟"

"خبر ناهي. ٻڊ سيتا، انهيءَ وقت تو منهنجي پوري ڀالهه ٻہ نہ ٻڌي ۽ هڪدم فون رکي ڇڏيو هيئه."

"هاڻي ڪهڙي ڀالهه ٻڌائڻ رهجي ويئي آهي تو کي؟"

"اهو تہ ٺيڪ آهي سيتا ڊيئر، پر..." بلقيس بي چينيءَ سان پاسو بدلايو. "اصل ۾ ڪالهه رات وچين ماسي ڪراچيءَ مان ٽرنڪ ڪال ڪيو هو. قيصر جي شادي آهي نہ ايندڙ هفتي. تہ وچين ماسيءَ ڏاڏو زور ٻڌو آهي تون انهيءَ ۾ ضرور شريڪ ٿي. وڏي ماسي تلسي پور مان نڪي وڃي سگهي، ادا اصغر جي بيماريءَ جي ڪري. سندس نهن جي حيثيت سان سندس نمائندگي تو کي ڪرڻي آهي وغيره." هن نڪيءَ صاف ڪئي. سردي هوندي ٻہ هوءَ ڳهرجي پيئي هئي.

"ڪراچي!" سيتا جي دل جڻ ٻيهي ويئي هئي. "ڪراچي!"

"ها ها، ٻيو چا!" بلقيس هڪدم پاڻ سنپاليو ۽ وري ايڪٽنگ شروع ڪري ڏنائين: "هلي هل، ڏاڍو مزو ايندو. سيني پاڪستاني مٽن مائٽن سان ملبو. انهن کي ته مون نوَن سالن کان ڏٺو ناهي. اٽن ڏينهن کان پوء هليا ايندا سين. نادر تمام وڏهو پروگرام ناهي موڪليو آهي. موهن جو دڙو ڏسندا، ڪار ۾ لاهور ويندا سين. اُتي ٻه ڏينهن اديءَ منوَر وٽ ترسي واپس دهلي. چا خيال آهي؟" پوء هوءَ سيتا سان نظرون ملائي نه سگهي ۽ ٽڪر ۾ تمثيل جو فائيل اٽلائڻ پٽلائڻ لڳي. "هلي هل، سڄ ڇڄ وري ايندڙ مهيني مون کي ٽينٽر سيمينار لاء ٻمبئي وڃڻو آهي."

"مون کي خبر آهي ته تون بيحد مصروف، بيحد اهم ماڻهو آهين. هندستان جي سڄي ٽينٽر موومنٽ تنهنجي ڪري ئي ته هلي ٿي."

"بڪ نه ڪر. اڙي اڙي... روئين چو ٿي ڪريڪ داس؟ سچ، هل مون سان گڏ ڪراچي." پوء هوءَ خوش دليءَ سان چوڻ لڳي: "ٿورو سوچ، مان اڄ تائين ڪنهن فارن ڪنٽري نه ويئي آهيان. هڪ فارن ڪنٽري ته ڏسي ايندیس. بقول مجاز..."

سيتا خاموش رهي.

"هلو، هتان مسز سين ڏانهن وڃڻ جي بدران سڌو گهر هلنداسين ۽ مانيءَ کان پوء ويهي اسڪريبل کيڏنداسين. هن پيري لٽن لفظ ناهبا. ايڏي دير ڪري چو آئين؟ پنهنجي گهر هلي وينيءَ هئينءَ چا؟"

"ها، مون ڪجهه دير ممیءَ وٽ چپ چاپ ويهڻ ٿي چاهيو."

"تو، تو هن کي ٻڌائي ته نه چڏيو؟"

"ها، ٻڌائي چڏيم."

"چا چيائين؟"

"ڪجهه به نه. چوڻ لڳي، سپ ڪرمن جو ڦل آهي."

اندران چندر گپت جو آواز وري اچڻ لڳو. هو پنهنجو ڊائلاگ ورجائي رهيو هو:

...۽ چاندیءَ جا بادل ۽ اڏامندڙ ٻگهه

۽ سانجهيءَ جو آسمان تي دکندڙ ستارا...

"وچين ماسيءَ جو خط مون کي به آيو آهي."

سيتا آهستي چيو: "وڏي ادا جو ٻ. هيننڙ مون ٻڌيءَ کي انهن ٻ چيو ته وچين ماسي مون کي ڏيڪر جي شاديءَ تي ڪراچي گهرايو آهي. چوڻ لڳي، " ضرور وڃ. تنهنجو اصل گهر، تنهنجا ساهورا آهن. ڪراچيءَ ۾ تنهنجو وڏو ڏير رهي ٿو ۽ وڏو ڏير سهري جي برابر ٿيندو آهي. سنڌس چيو هوگو نہ تارجانءِ. .And so on and so forth"

بلقيس وراندي کان هيٺ لڳل گلن کي ڏسندي رهي. هاڻي ڪوهيڙو گهرو ٿيندو ويو. هڪدم هن هڪ فرض شناس ڊائريڪٽر جي حيثيت سان اندران ايندڙ چندرگپت جي صاف ۽ گهري آواز تي ڪن ڏنو.

هو چئي رهيو هو:

"۽ سانجهيءَ جو آسمان ۾ ڪندڙ ستارا
۽ پوءِ
ندين جون ايرندڙ لهرون، موسم جي ڀالهه ٻڌي، پنهنجي
پنهنجي ارائن ۾ سمائجي ويون آهن.
ڦصل جا سنگ مروت وچان جهڪي ويا آهن. مور
پنهنجو غرور ڇڏي چڪا آهن.
عجب ته انهيءَ ڀالهه جو آهي ته ڪيئن سموري دنيا کي
پن ڇڻ، مقبوليت جي راهه تي هلڻ ۾ دير ڪري ڇڏيو
آهي، اهڙيءَ قاتل وانگر جيڪا محبت جا قصا ڏاڍي
مهارت سان ٻڌائيندي هجي.
پن ڇڻ، گنگا کي درياڻن جي خدا وت پهچائي،
سنڌس سڪون کي بحال ڪري ڇڏيو آهي."

هاڻي پاڻ چئي رهيو هو:

"آسمان تي سنڌس گلن جي پيلي روشني
شَوَ جي جسم جي رڪ وانگر ڦهليل آهي.
سيتل ڪرڻ واري چند، بادل وکيري ڇڏيا آهن
اُهي شوَ جي هاڻيءَ جي ڪل وانگر مٽيهاڻا هٿا.
تکي چانڊوڪي سنڌس ڪويرين جي مالها وانگر چمڪي پيئي.
هوا ۾ اڏامندڙ راڄ هنس سنڌس ڏهڪن وانگر جرڪن پيا.

خدا کري سرڻ، جيڪا وشنو جي بدن وانگر زرد آهي،
تنهنجا دک دور کري."

هاڻي چاڻکيا چئي رهيو هو:

"چنڊي ساگرن جي واريا سن ڪنارن تائين
جتي تاڙيءَ جي پن سان اونداها جهنگل چانوَر ڪيو بيٺا آهن،
جن جو گهرو پاڻي هيبتناڪ مڇين جي ترڻ ڪري مضطرب آهي
تنهنجو حڪم، تارن گلن جي هارن وانگر
هڪ سؤ راجائن پنهنجي سر تي ڪنيو آهي."

"بلقيس!" پويان ڪيلاش جو آواز آيو. هو هال جي آخري دروازي مان نڪري ڏاڪڻ ڏانهن آيو.

"ها." بلقيس پويان مڙي پڇيو، "What is it?"

"تعارف ۾ چا چا لکبو؟" هو فرش تي گوڏن پر ويهي رهيو. "آئوٽ لائين ناهي ڏي، مان اندر وڃي لکي ونندس."

"بس، اهو ئي لکي ڇڏ ته هيءَ مادرن ٽيڪسٽر جي چوٽين ڪلاسيڪل پيشڪش آهي."

"اها تو ڪيتري قدر نئين ۽ پروفائونڊ ڳالهه ٻڌائي آهي، مڃان ٿو."

"۽ ٻيو اهو لِک ته ..." بلقيس سوچيندي مٿو کنهيو.

"ستن انڪنِ جو جدا جدا اختصار؟ ۽ شروع ۾ چا لکان؟"

بلقيس فائيل کوليو. "هتي ڪجهه پڙهڻ ۾ ئي نٿو اچي، اونداهيءَ ۾. اهو لک ته هي نانڪ چوٽين عيسوي صديءَ ۾ ڪُٽتا عهد ۾ لکيو ويو. دراماتسٽ وساک دت انهيءَ جو ليکڪ هو. ڏي، مون کي ڏي، مان پڙهندي وڃان ٿي." دروازي مان ايندڙ جهڪي روشني ڏانهن جهُڪي هن پنا اڻلايا. "وساک دت انهيءَ جو ليکڪ هو. شهنشاهه چندر گپت ٻئي جي عهد ۾ پاٽليپترا ۾ پهريون پيرو اسٽيج ٿيو. چندر گپت ٻئي جو زمانو شايد سنہ 375ع کان سنہ 413ع تائين آهي. ڪتاب ۾ چيڪ ڪري ونڃ."

سيتا اُٿي بيٺي. "مان ٽورو ٻاهر وڃان ٿي."

بلقيس سندس ڳالهه نہ ٻڌي. هوءَ پنهنجي ڪم ۾ ٻيهر محُو ٿي چڪي

هئي. هيما وانگي هن کي به سيتا ڏانهن ڏيان ڏيڻ جي فرصت نه هئي. هوءَ چئي رهي هئي: "ڀ اهو لک ته هيءُ ڏاڍو سيريس ۽ سياسي قسم جو پِلي آهي. پوءِ ٻئي پٽرا گراف ۾ سنسڪرت ڊرامي ۽ پيور آرٽ ٽيئٽر جو ذڪر ڪج. رينو لي آئوٽ تيار ڪري چڏيو؟"

"گيلي پريس مان ايندي، تڏهن ته هوءَ لي آئوٽ ناهيندي." ڪيلاش وراٽيو.

اندر چاٽڪيا چئي رهيو هو:

"سرٽيون ۽ ڳجهون دونهين جي گول چلن وانگر،
آسمان تي چڪر هڻي رهيون آهن.
اڏامڻ وقت سندن ڪنپ بلڪل نٽا ڦڙڪن.
گهوڙن پنهنجي ٽاپن سان آسمان ۾ڦي ڪڍي ڏنو آهي.
فوجن اڇيان هلندڙ هاڻي ساڪت بيٺا آهن
۽ ويرين جي لاهه چاڙهه جي نشانن وانگر سندن گهنٽيون خاموش آهن."

سيتا سموري عمارت جو چڪر لڳائي وري وراندي ۾ آئي. بلقيس ۽ ڪيلاش اسٽيج ڏانهن وڃي چڪا هئا. وقت آهي جو اڏامندو پيو وڃي. هوءَ وري ڏاڪڻ تي ويهي رهي.

اندر پنجين انڪٽ ۾ شهزادي ملايا ڪيشو جو جُڙتو دوست پاگورائين شهزادي سان مخاطب هو:

"راجڪمار اُهي آهن، جيڪي سياست ۾ عملي طور تي حصو ونڻ تا. مقصدن جي ضرورت، دشمنن، ساٿين ۽ غير جانبدار ڌُرين جي گروهه بندي جو تعين ڪري ٿي. غير سياسي انسانن وانگر فقط ذاتي پسند جي بنياد تي، اهي دوستيون تسليم نٿيون ڪيون وڃن، شهزادا! سياسي مقصدن جي سبب ڪري، دوست دشمن ۾ ۽ دشمن دوست ۾ تبديل ڪيا ويندا آهن. جهڙيءَ طرح انسان پنهنجي موجوده زندگيءَ ۾ اڳئين جنم جون ڳالهيون پلجي ويندو آهي، تهڙيءَ طرح حڪمت عملي سڀني پرائين پابندين کي هميشه لاءِ ختم ڪري چڏيندي آهي."

هڪ عملدار اسٽيج تي اچي ٿو. "مهاراج جي جئ ٿئي!" هن چيو، "حفاظتي چوڪيءَ جي نگران درگهه رڪش جو عرض آهي ته هڪ شخص جنهن وٽ راهداري جو پروانو نه هو، هڪ خط سان شاهي خيمي گاهه مان فرار ٿيڻ تي چاهيو، جنهن کي گرفتار ڪيو ويو آهي."

هاڻي پاگورائڻ چئي رهيو هو:

"مهاراج ڪمار! اسان کي ڪُسم پوره تي حملو ڪرڻ گهرجي، جيئن لوڏرا جي گلن جي غازي سان سجايل ڳلن وارين گوڙڪيءَ عورتن جا چهرا متيهاٹا تي وڃن ۽ سندن پٺوڙن جهڙن گهنديدار وارن جي چمڪ، اسان جي شهسوار دستن جي تاپن سان اڏايل ڌوڙ جي ٽنهن سان ڍڪجي وڃي. ۽ ڌوڙ جي واڇوڙن جا اهي ٽنيا، اسان جي جنگي هاڻين جي سوندين مان وسندڙ پاڻيءَ سان ووجي وڃي دشمن جي ڪنڌن مٿان ڪرن."

وراندي ۾ هڪ ٽولو ڳالهيون ڪندو گرين روم ڏانهن هليو ويو. برساتيءَ ۾ ڪنهن ڪار جي استارٽ ٿيڻ جو آواز آيو. چند املتاس جي اوٽ مان نڪري آيو هو.

ڪجهه دير کان پوءِ، اهي سيئي مسز ڍولي سين ڏانهن ويندا ۽ سگريٽ جي دونهين سان پريل ڊرائنگ روم جي غاليچن تي ويهي ڏاڍي جوش ۽ خروش سان پنهنجي پروفيشنل گفتگو ۾ مصروف ٿي ويندا.

پويان ڪيس ڪيلاش جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو گٽليءَ مان نڪرندي پرديپ کي چئي رهيو هو: "مسز سين ڏانهن هلڻ کان اڳ ٽورو نڙي آلي ڪرڻ گهرجي."

نڙي آلي ڪرڻ ڪيس به وٺندي هئي. انهن چوڪرين کي انهيءَ ڳالهه جي خبر نه هئي، نه ته جيڪر اُهي هڪدم ڪيس مدعو ڪري وٺن. سندن گروهه جي ڪا چوڪري ڊرنڪ نه ڪندي هئي. هاڻي يارهن وڄي رهيا هئا. يارهن وڄندا. آڏي رات ٿيندي. فقط ڊرنڪ ڪري اهو احساس ٿيندو آهي ته وقت بيهي ويو آهي. ڪيلاش ڪيڏو خوبصورت آهي.

ڊرامو ختم ٿيڻ وارو هو ۽ سمڌير چئي رهيو هو:

"انهن دوستن کان جدائي، جن لاءِ دل ۾ جاءِ آهي، راڳ رنگ ۽

مشغول ۽ شراب خانن ۾ مٺ نوشي ڪندي به دل ۾ ڪٽڪي ٿي."

ڪيڏو نہ حال سان ٿهڪندڙ ڀائلاگ آهي! هوءَ مشڪي. ڪنهن جي جدائي؟ ڪنهن کان جدائي؟ ڪنهن ڪنهن جي جدائي؟ ۽ ڪٽڪو چاجو ؟؟ ڏيمر ڏيمر.

هاڻي آخري ايڪٽ جي شروع ۾ راڪشس آهستي آهستي چئي رهيو هو:

"هيءَ باغ ڪيڏو نہ سنسان آهي جو تہ هتي بارهہ دريءَ جيڪا هڪ طاقتور شاهي خاندان وانگر تعمير ڪئي وئي هئي. پڇي ٽڪر ٿي ڪري چڪي آهي.

بنان گلن جي وڻ، نااهل بادشاهن جي سياسي ڪارروائين وانگر اجڙيل آهن.

زمين تي گاهہ بيوقوف انسانن جي دماغ جي ناقابلِ عمل منصوبن وانگر اُپري رهيو آهي.

۽ کهاڙين سان وڍيل تاريون، سرڻين جي ڪُوڪُوُ جي ڪري، جڙ درد وچان ڪنجهي رهيون آهن.

نانگ پنهنجي پيارن دوستن جي انهيءَ دک ڪي ڏسي، انهن جي تارين تي اڻين ويڙهجي ويا آهن، جڙ سندن زخمن تي پٽيون ٻڌل هجن.

بنان پن جي، وڻ اڻين بيٺا آهن، جڙ ڪنهن جي ارٿيءَ سان وڃڻ لاءِ تيار بيٺا هجن."

اسٽيج جون بتيون وسامڻ لڳيون. ڪامران هال ۾ ڪيس پڪاري چيو: "سيتا!"

هوءَ چرڪي.

"اوهان جو فون. مسٽر چوڌري آهي."

هوءَ اُٿي اسٽيج جي پوئين ڪمريءَ ۾ ويئي. بلقيس ۽ ڪيلاش ميز تي جهُڪي پوري ڌيان سان تعارفي ڪتابچي جو مضمون لکڻ ۾ رُڌل هئا.

"اڄ تنهنجا ڏاڏا فون آيا آهن." للتا اسڪرپٽ تان ڪنڌ کڻي چيو.

"هيلو." هن رسيور ڪنيو.

"هيلو، سيتا."

"هيلو. يس."

"سيتا، مان قمرل ٽو ڳالهايان. اسان اڄ ئي ڪلڪتي کان آيا آهيون، فيسٽيول لاءِ پنهنجو پِلي ڪٽي. توکي صبح کان ڪيترن هنڌن تي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيم. نيٺ پتو پيو ته تون هتي بلقيس جي رهرسل ۾ اچڻ واري آهين. بلقيس ڇا پيئي پروڊيوس ڪري؟"

"هاؤ آر يُو قمر؟"

"فائين. تون ٻڌاءِ، نيوبارڪ کان ڪڏهن آئي آهين؟"

"ڪافي ڏينهن ٿي ويا. تون ته گهٽي عرصي کان هتي ئي آهين."

"ها، پر مارچ ۾ اسان ماسڪو پيا وڃون انهيءَ پِلي سان. ۽ ڪجهه پراڻيون ڳالهيون ٻڌاءِ سيتا، نيوبارڪ اسان جي اچڻ کان پوءِ اُداس ته نه ٿي ويو هو؟ هاؤ از اولڊ جميل؟ پوءِ سائٽس ملڻ ٽيو؟ تنهنجو ڪهڙو پروگرام آهي؟ سيتا تو کي ڏسڻ تي دل ٿي چوي. ٻڌ، تون هينئر ڪر حو تون هينئر ني ڪانسرٽ ٽيوشن هائوس پهچي وڃ. هتان گڏجي اشوڪا هوٽل هلنداسين. پروجيش بابو پارٽيءَ ۾ مدعو ڪيو آهي. نه، تون گيٽ ڪريشنگ بلڪل نه ڪجانءِ. پروجيش کي نٿي سڃاڻين... پوءِ تو اڃا دنيا ۾ ڇا ڪيو آهي؟ مَان تنهنجي 'نه' نه ٻڌندس. اڃين پيئي نه؟ گڈ، هينئر ئي پهچ."

سيتا ڪلي ڪلي هن جي ڳالهين جا جواب ڏيندي رهي ۽ بلقيس لڪندي لڪندي ڪنڌ ڪٽي حيرت وچان ڪيس ڏسندي رهي.

5

سيتا سان ڳالهائڻ کان اڳ ڪلاڪ پوء، ابوالفصاحت قمر السلام چوڌري اشوڪا هوٽل ڏانهن روانو ٿيو. ڪي منٽ اڳ ماڏوري رنگاراڻ پنهنجي ڪار ۾ ڪيس وٺڻ لاء اچي پهتي هئي ۽ چيو هئائين: "جلدي هل، پارٽيءَ ۾ تنهنجو گهٽي دير کان انتظار پيو ٿئي." ۽ انهيءَ وقت تائين ڪيس وسري ويو هو ته هن سيتا کي ڪانسٽي ٽيوشن هائوس ۾ ملڻ لاء چيو هو.

قمر السلام چوڌري مرشد آباد جو رهاڪو هو. سندس آواز ڏاڍو خوبصورت هو. ڏگهيون ڏگهيون اکيون، سانورو رنگ، نج رومانٽڪ شڪل. هو اڌڙ ماڻهو هو، جنهن لاء ڪاليجن جون شاعر پرست چوڪريون زهر کائيندیون آهن. ڪلڪتي مان ايم- اي ڪرڻ کان پوء، ڪيترائي سال هو ترقي پسند ڊراما پروڊيوس ڪندو رهيو، فلمن ۾ ڪم ڪيائين، بنگالي ۽ انگريزيءَ ۾ شاعري ڪيائين، فنڪارن جي ڊيليگيشن سان روس، مشرقي يورپ ۽ عوامي چين جا چڪر ڏنائين ۽ پوء آمريڪا ويو، جتي سندس انگريزي شاعريءَ کي ڊسکوَر ڪيو ويو. تازو ويجهڙائيءَ ۾ سندس نظمن جو پهريون مجموعو لنڊن مان شايع ٿيو هو، جنهن انگريزي ادب ۾ نالو پيدا ڪري ڇڏيو. ڊوم موريز کان پوء هيءُ ٻيو هندستاني هو، جنهن جي شاعرانه صلاحيت کي انگلنڊ ۽ آمريڪا جي عظيم ترين نقادن به داد ڏنو. 'نيو اسٽيٽسمين' ۽ 'ٽائمز لٽرري سپليمنٽ' ۾ سندس باري ۾ ڏگها مضمون لکيا ڀڻي ويا. ايڏي ٻين الاقوامي شهرت حاصل ڪرڻ کان پوء هو چوڪرين جي نظرن ۾ اجا وڌيڪ گليمرس ٿي ويو هو، پر قمر السلام لباڙي ۽ غير ذميوار هو. دوستن کان پيسا اڌارا وٺي واپس نه ڪندو هو. گهٽو ڪري بيروزگار هوندوهو. هو اڌڙ قسم جو ماڻهو هو. جنهن کي عورتن تي خود عاشق ٿيڻ جي تڪليف ئي نه وٺڻي پوندي هئي. عورتون ڪيس پنهنجو محبوب بنائڻ وڌيڪ پسند ڪنديون هيون.

بلقيس کي ته هُو ڏٺو نه وٺندو هو ۽ هوءَ ڪيس ابوالقباحت قمر السلام

چوڏري چوندي هئي. سندس غير پروفيشنل حرڪتن کان ساڻ ٽيندو هوس ۽ سندس پوز کي برداشت نه ڪري سگهندي هئي. اڄ ڪلهه ماڏوري رنگاراڳ مٽس اور گهور هئي. هوءَ مالاباري حسن جو نمونو هئي ۽ سيتا کان گهٽو وڌيڪ دلڪش ۽ فرمانبردار هئي ۽ ڪيس سيتا کان گهٽو وڌيڪ گرمجوشيءَ سان چاهيائين ٿي. سيتا جي باري ۾ ڪيس يقين نه هو ته هوءَ هاڻي هن سال کهڙي قسم جو رويو اختيار ڪندي.

۽ قمر السلام چوڏريءَ جو انگريزي زبان جي انهيءَ مثال ۾ يقين هو ته هٿ تي وينل هڪ جهڪي، وٽن جي جهڳٽي ۾ وينل بن جهڪين کان وڌيڪ بهتر آهي.

6

• ڪنوار پيڪن مان موڪلائي وڃي چڪي هئي. وڃڻ ماسي ڪنڌ پاسي لڙڪ پُني لاڙيا. وڏو پاڻ گهڙيءَ گهڙيءَ لڙڪ پيئڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ماٿن جي رواني ٽي وڃڻ کان پوءِ، شامياني ۾ صوفا ڪجهه بي ترتيبيءَ سان پيا هئا. مسند، جتي نڪاح ۾ بعد ۾ آرسيءَ ۾ منهن ڏسڻ جي رسم ادا ٿي هئي، اُتي هاڻي ٻار کيڏي رهيا هئا. گلن جا هار وکريا پيا هئا. ميراثيون ڳائيندي ڳائيندي ٿڪجي چڪيون هيون. شهر جي وڏي سوسائٽيءَ جا فرد ميزبانن کي خدا حافظ چئي موٽرن ۾ سوار ٿي رهيا هئا. بلقيس مائٽن جي هجوم اندر زور زور سان ڪلي رهي هئي. ڪاري شيرواني ۾ چوڙيدار پاجامو پاتل سندس ڪزن نادر، مهمانن کي سگريٽ پيش ڪري ڪري ٿڪجي صوفي تي وڃي ويٺو هو. سندس پايي شامياني جي هڪ ڪنڌ ۾ پنهنجي دوستن جي ميڙ ۾ بيهي زوردار تقرير ڪري رهي هئي. 'هيءَ اسان جي پَت وڃائيندي' - نادر ٿورو پريشان ٿي سوچيو ۽ پوءِ ڪافيءَ گهرائڻ لاءِ ڪوٺيءَ ۾ هليو ويو.

هوءَ ساڳي طرح بحث ۾ رڌل هئي ته هڪ تمام شاندار شخص هٿ ۾ ڪافيءَ جو ڪپ ڪٽي سندس پرسان لنگهيو ۽ ڪيس ڏسي ڏاڍي اُداسيءَ سان مشڪيو، جڏ سندس اکين ۾ ترندڙ بي انت دڪ کي سمجهندو هجي يا سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هجي. سندس وارن جي انداز ۾ جميل جي ٿوري جهلڪ هئي، جنهن هڪ ڪن لاءِ ڪيس ڏاڍو بي چين ڪري ڇڏيو. ڪجهه دير اڳ هن ڏٺو هو ته هو مسند جي پرسان بيهي بلقيس سان ڏاڍي اخلاق سان ڳالهائي رهيو هو ۽ هوءَ به انهيءَ اخلاق سان ڳالهين جا جواب ڏيئي رهي هئي. هڪ مائٽياڻي چوڪري ڪافيءَ جي ٽري ڪٽي ڏانهس آئي. "هيءُ صاحب ڪير آهي؟"

"هي ئي ته عرفان آهي." چوڪري جواب ڏنو ۽ اڳتي هلي ويئي.

پوءِ نادر سُڪل ميوي جي پليٽ ڪٽي وٽس ويجهو آيو. هن ٿورو هٻڪي

وري اُهوئي سوال ڪيو: "هيءَ صاحب ڪير آهي؟"

"اڙي! توهان اجا هن سان مليون ناهيو؟ ترسو، هاڻي ئي سڏيانس ٿو." هو ڏڳها ڏڳها قدم ڪٽندو انهيءَ شخص وٽ پهتو. "عرفان، هيڏانهن اچو. اوهان اسان جي پاڃائيءَ سان اجا تائين مليا ئي نہ آهيو؟" هو ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي وري واپس آيو. "سائين، هيءَ اسان جي پاءُ جميل جي ڪنوار آهي، ڊاڪٽر سيتا جميل."

هن ڏاڍي ادا سان عادت موجب 'آداب عرض' چيو.

"آداب" انهيءَ شخص جواب ڏنو. "اچو هيڏانهن ٽا وهون. اوهان ايتري دير بيهي ٽڪجي ته نہ پيون آهيو؟ مان اڃ ڪلاڪ کان توهان جي تقرير ٻڌي رهيو آهيان." اهي ٽيئي پريان هڪ ڪنڊ ۾ رکيل صوفي تي وڃي ويٺا.

"مان پنهنجي ڪيس جو نقطہ نظر ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هيس، پر توهان ٻيءَ ڏُر جو نقطہ نظر سمجهڻ لاءِ تيار ئي نٿا ٿيو. هوننن ٿورو منطق ته استعمال ڪريو. جلدي اموشنل ٿي ويندا آهيو توهان. مون ڏنو آهي ته توهان جا گهٽا پڙهيل لکيل ماڻهو به ڏاڍا سادا آهن."

"Every case is emotional, the rest is argument." عرفان مشڪي جواب ڏنو.

هوءَ ٿورو تعجب سان ڪيس ڏسڻ لڳي. ايتري ۾ سندس هڪ ٻيو ساهوراڻي سنگَ جو مائٽ ناصر اچي پرسان وينو. "پاڃائي، ڪافيءَ گهرايان؟" نادر پڇيو.

"اوهان کي ڪراچي ڪيئن لڳي؟" عرفان پڇيو. ڪيڏو شديد بيوقوفاڻو سوال فقط سوشل گفتگو خاطر مون کي به ڪرڻو پيو آهي. هن دل ۾ سوچيو.

هاڻي نادر، ناصر ۽ عرفان، تنهي ساڻس هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون شروع ڪري ڏنيون. عرفان ڪانئس پڇيو: "اوهان ڪهڙيون ڊاڪٽر آهيو؟ دوائن واريون يا ٻيون؟"

"جي نہ سائين. هيءَ دل جي دارونءَ جو ڪاروبار ڪن ٿيون." ناصر ڏير جي ناتي ساڻس مذاق ڪيو. جڏهن کان هوءَ هتي آئي هئي تڏهن کان هڪ ميڙ سندس پويان پويان هوندوئي هو. سنگَ ۾ ڏير ۽ نڙاڻون هر وقت

ڪيس ڇيڙيندڙيون رهنديون هيون.

تلسي پور جون ميرانٽيون، جيڪي سندس خاندان سان گڏ هجرت ڪري ڪراچيءَ آيون هيون ۽ هتي لالوڪيت ۾ رهنديون هيون، رات جو قيصر ۽ بلقيس کي ورڻ ورڻ ٻڌائي، ساڻس مخاطب ٿيون ٿي:

ساس هماري يون ڪهہ گئي ٿين
پر جوگي کو چٽڪي دي دينا ناري
مين البيلي پول گئي ٿي
مين ني جوگي کو نندي دي ڌاري ري.

نادر هُن جي لاءِ طرح طرح جا پروگرام ٺاهيا ٿي، خاص ڪري انهيءَ خيال کان تہ جميل ڪيس طلاق ڏيڻ کان سواءِ ٻي شادي ڪئي آهي. اهي سڀ ڪيس خوش رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ۾ لڳل هوندا هئا.

"ڪنوار، اسان تہ تو اڳيان ڏاڍو شرمسار آهيون." وچين ماسي هر هر چوندي هئي.

"جميل منهنجي سامهون ناهي، نہ تہ جيڪر ماري ماري سڌو ڪري ڇڏيانس ها. ڪيس منهنجي غصي جي خبر آهي." وڏي ياءُ ڪيس ڇيو هو.

وچين ماسيءَ راهُل جون تصويرون هر ايندڙ ٻندڙ کي ڏيکارين ٿي: "ڏس، ڪهڙو نہ چنڊ جهڙو آهي. بلڪل منهنجي جميل تي ويو آهي."

"اسان جي ياڃائي ڏاڍي قابل آهي." نادر وڏي فخر سان عرفان کي ٻڌايو. عرفان نظرون ڪٽي سيتا ڏانهن ڏنو. هوءَ ٿورو گهبرائجي وئي. ايتري ۾ وڏو ياءُ اُتي آيو. سيتا هڪدم ساڙهيءَ جي پلوَ سان متو ڍڪيو ۽ ٽيئي جڻا ادب وچان اُٿي بيٺا.

"ڪنوار." وڏي ياءُ مخاطب ٿي ڇيو. "بلقيس چوي ٿي تہ هوءَ ايندڙ آچر جو واپس وڃڻ ٿي چاهي. تنهنجو ڪهڙو ارادو آهي؟"

ايندڙ آچر جو. هوءَ وسامجي وئي. ايترو جلدي. ايترو جلدي هوءَ هتان هلي ويندي ۽ پوءِ شايد انهيءَ شخص کي ڪڏهن سموري ڄمار ڏيهر ڏسي نہ سگهي.

"اسان جي تہ مرضي آهي تہ توهان اڃا ڪجهہ ڏينهن هتي رهو. هيءُ بہ توهان جو گهر آهي. پر بلقيس جلدي ڪري رهي آهي جو ڪيس جلدي ٻڌي

پهچڻو آهي." وڏو ياڻ چئي رهيو هو.

"ادا سائين! اسان سوچيو هو ته ڪار ۾ لاهور ويندا سين." نادر چيو، "اڇو پاڃائي، اندر هلي بلقيس کان پڇون ٿا."

هوءَ عرفان کي، 'شب خير' چئي نادر سان گڏ ڪوئيءَ ۾ هلي ويئي.

انهيءَ رات، جڏهن هوءَ ڏاج واري ڪمري ۾، سامان ۽ شيون سنواري رکڻ ۾ چوڪرين جي مدد ڪري رهي هئي تڏهن وچين ماسي اوچتو کانئس پڇيو: "ڪنوار تو عرفان کي ڏٺو؟"

"جي ها."

"سندس ماءُ، هن جو بلقيس جي سنگ لاءِ ڏهلي پيغام موڪليو آهي. اسان بلقيس کي، عرفان ڏسڻ لاءِ ئي ته گهرايو آهي، پر هوءَ اهڙيءَ ته عقل جي اُبتي آهي جو ڪيس اها ڳالهه سمجهه ۾ ئي نٿي اچي."

"ائين آهي تڏهن؟" سيتا هڪ سعادتمند نهن وانگر خانداني مسئلن ۾ دلچسپي وٺندي چيو. "مون کي ته چگو معقول ماڻهو ٿو لڳي."

"معقول ته آهي، پر بلقيس ٻه جڏهن سمجهي."

"ڪهڙو ڪم ڪندو آهي؟"

"تمام وڏي نوڪري اٿس. هزار ٻه پگهار اٿس. چوڪريءَ کي چا ڪپي؟ گهر ٻه سٺو اٿس." وچين ماسي تحفن جا پنڪيٽ هيٺ مٿي رکندي جواب ڏنو.

"هردوئي جو رهندڙ آهي. هردوئي جي خبر اٿيئي؟"

"جي نه، جي ها." هن منجهي جواب ڏنو.

"اسان جي بلقيس جي دماغ ۾ پاڪستان اچڻ جي ڳالهه ئي نٿي اچي. هاڻي ڏس نه، عرفان ته پاڪستاني آهي." سيتا تانڪيل جوڙا ڪٽي پلنگ تي رکندي ويئي.

"سياڻي تون نادر سان گڏجي وڃي پنهنجي ڪوئي ته ڏسي اچ"

ڪراچي اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هوءَ بلقيس کي پنهنجي گهر قرول باغ وئي ويئي هئي. بلقيس کي هن اڄ تائين گهر ڪوٺ ٻه ڏٺي هئي. هوءَ پنهنجي دوستن مان ڪنهن کي پنهنجو صحيح پتو نه ٻڌائيندي هئي، پر جنهن ڏينهن

هوءَ ڪراچيءَ لاءِ سامان ٻڌي رهي هئي ته سندس ماڻ زور ڪيو هو ته هوءَ بلقيس کي مانيءَ تي سڏي.

"ڪيڏي نه خراب ڀڳالهه آهي جو مون اڃ تائين تنهنجي نڙاڻ کي ڏٺو به ناهي."

سيتا ڪجهه مهينن کان هڪ سرڪاري ڪاتي ۾ نوڪري ڪري رهي هئي ۽ آفيس مان هن بلقيس کي فون تي دعوت ڏني هئي.

انهيءَ ڪان هڪدم پوءِ بلقيس، هيما کي فون ڪيو ته هوءَ شام جو سيتا جي گهر وڃي رهي آهي ۽ ڪيس ٻڪ اپ ڪندي ويندي. ٻن پهرن جو هوءَ لنچ جي وقت ڪناٽ سرڪس جي ريسٽارنٽ ۾ بلقيس سان ملي ته بلقيس ڪيس ڇيو هو: "مان پراڻي دهليءَ وڃي، هيما کي ونندي، اڻين وڃي تائين تو وٽ پهچي ويندیس."

"هيما کي ونندي ايندينءَ؟"

"ها ها، چو؟"

"هيما کي چو سڏيو اٿيئي؟"

بلقيس حيران ٿي ويئي هئي. "هيما تنهنجي ايتري پراڻي سهيلي آهي، ڪيس سڏڻ ۾ ڪهڙو هرج آهي؟ منهنجو ته خيال هو ته اڳ ۾ ئي ڪيس ٻڌائي چڪي هوندينءَ"

"ڀر بلقيس، هيما ايڏي شاندار حويليءَ ۾ رهي ٿي، مان ڪيس پنهنجي گهر ڪينن سڏيان. مون وٽ ته ويهڻ جي به جاءِ ناهي. تون منهنجي مائٽياڻي آهين، تنهنجي ٻي ڀڳالهه آهي."

"سيتا!" بلقيس جو منهن حيرت وچان ڪليو رهجي ويو هو. "سيتا! ۽ تون ڪلاس ۽ طبقاتي شعور جي باري ۾ ايتريون تقريرون ڪندي آهين!!"

"اهو سڀ ٺيڪ آهي." هُن چڙي جواب ڏنو هو.

"But I happen to have a lot of personal pride."

"Good Heavens!" ته هاڻي مان هيما کي ڪينن منع ڪريان."

"هاڻي ڪينن منع ٿي ڪري سگهين؟"

انهيءَ شام جو بلقيس هيما کي سان ڪري سيتا جي ٻڌايل پتي تي قرول باغ جي هڪ گهٽيءَ ۾ پهتي. دريءَ مان سيتا جون ننڍيون پينرون

جهاتي پائي ڏسي رهيون هيون. سيتا جي ماڻ دروازو کوليو. اهو ڪنهن هيڻين وڃين طبقي جي مسلمان جو چڊيل تنگ ۽ اونداهو ننڍو گهر هو. ممي ٻنهي چوڪرين کي وڃين ڪمري ۾ وٺي ويئي ۽ گلمر تي ويهاريائين. هڪ طرف پلنگ پيل هو ۽ پٽ سان ترنڪون هڪ ٻئي مٿان چڙهيل هيون. الماڙيءَ جي مٿان سري ڪرشن جي وڏي تصوير ٽنگيل هئي. ڪجهه دير ڪانپوءِ ممي الماڙيءَ جي پويان فريم ڪيل ڪلمو ڪڍيو ۽ چنڊي اڇي ميز تي رکيائين. "بلقيس، هيءَ ڪلمو هن ڪمري ۾ لڳل هو. مون اهو لاهي احتياط سان رکي چڊيو آهي. ڪيترا پيرا سيتا کي چيم ته توکي پهچائي ڏي، متان غلطيءَ سان هتي ڪنهن کان بي ادبي ٿي نه وڃي. هاڻي تون ڪنيو وڃجان."

"ٺيڪ آهي." بلقيس جواب ڏنو هو.

ممي ٽالهيون ۽ ڪتوريون گلمر تي پرچي رکيون. هيما ۽ بلقيس ڏاڍي آرام سان ٽنگون سڏيون ڪري ديوار جي سهاري ويهي، مميءَ ۽ سندس ننڍين پينرن ـ ليلا ۽ موهنيءَ سان ڳالهيون ڪنديون رهيون. سيتا ٻيءَ ديوار سان ٽيڪ ڏيئي ويئي انهن سيني کي تڪيو. سامهون ديوار تي هنومان جي تصوير ٽنگيل هئي، جيڪو جبل تريءَ تي ڪنيو اڏامندو پئي ويو. مون به زندگيءَ جوجبل ڪٽي آسمان تي اڏامڻ جي ڪوشش ڪئي هئي- هن دل ۾ سوچيو هو.

"پُٽ، ڪراچيءَ جي عامل ڪالونيءَ ۾ اسان جي اوڙهن ڪمرن جي به ماڙ جاءِ هئي." مميءَ گلاسن ۾ پاڻي اوتيندي، بلقيس سان مخاطب هئي.

سيتا ڏاڍي بيزاريءَ سان ڪيس ڏنو هو. اهو قصو هرڪنهن هڪ کي ٻڌائي ڪيس کڻڻ قسم جو اطمينان محسوس ٿئي ٿو؟

"انهيءَ ڪوئيءَ ۾ ڊاڪٽر صاحب، سيتا جي ڏيڍي چهن ڪمرن ۾ سنگ مرمر جو فرش هڻايو هو."

"ممي، هاڻي اها رام ڪهاڻي ڪٽي ختم ڪر." سيتا چڙي چيو هو.

"بلقيس تون وڃي ضرور ڏسج، منجهس نيري رنگ جي شيشن جون دريون آهن. 'دولت راءِ محل' لکيل آهي، جو پري کان ئي پيو ڏسبو آهي، جمشيد روڊ کان موتي لعل نهرو روڊ ڏانهن جڏهن مڙندين."

"ممي هاڻي ٺيڪ آهي. ڏسي ونڊاسين. هيما تو دهي برڙا ڪنيا؟"

انهي وقت ڏيڀي اندر گهڙيو هو.

"چو، هي توکي دولت محل جا قصا پيئي ٻڌائي نہ؟ هن جي اها عادت مشڪل سان وبندي." هن ڪلندي چيو ۽ اُٿي ٽي ڳلم تي ويهي رهيو هو. پوءِ هن مهمان چوڪرين کي چيو هو: "پٽ، توهان ٻئي هيترن ورهين کانپوءِ اڄ پهريون پيرو اسان جي غريب محل ۾ آيون آهيو، انهيءَ کي دولت محل سمجهي وري به اچجو."

"صبح جو نيرن کانپوءِ نادر توکي تنهنجي جاءِ ڏيکاري ايندو." وچين ماسي برتن سليقي سان رکندي وري چيو.

"جي نہ، نہ ڏسنديس. ڪهڙي ضرورت آهي!" هن جواب ڏنو. وچين ماسي چپ ٿي وئي.

چاندپور هائوس ۾ هڪ هفتو گذري ويو. چاندپور هائوس سندس وڏي ڏير جي اسڪينڊنيوين طرز جي ۽ ماڙ ڪوٺيءَ جو نالو هو، جيڪا هن هائوسنگ سوسائٽيءَ ۾ ٺهرائي هئي.

"اهو ٻڌائڻ جي خبر ناهي ڪهڙي ضرورت آهي ته توهان هڪ پراڻي قسم جا سابق تعلقيدار آهيو ۽ هڪ پراڻي قسم جو اوهان جو چاند پور تعلقي تلسي پور، ضلعي فيض آباد ۾ 1947ع تائين موجود هو. ٻيو ڪجهہ نہ ته هتي پاڪستان اچي اوهان رفيوجي ماٺهو، پراڻن نالن سان اڃا تائين چنبڙيل آهيو." بلقيس هڪ ڏينهن صبح جو نيرن تي عادت مطابق پنهنجي پاڪستاني مائٽن سان جهيڙو لائي ڏنو.

"اسان جو چاندپور هائوس هو يا نہ، لکنؤ وڃي پلنگ روڊ تي ڏسج." وچين ماسي چيو. سندس آواز ۾ سيتا کي پنهنجي ماءُ جي آواز جي جهلڪ ٻڌڻ ۾ آئي. هوءَ بيزاريءَ وچان دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي.

ڊرائيوَ تي سندس ڪار اچي بيني. هو لٽو ۽ وراندي جي ڏاڪڻ چڙهي ڊائننگ روم ۾ گهڙيو، جتي بلقيس بي نيازيءَ سان توست تي مکڻ لڳائڻ ۾ مشغول هئي.

انهيءَ هڪ هفتي جي دوران هو هر روز صبح شام چاند پور هائوس ايندو هو ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي سيني سان ڳالهيون ڪندو رهندو هو، پر هميشه انهيءَ موقعي جي تلاش ۾ رهندو هو ته سيتا جي پرسان ويهي

سگهي، پر کنهن کي اها خبر نه پوي ته هو کو سيتا جي قربت جو خواهان آهي. وچين ماسي اهو سوچي پيئي خوش ٿيندي هئي ته هو بلقيس جي ڪري اچي پيو. جڏهن کو ايڏي خوشامد ڪندو ته چوڪريءَ کي پاڻيهي ها ڪرڻي پوندي. هن هڪدم بلقيس جي ماءُ کي، جيڪا سندس وڏي پيڻ هئي، تلسي پور اهڙو خط ڪلي موڪليو ته ماشاالله بلقيس جي ڳالهه هتي تقريباً پڪي ٿي وئي آهي.

نوجوان پارٽيءَ جو گهڻو وقت نادر جي ڪمري جي سامهون وراندي ۾ گذرندو هو. هڪ ڏينهن اُهي وراندي ۾ ويهي ٽهڪيءَ جي چانهه پي رهيا هئا ته عرفان سيتا کي چيو: "توهان کي واپس وڃڻ جي ايتري جلدي ڇو آهي؟ اسان پاڪستاني ايترا خراب ته ناهيون! ڪجهه ڏهاڙا اڃا ترسي پؤ."

"مان ته دنيا ۾ ڪنهن کي به خراب نٿي سمجهان. مذهبي جنون ۽ شاونزم جو فلسفو ته اوهان جهڙن غير اشتراڪين جي برڪت سان مليو آهي."

"بلڪل پاڃائي! هڪ مهينو ٻيو ترسو، اوهان جي ويزا مان وڌائي ڏيارينڊس فٽافٽ." نادر چيو.

"ڪيئن ترسان مان؟ منهنجي پويان سي- آء - ڊي نه لڳي پوندي!"

"خير سيتا، اڃا تون ايتري اهم به ناهين جو سي-آء - ڊي وارا رڳو تنهنجي لاءِ پنهنجي نند خراب ڪن." بلقيس ڪلي چيو. "ڪجهه سالن کان پوءِ جيڪڏهن انهيءَ رفتار سان ترقي ڪندي رهينءَ ته انٽرپول وارا تنهنجي پويان البت لڳندا."

هن اداسي سان انهن تنهي ڏانهن ڏٺو.

فضول. فضول. دنيا ڪيڏي نه فضول جاءِ هئي.

"توهان جو ميلن نالو ڇا آهي؟" عرفان پڇيو. هُو 'پروڊڪشن' رسالي جا پنا اٿلائي رهيو هو، جيڪو نادر ڏاڍي شوق سان پڙهندڙ هو.

"ميرچنداڻي."

"اسان وٽ هردوئيءَ ۾ هڪ سنڌي انجنير بدلي ٿي آيو هو، مان تڏهن ننڍو هوس." عرفان ڳالهائڻ شروع ڪيو. "سندس نالو ميرچنداڻي هو. هڪ

ڏينهن هو ملڻ آيو ته نوڪر اندر اچي چيو ته بيگم صاحب، مچرداني صاحب آيو آهي. انهيءَ کان پوءِ هو ڪافي ڏينهن تائين ڪيس مرچ داني چوندو رهيو. اهو واقعو مون کي اڃا تائين ياد آهي. اسان انهيءَ زماني ۾ سنڌي ڏٺا به نه هئا. گنج ۾ بن ٽن سنڌين جا دڪان هئا ۽ بس."

"ها." نادر چيو. "بلقيس توکي فروٽ مارٽ وارو سنڌي ياد آهي، جڏهن تو اندرا والٽرز لاءِ ڪانئس پڇيو هو ته ڇا سندس شادي ٿي ويئي ۽ ڇا هوءَ واقعي تمام گهٽي ڪريڪ آهي، ته هن جواب ڏنو هو:

" Yes madam, she is mad and married both."

"ها ها ها." اسان سڀيئي سندس حاضر جوابيءَ تي کيڏو نه ڪليا هئا سين.

"ها ها ها." عرفان به ڪليو ۽ پوءِ رسالو ڏسڻ لڳو. نادر پراڻين يادن ۾ گم ٿي ويو.

فضول. فضول وقت گذري رهيو آهي.

اوڏيءَ مهل هن عرفان کان پڇيو: "توهان کي خبر آهي ته ٽرڊ ڊگري کهڙي طرح ڪيو ويندو آهي؟"

"چو؟ توهان کي انهيءَ جو خيال ڪيئن آيو؟" عرفان پڇيو.

"ائين ئي. خيالن ۾ ربط ۽ منطق جو کهڙو ذڪر؟" عرفان ڪيس غور سان ڏنو ۽ وري ڳالهه ٽارڻ چاهيائين: "اوهان اهو لطيفو ٻڌو آهي؟"

"کهڙو؟"

"اهو ئي ته هڪ دفعي نيويارڪ ۾ ليفٽ ونگ اديبن جي هفتي وار ميڙ ۾ اڌ کان وڌيڪ خفيه پوليس جا ماڻهو هوندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ جلسي ۾ هڪ اديب اٿي حاضرين کي هن ريت مخاطب ٿيو:

"Comrades and gentlemen of F.B.I."

"ها ها ها." نادر ٽهڪ ڏنو.

پوءِ اهي چارئي ڪوڪلا ٽهڪ ڏيندا رهيا.

شام ٿي ته سمجهه ۾ نٿي آيو ته هاڻي چا چا ڪجي.

"هلو پڪچر تي هلون، يا ڇائي." نادر ڪيس چوندو هو. "روز پڪچرا ايترين انگريزي آمريڪي فلمون ڏسي توهان جي دل نٿي پرجي؟"

عرفان سان بحث ڪندي هوءَ بيزاريءَ مان چوندي هئي: "ڪا پوليٽيڪل انٽرسٽينڊنگ ناهي، ڪتاب ناهن، سنيون فلمون ڏسڻ لاءِ نٽيون ملن، اخبارن ۾ بس وڃي رهي آهي، اهائي هڪ 'مارننگ استارا' جيڪا قوم 'مارننگ استار' پڙهي ۽ انهيءَ جا ڪارٽون ڏسي ڏسي سڄي عمر گذاري ڇڏي، انهيءَ جي سائيڪالاجيءَ جو ڪهڙو حشر ٿيندو!"

"ياڃائي، توهان بيشڪ اسان جا لاهه ڪيائيندیون. پاڻ ته هليون ويندیون پر اسان جو جيڪو حشر ٿيندو، اهو دنيا ڏسندي. هر محفل ۾ اهڙيءَ طرح اُٻتيون سبتيون فضول ڳالهيون اُڏائيندیون رهنديون آهيو."

هن نادر جي احتجاج جو ڪو نوٽيس نٿي ورتو ۽ اهڙيءَ طرح چوندي رهندي هئي.

عرفان جون موڪلون ختم ٿي چڪيون هيون ۽ ڪيس لاهور واپس وڃڻو هو. آخر اهو فيصلو ٿيو ته اُهي سڀ ٻن موٽرن ۾ گڏجي لاهور ويندا.

انهيءَ ڏينهن شام جي وقت سيتا وراندي ۾ اڪيلي 'لائيف' رسالو ڏسي رهي هئي ته هو آيو. اهو پهريون موقعو هو جو هن ٻنهي وٽ ٽيون ڪو به نه هو. "پرينءَ صبح جو انتظام ٿي ويو آهي، ڊاڪٽر صاحب." هو ٽورو پرپرو هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو.

"مون کي ڊاڪٽر صاحب نه چوندا ڪريو، ڏاڍو خراب ٿو لڳي."

"پوءِ پلا چا چئجي؟ مسز جميل بيگم صاحبا، شريمتي جي؟"

"توهان کي خبر آهي ته منهنجو سڌو سنئون نالو سيتا آهي."

"بيحد پيارو نالو آهي، انهيءَ کري نالو ونندي ڊپ لڳندو اٿر."

هوءَ خاموش ٿي ويئي. هوءَ بلقيس جي سڳي ماسات جي زال هئي. هو ڇڻ سندس ٽين وارو نڙان جو مڙس هو ۽ انهيءَ لحاظ کان مذاق جي رشتي جو پهلو نڪتو ٿي. شايد انهيءَ کري هو ڪيس مستقل چيڙيندو رهندو هو. شايد.

"اوهان جو رامچندر جي پنهنجو راڄ پاٽ سنيالڻ لاءِ اجوڌيا ڪڏهن پڌاربو؟" عرفان پڇيو. ڪيس اهو پڌايو نه ويو هو ته جميل ٻي شادي ڪري ورتي آهي. اهو نجي خانداني معاملو هو ۽ عرفان پوءِ به ڏاريوهو.

"هائي سندن ترم وڌيڪ ٻن سالن لاءِ وڌي ويو آهي. اوهان نيو يارڪ ويا آهيو؟"

"جي ها."

"ڪڏهن؟"

"جڏهن توهان اُتي نه هيون."

"مان ته اُتي 49ع ڪان آهيان."

"مان به اُتي49ع ئي ۾ پهريون پيرو ويو هوس. دراصل منهنجا ۽ توهان جا حلقا مختلف رهيا هوندا. هائي آمريڪا ڪڏهن ٽيون وڃو؟"

"اڃا ڪجهه طئه ناهي." هن گهبرائجي دروازي ڏانهن ڏٺو ۽ دعا گهرڻ لڳي ته بلقيس يا ڪو ٻيو اُتي اچي وڃي ۽ اهوموضوع ختم ٿئي.

جنهن ڏينهن صبح جو اُهي سڀ سفر تي روانا ٿيڻ وارا هئا، انهيءَ رات جو بلقيس کي فلو ٿي پئي ۽ ڪجهه ڏينهن لاءِ وڃڻ ملتوي ڪرڻو پيو.

هائي جو بلقيس بيمار ٿي پيئي ته سيتا ئي اڪيلي نادر ۽ عرفان سان گڏجي باهر ويندي رهندي هئي. ايتري عرصي ۾ هوءَ نادر جي دوستن جي حلقي ۾ ڏاڍو مقبول ٿي ويئي هئي. نادر جا دوست گهٽو ڪري انٽلڪچوئل قسم جا هئا. انهن سيتا کي جيءَ ۾ جايون ڏنيون. عرصي کان پوءِ ڪي هڪ جيڙي جاڳندي هندو چوڪري نظر آئي هئي. پهريون پيرو جڏهن نادر پنهنجي ڪجهه انٽلڪچوئل دوستن کي سيتا سان ملائڻ لاءِ چاند پور هائوس ۾ ڪوٺ ڏني ته وڃڻ ماسي پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان جهاتي پائي چيو هو: "هيءَ نادر جي پارٽي آهي يا شوجيءَ جي جڳ. هڪڙو ٻئي کان ڪسر هليو پيو اچي."

"اهي سڀ ياجائيءَ سان ملڻ لاءِ گهرايا ويا آهن." هڪ چوڪري جواب ڏنو هو.

"تنهنجي ياجائي پڻ خبطڻ آهي." وڃڻ ماسي چيو هو.

هائي عرفان بي تڪليفيءَ سان سيتا جو نالو ونندو هو ۽ ڪيس 'تون' چئي مخاطب ٿيڻ لڳو هو. قيصر چالي [1] لاءِ آيل هئي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ پنهنجي مڙس سان گڏ پشاور وڃڻ واري هئي.

(1) چالي جي رسم، شاديءَ کان چاليهن ڏينهن کان پوءِ، ستاوڙي وانگر ٿيندي آهي.

رات جو قيصر جي ساهورن جي مانَ ۾ چاندپور هائوس ۾ تمام وڏي ڏنر هئي. بلقيس هاڻي چاق ٿي چڪي هئي ۽ نادر انهن ٻنهيءَ سان گڏ شام جو ريڪس ۾ پڪچر ڏسڻ جو پروگرام ٺاهيو هو.

ٽپهريءَ جو سيتا جلدي جلدي تيار ٿي ٻاهر وڃڻ لڳي ته بلقيس کيس سڏ ڪيو.

"يس بِلي." سيتا دروازي ۾ رڪجي پڇيو.

"هاڻي ٻاهر پيئي وڃين؟"

"ها. تون سادي پنجين وڳي پنليس هوٽل اچجان. مان توکي اُتيئي بار ۾ ملنديس."

"بار ۾؟"

"ها ها. منهنجيءَ اُتي ڊِڪ سان اپائنٽمنٽ آهي."

هو ڪلهه اتفاق سان مون کي الفنسٽن اسٽريٽ ۾ ملي ويو. مون سان گڏ ڪولمبيا ۾ هو. هتي ورلڊ بئنڪ جي سلسلي ۾ آيل آهي. چو؟

"سيتا ڊارلنگ،" بلقيس پلنگ تان لهي هائوس ڪوٽ پائيندي چيو، "تون ضرورت کان وڌيڪ Emancipated ٿي ويئي آهين. هي آمريڪا يا انگلنڊ ناهي."

"اوهه، مون کي انهيءَ ڳالهه جو خيال ئي نه آيو. چگو تون پوٽي ڇهين وڳي تائين عرفان جي گهر پهچ. مان ڊِڪ کي چونديس ته مون کي اُتي لاهي ڇڏي. عرفان پنليس هوٽل پرسان ئي ترسيل آهي. ڪچهري روڊ تي ڪلهه اسان کيس اتيئي ڊراپ ڪيوهوسين نه."

"عرفان جي گهر!" بلقيس وڌيڪ پريشان ٿيندي چيو، "ڊارلنگ، هو بيچلر آهي، اڪيلو رهي ٿو. تون سندس گهر ڪيئن ٿي وڃين سگهين؟"

"او ماءِ گاڊ! چگو ساري. مان توکي وڌيڪ ڏکوئڻ نٿي چاهيان."

"ڏنر لاءِ هيننر کان ئي مهمان اچڻ شروع ٿي ويندا. توکي واپس اچي تيار ٿيڻو آهي. نادر کي چئينس ته اڄ پڪچر گول ڪري." بلقيس چيو.

"چگو." هن فرمانبرداريءَ سان وراثيو.

پنهنجي امريڪن ڪلاس فيلو سان پنليس جي بار ۾ ملاقات ڪرڻ کان

پوءِ هن ڪائونٽر تي وڃي عرفان کي فون ڪيو. هاڻي ڪيس جلدي چاند پور هائوس واپس وڃڻ گهربو هو، پر سندس دل چئي رهي هئي ته هوءَ شام هيڪلائيءَ ۾ عرفان سان گذاري.

ڪجهه منٽن کان پوءِ عرفان پهچي ويو. ساٿس گڏ سندس دوست عثمان به هو. اهي ٽيئي وڃي لائونج ۾ ويٺا.

سيتا کي سُرخ رنگ جي سونهري پرت واري ساڙهي پاتل هئي جيڪا ڪيس تمام ڏهي رهي هئي. ڏنر جو وقت اڃا پهتو پر هوءَ بيپرواهيءَ سان ڳالهيون ڪندي رهي. عرفان سندس ويجهو صوفي تي ويهي مٿس نهن کان چوٽي تائين نظر وجهي مشڪندي پڇيو:

"ميلا هي چاند گنج مين سورج گهن ڪا آج
تر ڪس لئي نہ غيرت شمس وقمر گئي؟"

هوءَ ڪلڻ لڳي. "سچ پچ توهان اڙدودانن ۾ ڦاسي منهنجو ته بقول نادر چگو حشر ٿيو آهي."

"۽ اڙدودان ۾ وري کهڙا ـ لکنؤ جي رند ۽ آرزو کان گهٽ ته ڳالهه ئي نٿا ڪن." عرفان جي دوست چيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هن سيتا کان اجازت ورتي ۽ هليو ويو.

هاڻي رات جي اونداهي چانڻجي ويئي هئي. پٽليس هوٽل جي اُنهيءَ حصي ۾ نسبتاً خاموشي هئي. ماڻهو لاگومي ڏانهن وڃي چڪا هئا.

"ڪافي پيئندينءَ؟" عرفان پڇيو. ڪيس خبر نہ هئي ته هو سچ لهڻ ڪانپوءِ فقط ڪاري قهوي تي گذارو ڪرڻ پسند نہ ڪندي آهي. هو ڪيس غور سان ڏسندو رهيو.

"تون سچ پچ ڏاڍي خوبصورت آهين."

"مهرباني."

پوءِ هن سيتا جي وارن تي نظر وڌي. "تون سينڊ ۾ سيندور چو نٿي لڳائين؟"

"دراصل ... اها منهنجي سندُور جي ڊبي ڪٽي وڃائجي ويئي- ڪراچي ڪان ايندي. وچين ماسي ڪيترا پيرا چئي چڪي آهي ته ڪنوار تو سندُور لڳائڻ چو ڇڏي ڏنو آهي. تنهنجي ٻُسي سينڊ ڏسي مون کي پڙ ٿو

وئي. هن جي خاطر مون سوچيو آهي ته ضرور لڳائيندیس، پر هتي ملي ويندو سندُور؟"

"خبر ناهي." عرفان آهستي آهستي وراڻيو. "پڇا ڪرائينس."

"توهان کتان ڳولا ڪرائي گهرائي ڏيو." پوءِ هوءَ هڪدم چپ ٿي وئي ۽ سندس چهرو ڳاڙهو ٿي ويو. ڪيڏي نہ عجيب و غريب صورت حال هئي! هُن کيس سندُور آڻڻ لاءِ چو چيو جيڪو هوءَ جميل جي نالي تي لڳائيندي.

او ماءِ گاڏا! هو دل ۾ چا سوچيندو هوندو هن وقت. هن طئہ ڪيو ته کيس سموري ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي.

"توهان کي خبر ناهي." هن رُڪي رُڪي چوڻ شروع ڪيو، "مان سندُور ڪنهن جي لاءِ لڳايان! جميل مونکي ڇڏي ڇڪو آهي." پوءِ هوءَ نرڙ ۾ گهنج وجهي اکين جا ڇپر چنيندي دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳي جيئن لڙڪ نہ لڙي پون.

"مونکي خبر آهي." عرفان ڏيڻي آواز ۾ جواب ڏنو. "مون کي ڪنهن ٻہ نہ ٻڌايو هو، تڏهن ٻہ مون کي خبر پنجي ويئي هئي. پهرئين ڏينهن جڏهن تو کي شامياني جي هيٺ مليو هوس تڏهن تنهنجي اکين کي پڙهي ورتو هئم ته تون ڪيڏو نہ دُکي آهين. اڇ،" هو هڪدم اٿي بيٺو. "چاندپور هائوس هلون. تو کي قيصر جي دعوت ۾ دير سان پهچڻ نہ گهرجي. تون هن گهراٽي جي نهن آهين."

"۽ توهان کي ٻہ ڏير ڪرڻ نہ جڳائي. توهان انهيءَ گهراٽي جا نائي بنجڻ وارا آهيو." سيتا آهستي چيو: 'چا ڪريان! چا ٿو ٿي سگهي؟'

"بلڪل نہ. تو کي خبر آهي ته بلقيس منهنجي ته تر جيتري ٻہ پرواهہ نٿي ڪري."

"۽ توهان کي، توهان کي ٻہ سندس پرواهہ ناهي؟"

"بلڪل نہ. پر توکي انهيءَ جو يقين ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. هل، اٿي دير نہ ڪر."

انهيءَ رات هو چاندپور هائوس جي ڊنر مان جلد واپس هليو ويو. گهر پهتو ته دير تائين ننڊ نہ آيس. سنسان ڪمرو کائڻ ٿي آيس. نيٺ بيزاريءَ مان

هن عثمان کي فون ڪيو.

"مان اعظم حي اسٽيگ پارٽي ۾ وڃان ٿو. تون به جمخاني هليو اچ."

عثمان جواب ڏنو.

"مان هاڻي وڏيڪ ڪنهن پارٽيءَ ۾ نٿو وڃي سگهان."

"يار، تون اڄ ته سهي. هڪ ڪنڊ ۾ ويهي تنهنجي سيتا جون ڳالهيون ڪنداسين. آڙ حسن يار کي باتين ڪرين!"

"چڱو پلا اچان ٿو"

هو پنهنجي فليٽ مان لهي گهمندو جمخاني پهتو. عثمان اڳ ڪونہ آيو هو. هو وراندي ۾ تمام پري وڃي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو.

سيتا سيتا.

"سيتا جميل ڏاڍي زبردست فلرٽ ٿي لڳي." هو چرڪي ويو. پاڻ جي ڪوندين وٽان زور شور سان گفتگو ٻڌڻ ۾ پئي آئي. شايد اُهائي اسٽيگ پارٽي جاري هئي، جنهن لاءِ عثمان ڪيس ڪوٽ ڏني هئي. هو اکيون بند ڪري ٻڌي رهيو هو. ڪيس محسوس ٿيو جڻ سنڊس دماغ تي هٿوڑن جا ڏڪ لڳي رهيا هجن.

"بلڪل ديسي خالص 'ڪُمايون جي آدم خور' (Man - eater of Kumayun) ٿي لڳي."

"۽ مٽان وري پنهنجو پاڻ کي پروگريسو ٿي پٽرو ڪري."

"سُرخن وٽ اخلاق جو تصور تمام بلند آهي."

"تڏهن اها ڳالهه آهي!"

"روسي ته انهي سلسلي ۾ چگا خاصا وڪتورين آهن."

"بڪواس . انهن ۾ سي شيون مشترڪ ٿيندڙون آهن."

"شايد اوهان کي خبر ناهي ته روسين کي 'پاٽيءَ جي گلاس جي ٿيوري' رد ڪئي به عرصو گذري ويو."

"توهان کي انهيءَ خاتون محترم برين واش ڪري ڇڏيو آهي."

"واهه سائين واهه! هوءَ ويچاري چا برين واش ڪندي، پر توهان انهن ماڻهن مان آهيو جن جي دلين تي الله سائين مهر هڻي ڇڏي آهي. سچ آهي، جهالت ۾ وڏي برڪت آهي."

"مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته انسان جي ذاتي زندگيءَ کي سندس سياسي عقيدن جي کسوٽيءَ تي چو ٿو پرکيو وڃي."

"افسوس جو فقط انهيءَ چوکريءَ سان ملي، جا ايڏي کنفيوزڊ آهي. اوهان سيني چوکرين کي هڪ ئي تارازيءَ ۾ ٽا توريو. بد قسمتيءَ سان هتي آئي به ته ڪير: سيتا جميل. انديا کان هتيڪي فقط بي ڪلاس فلمون گهرائڻ جي اجازت آهي ۽ سيتا جهڙيون Phoney چوکريون."

"خير، ڪٿون کي ٻئي جي ٻنيءَ جو گاهه هميشه سر سبز نظر ايندو آهي."

"ڳالهائي ڏاڍو ٿي. ڪلهه رحمان جي مانيءَ تي ڪلاڪ ڪن سيني سان جاڙي هٽندي رهي."

"ٻڌو آهي ته ڏاڍو سٺو نچي ٿي جاڻي ـ ڪٽاڪلي."

"اڙي عورتون ڪٽاڪلي ناچ نه نچنديون آهن."

"هلو خير. مان ڪو ناچو ته نه آهيان جو مون کي ناچ جي قسمن جي خبر هجي."

"ڏاڍي سٺي چوکري آهي يائو. بس ٿورو پيٽندي سرس آهي. جيئن چوندا آهن: مڇيءَ وانگر پيٽندي آهي."

"اهائي سندس هڪ ادا آهي جيڪا اسان کي ڏاڍي وڻي."

"واهه! جان عالم واجد علي شاهه توهان ئي ته آهيو."

"اسان ٻڌو آهي. ته پنهنجي مڙس کي چڏي ڏنو اٿس."

"پوءِ ته موقعو آهي. قسمت آزمائڻ گهرجي. اوهه! هوڏانهن عرفان صاحب لڪو ويٺو آهي. اڙي عرفان، چا خيال آهي؟ تون هن معاملي تي روشني ته وجهه."

"عرفان صاحب سان ڳالهائڻ بيڪار آهي. ولي الله آهي."

هو خاموشيءَ سان اتان اُٿي هليو آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو سيتا ڪيس چاند پور هائوس جي ڦاٽڪ تي ئي ملي ويئي.

"رات توهان مانيءَ کان پوءِ ايترو جلدي هليا ويا. اُتي خوب ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو رهيو." هن چيو.

"هون."

"مون توهان کي ڪافي رات گذرئي ڪان پوءِ فون ٻه ڪيو هو پر نوڪر ٻڌايو تہ توهان جمخاني هليا ويا آهيو."

"هون!"

"چو، توهان کي چا ٿيو آهي؟" هن ٿورو وسامجي پڇيو.

"سيتا!"

"جي."

"ماڻهو تنهنجي باري ۾ طرح طرح جون ڳالهيون ڪن ٿا. مون کي بلڪل سٺو نٿو لڳي. چا ڏهليءَ ۾ ٻه تنهنجي لاءِ ماڻهو اهڙي قسم جون ڳالهيون ڪندا آهن؟"

"ضرور ڪندا هوندا. مون کي خبر ناهي."

"پرواهہ ٻه نہ ائيني."

"اونهن." هوءَ هڪدم جهنجهلاتجي وئي. اُهي ورانڊي جي ڏاڪڻ تائين پهچي ويا هنا. "اندر هلو. سامان ٻڌجي تيار ٿي ويو آهي. توهان جو انتظار پيو ٿئي." هن سردي مهريءَ سان جواب ڏنو.

اندر باقاعدي رونڪ پٽڻ متل هو. ڪراچيءَ جون مائٽياڻيون شاديءَ ۾ آيل هندستاني عورتن سان پاڪر وجهي زارو قطار رونڪ ۾ رڌل هيون. بلقيس سُون سُون، ڪندي پئي ڦريِ. مرد ماڻهو ٻه نڪ سڪي لڙڪ اُکهي رهيا هنا. وچين ماسي پاڪر وجهي سيني تان گهور پئي وئي.

عرفان گيلريءَ جي دروازي تي بيهي، اهو منظر پئي ڏٺو ۽ ڪيس بي اختيار ڪل اچي وئي. "اهي سيڻي ڪيڏا نہ ڳڙهہ آهن." هن آهستگيءَ سان سيتا کي چيو.

هندستاني سڀ مائٽ هوائي جهاز ۾ واپس وڃي رهيا هنا. بلقيس ۽ سيتا، نادر ۽ عرفان سان گڏ لاهور وڃڻ واريون هيون. ڪراچيءَ کان ٻه ٻي ڪرن لاهور تائين ساڻن گڏ وڃي رهيا هنا. سموري پارٽي ٻاهر اچي موٽرن ۾ لڏجي وئي. سيتا بلقيس سان گڏ نادر جي ڪار ۾ اچي وئي. عرفان ٻين عزيزن کي پنهنجي 'شيو' ۾ پريو. امام ضامني جي گوڙ ۾ موٽرون 'فارٽي سيڪنڊ اسٽريٽ جي ڏنگن ڦڏن ۽ آڏن اُڀرتن رستن مان نڪري درگ روڊ تي آيون ۽ ٽئي طرف روانيون ٿيون.

7

• "ننگر ٺٽوا!" نادر، شاهه جهان جي مسجد جي سامهون ڪار بيهاريندي چئ انائونس ڪيو.

جڏهن اُهي ٽاڪ منجهند جو جامع مسجد جو چڪر هڻي واٽين جي گهٽيءَ مان لنگهي رهيا هئا، تڏهن انهن اُجاڙ گهرن ۾، جيڪي سرن ۽ مٽيءَ جي گاري مان ٺهيل هئا، هوا هڪدم ڏاڍي تيزيءَ سان لڳڻ لڳي ۽ اٽين ٽي لڳو چئ انهيءَ هنڌ، دنيا جي سيني بي گهر، رولو ۽ مفلس روحن جو واسو آهي. سيتا خاموشيءَ سان بلقيس جي پويان پويان هلندي رهي. ڪجهه دير کان پوءِ عرفان سائس گڏو گڏ هلڻ لڳو. "توهان کي خبر آهي، هن شهر جو نالو ٺٽو ڇو آهي؟" هن گوگلر لاهيندي عرفان کان پڇيو.

"نه."

"مغل گورنرن جي وقت ۾ هيءُ شهر ايڏو رونق وارو ۽ آباد هو، جو هتي سڄي ايشيا مان آيل ماڻهن جا ٺٽ جا ٺٽ لڳا رهندا هئا توهان کي تاريخ پڙهڻ جو شوق آهي؟"

"بلڪل نه."

"اوهه!"

جڏهن اُهي ڪارن ۾ سوار ٽيئ لڳا ته بلقيس ڪيس آهستي چيو: "تون عرفان جي ڪار ۾ وڃي ويهه. مان ٽورو ادي نسيم وغيرهه سان گپ شپ ڪرڻ چاهيان ٿي. پر مان هن جي ڪار ۾ وڃي ويهندیس ته عرفان ۽ مان ٻئي خوامخواهه بيزار ٽيندا سين، خاص ڪري ادي نسيم جي سامهون. مان انهن سيني کي نادر جي ڪار ۾ سڏائي ٿي ونان."

۽ اٽين ٺٽي کان رواني ٽيئ وقت سيتا کي عرفان جي ڪار ۾ ويهڻو پيو. ٽيئي رشتيدار نادر ۽ بلقيس واري ڪار ۾ منتقل ڪيا ويا.

هاڻي اهي سڀ صحرا مان گذري رهيا هئا. سيتا عرفان کان پڇيو: "توهان انهيءَ ڏينهن مون کان سوال پڇيو هو ته مون کي ڪراچي ڪيئن

لڳي. هاڻي اهوئي سوال توهان کان مان ٿي پڇان تہ منهنجي سنڌ توهان کي ڪيئن ٿي لڳي؟"

هو مٽس نظر وجهي چپ رهيو.

"هاڻي مون کي اهو سوچي سوچي پريشاني ٿي رهي آهي تہ ڏيڍي مون کان سوال مٽان سوال ڪري منهنجو نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيندو تہ تو فلاڻي جاءِ ڏني، فلاڻي ڳوٺ مان لنگهي هُنيءِ. مسي ايترو چيو هو تہ پنهنجي جاءِ ڏسج تہ ڪهڙي حال ۾ آهي. مون تہ اها به نہ ڏني."

" تنهنجو ڏيڍي ڪراچيءِ ۾ ڇا ڪندو هو؟"

"ڊاڪٽر هو. رام باغ ۾ سندس ڪلنڪ هوندي هئي."

"رام باغ؟"

"رام باغ ڪراچي ۾ آهي. توهان ڏٺو ناهي ڇا؟"

"اڙي ها، جنهن کي آرام باغ چوندا آهن."

سامهون اُنن جو قافلو وڃي رهيو هو. هڪ ٻڪري رستو پار ڪندي ڪار جي اڳيان آئي تہ هن زور سان بريڪ هنيو. لوڏي اڇڻ سان سيتا تقريباً عرفان جي مٿان وڃي ڪري. "ساري." سيتا گهبرائجي چيو.

"قصور منهنجو هو، ٻڪريءِ جو نہ. اڃا، اڃا تنهنجو ڏيڍي ڏهليءِ ۾ پرنڪٽس ڪندو هوندو." عرفان به گهبراهٽ ۾ پنهنجي گفتگو جو سلسلو اتان کان ئي جوڙڻ چاهيو.

"جي نہ، هو ڪيترن سالن کان بيمار آهي، تنهنڪري ڪجهہ به نہ ڪندو آهي. منهنجو ننڍو ڀاءُ ڀِلائي جي اسٽيل مِل ۾ انجنير ٿي ويو آهي. هن ويچاري جي ڪري گذر سفر پيو ٿئي."

"اوهو!"

"هو سامهون ڏسو، اسين حيدرآباد ويندي گهٽوڪري هن وڻ هيٺيان ڪار بيهارينداسين. هتي ئي هڪ پيرو منهنجي ٽنگ ۾ ڏاڍو ڏک لڳو هو."

هو چپ چاپ ڪار هلائيندو رهيو.

"ڇا توهان کي اهو احساس ناهي تہ هيءُ منهنجو ديس آهي، منهنجون ٻنيون، منهنجا ڳوٺ، منهنجي پيرن جون مزارون؟" هن فڪر مندي سان پڇيو.

"مون کي خبر نہ هئي تہ تون ايتري قدر سينٽيمينٽل آهين." عرفان چيو.

"جڏهن بہ توهان دهلي ايندؤ تہ رستي ۾ جمنا جي پُل تان گذرندي مان ڏسنديس تہ توهان سينٽيمينٽل ٿيو ٿا يا نہ."

"مان يادن جي بيماريءَ کي ويجهو اچڻ نہ ڏيندو آهيان."

"چگو ٿيو جو اوهان مونکي اها ڳالهہ ٻڌائي ڇڏي!"

"ٻي ڳالهہ اها تہ مان دهلي بہ ڇو ايندس."

"ڇو تہ اُتي توهان جا ٽيڻ وارا ساهوار جو آهن."

"لاحول ولا قوة . تو وري پيڪن- ساهورن جو وظيفو شروع ڪري ڏنو. عورتن واريون پراٽيون ڳالهيون."

هن ڪار جي رفتار اڃا وڌيڪ تيز ڪري ڇڏي. هو بلڪل نادر جي ڪار کان اڳيان اڳيان پئي ويو ۽ خيال رکيائين ٿي تہ هن جي پٺيان نہ رهجي وڃي، جيئن ٻئي ڇٽا پوئين موٽر ۾ ويٺل جي نظرن جي سامهون هجن.

'ڪيتري قدر محتاط ماڻهو آهي.' سيتا سوچيو.

ڪجهہ دير خاموشي رهي. هڪ ٽرڪ ڏورڻ اڏائيندي پرسان لنگهي ويئي. هاڻي اهي هڪ قديم قبرستان جي پرسان لنگهي رهيا هئا.

"سموري سنڌ قبرن جو ملڪ آهي." عرفان ڪجهہ لمحن کان پوءِ پنهنجي خيال جو اظهار ڪيو.

"توهان کي خبر آهي تہ هيءَ ڪيترو پراڻو ملڪ آهي؟" هوءَ شايد سندس معلومات ۾ اضافو ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ٻيٺي هئي.

'سچ پچ ڏاڍي بڪ بڪ ڪندڙ چوڪري آهي. ڪجهہ دير مان ڪري نٿي ويهي سگهي؟ پر شايد انسان پنهنجي گهبراهٽ لڪائڻ لاءِ لاڪيتو ڳالهيون ڪندو ويندو آهي. ٽرڊ ڊگريءَ جو هڪ طريقو اهو بہ آهي.' عرفان سوچيو.

"نہ." هن زور سان چيو، "مان تاريخ ۾ هميشہ ڏڏ هوندو هوس."

"مون ٻڌائيندي هئي تہ پُراڻن ۾ لکيل آهي تہ راجڪمار سبيءَ جو اولاد بلوچستان ۾ پکڙيو ۽ اجوڌيا جي رامچندر جو پاڻ پرت، سنڌو ديس جي راج گديءَ تي ويٺو. هوءَ ڏاڍي يقين سان چوندي آهي تہ مهابارت کان پوءِ ڪلجُگ شروع ٿيو، جنهن کي انهيءَ کان پوءِ پُراڻن ۾ سنڌ جو ذڪر نٿو

ملي."

"اها ڳالهه آهي؟ پوءِ وڌيڪ ٻڌاءِ."

"جرجو نه ڪريو."

"اڙي نه نه، ٻڌاءِ نه . مان ڏاڍي دلچسپيءَ سان پيو ٻڌان."

"يوناني هن ملڪ کي انڊوسيٿيا چوندا هئا، چو ته لاڙ جا ماڻهو آريا نه، پر سٿين هئا."

"اها ڳالهه آهي! مون کي انهن ٻنهي نالن جي فرق جي خبر ناهي. مان ته آهيان اڻ ڄاڻ ماڻهو، پر تون ٻڌائيندي هل. تنهنجو آواز ٻڌڻ ۾ مون کي ڏاڍو لطف ٿو اچي."

"ڀلي گاڏ!"

هاڻي اُهي حيدرآباد جي ويجهو ايندا پئي ويا. "ويسٽ ايشيا کان آيل اهي ئي سٿين لوڪ ڪانياواڙ ۽ راجستان تائين پکڙجي ويا، جيڪي هاڻي راجپوت سڏبا آهن."

"اها ڳالهه آهي!"

"پراچين زماني ۾ ميرپورخاص ۾ برهما جي هڪ وڏي سُندر مورتيءَ جو مندر هو ۽ ملتان ۾ سُوريہ جو مندر هو. سيوهڻ ۾ پراڻن آرين شِو جا مندر جوڙيا هئا."

"تون ڪڏهن مندر ويئي آهين؟"

"ها، ننڈپڻ ۾ گهڻو ويندي هيس. تنڍوآدم ۾ بي شمار شِوالا هئا. انهيءَ ڪري اهو سنڌ جو ڪاشي سڏبو آهي. هيم ڪوٽ ۾ مهاديو جو مندر. ماسيءَ سان گڏجي هڪ پيرو ويئي هيس ۽ ڪلفٽن تي جيڪو مندر هو، اُتي مان شِوراتڑيءَ جي ڏينهن ممیءَ سان گڏجي ويندي هيس. منهنجي ڏاڏي ڪاليءَ جي گهٽي پوجا ڪندي هئي. اسان وٽ ڪاليءَ جي هڪ روپ کي ٽر مائي چوندا آهن، جنهن جو مطلب آهي، ٽر- ريگستان جي ديوي." پوءِ هوءَ چپ ٿي ويئي. ڪجهه دير کان پوءِ هن پاڻيهي ڳالهائڻ شروع ڪيو: "ممي وڏي رامر پڪٽ آهي. ڪراچي ۾ هئي ته ڏاڍي تمنا هيس ته تيرٿ ڪرڻ لاءِ اجوڌيا وڃي. جڏهن مون جميل سان شادي ڪئي ته ڪيس ٻڌايم ته جميل جو ڳوٺ تلسي پور، اجوڌيا کان فقط چار پنج ميل پري آهي. ڪيڏي نه عجيب

ڳالهه آهي!"

"ڪا خاص ڳالهه ته ناهي. تون زندگيءَ جي هر معمولي کان معمولي واقعي کي به حد کان وڌيڪ ڊرنميٽڪ بنائي ٿي چڏين."

"اوڪي اوڪي. توهان مون کي بلڪل مورک سمجهو ٿا. اسان وٽ سنڌيءَ ۾ هڪ چوٽي آهي ته عورت جو عقل سندس ڪُڙيءَ ۾ هوندو آهي ۽ سچ لهڻ کان پوءِ اُتان به نڪري ويندو آهي. توهان جو به شايد اهوئي خيال آهي! پر مان ته ساڻ ٻيلي به وينديس."

"ضرور وڃج. تون جذباتي سفر تي نڪتي آهين. هاڻي چا ٿو ڪري سگهجي!"

"شٽ اپ."

"هيلو! ڪجهه منهنجو ادب ڪر."

"لائيڪ هيل. (Like hell)"

"هڪ ڳالهه ٻڌاءِ."

"جي؟"

"توهان هندو پيپر جي تاريءَ وڻ تي وڙهڻ لاءِ چو تيار ويندا آهيو؟ هردوئيءَ ۾ جڏهن به تعزيو پير ۾ لڳو ناهي ۽ مٽاڻڙ ٿي ناهي."

"پير ۾ مهاديوجي جو رهي ٿو."

"اوهه، آءِ سي! " هو ٿهڪ ڏيئي ڪلي پيو. پوءِ، ڪجهه دير کان پوءِ هن چيو: "پير جي به اسان جي زندگين ۾ عجيب و غريب اهميت هئي. اسان چوندي هئي ته پير ۾ ڏاڙيون رهنديون آهن. پير جي هيٺ شهيدن جون مزارون هونديون هيون. هردوئيءَ ۾ منهنجي گهر سامهون پير جو جيڪو وڻ هو، اسان اسان ۾ارن کي ٻن وقتن جي ملڻ مهل، نماشام جو، انهيءَ جي هيٺيان ڪڏهن وڃڻ نه ڏيندي هئي، متان چانو نه ٿي پوي ۽ روز شهيد جي مزار تي چراغ روشن ڪرائيندي هئي." هن جو آواز جذباتي ٿي ويو هو.

"هاڻي سينٽيمينٽل ڪير ٿي رهيو آهي؟" سيتا چيو.

"شٽ اپ."

پري کان حيدرآباد جا منگهه نظر اچڻ لڳا.

"هاڻي سُون سُون ڪري روئڻ شروع نه ڪج. وٽ رومال."

عرفان کيسي ۾ هٿ وجهي رومال کڍيو. هوءَ کلي پيئي. سرڪٽ هانوس جي رستي ڏانهن کار موڙيندي هن سيتا کي چيو: "تون مون کي سنڌ جو داستان ٻڌائي رهي هئينءَ، اُهو ته پورو ڪر. سڀئين لوڪ آيا، پوءِ ڇا ٿيو؟"

هوءَ هٿ تي هٿ رکي سنجيدگيءَ سان ويهي رهي جڏ يونيورسٽي لئبريري ۾ ويسي هجي. "پوءِ هتي ٻُڌمَت خوب ڦهليو ۽ هتي سارسوت برهمڻ رهندا هئا ۽ راجپوت ۽ جاٽ، اروڙ شهر جا رهاڪو، مسلمان جي حملي جي وقت پنجاب پڄي ويا. منهنجي ممي لاهور جي اروڙا آهي. سنڌي، مسلمان ٿيڻ کان پوءِ به پنهنجي پراڻي مذهب جي عزت ڪندا رهيا. بيشمار درگاهون ٺهي ويسون. انهن سيني پيرن مان هڪ هڪ نالو هندُو هو ۽ هڪ هڪ نالو محمڊن"

"سچ ٻڌ؟"

"ها. راجا پرتري هري، لال شهباز جي نالي سان مشهور ٿيو. پير پنو، پير سلطان سڏجي ٿو. زندهه پير کي خواجا خضر سڏين. اڏيرو لال کي شيخ طاهر چون ۽ لالو جسراج، منگهو پير ٿي ويو."

"منگهو پير. اڙي اهوئي ڪراچيءَ وارو منگهو پير؟"

"جي ها."

"اهو ته ڪمال آهي."

"ڪڏهن توهان منهنجي ڏيڍيءَ سان ملو ته هو توهان کي اهي سڀ قصا ٻڌائيندو. ڪيس سنڌ جي هسٽريءَ جي گهٽي ڄاڻ آهي. هاڻي به اڪثر وينو ڇڇ نامو پڙهندو رهندو آهي."

"اڇا ٻڌاءِ."

"بس، جيئن هندُن وٽ هر شيءَ جو ڪو نه ڪو ديوي ديوتا ايجاد ڪيو ويندو آهي، تيئن مسلمانن وٽ به هر شيءَ جا جدا جدا پير بنجي ويا. راڻن جا پير، متيءَ جي برتن جا پير، پينگهي جو پير. سموري سنڌ پيرن جو ديس ٿي ويو. نانگن جي منتر جنتر جا ڄاڻو جوگي سڀ مسلمان هوندا هئا، پر شو جي فرقي سان تعلق ٿي رکيائون ۽ گرو گورکنات کي مڃيندا هئا. انهيءَ سان گڏو گڏ رمضان جو مهينو هندُن لاءِ پوتر ٻڌجي ويو ۽ اُهي تعزين جي اڳيان نذر و نياز چاڙهڻ لڳا. توهان وٽ به ائين ٿي ٿيندو هوندو؟"

"ها."

"مذهب سچ پچ اسان لاءِ اوائلي سوين سالن تائين زبردست آفيسر جو ڪم ڪيو آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ گولي بارود جو."

"هاڻي تون پنهنجي تقرير متان شروع ڪرين. مون کي ڏاڍي بک لڳي آهي. سرڪٽ هائوس پهچندي ئي مانيءَ جو انتظام ڪر منهنجي لاءِ."

"توهان کي سمجهائڻ بلڪل بيڪار آهي. ري ايڪشنري!"

رات جو مانيءَ کان پوءِ نادر، سيتا کي سگريٽ ڏکائي ڏنو ۽ هوءَ بلقيس ۽ بيا ڳالهيون ڪندا ڊرائنگ روم ۾ هليا ويا. هوءَ ميز تي ويهي گلدان مان هڪ گل ڪيي انهيءَ جون پنکڙيون جدا ڪندي رهي. عرفان سامهون ڪرسيءَ تي آهلجي ڪيس سگريٽ جا ڪش لڳائيندي ڏسي رهيو هو.

"مون کي خبر نه هئي ته تون ڪو سگريٽ به چڪيندي آهين."

"انهي 'به' جو ڪهڙو مطلب آهي؟"

"ڪجهه نه. تون، تون هن وقت ضرورت کان وڌيڪ اُداس آهين. تو هتي جو باغ ڏٺو؟ ڪيڏو نه خوبصورت آهي!"

"جي."

"اڄ چانڊوڪي رات آهي، انهيءَ کي پاڻ وڌيڪ وٺي ٿو."

"جي."

ڊرائنگ روم مان ٽهڪن جا آواز اچي رهيا هئا.

عرفان کي سمجهه ۾ نٿي آيو ته ڪيس کهڙي طرح خوش ڪري. نفسيات جي ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جيڪڏهن انسان جا مونجهارا متائڻا هجن ته سائس ننڊپڻ جون ڳالهيون ڪريو.

"مون کي ڪجهه پنهنجي ننڊپڻ بابت ٻڌاءِ." هن وڏي ماهرِ فن وانگر پڇيو.

"توهان ته ائين پيا پچو جڻ يُنگ جو روح توهان ۾ داخل ٿي ويو آهي."

"ها ها ها." هو وري پنهنجي ڪوڪلي ڪِل ڪلڻ لڳو.

"پوءِ توهان پنهنجي ننڊپڻ بابت ٻڌائيندؤ. معاف ڪجو، اها به تمام

پراڻي ٽيڪنڪ ۽ گسيل سچوئيشن آهي."

" لاحول ولا قوة. تون ته ڪا بہ ڳالهہ ئي ڪرڻ نٿي ڏين. توکي بيريسٽر هٿ.گهربو هو."

جميل بہ ڪيس پنهنجي نندپڻ بابت ٻڌايو هو. هن ڏاڍي جذباتي آواز ۾ چيو هو: "اسان جو گهر گهاگهرا کان ٽورو پريرو آهي. منهنجي ماءُ ماني ڏاڍي لذيذ پچائيندي آهي. منهنجي ننڍي پيڻ جو نالو قيصر آهي - وڏي ڏاڻ آهي. هاڻي ته هوءَ وڏي پاءُ سان گڏ پاڪستان هلي وينی آهي. مان ڪيس ڏاڍو ماريندو هوس. هڪ پيري ڪيس وٽي وڃي مٽي ڪمري ۾ بند ڪري هينيان ڪڙو ڏئي ڇڏيم. پوءِ منهنجي بہ چگي دُرگت ٿي. منهنجون بہ ماسيون آهن. ادي فرخنده، ننڍي ماسي جي ڏيءَ آهي. ادي فرخنده وڏي ديش پڇت ۽ وڏي گريٽ ماٿو آهي - بلڪل ديوي آهي هڪدم. تون ساٿس دهليءَ ۾ ڪڏهن ملڻ نہ ويئي آهين؟ مان چاهيان ٿو ته تون بہ هن جهڙي ٻڍجي پؤ. سندس ننڍي پيڻ جو نالو بلقيس آهي. مان ۽ بلقيس تُلسي پور ۾ وڏي بابا جي باغيچي ۾ وڃي خوب زيتون چوري ڪندا هئاسين ۽ جڏهن نياڳي قيصر وڃي چغلي هڻندي هئي ته..."

فضول، فضول وقت گذري ويو.

پر اوڏيءَ مهل هن محسوس ڪيو ته سندس تلخ لهجي عرفان کي رنج پهچايو هو. هن سچ پچ عرفان جي خلوص جو جواب بد تميزيءَ سان ڏنو هو ۽ هن کيس ناراض ڪرڻ نٿي چاهيو. هن ته جميل کي بہ ناراض ڪرڻ نٿي چاهيو. پوءِ هي چا ٿيو!؟

"مان، مان هن حيدرآباد ۾ پيدا ٿي هيس." هن ٽورو ڏوهہ جي احساس هيٺ چوڻ شروع ڪيو ۽ اکين جا چپر ڪٽي ڪيس ڏانئين ته هو ٻڌي بہ ٿو يا نہ. "اسان چار پائر پينر هئاسين. اسان چار..." پوءِ سندس آواز نڙيءَ ۾ اٽڪي ويو.

"دراصل،" عرفان کيس چيو، "مان ورهاڳي کان اڳ ڪڏهن بہ سنڌ نہ آيو هئس، تنهنڪري ڪوٽي ڪوٽي تو کان سوال مڳان سوال پيو پچان. مون کي ڪا خبر ناهي ته اڄ وراهيل هندستان ۾ لاهور ۽ پشاور ۽ ڪراچي ۽ حيدرآباد سنڌ ڪهڙا شهر هٿا ۽ اتان جا رهواسي...."

"انهن شهرن مان هڪ جي رهواسيءَ ته مان پاڻ ئي توهان جي سامهون موجود آهيان."

'رهواسيءَ' تي هو بي اختيار کلي پيو ۽ ڏاڍي پيار سان سيتا کي ڏسڻ لڳو. "والله، تون به خوب شيءِ آهين."

پوءِ هن چيو: "دراصل سيتا تون مون کي بيحد غيرجذباتي سمجهين ٿي. پر جلاوطن جو مسئلو مون کي به ڏاڍو پريشان ڪندو آهي. مغربي برلن ۽، هانگ ڪانگ ۽، هر هنڌ مون پناهگيرن کي ڏٺو آهي. امريڪي شهرن ۾ مشرقي يورپ مان پڳل ماڻهن سان مليو آهيان، جاردان ۽ فلسطيني مهاجرن جي حالت ڏٺي اٿم. ۽ مان جيڪو ڳالهه ٻولهه ۽ توسان اڪيو ٻيئو آهيان ۽ تنهنجي هر ڳالهه چرچي ۽ تارڻ چاهيان ٿو، انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اسان هڪ اهڙي دؤر ۾ زنده آهيون، جنهن ۾ چاليهه ڪروڙ ماڻهن جي نفسيات هڪدم بدلجي ويئي آهي. سنڊن خيال، نظريا، جذبا، رد عمل. منهنجي ۽ تنهنجي وچ ۾ هاڻي ڪو قدر مشترڪ بچيو ناهي. مون کي ڪا خبر ناهي ته تون چا ٿي سوچين، چا ٿي پڙهين، چا ٿي ڪرين؟ جڏهن بلقيس پنهنجي ٽينٽريڪل مصروفيتن جو ذڪر ڪندي آهي، تڏهن اڃين لڳندو اٿم، جڏ ٻيءَ دنيا جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هجان. چڏينس، اسان وري پالٽيڪس شروع ڪري ڏني، جنهن کان مون کي نفرت آهي."

"توهان منهنجي نديءَ بابت پئي پڇيو؟"

"ها ها."

"اسان چار پائر پينر هئاسين." هن فرمانبرداريءَ سان وري ٻارن وانگر جڏ سبق ٻڌائڻ شروع ڪيو، "پهرين اسان هتي حيدرآباد ۾ رهندا هئاسين. هيرآباد ۾ اسان جو گهر هو، جيڪو اسان جي ڏاڏي ٺهرايو هو. پوءِ ڏيڏي ڪراچيءَ ۾ پرئڪٽس شروع ڪئي ۽ اتي گهر به ٺهرايائين. مان گرئمر اسڪول ۽ انهيءَ کان پوءِ سينٽ جوزفز ڪاليج ۾ پڙهندي رهيس. اسانجو ڪٽمب وڏو خاندان هو. چاچا، ماما ۽ ماسيون. انهن مان ڪي عامل ڪالوني ۾ رهندا هئا ۽ ڪي لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾. منهنجو پاءُ فقط هڪ آهي ۽ به پيٽون اٿم. اهي ٽيني پارٽيشن جي وقت گهٽو ننڍا هئا." پوءِ سنڊس آواز اُداس ٽيندو ويو. "اُنهيءَ سال اسان جهاز ۾ ڪانياواڙ جي هڪ پورٽ تي

وڃي لٽاسين. آگسٽ کان پوءِ وارن تن مهينن ۾ لکين شرنارٿي هوائي جهاز، ريل ۽ سمنڊ رستي هتان ويا هنا."

"انهيءَ زماني ۾ ترين هلندي هئي؟"

"جي ها. اسپيشل ريفوجي ترين هلائي هئائون جيڪا ميرپور خاص کان مارواڙ جنڪشن تائين ويندي هئي. اُتي ترانزٽ ڪيمپون قائم ڪيون ويون هيون. جيڪي ماڻهو هتان ويا، اُهي گهٽو ڪري شهري واپاري هنا. ڪليل زمين تي رهڻ، انهن جي لاءِ ڏاڍو مشڪل هو. اهي سيني بمبئي پريزيڊنسي، مڌيه پرديش ۽ راجستان جي ريفيوجي ڪيمپن ۾ موڪليا ويا. منهنجا مائٽ احمد آباد، جوڌپور، ونڊيا پرديش ۽ الاڄي ڪٽي جو ڪٽي پکڙجي ويا. گهڻا سنڌي شرنارٿي پوپال موڪليا ويا."

"توهان ڪٽي وڃي رهيا؟"

"اسين پهرين گانڌي ڌام ۾ رهياسين، پوءِ الهاس نگر ۾. اهي سنڌين لاءِ نيون سيٽلمنٽ وسايون ويون هيون. گانڌي ڌام ئي ۾ ڊيڊي تمام سخت بيمار ٿي پيو. سيني سنڌي شرنارٿين وانگر ڪيس ۾ سالن تائين مالي امداد ڏيندا رهيا. اها امداد 1950ع جي شروع ۾ بند ٿي ويئي. ڪن ڪيمپن ۾ بيمارن ۽ پوڙهن کي رکيو ويو هو. ڊيڊيءَ کان پوءِ اسان سيئي دهلي آياسين. انهيءَ وقت تائين سڀ شرنارٿي ڪاروبار جي ڳولا ۾ سموري هندستان ۾ پکڙجي چڪا هنا." هن هڪ ڊگهو ساهه ڪنيو.

ڊرائنگ روم ۾ هاڻي رمي شروع ٿي ويئي. عرفان سگريٽ ڪايو پر ڪيس پيش نه ڪيائين.

"هاڻي اسان اُهي ماڻهو آهيون، جن جو ڪو پنهنجو ديس ناهي. پنجابين کي گهٽ ۾ گهٽ مشرقي پنجاب ته مليو."

"تنهنجو ڊيڊي هاڻي ڪجهه به نه ڪندو آهي؟"

"نه، مون ٻڌايو نه، ته هو مستقل بيمار گذاري ٿو. اسان عامل گهٽو ڪري ڊاڪٽر، وڪيل، پروفيسر- اهڙا ماڻهو هناسين. توهان وٽ ڪانسٽ آهن نه يو- پيءِ ۾، اهڙي طرح اها به هڪ ڪاسٽ هئي. ڪلهوڙن ۽ تالپورن جي حڪومت ۾ اهي ئي ماڻهو سموري انڊمنسٽريشن هلائيندا هنا، انهيءَ ڪري عامل چوائن ۾ آيا."

"توهان ڪير آهيو، برهمڻ؟"

"نہ. عامل ڪتري ٿيندا آهن، پر هن لڏ پلاڻ جي ڪري سڀ طبقا هيٺ مٿي ٿي ويا. عاملن ۽ برهمڻن کي به اُتي فٽ پاٽ تي دڪان کولڻا پيا. پراڻيون ريتيون رسمون، پير فقير، درگاهون، مندر، سڀ هتي رهجي ويا. هتي جو اصل مذهب صوفي ازم هو. انهيءَ صوفي ازم جي اثر ڪري اسان ڪٽر قسم جا مذهب پرست ڪڏهن به نہ رهيا آهيون."

چند منٽن تائين هوءَ ميز جي چادر تي ڪانٽي سان ليڪون ڪيندي رهي.

"تون سنڌي پڙهي سگهندي آهين؟"

"ها بلڪل. توهان چا ٿا سمجهو ته مان ايڏي ميمر صاحب آهيان جو پنهنجي ٻوليءَ ۾ نٿي ڄاڻان؟ توهان ته هتي سنڌي ضرور سکي ورتي هوندي؟"

"نہ." عرفان ڪجهہ هيڪي جواب ڏنو. وري پڇيائين: "تنهنجو ڊاڪٽريٽ ۾ ڪهڙو مضمون هو؟"

"اهوئي 'سنہ 1947ع ڪان پوءِ هندستان جو سماجي انقلاب.' توهان وٽ به انهيءَ سبجيڪٽ تي ڏاڍو ڪم ٿيو هوندو. مونکي ڪجهہ ڪتابن جا نالا ٻڌائجو. منهنجو موضوع 'پنجاب جا شرنارٿي' هو."

"هاڻي سادا ٻارهن وڄن ٿا، وڃي سمهہ."

"بهتر." هوءَ ساڳي فرمانبرداريءَ سان اٿي ۽ ڪيس 'گڊنائيٽ' چئي پنهنجي ڪمري ڏانهن هلي ويئي.

صبح جو هوءَ نيرڻ ڪانپوءِ وراندي ۾ بيٺي هئي ته ايتري ۾ سرڪٽ هائوس جو مالهي گل ڪٽي آيو. عرفان سندس پرسان بيٺو هو. "بيگم صاحب لاءِ گل ڪٽي آيو آهيان سائين!" مالهيءَ چيو.

"چڱو. بيگم صاحب کي ڏينس." عرفان مشڪي جواب ڏنو. هوءَ تيزيءَ سان اندر هلي ويئي.

موٽرن ۾ سوار ٿيڻ وقت عرفان کيس چيو: "ڪالهہ تو منهنجو ڏاڍو دماغ ڪاڏو آهي. اڄ مان ٽورو آرام ڪرڻ ٿو چاهيان، انهيءَ ڪري تون نادر

سان گڏجي وڃ"

جنهن وقت اهي سڀ خيرپور مان گذريا پئي تہ سيتا هڪدم چيو: "مان پير الله بخش جماليءَ سان ملڻ چاهيان ٿي."

سڀني کيس سوالي نگاهن سان ڏٺو.

هن بيگ مان نوٽ بوڪ ڪڍي ڏس پتو ٻڌايو. "ڏيڍيءَ جو دوست هو. ڏيڍي چيو هو تہ ٻئي ڪنهن سان نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هن سان ضرور ملج."

گهٽي دير تائين اهي پير الله بخش جمالي جو بنگلو ڳولينڊا رهيا.

"هلو، سرڪٽ هائوس هلي، اتان پڇا ڪرايون." بلقيس رٽ ڏني. اسٽيٽ گيسٽ هائوس ويندي کين پير صاحب جو بنگلو نظر اچي ويو.

شام جي چانهہ کان پوءِ هڪدم اونداهي ڇانڀجي وئي.

"مون کي وسري ويو هو تہ سياري ۾ سڃ جلدي لهي ويندو آهي." نادر چيو، "هلو، هاڻي توهان کي توهان جي پير صاحب وٽ ٿا ڇڏيون. ادا عرفان، توهان پاڇاڻيءَ کي وٺي وڃو. اسان جي هن سموري جڃ جي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟"

"هاڻي تون وري منهنجي مٿان سوار ٿي وئينءَ." عرفان ڪار جو دروازو کولينديءَ کيس آهستي چيو، "منهنجو خيال هو تہ هاڻي جند ڇٽي."

پير صاحب جي بنگلي تي پهچي هن سيتا کي چيو، "تون اندران ٿي اچ، مان ڪلاڪ کن کان پوءِ اچي توکي وٺي ويندس."

"واهہ! توهان ڇو نہ هلندؤ؟"

"مون کي سنڌين سان ملندي ذرا گهبراهٽ ٿيندي آهي." عرفان شڪي ٿي شرمندگيءَ سان چيو.

"اها ڳالهہ آهي!"

"تون ني ڪٿي ٻڌاءِ، هو هوندو پراڻي قسمر جو 'اصلي تي وڏو' وڏيرو. نہ مان سندس ڳالهہ سمجهي سگهندس ۽ نہ وري هو منهنجي سمجهندو. ۽ اها تہ ڏاڍي زيادتي ٿيندي جو ٻاهران اچي تو کي هن جي جذبن جي ترجماني ڪرڻي پوي."

سيتا ڪار ۾ ويٺي وڃي باغ جي گهاٽن وڻن کي ڏسندي رهي. "مان ننڍپڻ ۾ ڏيڍيءَ سان گڏ هٿتي ايندي هيس. ڏيڍي پير صاحب جو فيملي

ڊاڪٽر هو. اسان جو ڏاڏو حيدرآباد جو مشهور وڪيل هو. هربخش ميرچنداڻي جو نالو توهان اڳ ۾ ٻڌندا هوندؤ."

هن اهو نالو نه ٻڌو هو تنهنڪري سڳريٽ ڏڪائي خاموش رهيو.

"منهنجو ڏاڏو، پير صاحب جو قانوني مشير هو. پيڙ وڏيرن وانگر پير صاحب ۾ مستقل مقدما وڙهندو هو."

عرفان هارن وڃايو پر چوطرف سناٽو ڇانيل هو.

سيتا وري ڳالهه شروع ڪئي: "توهان کي خبر آهي..."

"نه، خبر نه اٿرا" عرفان مشڪي سندس ڳالهه ڪٽي.

"توهان کي خبر آهي ته انگريزن جي زماني ۾ هندُن ڏاڍي ترقي ڪئي۽ هندُو واپارين وٽ مسلمان تقريباً گروي هئا. سندي مسلمانن جو ڪو مڊل ڪلاس ڪو نه هو ۽ اهي وڏيرا اهڙي۽ طرح پنهنجي فيوڊلزم ۾ قلعا ٻڌي ويهي رهيا ۽ شايد اڳ تائين اهڙي طرح وينا آهن."

"سموري هندستان جي هندو مسلمانن جي اها ئي هڪ ڪهاڻي هئي. شايد انهيء سبب ڪري پاڪستان نهيو." عرفان وراٽيو.

"ننڍپڻ ۾ مان پير صاحب جي زالن جا زيور ۽ لباس ڏسي حيران ٿي ويندي هيس ته اهي ڪُيتري قدر بڻڪ ورڊ ۽ ڪيڏا دولت مند آهن، جنهن جو توهان اندازو نٿا لڳائي سگهو."

هڪ مُڇن وارو سنڌي ملازم، وڏي گهير واري ڪاري شلوار ۾ اندران نڪتو. هن هٿ ٻڌي ٻنهي کي سلام ڪيو ۽ ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويو. سيتا جلدي اندر زنانخاني ۾ هلي ويئي. عرفان هڪ صوفي تي ويهي رهيو. ڪمرو قيمتي فرنيچر سان ڀريو پيو هو. فرش تي اعليٰ ترين غاليچا وڇايل هئا. نرم ريشمي پردن تي سونهري ڊوريون ٻڌل هيون. ڪجهه دير کان پوء پنڌي ڏاڙهي ۽ وڏين اکين وارو پير الله بخش جمالي اندران ٻاهر آيو ۽ جهُڪي ٻنهي هٿن سان عرفان سان ڪيڪار ڪري خاموشيء سان صوفي تي ويٺو. ايتري ۾ چانديء جي ٽِي ـ سيٽ ۾ چانهه آئي ۽ هُن هيڏانهن هوڏانهن جي ڳالهين کان پوء ملڪي سياست تي اجائي سجاڳي گفتگو شروع ڪري ڏني. اهو سر فيروزخان نون جي وزارت جو زمانو هو ۽ ملڪ ۾ افراتفري متل هئي.

پوء هو اُٿي اندر ويو ۽ سيتا کي پاڻ سان گڏ ونيو واپس آيو ۽ وڏي

ريشمي رومال سان لڙڪ اڳهي، سيتا جي مٿي تي هٿ گهمايائين. جڏهن سيتا پير صاحب سان سنڌيءَ ۾ ڳالهيون پئي ڪيون تہ ان وقت عرفان کي شدت سان محسوس ٿيو تہ هو ان جاءِ تي ڪيترو نہ اجنبي هو.

مڃن واري ملازم هڪ وڏي اٽيچي ڪيس ڪار ۾ رکي. ڪار اسٽارٽ ٿيڻ کانپوءِ عرفان چرچي ۾ پڇيو: "ڏاڍا وڏا تحفا هٿ ڪيا اٽيني!"

"مون ڏنو بہ ناهي. هن ڏيڊي، ممي ۽ منهنجي لاءِ جدا جدا الائجي ڪهڙيون شيون ڏنيون آهن. ڏاڍو قيمتي سامان هوندو! اهي ماڻهو ڏاڍا جذباتي ۽ بي حد مهربان آهن."

"تون جڏهن جو ايترو قدر ڪرين ٿي ۽ مٿان وري پاڻ کي منطقي پٽرو ٿي ڪرين فراڊ!"

ٻئي ڏينهن سنڊن قافلو خيرپور شهر مان لنگهي رهيو هو. رستي جي ٻنهي طرفن کان پراڻين سرن جون اداس عمارتون هيون، جن جي محرابن جي هيٺيان پوڙهَا باوقار سنڌي بيٺا هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. انهن سپني هٿ جوڙيا ٿي ۽ جهَڪي آواز ۾ ۽ جهيٽي موسيقي ريز لهجي ۾ گفتگو ٿي ڪيائون. ڏاڍي عجيب، اُداس نرم ۽ ڏيمي تهذيب هئي، جيڪا عرفان انهيءَ ملڪ ۾ نوَ سال رهڻ جي باوجود اڃا تائين ڏٺي نہ هئي.

"ڪمال آهي!" عدالت جي اڳيان گيئر متاڻيندي هن سيتا کي چيو.

"واقعي عجب جهڙي ڳالهہ آهي جو مان هن ملڪ جو رهواسي آهيان ۽ تون غير ملڪي آهين."

"پر مون کي هاڻي اها صورت حال ڏسڻ جي عادت پنجي چڪي آهي. گذريل پيري جڏهن مان نيو يارڪ کان جميل سان گڏ هندستان آئي هيس تہ وچين ماسي پنهنجي پاڻيجيءَ سان ملڻ لاءِ ڪراچي کان فيض آباد آئي هئي ۽ هن مون کي سموري لکنؤ جو سير ڪرايو هو ۽ تلسي پور ۽ چاندپور جي پراڻين ريتين ۽ رسمن کان روشناس ڪرايو هئائين، پر فيض آباد کان لکنؤ پهچندينِ هڪ غير ملڪيءَ جي حيثيت سان ڪيس پوليس اسٽيشن ۾ پنهنجي اچڻ ۽ انهيءَ کان پوءِ روانگيءَ جو اطلاع درج ڪرائڻو پيو هو."

سنڊ جي شهرن ۾ هر طرف اداسي ۽ بي رنگي ۽ ريتي ۽ ڏوڙ هئي.

انگريزي عهد جون يادگار ضلعن جون عمارتون، سول لائينز جي مٿيهاڻن رستن جي پاسن کان خاموش بينگلين هيون. انگريز سموري ننڍي کنڊ ۾، پشاور کان وٺي مدراس تائين ۽ بهار کان وٺي سنڌ تائين، ضلعن جي طرز تعمير ۽ ماحول ۾ مسلسل جو هڪ جهڙو پٽرن ٺاهي روانا ٿي چڪا هئا. اُهي ٿي ڪچهريون، اُهي ٿي باغ، اُهي ٿي ڊاڪ بنگلا، اُهي ٿي ريلوي اسٽيشن جا ڪول تار سان ليپيل ويٽنگ روم ۽ انهن جو هڪ جهڙو واهيات فرنيچر.

سکر جو اهو سرڪٽ هائوس جنهن ۾ اهي سپ هاٿي اچي ترسيا هئا، بلند شهر يا بلاسپور يا گيا، کنهن به جاءِ تي کٽي رکي سگهيو ويو ٿي. اُهو ٿي بٿرو هو، جنهن سامهون اچي وڏي صاحب کي سلام ڪرڻ کانپوءِ پڇيو ٿي ته ماني ڪهڙي مهل کائيندؤ. سندس نالو ڪُربچن هجي يا رسول بخش، مالهيءَ جو نالو چراغ دين هجي يا رام رکيو . پر دنيا بدلجي چڪي هئي، انسان بدلجي ويا هئا. ڇا سچ پچ انسان بدلجي ويا هئا؟ انهيءَ سوال جو جواب ديانت سان ڏيڻ لاءِ ڪير به تيار نه هو.

"مان ساڻ ٻيلي ويندس. مان اُتي هميشه هر سال ميلي ۾ ويندي هيس ۽ خوب ميوزڪ ڪمپيٽيشنس ٿيندين هيون." سيتا ورجايو.

شام جي وقت لانچ ۾ ويهي، اُهي دريا پار ڪرڻ لڳا. پريان ساڻ ٻيلي جي ٻيٽاري، وڏي جهاز وانگر لهرن جي وچ ۾ بيٺي هئي. ڪناري تي پهچي، اُهي ڏاڪڻ چڙهيا. ڪناري تي ڪافي وڏو پويلين هو، جنهن جي ديوارن تي، ڪبير جون ٻاٿيون اُکريل هيون. مٿاهين تي عمارتون سُنسان هيون ـ بيشمار ننڍا وڏا مندر ۽ شوالا، چوڪرن جو هاسٽل، ڪلب هائوس. سيتا، عرفان سان گڏجي چوطرف گهمندي ڦرندي رهي. پارٽيءَ جا ٻيا همراهه ٽڪجي هيٺ هڪ بينچ تي ويهي رهيا هئا.

"مون کي ياڃائيءَ تي ڏاڍو ترس ٿو اچي." سيتا کي اُتاهين تي هڪ اوندهي مندر جي ڏاڪڻ چڙهندو ڏسي نادر چيو.

مندرن جي ديوارن تي عجيب عجيب خوفناڪ ۽ ڪلٿهاب شڪل وارين مورتين هينيان پينسل سان طرح طرح جا جملا لکيل هئا:

'ديوي ماتا! مان هندستان وڃي رهيو آهيان، مون تي پنهنجي دِيا ڪج.' - هري ڪيولراماڻي. 12 نومبر 1947ع.

'پگوان! مان اڄ تنهنجو در چڏي اندريا پڇيو تو وڃان. مون کي معاف ڪج. - منگهالال گوورڌن داس. 25 سيپٽمبر 1947ع.

ماتا! مان توکي چڏي وڃي رهيو آهيان. هاڻي ڪڏهن پرساد چاڙهي نه سگهندس. منهنجي اولاد تي دیا ڪندي رهج.

رام سڄديو خوبچند. 19 ڊسمبر 1947ع.

سيتا ۽ عرفان، ڳولي ڳولي انهن دردناڪ جملن کي پڙهندا رهيا، ايتري قدر جو سڄ مهراڻ جي لهرن ۾ ٻڏي ويو.

ٻي اُتاهين تي بڙ جي هيٺيان هڪ اونداهو مندر هو. اندر ڪُهپ اونداهيءَ ۾ ريشمي ڪپڙن ۾ راڌا جي آدم قد مورتي اونڌي منهن پيئي هئي. عرفان کي ڏاڍي وحشت ٿي. "هاڻي ٻاهر اڃ." هن جلدي چيو.

هيٺ لهي ڪلب هائوس جي مرمرين ڏاڪڻ تي ويهندي سيتا بي اختيار کانئس پڇيو: "هيءَ جاءِ پوتن جو شهر ناهي؟ منهنجي ڏاڏي مون کي اڪثر رات جو چوندي هئي ته اڃ مون تنهنجي لاءِ ڏاڍو سٺو سپنو ڏٺو. رات ڪنهن گوسائين مهراج جي نيڪ آتما گهر جي مٽان لنگهي هوندي. يا مون اڃ تمام خراب سپنو ڏٺو. ڪنهن موچيءَ جو بدروح مٽان لنگهيو هوندو. سندس چوڻ هو ته ڪي بدروح ٻارن جي شڪل ۾ نڪرندا آهن، جن جي هٿن ۾ چار چار آڱريون هونديون آهن ۽ بدروح هوا ۾ ڏيائين وانگر ٻه اُڏامندا آهن. هيڏانهن ڏسو، ڪٿي هوا ۾ ڏيائيون ٻري رهيون آهن؟ ساڌٻيلو منهنجي سڄيءَ قوم جو قبرستان آهي."

هوءَ اُٿي ٻيءَ ڏاڪڻ تي وڃي ويٺي. "ڪيڏي اونداهي آهي! هن اونداهيءَ ۾ منهنجون سڀ آرزوئون، سڀ آدرش، سڀ پچتاوا اڳيات بيتال (جن پوت) وانگر جڳمڳائين ٿا. هاڻي مون اکيون بند ڪيون ته مون کي ائين لڳو جڻ پيرو جي سواريءَ جو ڪتو، ڪاٺ جي وهٽ تي سوار ٿي، قبرستانن ڏانهن ويندڙ ڏاڻين، هزارين ورهين جي مري ڪپي ويل روحن، سيني گڏجي مون کي چئني طرفن کان گهيرو ڪيو آهي ۽ مان تمام جلدي مري ويندیس." هن وسامجي عرفان جو هٿ جهلي ورتو.

"اسان وٽ هڪ وڏي پوائتي رسم هئي." هن ڪجهه ڪن رکي وري چوڻ شروع ڪيو، "جيڪڏهن جيڪو ماڻهو ڪنوارو مري وڃي ته ڪيس

ڳاڙهي ڪپڙي ۾ ويڙهي شمشان پوميءَ ڏانهن ڪٽي ويندا هئا ۽ زور زور سان دهل وڄايو ويندو هو، جڻ هن مؤت سان لاتون لڏيون هجن."

"هيءَ سامهون سنڈو پيپو وهي. اسان جي ماٹهن جو عقيدو هو تہ انهيءَ جي اولهہ ۾، جتي چنڊ لهي ٿو، اُتي موت جو ديس آهي ۽ هر سنڈي جيڪو مري ٿو، اُنهي ڳئو ماتا وسيلي، جيڪا هن زندگيءَ ۾ برهمڻ کي دان ڪئي هوندي، انهيءَ جي پڇ ۾ چنبڙي، هن دريا مان پار لنگهي ويندو. پڌي جي پورٹماسيءَ جو سندس آتما انهيءَ ڪشتيءَ ۾ سوار ٿي واپس ايندي، جيڪا سندس گهر وارا پورٹماسيءَ کان ٻہ ڏينهن اڳ سنڈو درياءَ ۾ چڏي ايندا هئا.

"چيٹ مهيني ۾ وڏو ميلو لڳندو هو. دراصل سپ کان وڏو خدا، اهو دريا ئي هو، چو تہ ريگستان ۾ وهندو هو، جهڙي طرح پراچين مصري، نيل کي ديوتا مڃيندا هئا. انهيءَ سکر ۾، مڇيءَ جي پُڻيءَ تي سوار دريا- ديوتا جو مندر هو، جنهن کي مسلمان دريا پير ۽ خواجا خضر چوندا هئا. ڏکڻ پنجاب جا هندو انهيءَ کي 'دريا صاحب' چوندا هئا. ذرا سوچيو: ڪيڏا فيسينيٹنگ عقيدا هئا! نانگ ديوتا لاءِ اهو چوڻ ۾ ايندو هو تہ اُهو نٹي کان اڳتي سنڈوءَ جي ڪناري تي رهي ٿو."

انهيءَ رات هوءَ سکر بيراج تي بيهي ڇڇ دير تائين سنڈوءَ جي ڪهاڻي ٻڌانيندي رهي ۽ پوءِ هڪدم اوچتو خاموش ٿي وئي. ان وقت عرفان ڏٺو تہ هوءَ انهي عظيم الشان باجبروت بند جي ديوار تي جهُڪي بيحد اڪيلي، بيحد ڪمزور ۽ بيحد اجنبي لڳي رهي هئي. مهراڻ جي سمنڊ جهڙين چولين ۾ گهيريل، ميلن ۾ ڦهليل پُل جي روشنيءَ جي جهرمر ۽ صدين تائين ڦهليل صحرا جي وسعت ۾ وڇايل ويڇاري چوڪري!

هيٹ سنڈو چاندوڪيءَ ۾ لهرون هٹي رهيو هو. ٻنهيءَ ڪنارن تي روهڑيءَ ۽ سکر جون روشنيون جڳمڳائجي رهيون هيون. پل تان موٹرن، تانگن، بسن ۽ سائيڪل سوارن جو وهڪرو لنگهي رهيو هو. نومبر 1957ع جي سنڈ جي اها دنيا، تمام مختلف هئي- ايتري قدر مختلف، جو انهيءَ ۾ قرول باغ دهليءَ کان آيل سيتا ميرچنداڻيءَ لاءِ کا پنهنجائپ نٹي ٿي سگهي.

"توهان جام تماچيءَ ۽ نوريءَ جي کهاٽي ٻڌي آهي؟" هن هڪدم عرفان کان پڇيو.

"نه."

"شاهه سائين چيو آهي..."

"شاهه سائين کهڙو؟"

سيتا حيرت مان ڏانهس ڏٺو. "توهان کي خبر ناهي؟ شاهه عبداللطيف جي خبر نه اٿو؟" هن آهستگيءَ سان پڇيو.

"ٻڌاءِ ٻڌاءِ."

"نه. رهڻ ڏينس." هن جهڪي آواز ۾ جواب ڏنو، "هلو ته واپس هلون. سيءَ پيو پوي. نادر، اڳيان کهڙو استاپ ايندو سياڻي؟"

سنڌ مان روانو ٿي نڪرندي نادر کيس چيو: "ڀاڄائي، توهان جي سنڌ جو به خوب سير ڪيوسين. ادا عرفان ته توهان جي پيرالله بخش جماليءَ جي زيارت به ڪري آيو."

"سنڌ نه منهنجي نه پير الله بخش جماليءَ جي. سنڌ جا اصلي والي وارث اُهي هاريءَ آهن جن جي باري ۾ سوچڻ جي توهان اڄ تائين ضرورت ئي نه سمجهي هوندي." سيتا وراڻيو.

"انقلاب زنده بادا!" نادر خوشيءَ مان نعرو هنيو. عرفان خوش ٿيو جو هوءَ پنهنجي جذباتي موڊ ۾ قابو پائي ٻيهر نارمل ٿي رهي هئي، يعني سياسي بحث ڪرڻ لاءِ تيار ٿي چڪي هئي.

بهاولپور ۾ پنج ندِ جي ٻيلڻ جي ڏکڻ منٽيهاٽن وٽن ۽ پنج دريائن جي سنگم تي وسندڙ چانڊوڪي ڏاڍي خوشگوار هئي. اُتان اڳيرو هليا ته چانڊوڪي اڃا وڌيڪ تيز ٿي ويئي. روشنيءَ ۾ چمڪندڙ سڌي رستي تي ڪار آڻي، عرفان سيتا کي چيو، "صحرا جي ڏڏي، عجيب چانڊوڪي رات- هاڻي مان چا ٿو ڪري سگهان جيڪڏهن مون کي اختر شيرانيءَ جا شعر دل تي تري اچن، جيڪي اسان اسڪول جي اڙدو ڪتابن ۾ پڙهندا هئاسين- 'صبحِ بنارس'، 'شامِ اوڌ' ۽ 'شبِ مالوه'. صبحِ بنارس ۽ شامِ اوڌ ته سمجهه ۾ ايندا هئا پر اهو سمجهه ۾ نٿي آيو ته ريگستان جي رات ۾ سواءِ ڏوڙ جي ٻيو چا رکيو هوندو. اها هاڻي هتي اچي خبر پيئي. تو بنارس جي

صبح ۽ اوڏ جي شام ڏني آهي؟"

"جي ها."

چانڊوڪيءَ ۾ سندس هٿ جو کنگڻ تيزيءَ سان چمڪيو. هو ڪجهه دير مٿ ڪري کنگڻ ڪرائيءَ ۾ گهمائيندي رهي.

"ڏاڍو خوبصورت کنگڻ آهي ... اطالوي آهي نہ؟" عرفان پڇيو.

"جي ها."

"نيپلز ۾ خريد ڪيو هوءِ؟"

"جي نہ، ڪئناڈا ۾."

"ڪئناڈا! دنيا ۾ ٻيا به هزارين ملڪ آهن.... اهو توکي ڪئناڈا وڃڻ جو ڪيئن سُجهيو؟" عرفان مشڪي کانئس پڇيو.

"منهنجو مامو اُتي تجارت ڪندو هو. پارٽيشن کان پوءِ، هن ڏيڍيءَ کي لکيو ته توهان جي مالي حالت هاڻي اهڙي ناهي جو سيتا کي اعليٰ تعليم ڏياري سگهو. ڪيس مون ڏانهن اُماڻي ڇڏيو."

"ته تون ڏاڍو خوش ٿي هوندينءِ؟"

"ظاهر آهي، هڪ ايڪويهن سالن جي بي انتها حساس چوڪري، جيڪا شرنارٿي ڪيمپن ۾ رهڻ کان پوءِ قرول باغ جي هڪ ننڍي گهر ۾ رهندي هجي ۽ بس ۾ ويهي، پري رامجس ڪاليج پڙهڻ ويندي هجي، ڪيس اوچتو ٻڌايو وڃي ته ڪيس ڪئناڈا يا امريڪا موڪليو ٿو وڃي... منهنجي لاءِ ته اها بلڪل پرين جي ڪهاڻين جهڙي ڳالهه هئي. مامي کي ڪو اولاد نہ هو. هو ۽ مامي ويهن پنجويهن ورهين کان امريڪا ۾ رهيا پئي، سندن ڪاروبار چڱو وڏندڙ هو ۽ سال ۾ ڇهه مهينا نيويارڪ ۾ رهندا هٿا. انهن هوائي جهاز جي ٽڪيٽ ونڊي موڪلي ڏني ۽ ڪولمبيا ۾ منهنجي داخلا ڪرائي ڇڏيائون."

"اُتي وڃي تون سُرخن جي سنگت ۾ ڦاسي وئينءِ."

هوءَ ڪلي. "سرخن جي سنگ ۾ ته مان دهليءَ ۾ ئي اچي ويئي هيس. منهنجو هڪ ڪزن، جيڪو لاهور کان شرنارٿي ٿي آيو هو، اڙدوءَ جو ڪهاڻيڪار هو. شيام نارائڻ اروڙا. توهان هن جون ڪهاڻيون ضرور پڙهيون هونديون. هو تمام ريڊ (Red) هو. سندن گهر ۾ هر هفتي ادبي ميٽنگ ٿيندي

هني ۽ کهاڻين تي کهاڻيون پڙهيون ويندیون هيون."

"پوءِ؟"

"پوءِ چا..."

"نيو يارڪ ۾ چا ٿيو؟"

هوءَ چپ ٿي وئي.؟

هن کانئس جيڪا ڳالهه پڇڻ ٿي چاهي، اها پڇڻ جي کيس همت نه ٿي.

"اوهان، اوهان شايد جميل جي باري ۾ پڇڻ ٿا چاهيو." ڪجهه ديرڪان پوءِ، هن فرمانبرداريءَ سان پاڻيهي چوڻ شروع ڪيو جڻ پنهنجي استاد جي اڳيان وينو هجي. "جميل سان مان هڪ سُرهن جي جلسي ۾ ملي هيس. اُنهيءَ زماني ۾ مڪارٿي ازم اڃا شروع نه ٿي هئي ۽ گرينچ وليج ۾ ڪافي ليفٽ ونگ گروپ هنا، جن ۾ گهٽو ڪري يهودي، حبشي ۽ ٿورا هندستاني هنا. جميل اتي انهيءَ سال يو-اين ۾ ملازمُ ٿي انڊيا کان آيو هو."

"پوءِ؟"

"پوءِ چا... پوءِ بس!"

"ڏاڍوسٺو. مڃان ٿو ته تون به اهلِ زبان چوائڻ جي حقدار ٿي وئي آهين."

"هڪ فيض آبادیءَ سان شادي جو ڪنهي هيڻ سو ايتري اڙدو به نه سِکي هوندما جميل سان ملڻ کان پوءِ مون اڙدوءَ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي چو ته هو لٽريچر جو ڏاڍو شائق هو ۽ ساٿس ڳالهين ڪرڻ لاءِ مون لاءِ لازمي هو ته مان پاڻ کي سندس هر مذاق بنايان ۽ اهي ڳالهيون سوچيان ۽ ڪريان جيڪي کيس پسند هيون. جڏهن هو منهنجي وڏيڪ ويجهو آيو ته بعض دفعا بي ساختا اوڏيءَ ۾ مون سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لڳندو هو. جڏهن مان سندس ڳوٺاڻي زبان تي کلندي هيس ته هو فخر سان چوندو هو: ' جناب، مان ۽ منهنجي گهر وارا اُها زبان ڳالهايون ٿا، جنهن ۾ تلسي داس رامايڻ لکي هئي!' "

"شاديءَ کان اڳ مان روز شام جو ڪئمپس کان سڌو جميل جي اپارٽمنٽ تي ويندي هيس، جتي هڪ سردارجي. جيڪو سندس ٽمام گهاٽو

دوست هو، باقاعدي مون کي اڙدو پاڙهيندو هو. پر انهيءَ سردارجيءَ کي کهاڻيون لکڻ جي اهڙي علت هئي جو پهريون ڪلاڪ ويهي مون کي سندس تازي کهاڻي ٻڌائي پوندي هئي. ڪمري ۾ هلندي هلندي چوندو هو ته هو تمام جلدي ڪرشن چندر ۽ راجندرسنگهه بيديءَ کي ڊانوَن ڪرڻ وارو آهي. خبر ناهي ويچارو اڃ ڪلهه ڪٿي آهي؟"

"اڙدو مون کي آساني سان اچي وئي چو ته اڙدوءَ ۽ سنڌيءَ جي اسڪرپٽ هڪ ئي ته آهي نه. مون کي ياد آهي ته جميل شاديءَ کان ٻه سال پوءِ پنهنجيءَ پيڻ کي لکيو هو ته منهنجي زال اڙدوءَ ۾ اهڙي پڙ ٿي وئي آهي جو ڪنهن کي واروئي جيڪر نه ڏي. توهان کي خبر آهي ته مان ڏاڍي ڪميٽي ۾ آهيان!"

"اهو پلا ڪيئن؟ ٻڌاءِ!"

"جميل سان جڏهن مان پهريون پيرو ملي هيس ته هن جيءَ ۽ منهنجيءَ هڪ ڪامن دوست ٻڌايو ته هو فرخنده جو ڪزن آهي. اهو ڄاڻي مان ساڻس اڃا ۾ وڌيڪ خصوصيت سان مليس، نه ته شايد شروع ۾ ڪيس Snub ڪري ڇڏيان ها."

"اها ڳالهه آهي، ته توهان شروع ۾ ماڻهن کي Snub ڪندیون آهيو."

"ڏوُ شٽ اپ. ڳالهه ته ٻڌو، پر مون کيس معلوم ٿيڻ نه ڏنوته مان ادي فرخنده يا بلقيس کي ڇڪيءَ طرح سڃاڻان ٿي چو ته هان شروع ۾ ئي مون کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته سندس مڱڻو خاندان ۾ ئي هڪ ڪزن سان ٿي چڪو آهي، جيڪا شايد بلقيس جي سؤٽ ۽ سنگَ ۾ جميل جي پاٽيجي ٿي ٽئي. اوهان مسلمانن ۾ انهيءَ قسم جي ڏاڍي گڙبڙ ٽئي ٿي. خير، سو جيڪڏهن مان کيس ٻڌائي ڇڏيان ها ته مان ادي فرخنده کي سڃاڻان ٿي ته هو هڪدم دهلي خط لکي ها ته سيتا مير چنداڻيءَ سان شادي ٿو ڪريان ۽ انهيءَ خبر تي ادي فرخنده ۽ بلقيس مون کي ڪيڏي ڪميٽي ۽ ذليل سمجهن ها. احسان فراموشيءَ جي به ڪا حد ٽيندي آهي! اُهي ٻني دهليءَ ۾ منهنجو ڪيڏو خيال ڪنديون هيون ۽ هاڻي مان سندن هڪ پيڻ جي وَرَ کي ڦاسائي رهي هيس."

"پنهنجي لاءِ اهڙا ڪڌا لفظ استعمال ته نه ڪر."

"نہ، بلڪل نيڪ تہ چوان ٿي. سيني چوڪريون ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان مردن کي ڦاسائيندیون آهن. خالي سندن Modus operandi مختلف ٿين ٿا ۽ اوهان جاهلن انهيءَ جو نالو ڪٽي محبت وغيره رکيو آهي. هر چوڪريءَ جي زندگيءَ ۾ فقط هڪ تمنا ٿيندي آهي تہ هوءَ ڪنهن نہ ڪنهن بيوقوف کي ڦاسائي سائس شادي ڪري. باقي سڀ بڪواس آهي."

"ماشاالله! اوهان جو گوناگون فلسفو داد جي لائق آهي."

"مهرباني."

هوا ۾ اڏامندڙ وارن کي پيشانيءَ تان هٽائڻ کان پوءِ هن اکيون بند ڪري چڌيون. "جميل سان جنهن ڏينهن مان پهريون پيرو ملي هيس، اُنهيءَ ڏينهن، رات جو پنهنجي هاسٽل واپس اچي مون پنهنجي روم ميٽ گريس کي چيو هو: 'اڄ مون کي پهريون پيرو احساس ٿيو آهي تہ هيستائين مان اينسائيڪلوپيڊيا برٽينيڪا هيس - هاڻي هڪ عورت آهيان.'

"شاديءَ کان اڳ مان جميل سان ٽوري ٽوري ڳالهہ تي خفا ٿي پوندي هيس ۽ تمام جلدي سرچي ويندي هيس. هڪ پيري هن مون کي چيو هو: 'تون ڪڏهن شينهن وانگر پوائتي ٿي وڃين ٿي ۽ ڪڏهن ٻليءَ جي پونگڙي وانگر ميائون ميائون ڪرين ٿي.' مون هڪدم چيو هو: 'لاحول ولا.' سڀ کان اڳ ڪاڪس مان اهوئي جملو سِکي هيس. ' انهيءَ ۾ لاحول جي ڪهڙي ڳالهہ آهي!' هن چيو هو.

اي ي ي ڪ. مون منهن ناهيو هو، جنهن تي هن چيو هو تہ 'تون اهڙي مادي مان نهيل آهين جنهن مان اولاد ميبز تخليق ڪيون ويندیون آهن.'

"شاديءَ کان پوءِ جڏهن مان خفا ٿي ڪمرو اندران بند ڪري چڌيندي هيس تہ چوندو هو: 'هاڻي تہ اسان جي سيتا اونڌي ڪٽ وجهي 'ڪُوپ پَون' ۾ وجي سُتي. جميل لفظن جو بادشاهہ هو."

ڪيترا ميل - پٿر لاڪيتا گذري ويا.

"پوءِ..." عرفان گهٽي دير کان پوءِ پڇيو، "شادي ڪيئن ٿي؟"

"هڪ ڏينهن اسان ڪٽان واپس پئي آياسين تہ رستي ۾ سب - وي جي هڪ اسٽيشن تي لهندي جميل چيو..."

"سب - وي ہ؟"

" جي ها. شام جو پنجين وڳي جي پيڙ پڙڪي ٻر ."

"جيڪا ڏاڍي سخت غير رومنٽڪ ڳالهه هئي."

"بلڪل. پر جميل کي همبگ (Humbug) کان چڙ هئي. مان جينن ته پليٽ فارم تي هجوم جي ڏکن ٻر اڳتي نڪري چڪي هيس انهيءَ ڪري ڪيس زور سان رڙ ڪري چوٽو پيو ۽ جڏهن مان ٻي ترين ٻر چڙهي رهي هيس ته هن پويان پويان 'مڙي چيو هو: 'سيتا، سيتا، مون سان شادي ڪندين؟ جواب ڏي. جلدي. وقت تمام ٿورو آهي.' هُن گهڙيءَ کي اهڙي طرح ڏنو هو جڻ هڪ بن منٽن جي دير سان وڏو فرق پنجي ويندو ۽ مون انهيءَ رش ٻر دروازي ٻر چڙهندي پويان مڙي زور سان وراڻيو هو: 'ها.' "

"پوءِ؟"

"پوءِ، مون مامي کي نه ٻڌايو ۽ ايندڙ هفتي هڪ هندستاني دوست جي گهر تي اسان جي شادي ٿي. ڏاڍيون تصويرون نڪتيون، جيڪي شام جي اخبارن ٻر چپيون: بيوٽيفل انڊين برائڊ (Beautiful Indian bride) وغيره. دوستن خوب خوشيون ملهايون. مامي کي ڊپ وڃان نه ٻڌايم جيتوڻيڪ مان انهيءَ وقت چوويهن سالن جي ٿي چڪي هيس. مامي کي اخبار وسيلي ئي خبر پيئي ۽ کيس صدمي وڃان دل جو دوَرو پيو ۽ مرندي مرندي بچيو. کيس مون سان ڏاڍي محبت هئي. هن مون کي ڏيءَ ڪري پاليو هو. جميل ساٿس ملڻ لاءِ هن جي آفيس ٻر ويو ته ساٿس مليو به نه. مامي جيتوڻيڪ پراڻي قسم جي آهي، پر مامي کان وڌيڪ سمجهدار آهي. منهنجي خيال ٻر عورتن ٻر ڪامن سينس وڌيڪ ٽيندو آهي. وري ويهه سال امريڪا ٻر رهي، هوءَ ٿورو روشن خيال به ٿي ويئي آهي. مامو ڏاڍي پوڄا پاٺ ڪندو آهي. مامي جميل سان هڪ ڊرگ- اسٽور ٻر اچي ملي ۽ کيس ڏاڍو پسند ڪيائين. جميل ٻر اهائي ته هڪ ڳالهه هئي جو عورتن جي دل پل ٻر موهي وڃندو هو. پوءِ مامي منهنجي ممِيءَ کي خط لکيو: 'سيتا شادي ڪري ورتي آهي. چوڪرو پنهنجي ذات برادري مان ناهي. نالو جميل اٽس.' بعد ٻر مامي مون کي کلي چوندي هئي ته 'جميل ۽ جيمل' ٻر کهڙو فرق آهي، فقط نُڪتن ئي جو ته فرق آهي!

"مڪهه ڏينهن کان پوءِ، هُن ممِيءَ کي به راز ٻر شريڪ ڪري ورتو ۽ هُن

ٻه انهيءَ نُڪتي جي فرق واري ٽيوري کي قبول ڪري ورتو. ديبيءَ کي هن اهوئي چيو ته چوڪرو آهي ته هندو، پر تمام آزاد خيال آهي. ڪنهن مذهب کي ڪونہ مڃي ۽ اڄ ڪلهہ ڪهڙو هندو چوڪرو مذهب کي مڃي ٿو. ديبيءَ جي سمجهہ ۾ اها ڳالهہ اچي ويئي ڇو ته ڪيس خبر هئي ته اسان جي گهر ۾ ٻه ڏهلي اچڻ ڪان پوءِ پاڻ شيام جي ڪري ترقي پسنديءَ جي 'چرچا' ٿيڻ لڳي هئي."

"هتي تو ثابت ڪري ڇڏيو ته اڄا پوري طرح اڙدردان بني ناهين. 'چرچا' اڙدوءَ ۾ مذڪر آهي."

"اوهہ، ساري. 'چرچو' (چوپول) ٿيڻ لڳو هو." هن هڪ هڪ لفظ جدا جدا ادا ڪيو.

"ڪجهہ مهينا پوءِ، مون ۽ جميل گڏجي ديبيءَ کي خط لکيو ۽ سربستي ڳالهہ لکي ڇڏي. ديبي مون کي لکيو: 'مان توکان خفا ضرور آهيان ۽ جيڪڏهن تون خوش آهين ته نيڪ آهي.' جميل کي هن اهوئي لکيوهو جيڪو سيني ڏينرن جا پيئر پنهنجي نائين کي چوندا آهن' - 'منهنجي ڏي نازن پاليل آهي، سندس دل ڪڏهن ٻه ڏکونجان' - پوءِ هو خود ئي ڪِلي پيئي.

"ويچارو ديبي. ديبي ڏاڍو لتري ماٺهو آهي. هن جميل کي انهيءَ خط ۾ 'راماين' ڪوٽ (Quot) ڪئي هئي:

'جهڙيءَ ريت همالیہ گريءَ مهيش کي، سمنڊ لڪشمي هري کي
سؤنهي هئي، اهڙيءَ ريت جنڪ سيتا کي رام جي سپرد
ڪيو. ساڳي طرح پٽ، مان پنهنجي سيتا توکي سوپيان ٿو.'

جميل پاڻ تلسيداس جيءَ جو هر وطن هو. هُو اهو پڙهي پهڪڻ لڳو. عامل ته ڪافي آزاد خيال ٿيندا آهن پر مي پنهنجي پيڪن ڪان، جيڪي ڪٽر آريہ سماجي آهن، اها خبر اڄ تائين لڪائي رکي آهي ته مون هڪ مسلمان سان شادي ڪري ورتي آهي. اُهي اڄا تائين اهوئي سمجهن ٿا ته چوڪرو يو- پيءَ جو ڪائنسٽ اهي ۽ جميل نالو اٽس.

"جڏهن راهُل جانو ته مي، ديبي، مامو ۽ مامي سپ ڏاڍو خوش ٿيا ۽ انهيءَ ڳالهہ تي پاڻ وڌيڪ خوش ٿيا ته جميل ايترو آزاد خيال آهي جو هن

پنهنجي پٽ جو هندواڻو نالو رکڻ ۾ ڪو هرج نه سمجهيو.

"ٻن سالن کان پوءِ، جميل کي ٽن مهينن جي فرلو (موڪل) ملي ۽ اسان ڏهلي آياسين. ادي فرخنده ۽ بلقيس وغيره مون سان ايڏي محبت سان مليون جو مان شرمسار ٿي ويس. مُنهنجي پيڪن اروڙن کي اڳ ۾ ئي سمجهائي چڏيو هو ته چوڪرو لکڻ جو ڪائنسٽ آهي، انهيءَ ڪري اڙدو سڻي ٿو ڳالهائي ۽ ڳالهه ڳالهه تي 'لاحو ولا' چوي ٿو ۽ 'خدا جو قسم' ٿو کڻي. اسان شرنارٿي يو ـ پيءَ وارن کان اڳ ۾ ئي ناخوش هئاسين، انهيءَ ڪري خاندان وارا اصولي طور تي خفا رهيا ته چوڪري غير سنڌين ۾ ڇو ويئي. ڏهليءَ ۾ اسان ڪجهه ڏينهن ترسياسين ۽ پوءِ جميل جي وطن چاندپور ۽ تلسي پور هليا وياسين. مون فيض آباد ۽ لکنؤ ڏٺو، ڪشمير جو سير ڪيو ۽ انهيءَ کان پوءِ واپس امريڪا. انهيءَ سال هڪ چوڪرو ڪلڪتي کان ايڪٽنگ سکڻ لاءِ نيويارڪ آيو. سندس نالو چگو ڏگهو هو: ابوالفصاحت قمرالسلام چوڌري."

"قمر السلام چوڌري؟ مشهور انگريزي شاعر، جنهن کي اڄ جي هندستان جو ٽي. ايس. ايليٽ چوندا آهن؟"

"جي ها، اُهوئي. انهيءَ وقت هو بلڪل مشهور نه ٿيو هو ۽ اداڪاريءَ جي ميدان ۾ قسمت آزمائي ڪري رهيو هو. ڪيترن ئي ترقي پسند بنگالي فلمن ۾ ڪم ڪري چڪو هو ۽ انگريزيءَ ۾ ڊاڊا چگا نظر ٿي لکيائين. اهو به اسان جي گروپ ۾ شامل ٿيو. هو ان وقت پنهنجو پاڻ کي وڏو انقلابي چوائيندو هو، پر هاڻي جڏهن کان لنڊن ۾ سندس ڪتاب ڇپيو آهي، تڏهن کان ٻڌو اٿم ته اينگري ينگ مئن (Angn young man) بنجي ويو آهي."

"انهيءَ کان پوءِ؟"

"انهيءَ کان پوءِ ڇا... توهان ته ائين ٿا لڳو جڻ ڪهاڻي لکڻ ويٺا آهيو."

"اجائي ڳالهه نه ڪر. اڳتي ٻڌاءِ."

"انهيءَ زماني ۾ ... خير چڏيوس. هاڻي هُن جي ذڪر مان ڪهڙو فائدو."

"نه نه ، ضرور ٻڌاءِ. مون کان ڪجهه به نه لڪاءِ"

"توهان منهنجو سائڪالاجيڪل علاج پيا ڪريو. ڪٽي انهيءَ خيال ۾ نہ رهجو."

"لاحول ولا قوة."

"چگو خير. پوءِ اهوئي ٿيو... نہ ڄاڻان ڇا ٿيو... مان يونيورسٽيءَ ۾ پنهنجي ڪم ۾ مصروف هوندي هيس. گهر واپس اچي راهُل جي نگهباني ڪندي هيس. ڪاڏو تيار ڪندي هيس. دوستن جو گروپ به اهو ئي هو. سپيئي ڳالهيون پراڻيون هيون، پر خبر ناهي چو. جميل آهستي آهستي ري- ايڪشنري ٿيندو ويو. خير، مان ڪنهن جو برداشت ڪري وٺان ها، پر هن حد ڪان وڌيڪ شراب پينڊ شروع ڪري ڏني. جڏهن هو رات جو دير سان شراب خاني مان موٽندو هو ۽ مان ماني رکي سندس اوسيئڙي ۾ وات ڏسندي هيس، تڏهن قمر مون وٽ ويٺو هوندو هو."

"۽ تو سان همدردي ڪندو هو. اهو همدرديءَ جو ري ايڪٽ (React) چگو ٿئي ٿو."

"توهان پاڻ هن وقت انهيءَ ري ايڪٽ ۾ شامل ناهيو؟"

عرفان غصي مان ڪيس ڏنو. "خدا جو قسم، بلڪل برداشت کان ٻاهر آهين. ها، اڳتي ٻڌاءِ."

"نيڪ آهي، نٽي ٻڌايان. چگو خير." هن سنجيدگيءَ سان ڳالهه جاري رکي: "نہ، همدرديءَ جي ڳالهه ناهي عرفان. بس الائجي ڇا ٿيو. انسان واقعن ۽ وقت جي ڌارائن ۾ لڙهندو ويندو آهي ۽ ڪيس کا خبر نہ پوندي آهي تہ ڇا ٿيڻو آهي. دراصل منهنجي ۽ قمر جي دوستي اهڙي طرح شروع ٿي جو هڪ ڏينهن ڪئمپس ۾ قمر مون کي چيو تہ مان شام جو سندس اپارٽمنٽ تي اچان، جو سندس هڪ دوست، جيڪا ڪاليج ۾ ايلوڪيوشن (Elocution) سيکارينديءَ هئي، سائس ملڻ ٿي آئي ۽ مان سائس ملي ڏاڍي خوش ٿيندس. منهنجي ۽ جميل جي اچڻ وڃڻ جا وقت بلڪل ڌار ڌار هئا. هو ماني يو- ايس ۾ ئي کائيندو هو ۽ گهڻو ڪري شام جو گهر اچڻ بدران اُتان ئي دوستن سان گڏجي هليو ويندو هو.

جميل پين عورتن سان فلرٽ (Flirt) نہ ڪندو هو. انهيءَ ڳالهه جو مون کي اڄ تائين وشواس آهي. هو مون سان هميشه وفادار رهيو ۽ انهيءَ جي

باوجود نہ ڄاڻان ڇا ٿيو، جيتوڻيڪ عام طور تي گهر ۾ عورتن جي ڪري برباد ٿيندو آهي."

"يا ۾ مردن جي ڪري؟"

"جي ها. بهر حال، اسان ٻنهيءَ کي هڪ ٻئي تي پورو پورو پروسو هو ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن قسم جي شڪ شبهي جي گنجائش جو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو." سندس نڙي بند ٿي ويئي.

"سگريٽ وٺ."

"مهرباني." هن سگريٽ ڪڍايو. "مان سگريٽ فقط انهيءَ ڪري نٿي چڪيان جو اهو عورت جي سماجي ۽ اقتصادي آزاديءَ ۽ مردن سان برابريءَ جو سمبل آهي. بس آمريڪا ۾ ڪالج ۾ داخل ٿيندي ئي انهيءَ جي عادت پئجي ويئي هئي... توهان کي خراب تہ نٿي لڳي؟"

"نہ نہ." ڪار جي رفتار هڪدم تيز ٿي ويئي. هن جي سگريٽ چڪڻ يا نہ چڪڻ تي مان اعتراض ڪندڙ ڪير؟ هن مون کان اهو سوال ڇو ڪيو؟

"اسان ڇا پئي ڇيو؟"

"جي؟"

"اوهہ، معاف ڪجو. ايترا سال جميل سان گڏ رهي مون کي مستقل 'مين' (مان) جي بجاءِ 'هم' (اسان) چوڻ جي عادت پئجي ويئي هئي. توهان اڙڻ وارا 'هم' (اسان) چوندا آهيو نہ - مان ڏاڍي احتياط سان 'هم' (اسان) چوندي هيس ۽ 'هماري ڪي هان' (اسان وٽ) ۽ 'بهت' (گهڻو) جي بجاءِ 'بُهت' - جميل جي لهجي ۾ اڙدو ڳالهائڻ جو نقل ڪندي هيس. 'نمستي' چوڻ چڏي، باقاعدي 'آداب عرض' چوندي هيس. جنهن لڳاءَ سان پنهنجو پاڻ کي جميل جي ڪلچر ۾ ٺهڪائڻ جي ڪوشش ڪيم، ٻيءَ ڪنهن چوڪري پنهنجي پتيءَ لاءِ ايترو ڏاڍو مشڪل ڪيو هوندو. مون فقط انهيءَ ڪري شراب ۽ وڏيڪ پيئڻ شروع ڪيو جيئن شام جو ساٿس گڏ رهي سگهان. ۽ جڏهن مان ساٿس گڏجي بار ۾ ويندي هيس تہ خفا ٿي ويندو هو تہ ڇو هر وقت پاڇي جيان مون سان چهٽي پيئي آهين.

"جڏهن اسان تلسي پور ويا سين تہ محرم جو زمانو اچي ويو هو. جميل جي گهر تي زوردار محرم ٿيندو هو. مان ۽ ڪاري ساڙهي پائي، پنهنجي

سس ۽ نڑاڻن سان گڏجي مجلس ۾ شامل ٿيس، جيتوڻيڪ هر مذهب کي بي معنيٰ سمجهان ٿي. جڏهن مون کي اسلام ني سان دلچسپي ناهي ته شيعي- سُنيءَ جي قصي سان کهڙو مطلب هوندم. پر جميل شيعه گهراڻي جو فرد هو، تنهنکري مون کي ساري دنيا جا شيعا ڏاڍا چڱا لڳندا هنا."

"کنهن ڏاهي تمام ٺيڪ چيو آهي ته عورتون بي حد بوگس (Bogus) ٿيندیون آهن."

"ڳالهه ته ٺيڪ آهي." هوءَ وري سوچ ۾ پڏي وينی.

"هاڻي چا پيئي سوچين؟"

"کجهه به نه. مون کي تلسي پور جو محرم ياد اچي ويو هو. کينن نه سپني وانگر وقت گذاريو هوم ۽ اُتي مون ۾ هڪ عجيب ڳالهه ڏٺي ته اُتي جي مجلس ۾ گهٽو ڪري پنجابي ۽ سنڌي شرنارٿي عورتون به شريڪ ٿيندیون هيون. ادي فرخنده ٻڌايو هو ته گهٽو ڪري يو- پي اسٽيٽ ۾ اهوئي ٿي رهيو آهي. اڄ ڪلهه ڏسو ڪلچر پيٽرن کهڙي طرح بدلجن ٿا! تلسي پور ۾ اُنهن جا گهر خالي پيا آهن، جيڪي پاڪستان هليا ويا پر کو شرنارٿي انهن ۾ نٽو رهي جو اها سيدن جي گهرن جي بي ادبي ٿيندي. هيڏانهن سنڌ ۽ پنجاب ۾ سيدن جي بي حد عزت ڪئي ويندي هئي نه."

"يا الله!"

"جي!"

"علم جو سمند آهي جو چوليون پيو هڻي!"

"توهان ڳالهائڻ ته ڏيو نه ٿا."

"مان ته فقط اهو پيو سوچيان ته جميل غريب ۽ دل ۾ چا چوندو هوندو ته چوڪريءَ سان نه ۾ پوري لئبريريءَ سان شادي ڪئي اٿم."

"ويري فني (Very funny). ها ها!"

"چگو تقرير جاري رک."

"ته شام جو مان قمر وٽ پهتيس. سندس ڪمري ۾ سيئي بوهيمين (Bohemians) جمع هٿا. عرفان، انهيءَ چوڪري جينيفر ڪرين کي ڏسي منهنجا ته ماشائي گم ٿي ويا ۽ جڏهن قمر سيني اڳيان کيس پنهنجي مَڪَ چئي سندس تعارف ڪرايو ته اسان ڏسندا رهجي وياسين. پر اسان سڀ

انتلڪچوئل هئاسين ۽ انتلڪچوئل دنيا ۾ انوکيون ۽ نرالیون ڳالهيون ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهن. جينيفر ڪرين حد کان وڌيڪ ٽلهي ۽ بي ڊولي هئي ۽ قمر ڪافي هينڊسم (Handsome) چوڪرو هو."

"ها، مون انڊين هاءِ ڪميشن ۾ سندس هڪ فلم ڏٺي هئي."

"آهي نہ هينڊ سم؟ ۽ جينفر ڪرين خوفناڪ حد تائين ٽلهي هئي، پر سندس شڪل ڏاڍي پياري هئي. انهيءَ ڪري پاڻ وڌيڪ بي ٿُڪي ٿي لڳي. ائين ٿي لڳي جڻ ڪنهن وڏي گليشير (Glacier) جي پويان ڪا جل پري مٽو ڪڍي جهاتي پائي رهي هجي. هوءَ قمر کي بوسٽن جي ڪنهن ٽيننٽر ورڪشاپ ۾ ملي هئي، جتان سندس پويان نيو يارڪ آئي هئي. ايڪٽنگ جي وڏي قابل استاد سمجهي ويندي هئي. قمر سان ملڻ کان اڳ، هوءَ هڪ گجراتي چوڪري تي عاشق هئي. جڏهن هو ڪيس دل شڪتو چڏي ٻمبئي هليو ويو تہ هوءَ بيئر پي پي روئندي ويندي هئي ۽ تجريدي نظم لکندي هئي. سندس نظم 'نيو ورلڊ رائيٽنگ' ۽ 'هڊسن رويو' ۾ ڇپيبيون هيون. انهيءَ ڳالهہ جو اسان سيني تي رعب هو ڇو جو اسان ڪافي ننڍي عمر جا هئاسين ۽ سيني انٽرنيشنل سيليبريٽي ٿيڻ ٽي ڇاهيو پر اها خبر نہ هئي تہ ڪهڙي طرح ٿيون."

"هائي قمر جا وارا نيارا ٽي ويا."

"جي ها. پر ڪنهن جي قسمت قمر جهڙي نہ هوندي. هو ۽ جينيفر اهڙو عجيب الخلقت جوڙو ٽي لڳو جو اسان سڀ بي اختيار کلڻ لڳاسين ۽ ڏاڍيون خوشيون ملهايوسين. شراب جا دؤر هليا. جينيفر، جيئن تہ پاڻ بوهيميئن هئي، تنهنڪري پنهنجي ٽولهہ جو پاڻ مذاق اڏايائين ٽي. سيني ڪي سامهون ويهاري پنهنجي نفسياتي مونجهارن جو تجزبو ڪندي، قمر کي زور پري رهي هئي تہ هو سندس سامهون ڪنهن بي چوڪريءَ تي عاشق ٿئي، جيئن هو حسد ۽ ٽريجڈيءَ جي جذبات جو تجربو ڪري بهترين نظم لکي سگهي.

"هڪ پيري هن مون کي چيو تہ هوءَ هندستان جي روح ۾ جهاتي پائي ڏسڻ ٽي چاهي، انهيءَ ڪري قمر سان شادي ڪري رهي آهي."

"خوب!"

"قمر ساڻس شادي ته نه ڪئي پر هوءَ قمر جي اپارٽمنٽ ۾ منتقل ٿي ويئي. اسان انهيءَ ڳالهه جو نوٽيس اصل نه ورتو جو ته توهان کي خبر آهي ته اولڊ مارلئي (Old morality) جا ..."

"ها ها، خبر اٿم. ڳالهه ٽوري ۽ پوري ڪر."

"سال کن کان پوءِ، قمر ڪلڪتي واپس هليو ويو. جينيفر ڪرين روز رات جو مون وٽ ايندي هئي. ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيئر پيئندي هئي ۽ اڳي کان وڌيڪ تجريدي شاعري ڪندي هئي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هوءَ ۽ انديا هلي ويئي ۽ اُتي وڃي هن سڄ ڀڄ قمر سان شادي ڪري ورتي. پر انهيءَ کان پوءِ ... توهان بور ته نٿا ٿيو؟"

"مان بي وقوفيءَ جي سوالن جا جواب نه ڏيندو آهيان... ٻڌائيندي وڃ."

"پر اها ته تمام دلڪش ڪهاڻي آهي."

ملتان شهر ۾ گهڙندي ئي نادر زور سان نعرو هنيو:

"اور ديوان شور ملتاني - مونج سفيد اور منه پر جواني.
اور ديوان..."

نادر پرسان اڃي زور سان هارن وڄايو. هاڻي سيئي ملتان اڃي پهتا هئا.

"ڪيتري قدر بي تڪو آهين والدا!" عرفان دريءَ مان ڪنڌ ڪڍي داد ڏنو: "اڳتي ارشاد."

"اڳتي ياد نه اٿم." نادر ڪلندي جواب ڏنو.

سيئي سرڪٽ هائوس پهتا. ڪار مان لهندي نادر ڳالهه جاري رکندي چيو: "ڪمال آهي! هن وقت مان سوچي رهيو آهيان ته نندڻ جون ڪي ڳالهيون ذهن ۾ ڪيڏو نه نقش ٿي وڃن ٿيون. ياڻ عرفان، توهان انهيءَ ۾ روشني ته وجهو. توهان وڏا نفسيات جا ماهر آهيو."

"واقعي؟" سيتا خوشي دليءَ سان منهن ناهي چيو، "تڏهن ته سموري رستي ۾ مون کان منهنجي نندڻ جون ڳالهيون ئي پڇندو رهيو. مون نندڻ

ٻر 'نيرنگ خيال' ٻر هڪ نظر پڙهيو هو جيڪو ديوڪاراني‌۽ جي انگريزي فلم 'ڪرما' جي باري ٻر هو. بيحد پُرلطف. اڪبر جي دهلي دربار قسم جهڙو. انهي‌۽ جو بس هڪ شعر ياد اٿم. ٻيو ٻه ڪجهه هو. بلقيس ياد آهي؟" نادر پڇيو.

"جميل کي پورو نظم زباني ياد هو. ڪيس هزارين شعر زباني ياد رهندا آهن." پوءِ هوءِ سيتا ڏانهن ڏسي اوچتو چپ ٿي ويئي.

نادر چرڪي موقعي کي سنپالڻ گهريو. "اور ديوان شررملتاني..." هن بيوقوفن وانگر آلاپڻ شروع ڪيو. هاڻي سيئي وراندي ٻر گهڙيا هئا.

"ڪجهه ٻيا چنبُوخانن جا شعر ٻڌايان پاڃائي؟" نادر گهٻرائجي سَر-گرمي‌۽ سان پڇيو.

"ضرور ٻڌايو." سيتا ماءُ واري مامتا سان ڏانهس ڏٺو. ويچارو منهنجو ڏيرا

"بلقيس، نيشنل اينٿم (National anthem) شروع ڪريو." نادر رڙ ڪئي:

"ڪها مجنون سي يہ ليلیٰ کي مان ني"

بلقيس وارن مان متي چنڊيندي ساڃڻي ڏيان سان پڇيو ۽ پوءِ هن ٺاهي ڳائڻ شروع ڪيو:

"ڪها مجنون سي يہ ليلیٰ کي مان ني"

"ڪيا ڪها؟" نادر قوالن جي انداز ٻر پڇيو.

"ڪ بيتا گرتُو ڪرلي ايمر- اي پاس ." بلقيس تانَ هنئي.

آرام ڪرسي‌۽ تي ويهندي عرفان سيتا کي چيو، "هاڻي ملتان جي هسٽري شروع ڪر."

"شٽ اپ."

"اجي ڪها مجنون ني... اهو چگو ٻڌاينہ." بلقيس جوش و خروش سان ڳائي رهي هئي:

"يهي ٺهري جو شرط وصلِ ليلیٰ... تو استعيفا... اجي استعيفا."

اتيچي ڪيس ميز تي اڇلينديءِ، نادر ڪنڌ ڏوٽيندي نيشنل اينٿم جي

ٽيپ جو بند ڪنيو:

" الله اگر توفيق نہ دي، انسان ڪي بس ڪا ڪام نهين .
اهي وا. فيفانِ محبت عام سهي، عرفانِ محبت عام نهين...
عرفان محبت..."

عرفان، عرفان، عرفان.

ٻني ڏينهن ڏاڍي تکي اُس هني ۽ منيءَ جو طوفان هو. شمس تبريز ؒ جي مقبري جي وراندن ۾ خوفناڪ سرخ اکين وارو قلندر ۽ غليظ برقعن ۾ ملبوس عورتن ۽ چرس جا دم هڻندڙ لوفرن ۽ طوائفن جو هجوم هو. هر شخص خوفناڪ هو. ڏکائيندڙ شڪلين وارا، ڪنڌ ۾ وڏا وڏا والا پاتل فقير ۽ شاهه دُولا جا ڪوڙا ۽ قسمين قسمين فقيراٽيون.

"اهو ئي اوهان جي صوفي ازم جو ڪلچر آهي." عرفان طنزيه آواز ۾ سيتا کي چيو. پر هوءَ مقبري جي ٻاهر هڪ پٽ جي پاڇي ۾ مسحور بيهي قلندرن کي ڏسندي رهي.

ملتان کان روانا ٿي، جڏهن اهي ٻيهر رستي تي آيا تہ عرفان چيو، "شهرزاد، پنهنجو داستان شروع ڪر."

"اڇا ڪيستائين ٻڌايان، پچاڙيءَ جي تہ توهان کي خبر آهي."

"نہ، مون کي پچاڙيءَ جي خبر ناهي، معلوم ڪرڻ ٿو چاهيان."

"جيئن توهان پنهنجو حڪم هلائي سگهو؟"

"نہ، مان پنهنجو فيصلو ڪري سگهان."

"اوهہ ! توهان غير اشتراڪي ڪيتري قدر رومينٽڪ ٽيندا آهيو! ها تہ مون ڪيستائين ڳالهہ ڪئي هئي؟"

"جينيفر ڪلڪتي وڃي قمر سان شادي ڪئي."

"ها، تہ اڇا سندن شاديءَ کي ڇهہ مهينا ئي گذريا هوندا تہ هڪ ڏينهن بورچي خاني ۾ راهُل جي لاءِ ڪير تيار ڪري رهي هيس تہ دروازي جي بيل وڄي. مون در کوليو. سامهون قمر بيٺو هو. مون کانئس پڇيو: 'تون ڪيئن آيو آهين؟ تو تہ ڪلڪتي ۽ نيو يارڪ کي گهر جو اڳڙ سمجهي رکيو آهي.' تڏهن هن هڪ نهايت ڊرامائي ڳالهہ ڪئي. هو ڪنيير بنگالي رومينٽڪ آواز

ٻر چوڻ لڳو: 'سيتا، مان تنهنجي ڪري واپس آيو آهيان!!'

"اول ته مان سمجهيس ته هو پنهنجي ڪنهن ڊرامي جو ڊائلاگ ڳالهائي رهيو آهي. مون ڪيس مذاق ٻر ٽارڻ چاهيو پر هو بلڪل سنجيدو هو.

"بس، انهيءَ کان پوءِ،" هوءَ آهستي آهستي چوڻ لڳي، "نه ڄاڻان مان هڪ ٻني وهڪري ٻر وهڻ لڳيس. جميل مون سان ڪئين پيرا ٿي ٿي ڏينهن نه ڳالهائيندو هو. صبح جو ماڻ ميڙ ٻر تيار ٿيندو هو. راهُل کي پيار ڪندو هو. هو پنهنجي راهل تي عاشق هو. ۽ آڏي رات کان پوءِ گهر موٽندو هو. شروع شروع ٻر مون کي خيال آيو ته مان جميل جي بي پرواهيءَ جو بدلو وٺان پر اصل ٻر ڳالهه اها هئي... ته ... "

"ته؟"

"ته مان واقعي قمر ڏانهن چڪبي ويس...جيئن نانگ ڏانهن سندس شڪار چڪبو ويندو آهي. هڪ ڏينهن مون کي ٻڌائڻ کان سواءِ، قمر، جميل وٽ بار ٻر ويو ۽ کيس چيائين: 'جميل، مون کي تنهنجي ٻيبيءَ سان عشق ٿي ويو آهي.' "

"گُڊ گاڊ! نو؟ (Good God! No?)" عرفان چيو.

"جميل به پهرين ائين سمجهيو ته قمر پنهنجي ڊرامي جو ڊائلاگ پيو ڳالهائي. پر جڏهن سموري ڳالهه کيس سمجهه ٻر آئي ته هُن..."

"ظاهر آهي،" عرفان سندس ڳالهه وچ ٻرڪندي، "هن اول ته قمر جي مرمت ڪئي هوندي ۽ پوءِ گهر اچي تنهنجي خبر ورتي هوندائين... چگيءَ طرح."

"توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟" سيتا حيرت مان پڇيو.

"منهنجو مطلب آهي ته جيڪڏهن مان جميل جي جاءِ تي هجان ها ته ائين ئي ڪريان ها."

"هن بلڪل ايئن ئي ڪيو. هن قمر کي ڏاڍا ٿوٿنا هنيا ۽ گهر اچي مون کي ڏاڍو ماريائين. مان ڪڏهن سوچي به نٿي سگهيس ته جميل جهڙي مڏُر ۽ نرم مزاج ماڻهوءَ تي به ايترو جنون سوار ٿي سگهي ٿو. هن مون کي ڏاڍو ماريو."

"شاباس منهنجا شينهن!" عرفان چيو، "۽ انهيءَ وقت جميل ائين به

چيو هوندو ته هينئر جو هينئر منهنجي گهر مان نڪري وڃ. ۽ رات جو وقت هوندو ۽ ٻاهر برسات پنجي رهي هوندي."

سيتا هڪي ٻڪي ٿي ڪيس ڏسڻ لڳي. "جي ها، بلڪل اڻين ٿي ٿيو هو." هن آهستي جواب ڏنو.

"ڏس سيتا،" عرفان چوڻ لڳو. "تون جو چئين ٿي ته هر ڪالهه مختلف ۽ اوريجنل، نرالي ۽ گهري هٿ گهرجي... ته سيتا! هيءَ زندگي هزارين لکين پيرا ورجايل داستان آهي. اڻين هميشه ٿيو آهي ۽ هميشه ٿيندو رهندو. ماڻهو اهڙي طرح محبت ۾ گرفتار ٿيندا، هڪ ٻئي کان مايوس ٿيندا، اهڙي طرح دليون ڀڃنديون، ۽ اهڙي طرح دک سهبا. تون يا جميل يا قمر، نراليون عجيب هستيون ته ناهيو. تون مون کي سطحي ۽ غير جذباتي سمجهين ٿي، پر مان ڄاڻان ٿو ته ڪهڙي طرح تون جميل جي گهر مان (جيڪو تنهنجو گهر هو) نڪتي هوندين. ڪهڙي طرح هن راهُل توکي ڏيڻ کان انڪار ڪيو هوندو. ڪهڙي طرح تون مدد لاءِ قمر ڏانهن ويئي هوندين. ۽ شايد هن به توکي سهارو ڏيڻ کان انڪار ڪيو هجي. اهڙيون ڳالهيون توهان سان نه هٿ گهربيون هيون، چو ته تون، جميل ۽ قمر تمام غير معمولي دل ۽ دماغ وارا ماڻهو هٿا، پر زندگيءَ جي چڪيءَ ۾ سڀ گڏ پيسبا آهن. انهيءَ ۾ انٽلڪچوئل ۽ غير انٽلڪچوئل ۾ ڪو فرق ناهي."

هوءَ دريءَ تي مٿو ٽڪائي سامهون رستي ڏانهن ڏسندي رهي. هاڻي پنجاب جون سر سبز ٻنيون شروع ٿي چڪيون هيون. ڳاڙهيون ۽ ڪاريون گوڙيون پاتل هاريائيون پيچرن مان پئي گذريون. منٽگمري ضلعي کان اڳتي سج لهڻ جي روشنيءَ ۾، آسمان بلڪل ٻرندڙ اڱرن وانگيان ٿي لڳو. رستي تي مڪمل سناٽو هو. نار جي چوڌاري ڍڳا ڦريا پئي. هڪ هاري وڏو پٽڪو ٻڌي، سفيد چادر پائي، ڍڳن جو جوڙو هڪلينڈو گهڙ پئي موٽيو. گهٽي دير تائين گهنڊين جو سريلو آواز شام جي گلرنگ سنّاٽي ۾ ترندو ٻڌڻ ۾ پئي آيو. سيتا هٿ وڌائي ريڊيو کولي چڏيو. ريڊيو سيلون تان لتا جو گيت شروع ٿيو، جنهن ۾ گٽار جو چيندڙ آواز پئي وڳو.

"انهيءَ کي بند ڪر." عرفان بيزاريءَ مان چيو.

سيتا هڪدم تعميل ڪئي ۽ سوئچ آف ڪرڻ کان پوءِ وري متو دريءَ تي رکي چڏيائين.

"روءِ نہ." عرفان نرڙ ۾ گھنج وجھي چيو.

هن سُڏڪو پريو ۽ آگر سان اک جي ڪنڊ اگھائين.

"مان تنھنجي لاءِ جيڪو ٿي سگھيو، اُھو ڪندس، پر اھو تہ ٻڌاءِ تہ مان چا ٿو ڪري سگھان؟"

"عرفان، مون کي منھنجو راھُل ڪھي. جيڪڏھن توکي مون سان ٿوري ۽ ھمدردي آھي تہ جميل کان منھنجو پٽ مون کي واپس ونئي ڏي."

"راھُل، جميل سان ھريل آھي."

"ھو ڪيس چرين وانگر چاھي ٿو. امريڪا مان ايندڙ دوستن مون کي ٻڌايو آھي تہ آفيس مان ستو گھر اچي ڪيس ئي ڪارائيندو رھندو آھي. ھڪ ٻڌي شيديائي سندس سارسنيال لاءِ رکي اٿس. شام جو گھر ۾ اڪيلو ويھي ڊرنڪ ڪندو رھندو آھي، پر اھا ڳالھہ سندس ٻيءَ شاديءَ کان اڳ جي آھي. ھائي تہ ھن راھُل کي بورڊنگ ھائوس ۾ رھايو آھي. ڪيئن ۽ ڪري مون کي منھنجو پٽ واپس ونئي ڏي عرفان."

"تو سندس گھر وارن کي چا چيو؟"

"مان ڪيئن چا ٿي چئي سگھان؟"

"قانوني مشورو ڪيو؟"

"مان ڪجھہ نٿي ڪري سگھان. مون ادي فرخنده سان ڳالھہ ڪئي ھئي. ھوءَ ويچاري ھر طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار آھي. ھُن جميل کي گھٽئي خط لکيا آھن پر اھو ھڪ منجھيل مسئلو آھي چو تہ جميل سندس ياءُ آھي. ھن مون کي طلاق ڏيڻ کان سواءِ بي شادي ڪئي آھي. ھائي ٿورا ڏينھن ٽيا آھن."

"ازي! تو سول ميريج (Civil marriage) نہ ڪئي ھئي؟"

"نہ. مسلمان ڪري منھنجو نڪاح پڙھايو ويو ھو چو تہ جميل جي پيءُ کيس چيو ھو تہ جيڪڏھن امريڪا وڃي ڪنھن غير مسلم سان سول ميريج ڪندو تہ ھو کيس وراثت کان محروم ڪري ڇڏيندو چو تہ ھو شيعو مجتھد آھي. جميل مون کي اھا ڳالھہ ٻڌائي... مان سندس عشق ۾ ايڏي شدت

سان مبتلا هيس جو مون کيس جواب ڏنو ته کو حرج ناهي، سندس شرط پورو ڪر. ٻڌي ماڻ پيڻ جي دل ڏکائڻ جي ضرورت ناهي ۽ فرق به ڪهڙو ٿو پوي. مسلم ۽ غير مسلم - مان ته انهن ڳالهين کي بنياد کان مڃان ئي ڪين. نڪاح نامي تي منهنجو اسلامي نالو شايد سعيده بيگم لکيو ويو هو. مون بي حد اصرار ڪري بلڪل شرعي حق رکايو جيڪو فقط چند ڊالر ٿيو ٿي. جيئن ته جميل مون کي طلاق ڏنو ناهي انهيءَ ڪري اُنهيءَ اسپيني چوڪريءَ کي به مسلمان ڪري شادي ڪئي هوندائين.

"هو مون کي طلاق نه ڏيئي، ڇڪي طرح سزا ڏيڻ ٿو چاهي. قصور سراسر منهنجو هو. مون کيس دوکو ڏنو هو. مان کيترن مهينن تائين، ڏن پهرن جو يا رات جو، جڏهن موقعو ملندو هو، قمر جي گهر هلي ويندي هيس. سندس دوستن کي به خبر پنجي ويئي هئي ته مان سندس مسٽريس (Mistress) بنجي چڪي آهيان.

"پر جنهن وقت جميل مون کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو ته مان کيترا ڪلاڪ ٻاهر برسات ۾ سائيڊ واڪ تي بيٺي رهيس. جيڪڏهن انهيءَ وقت هو هڪ پيرو به دروازو کولي، فقط ايترو چوي ها: 'سيتا، برسات ۾ پُسين پيئي، اندر اچ' ته مان سموري ڇمار کيس دوکو نه ڏيان ها. پر دروازو ساڳي طرح بند رهيو. اندران راهُل جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هو. هو بيڊ روم ۾ بتي ٻاري، کيس سمهارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو. سندس پاڇو مون ڪمري جي دريءَ تي پوندي ڏٺو. هو راهُل جي پلنگڙيءَ تي جهُڪي کيس سمهاري رهيو هو. کيس ڪمبل پارائڻ کان پوءِ، هو مٿو ٻنهي هٿن ۾ جهلي صوفي تي ويهي رهيو. مون دير تائين ساهه روڪي دريءَ اندران ڏٺو ٿي، ته متان هو مون کي اندر سڏي ونئي. پر هو ساڳيءَ طرح بُت بنيو اندر ويٺو رهيو ۽ انهيءَ کان پوءِ بتي وسائي ڇڏيائين.

"توهان پورو اندازو لڳايو هو. مان اُتان ٽئڪسي ڪري قمر جي گهر پهتيس. انهيءَ وقت وٽس محفل متل هئي. هن مون کي تعجب سان ڏٺو. 'ايڏي برسات ۾ چو آئي آهين؟ ڪيئن آهين؟'

"مون کيس سربستي ڳالهه ٻڌائي. هو خاموش ٿي ويو ۽ پوءِ چوڻ لڳو: 'مون غلطي ڪئي هئي. مان توسان ڪڏهن نباهي نه سگهندس. مان ڏاڍو

غير ذميوار ماڻهو آهيان. واپس هلي وڃ ۽ جميل کي چئينس تہ توکي معاف ڪري ڇڏي. هو تمام نوبل ماڻهو آهي. ضرور معاف ڪندو. مان بہ ڪانئس معافي وٺندس ... اسان ٻئي جذبات جي سيلاب ۾ وهي ويا هئاسين، سيتا راڻي! زندگي جو اصلي سڪون تو کي هڪ سالڊ (Solid) ماڻهو جي گهر مان ئي ملي سگهي ٿو.' هو نہ ڄاڻان ڪهڙا ڪهڙا ڊائلاگ چوندو رهيو. مان ٻاهر نڪري آيس.

"ڪجهہ ڏينهن مون پنهنجي دوست گريس جي اپارٽمنٽ ۾ گذاريا ۽ پوءِ مامي‌ءَ کان پاڙي جا پيسا وٺي دهلي هلي آيس. هاڻي سال کن کان دهلي‌ءَ ۾ آهيان."

"تو راهُل لاءِ جميل کي لکيو؟ خُلع جي ڪوشش نٿي ڪري سگهين؟"

"عرفان اِهي ايڏيون ڊيچارينڊ ڳالهيون آهن، جو مون کڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ جنهن ماڻهوءَ کي مون پنهنجي زندگي، پنهنجي دل، دماغ، روح ۽ سيڪجهہ سونپي ڇڏيو هو، کانئس هڪ ڏينهن علحدگي حاصل ڪرڻ لاءِ قانوني جهيڙو ڪرڻو پوندو. مون جهيڙو وڙائڻ نٿي چاهيو چو تہ ڊيڊي‌ءَ کي سموري ڳالهہ جو تفصيل معلوم ٿئي ها تہ صدمي جي ڪري هارٽ فيل ٿي وڃي ها. هڪ بئريسٽر دوست جي ذريعي البت جميل کي خط لکرايو هوم تہ هن جواب ڏنو تہ انهي‌ءَ عورت جي اخلاقي حالت اهڙي ناهي جو هڪ معصوم ٻار جي پرورش ڪري سگهي. عرفان، سندس اها پائنٽ شايد ٺيڪ بہ هئي. گهٽ ۾ گهٽ دنيا جي نظرن ۾."

"واٽ آ ربش! (What a rubbish!) "

لاهور اسٽيشن تي انڊيا ويندڙ ٽرين ۾ سوار ٿيڻ کان اڳ، پليٽ فارم جي سيخن جي اوربان وينل ڪانسٽيبل ڪاغذن جي خانہ پوريءَ لاءِ سوال پڇڻ شروع ڪيا. هڪ خاني تي اچي هن پڇيو: "مذهب؟"

سچ گڏ ٻڏ آهي. بلقيس فارم مڪمل ڪرائي ٽرين جي پرسان بيهي اڳي وانگر متن مائٽن سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ مشغول هئي. نادر ۽ عرفان، سيتا سان گڏ پوليس جي ميز وٽ موجود هئا. ڪانسٽيبل پاسپورٽ کولي ٻيهر ڏنو ۽ ويزا تي نظر وڌائين:

نالو: مسز سيتا جميل.

سفر جو مقصد: عزيزن سان ملڻ لاءِ پاڪستان آئي هئي.

مڙس جي قوميت: جمهوريہ هند جو شهري.

هن وري هڪ پيرو سيتا تي نظر وڌي. عجيب نالو هو. پيشانيءَ تي تلڪ لڳايو اٿس. پاڪستان کان هندستان وڃي رهي آهي. چگو پُراسرار معمو آهي.

"مذهب؟" هن ٻيهر سوال ڪيو.

"اهو سوچڻو پوندو. چگو فري ٿنڪر (Free thinker) لکو." عرفان ڪلندي چيو.

ڪانسٽيبل لکيو.

"ها ها ها." نادر تهڪ ڏنو. "ياڃائي فري ٿنڪرا سڀ سؤڻ وڌي ماسيءَ کان پڇي تلسي پور ۾ ڪندي هئي، جڏهن جميل پاءُ بيمار ٿيو هو. ها ها."

"ها ها ها." عرفان کوکلي ڪِل ڪِليو.

"ها ها ها." سيتا ۾ سندس ساٿ ڏنو.

8

• ترين لاهور کان دهلي پهتي. بلقيس انهيءَ ڏينهن پالم وڃي بمبئي رواني ٿي ويئي. سيتا قرول باغ واپس پهتي، ٻئي ڏينهن هيما سان ملي ۽ ٽئين ڏينهن کان آفيس وڃڻ لڳي. سندس مصروف ۽ خالي زندگيءَ جي معمول جو سلسلو اُتان کان شروع ٿي ويو، جتان ڇڏي هوءَ ٽن هفتن لاءِ پاکستان ويئي هئي.

بلقيس جي بمبئي موٽڻ کان پوءِ 'مدرا راکشس' شروع ٿيڻ وارو هو ۽ 'مادرن ٿيٽر' جا رکن انهيءَ جي تيارين ۾ ڏاڍو رڌل هئا.

'فرسٽ نائيٽ' جي موقعي تي سيتا ٿيٽر هال جي ڏاڪڻ تي بيهي کجھ دوستن سان ڳالهيون کري رهي هئي. هُن محسوس کيو تہ ٽنيي جي پويان کو ماڻهو کيس ڏاڍي ڏيان سان ڏسي رهيو آهي. سندس شڪل کجھ جاتل سجاتل لڳي ٿي پر کيس سمجھ ۾ نہ آيو تہ هو کير آهي. هوءَ اطمينان سان ڳالهين ۾ محو رهي. جڏهن سيني اندر وڃڻ لڳا تڏهن ٻہ، انهيءَ ماڻهوءَ هڪ ٻہ پيرا مڙي کيس اُتاچري نظر سان ڏٺو. ناٽک ختم ٿيڻ تي جڏهن هوءَ بلقيس کي مبارکباد ڏيڻ جي ارادي سان للتا جي ڊريسنگ روم ۾ ويئي تہ ان وقت اُهو ماڻهو اُتي اڳ ۾ ئي موجود هو ۽ کيس چار پنج ڇٽا گهيريو بيٺا هئا. پنهنجي انداز سان هو کا وڏي هستي ٿي لڳو. للتا، سيتا جو ساڻس تعارف کرايو: "پروجيش کمار چوڌري!"

پروجيش کمار چوڌري ملڪ جو عظيم ترين مصور، عالمگير شهرت جو ايکسپريشنسٽ آرٽسٽ (Expressionist artist)، جنهن جون تصويرون هُن نمائشن، رسالن ۽ کتابن ۾ ڏٺيون هيون، جنهن جي باري ۾ آمريکا جي آرٽ مخزنن ۾ مضمون پڙهيا هئائين. پروجيش کمار چوڌري انهيءَ وقت جيئرو جاڳندو سندس سامهون موجود هو!!

"هيلو سيتا ديوي." هو چئي رهيو هو. "قمر توهان جو گهڻو ذکر کندو هو. ڏاڍي خوشي ٿي جو هن وقت توهان سان ملاقات ٿي آهي. اچو،

هيڏانهن ويهون."

اُهي لباسن جي انبار پرسان استولن تي ويهي رهيا. پروجيش بيحد اخلاق سان گفتگو ڪندو رهيو. 'هوءَ هندستان جي سپ ڪان وڌي مصور سان ڀَالهائي رهي آهي' ، اهو سوچي ڪيس ڏاڍو تعجب محسوس ٿي رهيو هو.

پروجيش پڪي عمر جو هو. سندس شخصيت ڏاڍي دلڪش هئي ۽ عورتن کي موهڻ جو به فن ڪيس خوب ٿي آيو.

"ننڍپڻ کان توهان جو نالوبڏندي پئي اچان. ڪولمبيا ۾ ته اسان توهان جي تصويرن جي، نمائش به ڪئي هئي، 'انڊيا ايوننگ' جي سلسلي ۾ هڪ پيري." سيتا چيو.

"هون" هو ڏاڍي شفقت ۽ پنهنجائپ سان مشڪيو.

'ننڍ پڻ کان توهان جو نالو بڏندي پئي اچان' - اها ڪهڙي نه رسمي ۽ احمقانه ڀَالهه چئي ڇڏيم. پر اها حقيقت هئي ته اُن وقت هوءَ هڪ پيرو بيحد نروس (Nervous) ٽي وينِي هئي. مشهور شخصيتن کان مرعوب ٿيڻ سندس وڏي ڪمزوري هئي ۽ ڪيس انهيءَ ڪمزوري جو احساس به هو. پل ئي پل ۾ انهن سيني مشهور ماڻهن جو جلوس سندس ذهن ۾ ڦرڻ لڳو جن جي هوءَ ننڍپڻ کان هيرو-ورشپ (Hero-worship) ڪندي آئي هئي. "منهنجو مطلب اهو ناهي ته مان بلڪل ننڍي آهيان.' پي کن ۾ هن پاڻ سنڀالي چيو.

"چو نه. تون ته منهنجي ڏيءَ جي برابر ٿيندينءَ."

"خير اهو ته غلط آهي! ...ڏيءَ ؟" هن ٽورو ترسي پڇيو:

"ها. جيڪڏهن منهنجي ڪا ڏيءَ هجي ها ته تو کان ڪا چار پنج سال ئي ننڍي هجي ها، عمر ۾!"

سيتا کي خبر هئي ته جڏهن کان هُن پنهنجي هنگرين (Hungarian) زال کي طلاق ڏني هئي (جيڪا پاڻ وڏي مشهور سنگتراش هئي)، پروجيش ڪمار چوڏري پي شادي نه ڪئي هئي. جيئن گورڪي سموري دنيا کي پنهنجي يونيورسٽي سمجهندو هو، تيئن پروجيش سموري دنيا جي خوبصورت عورتن کي پنهنجي حرمسرا جون ڪنيزون تصور ڪرڻ جو قائل هو ۽ انهن سوچڻ ۾ هو صحيح هو، چو ته تمام گهٽ عورتون سندس شخصيت

جي سحر کان بچي سگھندين هيون. گذريل ويھن سالن کان سندس بي تڪلف دوستن جي حلقي ۾ سندس مختلف 'پيريڊ' ، مشهور هنا.1938ع کان وٺي 1941ع تائين، جڏهن هو الله آباد جي ڪشميري آرٽسٽ پرياٻخشيءَ تي عاشق هو تہ اهو زمانو سندس مصوريءَ جو 'ڪشميري پيريڊ' چوڻ ۾ ايندو هو. انهيءَ کان پوءِ هڪ ٻئي پويان چيڪوسلواکين، گجراتي ۽ راجستاني دؤر جاري رهيا. 1946ع کان 1953ع تائين جڏهن نامور هندي ليکڪا ڪماري راج راڻي مصرا کانئس متاثر ٿي، تي وڏا ناول لکيا تہ اُهو پروجيش ڪمار چوڏريءَ جو 'گنگا جمني دؤر' سمجهيو ويو. 1952ع کان هن وقت تائين سندس جدا جدا مرحلا، فرانسيسي، روسي ۽ پنجابي پيريڊ شروع ٿي ختم ٿي چڪا هئا. انهيءَ وچ ۾ سندس هنگرين زال آئي ۽ هلي ويئي. هيڏانهن ڪجهہ عرصي کان سندس جذباتي زندگيءَ جو ڪو پيريڊ منظرِ عام تي نہ آيو هو.

هو للتا جي ڊريسنگ روم ۾ ويهي دير تائين سيتا سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندو رهيو. سڌيون سادیون، گهٽ گهربون غير مابعد الطبيعاتي ڳالهيون!

'اڙي، هي هيڏو وڏو ماڻهو ايترو نارمل ۽ سڌو سادو نڪتو! سندس طبيعت ۾ ڪيتري نہ مروت هئي! ڪيتري نہ ملائميت!' سيتا حيرت مان سوچيو ۽ جڏهن پروجيش چيو تہ چنچر جي رات جو مون سان گڏجي ماني کائو تہ هن هڪدم قبول ڪيو. "قمر ۽ ماڏوري ۽ ايندا." پروجيش اضافو ڪيو.

"اوهہ، هائو ونڈرفل! (How wonderful!) مان قمر سان ڪافي زماني کان نہ ملي آهيان." سيتا گرمجوشيءَ سان جواب ڏنو.

چنچر جي شام جو جڏهن هو پروجيش ڪمار چوڏريءَ سان گڏ ريسٽورنٽ ۾ گهڙي ٿي تہ ٻنهي کي گڏ ڏسي وراندي ۾ بيٺل ڪنهن چوڪري آهستي پنهنجي ساٿي کي چيو: "شو گرل! (Show girl!)"

سيتا جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو. 'شڪر آهي جو پروجيش اهو واهيات رمارڪ نہ ٻڌو،' هن سوچيو.

اُهي ٻئي اندر وڃي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺا. هال ٿهڪن سان جڳمگائجي

رهيو هو. آرڪيسٽرا تي ڪا تازه ترين ڌن وڄي رهي هئي. ماڻهو ٻاهران اچي ميزن سامهون وينا ٽي يا ٻاهر وڃي رهيا هئا. پروجيش پنهنجي ڪنهن واقفڪار سان ڳالهائڻ لاءِ اُٿي ٻيءِ ميز ڏانهن هليو ويو. سيتا پنهنجي جاءِ تي ويهي ريسٽورنٽ ۾ وينل ماڻهن کي ڏسندي رهي. عجيب عجيب ماڻهو. هندستان جي نئين اسٽيج جا اداڪار. اڙدوءِ جا شاعر ۽ ليکڪ. نوان دولتمند سنڌي ۽ پنجابي، جيڪي ڏهه سال اڳ هن ني شهر ۾ پاڪستان کان شرنارٿي بنجي آيا هئا. ٻاهر ڪنات سرڪس جي رستن تي موٽرن جو وهڪرو وهي رهيو هو. مرڪزي حڪومت جا اعليٰ عهديدار. فلم سيمينار لاءِ آيل بمبئي ۽ ڪلڪتي جا مشهور ايڪٽر ۽ ايڪٽريسون ۽ ڊئريڪٽر. ڪانگريس ۽ سوشلسٽ ۽ ڪميونسٽ پارٽين جا اڳواڻ. انهيءِ نئين سوسائٽيءِ جي باري ۾ ريسرچ ڪري هن پي. ايڇ .ڊي جي ڊگري ورتي هئي. ڪجهه منٽن کان پوءِ پروجيش ميز تي واپس آيو ۽ نرم نرم آواز ۾ سائس ڳالهيون ڪندو رهيو. 'انهن نياڳن بنگالين جي آواز ۾ ڪيڏو جادو هوندو آهي!'

ٿوري دير ۾ قمر ۽ ماڏوريءِ اچي ويا. ماڏوريءِ جي سينڊ ۾ سندُور لڳل هو.

"مسز چوڌري!" پروجيش سيتا سان تعارف ڪرايو.

"مبارڪ هجي قمر!" سيتا مشڪندي چيو.

"ٿينڪس سيتا! اسان ايڏو جلديءِ ۾ شادي ڪئي آهي جو ڪنهن دوست کي اطلاع به نه ڏيئي سگهياسين ۽ تون پاڪستان هلي وئينءِ هنيءِ."

قمر ڏاڍي محبت ۽ خلوص سان سيتا سان ڳالهيون شروع ڪيون، جڏ ڪي به پراڻا دوست ڀاڻ ۾ مليا هجن.

انهيءِ وقت پروجيش هڪ روسي دوست کي پنهنجي ميز تي سڏي ورتو، جيڪا اڙدوءِ ۾ ريسرچ ڪرڻ لاءِ ماسڪو کان علي ڳڙهه آيل هئي. ڪجهه دير کان پوءِ، به ٻيا روسي پارٽيءِ ۾ شامل ٿي ويا. اُهي ٻئي پلاٽيءِ ۾ انجنيئر هئا. اهي 'هندي وارا' هئا ۽ 'اڙدو واري' روسي چوڪريءِ سان اُڙدو- هنديءِ جي بحث ۾ لڳا پيا هئا ۽ نهايت ئي مشڪل اڙدو ۽ نهايت ئي شُڌ هندي ڳالهائي رهيا هئا.

پروجيش ٿڪ ڏيئي ڪليو. "اڙدو ـ هنديءَ جو ته اهڙو جهيڙو آهي جو توهان کي به ڪٿي ڪريو." هن چيو.

جيئن جيئن رات گهري ٿيندي ويئي تيئن تيئن پروجيش جي مهمانن ۾ واڌارو ايندو ويو. ڏنر جي ختم ٿيڻ تي جڏهن سيتا باهر وڃڻ لڳي ته قمر ۽ ماڏوري کيس گرمجوشيءَ سان ايندڙ آڇر تي پنهنجي گهر اچڻ جي ڪوٽ ڏني.

قمر ۽ ماڏوريءَ جي شاديءَ کي اڃا هڪ مهينو به نه ٿيو هو. اُهي سُندر نگر جي هڪ فليٽ ۾ رهيا ٿي. ماڏوري سرڪاري آفيسر هئي ۽ پنهنجي ڪار هلائيندي هئي، انهيءَ ڪري قمر کي پنهنجي مالي ڪاميابيءَ جي باوجود ڪار خريد ڪرڻ جي ضرورت نه پيئي هئي.انهن ڏينهن ۾ اُهي ٻئي پنهنجوگهر انتهائي آرٽسٽڪ انداز ۾ سجائڻ ۾ رُڌل هٿا ۽ گهٽو ڪري شام جو باهر وڃڻ جي بدران پنهنجن ويجهن دوستن کي پاڻ وٽ مدعو ڪري ونندا هٿا جتي سڀ گڏجي ڪاڏو ناهڻ ۾ ماڏوريءَ جي مدد ڪندا هٿا.

آڇر جي شام جو وعدي مطابق هوءَ پروجيش سان گڏجي قمر جي گهر پهتي. قمر ڪال بيل جو آواز ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي دوڙندو هيٺ آدر ياءُ لاءِ آيو. مٿي پهچي هن مهمانن کي ستنگ روم ۾ ويهاري، انهن جي خاطر داري ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

پروجيش، جيڪا وڏي پينٽنگ قمر کي شاديءَ جي تحفي ۾ ڏني هئي، انهيءَ هيڻيان صوفي تي ويهي سيتا ڏانو ته ڪاميابي قمر کي ڪنهن حد تائين مختلف شخصيت بنائي چڏيو هو. هن جي انداز ۾ خود اعتمادي اچي ويئي هئي. شايد هو هاڻي ايترو لٻاڙي به نه رهيو هو. مهمانن سان ڳالهيون ڪندي ڪندي هن ڪڏهن ڪڏهن نظرون کٽي ڏاڍي پيار سان ماڏوريءَ کي ڏسي ورتو ٿي. ماڏوري مٽس ڏاڍو چگو اثر چڏيو هو. اهو ظاهر هو ته هوءَ سندس بوهيميئن دور کي ڏاڍو مصروف هئي.

قمرالسلام چوڌري انهيءَ وقت هڪ ڪامياب نامور دولتمند انسان هو. مسرور ۽ مطمئن. ڪاميابي روح لاءِ ڪيڏي عمدي شيءَ آهي!

انهيءَ وقت هو ڏاڍي بي نيازي ۽ بيرواهيءَ سان پنهنجن برطانوي ۽ امريڪي پبلشرز جو ذڪر ڪري رهيو هو ۽ سيتا ڏانو ته سندس گفتگو ۾

ڪٿي به غرور يا وڏائي جي جهلڪ نه هئي. ڪاميابي انسان کي مروت به سيکاري چڏيندي آهي. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هو ماسڪو وڃي رهيو هو. سندس نئين تمثيل مشرقي برلن ۾ اسٽيج ڪٿي وڃڻ واري هئي. تازو ئي پنهنجو پهريون ناول مڪمل ڪيو هو. انهيءَ ناول کي ڇپائڻ لاءِ ڪيس جلدي نه هئي ڇو ته نظمن جي مجموعي جي اشاعت سان ڪيس ايتري شهرت ملي ويئي هئي جو هاڻي ڪيس وڌيڪ شهرت جي پرواهه نه رهي هئي. ڪاميابي انسان کي مطمئن ڪري چڏيندي آهي.

بيل وڄي ۽ گوپال ۽ جينيفر ڪرين اندر آيا. جينيفر سيتا کي ڏسنديئي نعرو هڻي ساٿس پاڪرين پئجي ويئي. "ڊارلنگ، توکي هيترين صدين کان پوءِ ڏٺو اٿم. ڪيئن آهين؟"

"مان هاڻي مسز گوپال آهيان. ۽ تون؟"

ستيش گوپال مشڪندي سيتا کي نمستي ڪيو. سيتا ساٿس هڪ پيرو بلقيس وٽ ملي چڪي هئي. هو تمام خوش اخلاق ۽ يار ويس پنجابي چوڪرو هو. اطلاعات کاتي ۾ نوڪري ڪيائين ٿي ۽ شاعر هو.

"هندستان جي روح ۾ جهاتي پائڻ جو تنهنجو پروجيڪٽ اڃا مڪمل نه ٿيو آهي؟" مانيءَ لاءِ جاپاني وضع جي ڊگهي چوڪي پرسان ڪُشن تي ويهندي، سيتا جينيفر کان پڇيو.

"بنگال کان پوءِ پنجاب جو جائزو ونڊ بي حد ضروري هو." جينيفر اطمينان سان فرش تي ويهندي وراٿيو.

"اڃا ته هندستان جون گهٽيون استيٽس رهيون پيون آهن، جينيفر ڊيئر!" سيتا چيو.

"خدا منهنجي مدد ڪندو!" جينيفر اکيون گهمائي ڇت ڏانهن ڏسندي جواب ڏنو.

"سيتا جي!" ستيش ساٿس مخاطب ٿيو، "قمر صاحب زور ٻڌو آهي ته مان سندس ناول جو اردوءَ ۾ ترجمو ڪريان. توهان پڙهيو آهي؟"

"اڃا نه ."

قمر هڪدم مسودي جو فائيل ڪيي ڪٿي آيو.

"نالو ته ڏاڍو سٺو آهي 'بادلن جو شهر.' مطلب؟" پروجيڪٽ عنوان تي

نظر وجهي چيو.

"اڙي صاحب، هيءَ نيويارڪ جي اسڪاءِ اسڪريپرز جي بادلن ۾ رهندو آهي نه! پنهنجي سمجهه ۾ ته اهو آيو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ کي به قمر صاحب پنهنجي پينٽنگس وانگر ناقابلِ فهم بنائڻ جي ڪوشش ته پوري ڪئي آهي." ستيش گوپال جواب ڏنو.

ماني کائڻ کان پوءِ قمر مسودو ڪٽي سيتا جي پرسان اچي ويٺو. "سيتا، مان ڪنهن ڏينهن اهو ناول توکي پاڻ پڙهي ٻڌائيندس. توکي نيويارڪ جي اها طوفاني رات ياد آهي جڏهن تون مينهن وسندي ۾ مون وٽ آئي هئينءَ ۽ مان ڪجهه چئي نه سگهيو هوس. ياد آئيني نه؟ مون انهيءَ طوفاني رات جو باب پنهنجي رت سان لکيو آهي." هن آهستي چيو.

سيتا نفرت پري نظر مٽس وڌي. 'تون زندگيءَ سان انهيءَ ڪري ڪيڏين ٿو، جيئن بعد ۾ انهن جي باري ۾ ڪامياب ناول لکي سگهين. توهان انٽلڪچوئل دراصل ڪيڏا وڏا فراڊ آهيو!' هن دل ۾ چيو.

جينيفر ڪافيءَ ناهڻ ۾ ماڏوريءَ جي مدد ڪرڻ لاءِ بورچي خاني ۾ وڃي چڪي هئي ۽ اُهي ٻئي ڪنهن ڳالهه تي خوش ٿي ڪلي رهيون هيون. ستيش بُڪ ڪيس ۾ ڪتاب ڏسڻ ۾ مصروف هو ۽ قمر سان ڪا ڳالهه ڪري رهيو هو.

هڪ ڪن لاءِ سيتا جو مٿو چڪرائجي ويو. هي بوهيميئن انٽلڪچوئل شادين جي سلسلي ۾ هڪ قسم جي ميوزيڪل چيئرز راند کيڏي رهيا هئا ۽ ناقابل اعتبار هئا، چو ته کين پنهنجي زندگين تي اعتبار نه هو.

هڪدم اوچتو کيس عرفان ياد آيو ۽ انهيءَ ياد کيس بيحد دل گرفته ڪري ڇڏيو. 'هن گهڙيءَ هو نه ڄاڻان ڪٿي هوندو؟ پشاور؟ پنڊي؟ واقعي هن ٺيڪ چيو هو: 'هوءَ ۽ عرفان ڏاڙهڙ ڏسن ۾ جيءَ رهيا هئا.'

عرفان سندس روانگيءَ جي وقت لاهور جي پليٽ فارم تي جهڪي آواز ۾ چيو هو: "تون مون کي غير جذباتي سمجهين ٿي پر هاڻي تنهنجي وڃڻ کان پوءِ مان مستقل هي شعر پڙهي لڙڪ وهائيندو رهندس. لڙڪ وهائڻ ته نٿيو، نڙيءَ تاڻي رڙيون ڪري رئندس."

"ڪهڙو شعر؟"

"عرض تو کرياں:

وہ کب کي آئي پي اور گئي پي، نظر ميں اب تک سما رهي هيں
يہ چل رهي هيں وہ ڦر رهے هيں، يہ آ رهي هيں وہ جارهي هيں."

9

پنج ڇهه مهينا گذري ويا.

هڪ ڏينهن ڪافي رات گذري ويئي هئي. بلقيس ماني ڪائي هٿ ڌوئڻ لاءِ غسلخاني ڏانهن وڃي رهي هئي تہ فون جي گهنٽي زور زور سان وڄڻ لڳي.

"سيتا هوندي. هوءَ ئي اهڙي طرح وقت بي وقت فون ڪندي آهي." بلقيس ننڍي ماسيءَ کي چيو ۽ لاٿونج ۾ وڃي رسيور کنيائين.

سندس خيال ٺيڪ نڪتو. هيما جي گارڊن هائوس مان سيتا ڳالهائي رهي هئي: "بِلي، مان سياٽي صبح جو ڪولمبو وڃان پيئي."

"ڇا چيو؟ ڪولالمپور؟ خدا جي واسطي ... ڇو پلا؟"

"ڪولمبو." سيتا جي آواز ۾ ڏاڍي ڪمزوري هئي.

"پر ڇو؟"

"مون کي هاڻي خبر پيئي آهي تہ جميل اُتي يو۔ اين جي ڪنهن ڪم سان آيل آهي."

"پوءِ ڇا؟"

"مان وڃي آخري پيرو ڪيس پرارٽنا ڪنديس تہ راهُل مون کي ڏي."

"اهو جهنگلي بدڪ جو پيچو ڪرٹو ٹيو، سيتا ڊيئر. ۽ تون اُتي ڇو ٽي وڃين؟ شايد هو دهلي ۾ اچي. ايڈو ويجهو اچي، اهو ڪيئن ٹو ٽي سگهي تہ هُو هِتي نہ اچي. پر هن تہ اسان کي ڪولمبو اچڻ جي باري ۾ لکيو ۾ ناهي."

"هو اُتي فقط هفتي ڪن لاءِ آيل آهي ۽ پوءِ سڌو جڪارتا هليو ويندو، جتان واپس نيويارڪ. مون يو۔ اين انفرميشن آفيس مان سڀ ڪجهه معلوم ڪيو آهي."

"۽ ڪولمبو ۾ تون کيس هٿ ڪندينءَ؟"

"ها، مان سڀ انتظام ڪنديس."

"يا الله! تون ڏينهون ڏينهن پُراسرار ٿيندي ٿي وڃين. سيتا ڊيئر، اهو ڪهڙيءَ طرح؟ ڏاڍي ريسورسفُل (Resourceful) آهين!"

"هو تو وارو مهاشيه به اڄ ڪلهه اُتي آهي. ڪنهن ڪانفرنس جي چڪر ۾ ويو آهي."

"مون وارو مهاشيه ڪهڙو؟"

"اُهو ئي." هوءَ ٽورو هيڪي، "عرفان!"

"توکي ڪهڙي خبر؟"

"مون کي، مون کي هُن لکيو هو."

"هون، ته تنهنجي هن سان خط و ڪتابت به آهي. تون واقعي وڏي زبردست ڊارڪ هارس آهين سيتا راڻي! جيڪڏهن خدا نه ڪري، مان سائس شادي ڪرڻ واري هجان ها ته هينئر ئي توسان ڊوئل (Duel) لڙان ها!!"

"جينئن ته مون کي خبر آهي ته تون سائس شادي نه پيئي ڪرين، انهيءَ ڪري مون سندس خطن جا جواب ڏيڻ ۾ ڪو حرج نه سمجهيو."

"اوهه! نيور مائينڈ (Never mind)۔ مون چرچو پئي ڪيو. تون ڪيتري قدر بور بنبي پيئي وڃين. مون کي تنهنجو فڪر لڳو پيو آهي. چيئر اپ!"

"ته هو عرفان صاحب ڏاڍو سمجهو ماڻهو آهي. مان ڪيس چوندیس ته جميل کي سمجهائي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، تنهنجي ناتي. هن مون سان پاڪستان ۾ وعدو ڪيو هو ته هو هر ممڪن مدد ڪندو. انهيءَ ڪان سواءِ مان ڏيڍ سال ڪم ڪندي ڪندي ٽڪجي پيئي آهيان. ٽورو سئر به ڪري وٺان."

"ته سئر ڪرڻ لاءِ چا هتي جايون ڪُٽيون آهن." ڪشمير يا ڪيرالا هلي وڃ. ايڏو پري وڃي پيسا برباد ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي! ۽ وري تو اهائي بيهودي ڳالهه چئي. منهنجو ڪهڙو ناتو؟"

"منهنجو مطلب آهي ته هو توهان جو فيملي فرينڈ آهي."

"هي ڳالهه اها ته جميل ہن تن جي سمجهائڻ سمجهڻ جي بدران پاڻ وڌيڪ ناراض ٿيندو. توکي سندس غصي جي ته خبر آهي. مان پيڻ آهيانس، مون کي خبر آهي."

"مان سندس زال آهيان، بلقيس."

"گڈ گاڈ! سيتا توکي عقل جي ڳالهه ٻڌائڻ بلڪل بيڪار آهي. سڄي ڳالهه نڪي ڪرين ته تو لاءِ پاڪستان وڃي عرفان سان ملڻ تقريباً مشڪل آهي ۽ اسان سيني لاءِ آڪوَرڈ ٻ. انهيءَ ڪري تون فقط ساٿس ملاقات ڪرڻ ڪولمبو پيئي وڃين. تون ڪنهن کي بيوقوف بنائڻ ٿي چاهين، سيتا ڊيئر؟"

"بلقيس،" سيتا غصي مان چيو، "تون مون سان اهڙيون ڳالهيون چو ٿي ڪرين؟"

"انهيءَ لاءِ ته تون ڏينهون ڏينهن احمق ٿيندي پيئي وڃين. ماٿهن هتي تنهنجا اسڪينڊل بيان ٿا ڪن ۽ شرم اسان کي ٿو اچي."

"گڈ نائيٽ بلقيس!" سيتا غصي ۾ ڏڪندي زور سان رسيور ڪٽي رکيو.

"ڪنهن سان وڙهي رهي هئينءَ؟" هيما ٻار کي لولي ڏيندي پنهنجي ڪمري مان ڏاڍي مٺي آواز ۾ پڇيو.

"توهان سيٺي گڏجي مون کي ڇڙڪائي ويندیون." سيتا زهر پرئي لهجي ۾ وراٽيو ۽ بيگ کٽي تير وانگر گٽلريءَ مان ٻاهر نڪري ويئي.

10

"واڻيءَ ۽ وناڻڪ کي منهنجو پرڻام، جن لفظن ۽ انهن جون معنائون جوڙيون آهن. واميڪ، هنومان، پواڻي ۽ شنڪر، رام ۽ سيتا کي منهنجو پرڻام!

"هري هر، جنهن جي ڪارڻ هيءَ دنيا حقيقي نظر اچي ٿي، جيئن رسيءَ کي نانگ سمجهيو ويندو آهي. هري هر، جنهن جا چرڻ ٿي اهڙي ڪشتي آهن، جن جي ذريعي سنسار- جنم ۽ مرڻ جي سمنڊ- کي پار ڪري سگهجي ٿو. وشنو، جنهن جو چهرو هاڻي جهڙو آهي، جيڪو ڪل يُگ جي بديءَ کي جلاڻي رک ڪري ٿو چڏي، مون تي پنهنجي ديا ڪر!

"ڪير جي سمنڊ ۾ رهندڙ پڳوان، جيڪو نيل ڪنول جهڙو نيرو آهي، مون تي ديا ڪر. گُرو رامانند جي قدمن جي متيءَ سان، جيڪا امرت آهي، مان پنهنجي بُڌيءَ جي اکين کي صاف ڪندس. سنتن جا ڪرم، ڪهڙ جي گلن وانگر آهن، خشڪ، سفيد ۽ نرم. منهنجو گُرو، جيڪو دنيا ۾ پرياگ جو سوَروپ آهي، جتان گنگا ماتا وهي ٿي، جيڪا رام جي پڳتي آهي، جيڪا ڌيان آهي، جيڪا سرسوتي وانگر آهي، هري ۽ هر جي ڪهاڻي ترويڻي [1] وانگر آهي. ڏرم، برڙ جو مضبوط وڻ آهي. بدنفس، هن دنيا ۾ ڪيتُو وانگر ناس ڪندڙ آهن ۽ ڪُنيڪرڻ وانگر نند ۾ آهن. پڳوان ۽ منش، دولت ۽ غربت، راجا ۽ فقير، ڪاشي ۽ مگد [2]، گنگا ۽ ڪرم ناش [3]، مارواڙ ۽ مالوا [4]، برهمڻ ۽ ڪاسائي - ويدن انهن ۾ فرق ٻڌايو آهي. مان سفيد پني تي اُهو ئي لکان ٿو، جيڪو سچ آهي. ملايا کان جيڪو ڪاڪ اچي ٿو، جنهن کي ڏاڍو قيمتي سمجهيو ويندو آهي، انهيءَ کي فقط ڪاڪ ڪير ٿو سمجهي؟ شاردا [5] جون بوندون سپ ۾ پونديئي پورٿماسيءَ جي رات جو موتي بنجي ويندیون آهن.

---

(1) الله آباد پرسان اهو هنڌ، جتي گنگا جمنا ۽ سرسوتي ملن ٿيون.

(2) ڪاشي ڏيکي آهي ۽ بگڙ بدي.

(3) گنگا جي هڪ شاخ، جنهن جي باري ۾ عقيدو آهي ته انهيءَ کي چهڻ سان سڀ ڪرم ناس ٿي ويندا آهن.

(4) مارواڙ صحرا آهي ۽ مالوا سرسبز

(5) برسات

"اڙڻ جي پوترنگر ۽ پوتر ندي سرجوءُ کي منهنجو پرٿامرا سيتا ۽ رام ايئن آهن جيئن لفظ ۽ انهن جي معنيٰ، پاڻي ۽ ان جي موج. رگھو پتيءَ جي پڳتي برسات جي موسم آهي. رام پڳت، ساريون جا نسرندڙ سلا آهن. رام نام جا اکر، ساوڻ ۽ پدي جا مهينا آهن. پوتر پريم، اهو جهنگل آهي، جنهن ۾ رام ۽ سيتا گهمندا آهن. ذهين سنوال، کشتيون آهن ۽ انهن جا جواب آهن ماهر ملاح. رام جا لفظ مضبوط گهاٽ آهن.

"منو مهاراج، جيکو انساني نسل جو پيءُ آهي، سندس پوٽو هري پڳت هو. منوُ ۽ سندس زال راڻ- پاٽ تيا ڳي، تهسيا لاءِ جهنگ ڏانهن نڪري پيا. اُهي جهنگ ۾ اهڙي طرح هليا ٽي جڻ گيان ۽ ڏرم گڏ هجن. 'اوم نمو پڳوتي واسديوا' جو جاپ ڪندا، اُهي جڏهن گومتيءَ جي ڪناري پهتا ۽ هزارين سال تهسيا ڪيائون تڏهن ايشور کين چيو ته گھُرو جيڪي گهرٽو هجيو. منوُ چيو: هي ايشور، مون کي تو جهڙو پٽ گهرجي. ايشور وراٽيو: منهنجو ٽاني ڪوبہ ناهي. مان البت ايترو ڪري سگھان ٿو ته تنهنجي پُٽ جي روپ ۾ دنيا ۾ جنم ونڌي اچان."

"اڙي هيما،" امان رامائڻ جي صفحي تي آگر رکي پنهنجي ڪمري مان سڏيو، "اڙي، چا سيتا هلي ويئي؟ کيس ماني ته کارايوس ها."

هيما کو بہ جواب نہ ڏنو. هوءَ بيڊروم اندران بند ڪري ٻار کي سمهارڻ ۾ مصروف هئي. سجو گارڊن هائوس خاموش هو. شهزاد اجا ننڍين دهليءَ کان واپس نہ آيو هو. امان عينڪ لڳائي ٻيهر پڙهڻ شروع ڪيو:

"...مهاراجا ستيہ ڪيتو جي پٽ جي راج ۾ سموري ديس ۾ کير جون ندیون وهڻ لڳيون. اُهو راجا ڏاڍو نيڪ ۽ بهادر هو. هڪ

ڏينهن هو ونڊياچل جي جبلن ۾ شڪار ڪرڻ ويو ۽ هڪ ڏمر خوبصورت جهنگلي سوئر جو پيڇو ڪندي هڪ آشرم ۾ وڃي نڪتو، جتي هڪ راجڪمار جوگيءَ جي ويس ۾ رهندوهو. ڪيس راجا جنگ جي ميدان ۾ شڪست ڏني هئي ۽ تڏهن کان هو سندس دشمن هو. راجا ڪيس سڃاڻي نه سگهيو ۽ نقلي جوگي چيس: منهنجو نالو ايڪ تنو آهي. دنيا جي شروع ٿيڻ کان وٺي هڪ ٿي جسم ۾ رهندو آيو آهيان، جو تهسيا سان انسان کي وڏي طاقت حاصل ٿئي ٿي. ساده لوح راجا ڪيس چيو ته گرو، اهڙي ديا ڪر جو مان ۽ منهنجو راج پاٽ امر ٿي وڃي. انهيءَ چالاڪ سنياسي چيو ته اهو تڏهن ممڪن آهي جڏهن تون برهمڻ کي راضي ڪري پنهنجو ڪرين. برهمڻ جي سراپ سان سڀ طاقتون وس ۾ اچي ويندیون آهن. تون منهنجي هٽ جو ناهيل ڪاڏو هر روز هڪ لک برهمڻ کي کاراءِ ته اُهي سڀ تنهنجي وس ۾ ٿي ويندا. جوگيءَ جي مدد سان راجا برهمڻن جي دعوت ڪئي. جيئن ئي برهمڻن کائڻ شروع ڪيو ته آڪاش واڻي ٿي ته خبردار، هن پوڄن کي هٽ نه لڳائجو. هن ۾ برهمڻن جو ماس رڌيل آهي. برهمڻن انهيءَ تي ناراض ٿي راجا کي سراپ ڏنو ته هو ايندڙ جنم ۾ راڪشس ٿي جنم ونندو. ان وقت آڪاش واڻي ٿي ته برهمڻا توهان سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ سراپ ڏنو آهي. راجا بي ڏوهي آهي. پر برهمڻن جو ڏنل سراپ واپس نه ٿي ٿي سگهيو. اهڙيءَ طرح ٻئي جنم ۾ راجا، راڪشس جي روپ ۾ جنم ورتو. ڪيس ڏهه سر هٿ ۽ ويهه هٿ. هو بي حد بهادر ۽ جنگجُو هو ۽ سندس نالو راوڻ هو. سندس وزير سندس ننڍي پاءُ وبيشڻ جي روپ ۾ جنم ورتو، جيڪو وڏو وشنو پڄت ۽ ڏاهو هو. جڏهن راوڻ گهٽي تهسيا ڪئي ته برهما کانئس پڇيو ته گهُر جيڪي گهُرڻو هجيئي. راوڻ چيس: منهنجي خواهش اها آهي ته فقط انسان يا باندر جي هٿان ماريو وڃان. برهما چيو: تنهنجي اها آرزو پوري ٿيندي.

"سمنڊ جي وچ ۾ هڪ جبل آهي، جنهن تي برهما هڪ مضبوط قلعو ناهيو، جيڪو اندر جي شهر امراوتيءَ کان وڌيڪ خوبصورت هو

۽ لنڪا چوائڻ ۾ ٽي آيو. جنهن جي چوطرف سامونڊي پاڻيءَ جي کاهي هئي ۽ پتيون سون جون ٺهيل هيون، جنهن ۾ هيرا جواهر جڙيل هٿا. راوڻ انهيءَ لنڪا کي پنهنجي راڄ ڌاڻي بنايو ۽ منجهس اطمينان سان رهڻ لڳو. عيش عشرت، دولت، اولاد، فوج، فتح، طاقت، ذهانت- سڀ سنڌس هٿا. سنڌس پاءُ ڪُنيڪَرڻ جيڪو تمام گهڻو ڪائيندو هو ۽ پيئندو هو. سال ۾ ڇهه مهينا سمهندو هو.

"پنهنجي طاقت جي نشي ۾ اچي هڪ ڏينهن راوڻ سموري ڪائنات جي خلاف جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو. سموري دنيا سنڌس محڪوم ٿي ويئي. نيڪي هن دنيا مان موڪلاڻي ويئي. تڏهن ايشور چيو: زمانو گذريو تہ مون ڪيشيپ ۽ آوتيءَ سان، سندن هڪ آرزو پوري ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو. هاڻي مان سورج ونسي گهراڻي ۾ جنم وٺان ٿو ۽ منهنجو نالو رام هوندو.

"اوڌ جي شهر ۾ رگهونسي راجا دسرٿ راڄ ڪندو هو، جيڪو ويدن جو ماهر، نيڪ، عقلمند ۽ وشنو جو پوڄاري هو."

ٻاهر موٽر اچي بيٺي. شهزاد آهستي آهستي سيٽي وڄائيندو اندر آيو. پوءِ سنڌس قدمن جو آواز سنڌس بيڊ روم ۾ وڇايل غاليچي ۾ گم ٿي ويو. امان ڪيترائي پنا الٽائي اڳتي پڙهڻ شروع ڪيو:

".. ۽ جڏهن ٻئي شهزادا اُنهيءَ خوبصورت شهر جي ٻاهران پهتا، جتي دريا جي ڪناري ٻيا گهڻيئي راجڪمار پنهنجا تنبو هڻي ويٺا هٿا، تہ وشوامتر چيو: رگهو! اسان هتي ترسنداسين.

"جڏهن مٿلا جي راجا کي خبر پئي تہ رشي وشوامتر جن پڌاريا آهن تہ پاڻ کين ملڻ لاءِ آيو ۽ ڪائنئن اچي پڇيائين: اي مهاراج، ٻڌايو، هي ٻئي سهڻا چوڪرا، جن مان هڪ سانورو ۽ ٻيو گورو آهي، ڪير آهن؟ ڇا ساڪشات ايشور، جنهن کي ويدن ۾ 'هي ناهي' چيو ويو آهي، اوتار وٺي هن سنسار ۾ آيو آهي؟ تنهن تي وشوامتر ٻڌايو تہ اهي ٻئي عاقل ۽ بهادر پاٽر رام ۽ لڪشمڻ آهن.

"۽ شهر جون عورتون، جيڪي درين جي ڇارين مان جهاتي پائي ڏسي رهيون هيون، تن هڪ ٻئي کي چيو: هو سانوري جسم ۽ ڪنول نيٽن وارو، جنهن جي هٿ ۾ تير ڪمان آهي، ڪوشليا جو پٽ رام آهي. ۽ هو گوري رنگت وارو، جيڪو رام جي پويان پيو وڃي، سندس وفادار ۽ لاڏلو ڀاءُ ۽ سمترا جو پٽ لڪشمڻ آهي. اهي ٻئي هٿي ڏنش پڇڻ جي مقابلي جو نظارو ڏسڻ آيا آهن.

"۽ سيتا گوري پوڇا لاءِ باغ ۾ آئي ۽ رام هن جي پازيب جي چمڪي تي نگاهون مٽي ڪنيون. سندس نگاهون سيتا جي چهري تي ائين جمي وييون، جيئن چند چڪور کي ڏسندو آهي. ۽ لڪشمڻ چيو: پراتا، هيءَ جنڪ جي ڌي سيتا آهي، جنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنش پڇڻ جو مقابلو تي رهيو آهي.

"وٽن جي جهڪڻي مان سيتا رام ڏانهن نهاريو. سندس نظرون رام تي ائين جمي وييون جيئن چڪور سرءُ جي چند کي ڏسندو آهي. هن رام کي اکين وسيلي دل ۾ داخل ڪري اکين جي چهرن جا طاق بند ڪري ڇڏيا.

"جڏهن رام سيتا سان شادي ڪري ايوڌيا موٽيو..."

"امان،" هيما دروازي ۾ اچي چيو، "آنند رونڻ بس ني نٽو ڪري. ٽورو اچي کيس مات ڪرائينس."

"چوڪري، تون مون کي چڙ سان ويهي پاٽ ڪرڻ نه ڏيندين." ڪتاب هٿ ۾ ڪٽي ٻڌ ٻڌائيندي هوءَ ٻئي ڪمري ۾ ويئي ۽ آنند کي هنج ۾ سمهاري، ٻئي گوڏي تي ڪتاب رکي لوڏا ڏيندي سمهارينديِ چيائين، "هان، تون به ٻُڌ. رام نام ٻڌي ڏسان ته تون ڪيئن ٽو پنهنجي ماءُ کي تنگ ڪرين؟" پوءِ هن ٻيون چوپايون پڙهڻ شروع ڪيون:

"... دسرٿ جو هَوس هڪ جهنگل مثل هو، جنهن ۾ راحت، خوش پکين وانگر اڏامندي قرندي هئي. انهيءَ جهنگل ۾ پيليئاٽي

شڪارڻ، ڪيڪئي پنهنجي لفظن جا باز چڏڻ واري هئي. هن چيو: مهاراج، هڪ پيري توهان مون کي وچن ڏنو هو ته مان جيڪا به فرمائش ڪنديس، توهان پوري ڪندؤ. سورج ونسي راجا پنهنجي قول تان ڦرندا ناهن، هاڻي منهنجي هڪ آرزو پوري ڪريو:رام جي بدران منهنجي پٽ پرت کي راج گاديءَ تي وهاريو ۽ رام کي چوڏهن سال بنواس موڪليو."

ٻار زور سان پنهنجو ننڍڙو پٽڪڙو هٽ هنيو ۽ ڪتاب هڪدم بند ٿي هيٺ وڃي ڪريو. امان ڪتاب ڪٽي وري پڙهڻ جاري رکيو:

"... رام ۽ لڪشمڻ جي وچ ۾ سيتا ائين هلي رهي هئي جڻ ساکشات ايشور ۽ آڌا جي وچ ۾ فريب نظر. گهاٽن جهنگلن ۾ رشين جا هجوم رام سان گڏجي هليا ۽ (چتر) ڪوٽ پهچي مالينٽي نديءَ جي ڪناري رام قيام ڪيو."

"امان، بشن سنگهه ٽو پچي ته صبح جو مانيءَ ۾ چا ناهبو؟" اوما جيجي ڊائننگ روم مان آواز ڏنو.

ٻار هاڻي سمهي چڪو هو. ڪيس سمهاري هوءَ بڙ بڙائيندي ٻئي ڪمري ۾ آئي. ڪجهه دير کان پوءِ واپس اچي هن جهاتي پائي ٻار تي نظر وڌي ۽ پنهنجي بيڊ روم ۾ هلي ويئي. هيما هاڻي غسل خاني مان نڪري چهري تي ڪولڊ ڪريم لڳائڻ کان پوءِ سمهڻ جي تياري ڪري رهي هئي ته ڪيس وري امان جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

"هيما، هيڏانهن اچ."

"جي امان؟" هن گيلريءَ ۾ اچي پڇيو. امان اکين تي هٿ رکي پلنگ تي ليٽي چڪي هئي.

"هينئر تي سمهي ته نه پؤ امان!" هن چيو.

"منهنجي اکين ۾ سور آهي. تون ٿوري دير هتي ويهي مون کي رام نام ٻڌاءِ."

"چگو امان." هيما هڪ ڏڪهو ساهه کنيو ۽ ڪرسي گيهلي فرمانبرداريءَ سان ويٺي. "ڪٿان پڙهان؟"

"ڪٿان به پڙهه... بن واس جو قصو پڙهه."

"چگو."

"ڪاري گهٽا جهڙو سانورو رام گوداوريءَ جي ڪناري پهتو تہ لڪشمڻ چيو: پراتا، مون کي گيان ۽ سنياس (بي تعلقي) ۽ مايا (فريب مجاز) جي باري ۾ ٻڌايو."

"اڃا اڳتي هل."

"چگو. ' انسويا چيو...' اهو پڙهان؟"

"ها اهو پڙهه." امان اکيون بند ڪري آرام سان پاسو وراڻيندي چيو.

"... انسويا چيو: 'ٻڌ راجڪماري، ماڻهو پيءُ ۽ ياءُ سڀ پنهنجا سڄڻ ۽ مددگار آهن، پر ڪانئن محدود خوشي حاصل ٿيندي آهي. مڙس جي سنگ ۾ بي انت خوشي آهي. اُها عورت نيچ آهي، جيڪا پنهنجي مڙس جي عزت نٿي ڪري. همٿ، اصول، دوست ۽ زال- اهي چار شيون ڏکئي وقت ۾ پرکيون ويندیون آهن. مڙس پلي پوڙهو هجي يا بيمار، احمق هجي يا بدمزاج يا سخت مصيبت ۾ مبتلا هجي- جيڪڏهن زال سندس عزت ۽ مان نہ رکندي تہ اُها نرڪ ۾ ويندي. ويدن ۽ پُراڻن مطابق، عورت جا چار درجا آهن. بهترين عورت اُها آهي، جيڪا سمجهي تہ سندس مڙس کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪو به مرد ناهي. ٻئي درجي تي اُها عورت آهي جيڪا مڙس کان سواءِ غير مردن

کي بيءُ، ياءُ يا پٽ سمجهي. اُها عورت سيني ۾ نيڄ آهي جيڪا فقط موقعي نہ ملڻ ڪري پاڪدامن رهي."

"اڃا اڳتي هل."

"... هڪ ڏينهن راوڻ جي پيڻ سورپنکا جيئن گوداوريءَ جي ڪناري تي آئي، تيئن ڪيس ۾ني راجڪمار نظر آيا. اي گرڙ، عورت خوبصورت مرد کي ڏسي اڻ پُري پوندي آهي، جيئن سڄ جي اڳيان واريا سو ڀڳو."

"اڳتي هل."

"... 'جڏهن لڪشمڻ ڪاوڙ ۾ اچي سورپنکا جو نڪ ڪپيو...' اِتان ٻڌايان؟"

"هون."

"... تہ جڏهن هوءَ رُندي راڪشسن وٽ پهتي تہ اُنهن جي سردار ڏومڪيتو چوڏهن هزار راڪشسن جي فوج وٺي رام ۽ لڪشمڻ تي حملو ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو.

انهيءَ وقت جهنگل ۾ گدڙ اوناهٽ لڳا. پوتن، جڻ ۽ بد روحن جون ڪوريون جمع ڪيائون. خونخوار ڏاڻيون انهن ڪوپرين جا ڏهل وڄائڻ لڳيون ۽ انهن جي تال تي نچڻ لڳيون. سورپنکا پنهنجي پاءُ ڪي چيو..."

"اڳتي هل جتي 'سيتا هرڻ' ٿئي ٿو."

"... ۽ ستونتي سيتا ڏانو تہ هڪ سونهري هرڻ جهنگل ۾ ڊوڙندو پيو وڃي. ناڻا هن چيو: انهيءَ جو شڪار ڪري ڪَل منهنجي لاءِ آڻي ڏيو. رگهوپتي سمجهي ويو تہ اهو هرڻ ڪير آهي، پر ديوتائن جو مقصد پورو ڪرڻ لاءِ هن تير ڪمان کنيو. رگهُو پتي لڪشمڻ کي چيو: ادا، جهنگل ۾ راڪشس گهمن پيا. ڏيان، عقل ۽ طاقت سان سيتا جي حفاظت ڪندو رهج. رام کي ڏسندي ئي هرڻ تکو پڄڻ لڳو

۽ رام سندس پٺ ورتي ۽ تمام پري نڪري ويو.

"جڏهن هرڻ رام جي تير سان زخمجي ڪريو ته هن هڪ زوردار دانهن ڪئي. دانهن جو آواز ٻڌندي ئي سيتا ڪهرائجي لڪشمڻ کي چيو: لڪشمڻ، تنهنجي ياءُ تي ڪا آفت آئي ٿي ڏسجي. جنهن جي اک جي اشاري سان ساري ڪائنات تخليق ٿي، اُهو هن وقت پاڻ خطري ۾ گهيريل آهي. هڪدم وڃ. لڪشمڻ مجبور ٿي مات ڪري رام کي ڳولڻ لاءِ هليو ويو.

۽ راوڻ جوڳيءَ جي ويس ۾ سيتا جي ڪُٽيا ۾ پهتو ۽ ڪيس زبردستي کڻي هليو. سيتا دانهون ڪيون: رگهوراء... رگهوراء..."

هيما کي هاڻي نند پئي آئي. هن اکيون مهٽي امان ڏانهن ڏٺو ته شايد سمهي چڪي هجي، پر هوءَ ساڳي طرح شرڌا سان اکيون ٻوٽي پير لوڏي رهي هئي. اهي چوپايون هوءَ هزارين ڀيرا پڙهي چڪي هئي پر الائجي ڪهڙي ويڌن هيسا هن اوپاسي ڏيئي وري پڙهڻ شروع ڪيو:

"... راوڻ سيتا کي رَٿ ۾ وهاريو ۽ تيزيءَ سان آڪاش لڳو. سيتا شڪاريءَ جي ڪندي ۾ قاتل ڏنل هرڻي وانگر دانهون ڪندي آسمان تان گذري. جڏهن هن هيٺ هڪ ٽڪريءَ تي باندر کي ويٺل ڏٺو، ته هريءَ جو نالو ونيِ پنهنجو رٿو اوڏانهن اڇلايائين. راوڻ کيس پنهنجي راڄ ڏانيءَ ۾ ونيِ 'اشوڪ واٽڪا' ۾ قيد ڪري رکيو."

هوءَ وري اوپاسي ڏيڻ لڳي ته شايد هاڻي هوءَ بس ڪرڻ لاءِ چوي. "هاڻي 'هنومان جيءَ واريون چوپايون' پڙهه." هن اکيون ٻوٽيل حالت ۾ اطمينان سان فرمائش ڪئي.

"او-. ڪي امان." هيما ٽٽو ساهه ڪڍي وراڇيو.

"... ۽باندرن لنڪا تائين پهچڻ لاءِ پُل ٺاهي ۽ رگهوراج انهيءَ تي بيهي سمنڊ تي نگاهه وڌي. مانگر مڇ ۽ سمنڊ جي سموري مخلوق

سندس درشن لاءِ باهر نڪري آئي ۽ پُل تي ايتري قدر پيڙ لڳي جو باندرن کي هوا ۾ اڏامڻ پيو.

باندرن کناري تي پهچي خواب ميوا کاڌا..."

"هائو سويٽا" هيما کلي پيئي. "هون." امان غصي سان هونگر ڏني.

"... ۽ جبلن جون چوٽيون لنڪا ڏانهن اڇلڻ لڳا.

"سامهون لنڪا هئي: سون جو شهر چوڪ ۽ بازار ۽ گهٽيون هاٿيءَ ۽ گهوڙا. رٿ ۽ راکشسن جون فوجون جهنگل ۽ جهنگلي گل وڻين ۽ تلاءَ ۽ انسانن ۽ نانگن ۽ گندرٿن جون سهٽيون ڏيٺرون. هنومان انهيءَ شهر جي مضبوط قلعبنديءَ ڏسي نرسنگهه جو ڏيان کيو ۽ مڇر جي صورت ۾ اچي لنڪا ۾ داخل ٿيو. هڪ راکشس، جنهن جو نالو لنڪني هو، للڪاري چيو: 'تون منهنجي اجازت کان سواءِ هتي کيئن آيو آهين؟ ۽ هنومان کيس ٽڙشو ٽکاءَ ڪريو ۽..." (1)

(1) تلسي داس جي لکيل راماين مان.

11

• بينگ بينگ بينگ. انجڻين جو گوڙ گهٽ ٿيو ۽ هوائي جهاز آسانيءَ سان 'رمالنا' ايئرپورٽ تي لٿو. مدراس کان هيستائين، گهاٽن بادلن جي ڪري اُڏام ڏاڍي خراب رهي هئي. هوءَ جهاز تان لهي سڌو اندين ايئرلائينز جي ڪائونٽر تي ويئي ۽ ڪولمبو پلان جي آفيس ۾ فون ڪيائين.

"جي نه، هتي ته ڪو مسٽر عرفان ناهي. شايد ٻي ڪنهن بلڊنگ ۾ هجي. ترسو خبر وٺي ڏيان ٿو. اوهان ڪلاڪ ڪن کان پوءِ ٻيهر..."

سندس دل ۾ ڏڪو ٿيو: 'هاٿي چا ٿيندو؟'

"يو- اين جي آفيس ڪٿي آهي؟" هن ٽئڪسي واري کان پڇيو.

ڊرائيور ٽئڪسي هڪ بلڊنگ جي اڳيان اچي بيهاري. 'انهيءَ اندر وينو هوندو: جميل. پنهنجي ڊيسڪ تي پنهنجي ڪم ۾ رڌل هوندو. جيڪڏهن هو هن وقت ٻاهر نڪري اچي ته چا ٿيندو؟' هڪدم ڪيس ڏاڍو ڊپ لڳو ۽ سڌو، 'مائونٽ ليونيا' هوٽل ڏانهن رواني ٿي ويئي.

انهيءَ ڏينهن ڏاڍي خوشگوار اُس ڦهليل هئي. رستي جي ٻنهي طرفن کان لڳل ڳاڙهن گلن جا گهاتا ٻوٽا، ناريل جا وڻ ۽ سمنڊ جون لهرون - هر شيءَ جڳمڳائجي رهي هئي. مائونٽ ليونيا جي هيٺ، ڪناري تي، انگريز ۽ امريڪي سن باٿ وٺي رهيا هنا. فضا ۾ ڏاڍي عجيب سُستي چانيل هئي.

پنهنجي ڪمري ۾ پهچي ڪجهه دير کان پوءِ هن دري کولي. سامهون سمنڊ چوليون هٽي رهيو هو.

ڪاربون سنهالي آيائون، ڪن انگريز ٻارن کي واريءَ تي کيڏائڻ ۾ مصروف هيون. هڪ سنهالي عورت وارن ۾ گل هٽي، مونگيءَ جا هار وڪڻندي دريءَ هيٺان لنگهي. "بيبس ميڈم؟ ويري نائيس بيبز." (Beads madam? Very nice beads.)" هن مٿي نهاري چيو.

هن دري بند ڪري چڊي ۽ ڊريسنگ ٽيبل جي سامهون اچي وينِي. 'هاٿي چا ٿيندو؟'

ڪلاڪ کان کان پوءِ دروازي تي ڪڙڪو ٿيو ۽ اچي سرونگ ۾ ملبوس

بيري اندر اچي هڪ ڪارڊ پيش ڪيو: 'عرفان احمد ڪاظمي.'

"اوهه ٿينڪ يو!" پوڙهو سنهالي بيرو ڏاڍي شفقت سان مشڪيو. هوءَ جلدي جلدي وار سنواري هيٺ هلي ويئي.

عرفان ٽيرس تي رنگين چٽيءَ هيٺ ويهي ڪنهن سنهاليءَ سان ڳالهائي رهيو هو. ڪيس ڏسي هو ڪرسيءَ تان اٿيو.

"مسٽر رتن سنگهه جي ـ سوريه !... مسز ڊاڪٽر ميرچنداڻي!" هن سنهاليءَ سان سندس تعارف ڪرايو.

"مسٽر جي۔ سوريه هتان جي هڪ وڏي اهم سنهالي اخبار جو ايڊيٽر ۽ منهنجو پراڻو دوست آهي."

سيتا مشڪي هٿ جوڙيا. ٽيني ويهي رهيا. سيتا ٽوروبي چنيءَ سان چوطرف نظر ڊوڙائي. پڪي عمر جو مسٽر جي۔ سوريه ڪيس ڏاڍي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيو هو. عرفان سان ڳالهائڻ کان پوءِ، هُن سيتا کي رات جي مانيءَ جي ڪوٺ ڏني ۽ اجازت وٺي اُتان هليو ويو.

عرفان پاسو بدلائي سگريٽ ڪڍايو.

"ته تون اچي وئينءَ!"

"جي ها."

هيترن ڏينهن کان پوءِ اها وڏي اَن سيريمونيئس (Unceremonious) ملاقات هئي.

"تو اهو لکيو ئي نه ته اوچتو هتي چو نازل ٿي رهي آهين. مون سمجهيو ته تون به ڪنهن سرڪاري ڪم سان اچڻي آهين. ڪولمبو انٽرنيشنل ڪانفرنس جو شهر آهي."

"خط ۾ سڄو داستان ڪهڙو ويهي لکان! توهان کي ته چڱيءَ طرح خبر آهي."

"سچ ته اهو آهي ته هاڻي مان سوچيان ٿو ته مون کي تنهنجي باري ۾ ڪا به خبر ناهي."

سندس دل ٻڏڻ لڳي. ٻيءَ کن ۾ هن پاڻ سنڀالي پڇيو: "توهان کي ڪيئن خبر پيئي ته مان هتي آهيان؟"

"مان به هتي ترسيل آهيان. تو اهو به نه لکيو هو ته ڪهڙي ڏينهن پهچين پيئي. بهرحال، توکي ڳولڻ ۾ وڌيڪ دقت نه ٿي."

"جميل سان ملاقات ٿي؟"

"جميل هتي ئي آهي؟ تون هن سان ملڻ آئي آهين؟ وڏي بلئڪ هارس (Black horse) آهين!" هن ايش - ٽري ۾ سگريٽ وسائيندي چيو. ان مهل هو ڏاڍو مايوس نظر آيو.

"توهان جو خيال هو ته مان ايترو پري کان هلي فقط توهان جو درشن ڪرڻ آئي آهيان؟"

"يو هيوَ هوپس. (You have hopes.)" هن کلي جواب ڏنو.

هڪدم ماحول جي چڪتاڻ دُور ٿي ويئي. هو به خوب کليو: "ها ها ها."

"توهان هُن سان ملو. هاڻي هڪدم يو۔ ايس وارن کان خبر ونو ته هو ڪٿي ترسيل آهي."

"ڪهڙي خبر ته هو به هتي هجي!"

هن جو رنگ اڇو ٿي ويو. پوءِ هن جلدي جلدي چوڻ شروع ڪيو: "توهان هن سان راهُل جي باري ۾ ڀالهايو ۽ ڪيس چئوس ته هڪ پيرو مون سان ملي، فقط هڪ پيرو."

هو پنهنجي گهبراهٽ لڪائڻ لاءِ ڪجهه ڪنڌ تائين ڪوٽ جي ڪيسن ۾ سگريٽ ڪيس ڳولڻ کان پوءِ چوڻ لڳو: "مان ساٿس اڄ تائين نه مليو آهيان، سيتا! منهنجي ساٿس ايتري بي تڪلفي ڪينن ٿي سگهي، جو ساٿس ملنديئي سڌس ذاتي معاملي ۾ اهڙيءَ طرح وڃي ٽنگ اڙايان."

"پر توهان ڇيو هو..."

"ها ها، بلڪل ٺيڪ آهي. مان ضرور ساٿس ملندس. هاڻي ڪا تجويز سوچيون ٿا. تون ايستائين رليڪس (Relax) ته ڪر. هان سگريٽ وٺ."

"مان ڪينن ٿي رليڪس ڪري سگهان؟"

"اهو به ٺيڪ آهي." هو وري منهن لاهي خاموش ٿي ويو.

سامهون بي حد خوبصورت 'ڊچ بر گر' چوڪرين جي هڪ ٽولي لنگهي. منجهن هڪ چوڪري نيري فراڪ ۾ نيري پڪچر هٽ ۽ سفيد دستانن ۾ بلڪل گنيز برو جي پينٽنگ ٿي لڳي. هندستاني ساڙهين ۾ ملبوس سنهالي ۽ تامل عورتون، قيمتي سوٽن ۾ ملبوس ڪارا مرد، ڪنيئر شڪلين وارا انگريز، بي فڪرا امريڪي هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري رهيا هئا. ٽيرس کان هيٺ سمنڊ گجگوڙ ڪري رهيو هو.

"شام جو چا ڪري رهي آهين؟"

"ڪجهہ نہ."

"جي۔ سوريہ جي پارٽيءَ ۾ هل - گال مينس."

"ماڻ هِتي سوشل ملاقاتن لاءِ نہ آئي آهيان."

"تڏهن چا جهنگل ۾ ويهي تپسيا ڪندينءَ؟"

'هيءَ ماڻهو بہ عجيب بوگس هو. هاڻي چا ٿيندو؟ 'هاڻي چا ٿيندو؟' هوءَ اُٿي بيٺي.

"هاڻي ڪٿي جو ارادو آهي؟"

"جهنم جو."

"اڙي ڏي ڏي. خفا ٿي وڃينءَ ايڏو جلدي؟"

'هاڻي چا هو بہ جميل جو شينهن ۽ ٻليءَ جي پونگڙي وارو جملو ورجائڻ وارو هو؟

"او ماءِ گاڊ!"

هوءَ ريلنگ تي جهڪي ڪناري ڏانهن ڏسڻ لڳي. "توهان هتان ڪڏهن واپس ويندا؟" هن ڪجهہ ڪن رکي موضوع بدلايو.

"ڏهہ پندرهن ڏينهن ٻيا لڳندا."

"واپس لاهور؟"

"نہ منهنجي ٽرانسفر پنڊي ٿي آهي. ڪراچي پهچڻ کان پوءِ ايندڙ مهيني پيرس روانو ٿي ويندس."

"هائو ونڈرفل! لڪي يو." (How wonderful! Lucky you.) "پنڊي وڃڻ کا خاص 'ونڈرفل' ڳالهہ تہ ناهي ۽ 'لڪي' تہ مان زندگيءَ ۾ اڄ تائين ڪنهن سلسلي ۾ رهيوئي ناهيان."

"اُتي ڪيترو عرصو رهندا؟"

"خبر ناهي. في الحال تہ ٻن سالن لاءِ وڃڻو آهي. ڇڪو، جيڪڏهن تون ڏنر تي نٿي هلين تہ مون کي اجازت ڏي. مون کي بہ ٽورو ڪانفرنس جي ڪن ماڻهن سان بہ ملڻو آهي. مان جيترو جلدي ٿي سگهيو، تنهنجي پتي ديو کي جهلڻ جو جتن ڪريان ٿو ۽ پوءِ ڪيس ڪلٽيويٽ (Cultivate) ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، تنهنجي خاطر."

"ماڻهن کي ڪلٽيويٽ ڪرڻ تہ توهان کي خوب اچي ٿو. ڪوشش جي

کڻڻي ضرورت آهي." سيتا ٽورو تلخيءَ سان جواب ڏنو.

هو کليو. "چگو، هاڻي خفا نه ٿي. چيئر اپ. سياڻي سويرئي کانفرنس جو اجلاس آهي. جيڪڏهن موقعو مليو ته فون ڪندس. تون بريڪفاسٽ لاءِ هيٺ ايندينءَ؟"

"جي نه."

"چگو ته مان کانفرنس وچ ۾ ڪان اڳ فون ڪندس. گڈ نائيٽ."

"گڈ نائيٽ."

هو ڏڪيا ڏڪيا قدم کڻندو ٽيرس تان ٻاهرهليو ويو. هوءَ ريلنگ تي مٿو رکي سمنڊ کي ڏسندي رهي، جنهن سج لهي رهيو هو ۽ ڪناري تي بکني پاتل انگريز عورت ٻڪ ڏيندي اڇيان ڏوڙندي پني وينيءَ هڪ ٽلهو انگريز ساهه ۾ پرجي واريءَ تي هُن جي پٺيان ڏوڙندو پئي ويو.

ٻئي ڏينهن هوءَ شهر جو چڪر هڻي ٽپهريءَ جو موٽي ته رسيپشن ڪائونٽر تي سنڊس نالي عرفان جو خط رکيو هو: "مونکي هن نمبر تي ٽيليفون ڪر، بيحد ضروري ڳالهه آهي."

هن پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ڏڪندڙ دل سان فون ڪيو.

عرفان پنهنجي ڪمري مان ڳالهائي رهيو هو: "سيتا ٻڌ، گهبرائج نه. ڪلهه رات هڪ وڏو قصو ٿي ويو. جي ـ سوريه جي ڏنر ۾ جميل صاحب به آيل هو. گهڻي دير تائين ساٿس تعارف ٿي نه سگهيو. هو پريان هڪ ڪنڊ ۾ ڏيهي شراب پيئڻ ۾ مصروف هو. انهيءَ کان پوءِ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو، پر ڪنهن سان هڪ لفظ به نه ڳالهايائين. جي ـ سوريه مون کي ٻڌايو ته هو ڪالهه کان بي حد ڊپريسيڊ آهي، جو ته ڪيس خبر ملي آهي ته سنڊس زال هڪ پاڪستانيءَ سان پيڃي آئي آهي ۽ مانونٽ ليونيا ۾ ترسيل آهي. سيتا، هن جي ڪاوڙ ۽ رنج حق ۾ آهي، اها حقيقت آهي."

"جي؟"

"اها حقيقت آهي ته تون مانونٽ ليونيا ۾ ترسيل آهين! ها ها ها، چگو. هاڻي پلا اها سڌ پوڻ کان پوءِ مان ساٿس چا ٿي ڳالهائي سگهيس. مان ته ڏنر ختم ٿيڻ کان اڳ ئي ڪن لڪائي پيڃي آيس."

"توهان ايترو ڊڄتا نڪتا!"

هو وري کليو. "اڙي مان ته چرچو پيو ڪريان. هاڻي هڪدم کو 'آغا

حشر' جو ڊرامو ته ٿئي نه پيو جو مان سندس سامهون وڃي ڊائلاگ چوڻ شروع ڪريان. هڪ بن ڏينهن ۾ موقعو مهل ڏسي سائس ڳالهائيندس. ماڻهو ڪافي ڏکيو ٿو ڏسجي. پنهنجي ٻين خاندان وارن کان بلڪل مختلف آهي. ڪلهه شام ٽيرس تي مون کي توسان ڳالهيون ڪندي ڏسي ڊنر تي ڪافي ماڻهن مون کان پڇيو ته اها ڪير پريزاد هئي، جنهن سان تون چانهه پي رهيو هئين، وغيره. تو کي خبر آهي ته گوسپ جي عادت انساني فطرت ۾ داخل آهي، جنهن کي بدلائي نٿو سگهجي. هائي ڪانفرنس ۾ وڃان ٿو. شام جو جيڪڏهن چئين ته تنهنجي ڪمري تي اچي پوري رپورٽ ڏيان. هيٺ پبلڪ ۾ تو سان ملڻ ٺورو ٺيڪ ناهي."

"جي نه. رات جو ڏهين وڳي ڪان پوء فون ڪجو."

"چڱو."

رات جو سندس فون نه آيو. ٽئين ڏينهن هوء ڊاڪٽ لهي باغ ۾ وڃي رهي هئي ته هال ڪان ايندي هو ڪيس ملي ويو. "سيتا، مون کي معاف ڪج." هن جلدي جلدي چيو، "مان رات وري تمام دير سان موٽيو هوس. ٻڌ، هيڏانهن اچ. مان اڄ لنچ تي جميل صاحب سان ملاقات ڪري رهيو آهيان." اُهي هڪ گل مهر جي هيٺيان بيهي رهيا. "ٻڌ، هتي هڪ جاء 'سان مشيل' (San Machael) آهي. اهو هڪ ڍنڍ جي اندر ٻيٽ آهي، جتي هڪ ريسٽورنٽ آهي. مان شام جو اُتي ايندس ۽ تون به اُتي پهچج. ساري رپورٽ اُتي ٻڌائيندس."

"اُتي ڪو هندستاني پاڪستاني ته نه هوندو؟" هن ٺورو ڏڃندي پڇيو.

"منهنجي خيال ۾ ته ڪو هندستاني پاڪستاني ايترو پري نه ويندو. شام جو وقت گهٽو ڪري ماڻهو شهر جي نائيٽ ڪلب ۾ گذارڻ وڌيڪ پسند ڪندا آهن. چڱو، تون ڇهين وڳي اُتي ضرور پهچج."

"اڪيلي؟"

"اڙي ساري دنيا گهمي چڪي آهين ۽ اتي اڪيلي نٿي پهچي سگهين. حد آهي!"

"چڱو چڱو." سيتا جلديء ۾ جواب ڏنو. هو ٽيزيء سان باغ جي ٻاهرين جي ڪنارن تان لنگهندو هيٺاهين ڏانهن لهي ويو.

ٽيڪسي ڪولمبو جي پسگردائيء مان نڪري سڌي رستي تي رواني ٿي

ويئي، جنهن جي ٻنهي پاسن کان ڍڳهن وٽن جا گهاتا جهڪيا هئا ۽ جهنگل جي اندر ور وڪڙ ڪائيندڙ رستن تان لنگهندي ڏنڊ جي ڪناري تي وڃي بيٺي. وٽن جي هيٺيان ٻه تي موٽرون هيون. هوءَ لهي ڪاڪ جي بوٽ هائوس ۾ ويئي. ڪيس ڏسي موٽر بوٽ واري، موٽر بوٽ ڏاڪڻ سان لڳائي ڇڏي. ڪڪائين چت جي انهيءَ سنسان بوٽ هائوس ۾ ٻرندڙ سُرخ روشني ڏاڍي پرسرار ٿي لڳي. ايتري ۾ ٻه چار ٻيا ماڻهو ٻه اڇي ويا ۽ سيئي وڃي موٽر بوٽ ۾ ويٺا. اُهي تامل مرد ۽ عورتون هئا ۽ سڀ مان ڪري ويٺا هئا. بوٽ گهڙ گهڙ ڪندي پاڻيءَ تي هلڻ شروع ڪيو. ڏنڊ ۾ مڪمل خاموشي هئي. پري ڪنارن تي ناريل ۽ چندن جي جهرمر لڳل هئي. آسمان جو رنگ ڳاڙهو ٿي ويو هو. ڏنڊ جي وچ ۾ 'سان مشيل' جي چوٽيءَ تي روشني ٿي رهي هئي. ڪجهه دير کان پوءِ بوٽ گهاٽ سان وڃي لڳي. هوءَ کاڪ جي ڍڳهي ڪوريدار مان لنگهي ريسٽورنٽ ڏانهن ويئي. ٻارين جي ڪنارن مٿان ڪير جهڙيون جاپاني قنديلون ٻري رهيون هيون. اندر ريسٽورنٽ ۾ ڪجهه سنهالي ڪيٽولڪ چوڪريون ۽ چوڪرا نچي رهيا هئا. وراندن ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ٻيٺا هئا. ڏاڍو اُداس ۽ ڊپريسنگ ماحول هو. آرڪيسٽرا 'انيتا برانيٽ' جو اداس گيت وڄائي رهيو هو ۽ هڪ ڊڇ برگر چوڪري مائڪرو فون جي اڳيان ڳائي رهي هئي:

"O come along with me
To my little corner of the world
And dream a little dream
In my little corner of the world."

هن چوطرف ڏٺو. عرفان ڪٽي ۾ نه هو. هوءَ ڏاڪڻ لهي ٻيٽ جي ٻئي ڪناري ڏانهن ويئي، جتي هڪ کاڪ جو پويلين، جيڪو ڏنڊ جي بلڪل وچ ۾ کاڪ جي ٽنين تي ٻيٺل هو، هڪ ننڍي پل جي وسيلي ٻيٽ سان ڳنڍيل هو. هوءَ انهي پويلين ۾ داخل ٿي. اهو به سنسان پيو هو. چيڑي تي ڪو سنهالي جوڙو ريلنگ تي ٽڪيل پاڻيءَ جي لهرن کي ڏسي رهيو هو. هاڻي سج لهي چڪو هو. ڏنڊ جو پاڻي ڪرمچي ٿي ويو هو. ڪجهه ڪن کان پوءِ

اها سُرخي، رات جي ڪاراڻ ۾ بدلجي وئي.

"سيتا!"

هُن مُڙي ڏٺو.

عرفان ڪنڊ واري ميز تان اُٿي آيو. "تو ڏٺو ڪونہ تہ مان هن طرف ويٺو هوس."

اُهي ريلنگ جي پرسان رکيل ڪرسين تي ويهي رهيا. سيتا جهُڪي لهرن کي ڏسڻ لڳي. "ڪيڏي خوبصورت جاءِ آهي هيءَ!"

"ها. ها، خوبصورت تہ آهي پر هڪ ڪمي جي ڳالهہ ٻڌ."

"ٻڌاءِ." سيتا نظرون ڪٽي ڪيس ڏنو. هو ڏاڍو بزنس لائيڪ نظر اچڻ جي ڪوشش ۾ مصروف هو. پري ناچ گهر ۾ چوڪريءَ جو آواز لائوڊ اسپيڪر تي گونجي رهيو هو:

"You will soon froget that there is any other place
And if you care to stay in my little corner of the world
Then we can hide away in my little corner of the world."

" ڪالهہ ڪان اڄ تائين ڏاڍا واقعا ٿيا." عرفان سگريٽ دکائي جلدي جلدي چوڻ شروع ڪيو. "هڪ تہ اها ڳالهہ ڪافي پکڙجي وئي آهي تہ تون هتي آيل آهين ۽ عجيب ڳالهہ آهي نہ، تہ تون ۽ تنهنجو صاحب بهادر، ٻئي هن شهر ۾ موجود آهيو. ۽ ماڻهو خبر ناهي چو.مون کي رُقيبِ روسياهہ، سمجهڻ لڳا آهن. اهو تہ چڱو هنگامو ٿيو. تو پهريائين انهيءَ باري ۾ چو نہ سوچيو؟ هاڻي ڪانفرنس ڪان پوءِ شام جي محفلن ۾ ماڻهن کي اها بيحد عملي گوسپ هٿ اچي وئي آهي ۽ انڊو- پاڪستان جي جهيڙن جي پيش نظر اها صورت حال پاڻ وڌيڪ تشويشناڪ آهي. ڪن ماڻهن کي تہ اها خاطري آهي تہ مان جميل جي بيبيءَ کي پڄائي ڪٽي آيو آهيان ۽ ڪيس مائونٽ ليونيا ۾ لڪائي رکيو اٿم. اڄ هڪ شخص چيو تہ چو، پريشان ڇو ٿو ٿين؟ ٻئي جي زال اغوا ڪرڻ ماسيءَ جو گهر ناهي."

سيتا ٿورو ڏکي وئي. "هاڻي ڇا ٿيندو؟"

هو کليو. "ٿيندو ڇا؟ انڊو - پاڪستان تعلقات وڌيڪ خراب ٿيندا. ٻي

سگهي ٿو ته کو ڪرائسس (Crisis) به ٿئي، جنهن تي اسان جي پرڏيهي وزير جو بيان به چپچي ۽ توهان وٽ لوڪ سڀا ۾ سوال کيا وڃن. اخبارن ۾ ڏڙا ڏڙ خبرون چپيون. ڏسندي وڃ. ايي تو ابتدائي عشق هي... !"

"توهان ته ڪنهن بہ وقت مذاق ڪرڻ ڪان نٿا مڙو، پر مون کي ٻڌايو ته مان ڇا ڪريان؟"

"مان پچان ٿو ته تون هتي ڇو آئين؟ جيڪڏهن جميل سان ملڻو هو ته امريڪا هلي وڃين ها."

"امريڪا هلي وڃان ها ۽ اوڏانهن وڃڻ جو پاڙو توهان ڏبو ها." هن کاوڙ مان چيو.

"اڄ لنچ تي جميل صاحب سان ملاقات نہ ٿي سگهي. هو آيو ني ڪونہ، تنهنڪري ٽپهريءَ جو مٿي تي ڪفن ٻڌي، جي۔ سوريہ سان گڏجي گال مينس ويس، جتي موصوف قيام پذير آهي. پاڻ پنهنجي ڪمري ۾ قلعہ بند ٿي هميشہ وانگرشراب پيئڻ ۾ لڳو پيو هو. مون جي۔ سوريہ کي اندر موڪلي چورايو ته مان انهيءَ ساري قصي جي چٽائي ڪري سندس اها خوفناڪ غلط فهمي دور ڪرڻ چاهيان ٿو. جي۔ سوريہ اهو جواب ڪٽي آيو ته عرفان صاحب کي چئي ڇڏ ته قمرالسلام چوڌريءَ کي جهڙي مار نيويارڪ ۾ ڪيي هئم، اُها هو اڄ ڏينهن تائين وساري نہ سگهيو هوندو. تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجو ساهہ پيارو اٿيئي ته منهنجي سامهون نہ اچج."

پوبلين ۾ هوا جي ٺڏي لهر داخل ٿي ۽ سيتا جا وار اُڏرڻ لڳا. هن کارا وار سميٽي مٿو ڍڪيو.

"تو کي خبر آهي،" هو آهستي آهستي چوڻ لڳو، "تون پنهنجون هيڙيون ساڙي چڪي آهين. قمر جو قصو جيڪو هو سو ٿيو. جميل کي پروجيش چوڌريءَ جون خبرون ۽ پهچي چڪيون آهن."

سندس رنگ سفيد ٿي ويو.

"توهان کي ڪنهن ٻڌايو؟"

"مون کي سمورو وقت تنهنجو خيال رهندو آهي ۽ تون دل ۾ نہ ڪج، چو ته تون انڊلٽ (Adult) ٻڌجڻ جي ڪوشش ڪاڍي ٿي ڪرين، پر آهين ڪانہ. توکي اها ۽ چگي طرح سُڌ آهي ته مان تو ۾ ڪافي دلچسپي ٿو وٺان. شايد تون انهيءَ جو علاج ٻڌي ڪري سگهين ته ماڻهو تو ۾ هيڪي دلچسپي

وٺن. اها بي ڳالهه آهي ته پنهنجي حد تائين تون انهن جي دل ٽوڙڻ نٿي چاهين."

"اوهان هن وقت ايتري قدر ذليل ۽ ڪميٽي ڳالهه چئي آهي جو مان انهيءَ جو جواب ڏيڻ نٿي چاهيان. مان توهان کي پنهنجو دوست سمجهي ڪولمبو آئي هيس."

"دوست؟ دوست ڪهڙي بلا آهي؟ ڏيمر."

شام جو گهري سناٽي ۾ ٻيٽ جي طرف کان ايندڙ سنگيت هاڻي تمام صاف ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ناچ گهر اندر چوڪري اهو ئي گيت ڳائي رهي هئي:

"I always knew I'd find some one like you
So welcome to my little corner of the world."

هو هڪدم اُٿي بيٺو. "هاڻي ڪافي رات ٿي وئي آهي. ڪولمبو واپس وڃ. تون اڳ ۾ پهرين ٻوٽ ۾ ڪناري ڏانهن واپس هلي وڃ. مان پوءِ هليو ايندس. ڪهڙي خبر واقعي ريسٽورنٽ ۾ ڪو مون کي يا توکي سڃاڻي وٺي. رات پوڻ سان هتي ماٺهو وڌيڪ جمع ٿيندا آهن. گُڊ نائيٽ."

هو ڪيس پويلين جي پل تائين چڏڻ ۾ نه آيو. هوءَ پاريءَ جي ڪناري تي آئي. گهاٽ ڏانهن وڃڻ لاءِ ناچ گهر جي رستي تان لنگهي ته ريسٽورنٽ جو سنهالي مئنيجر ڏي- جي پائي، جيڪو بلڪل پينگوئن پئي لڳو، سامهون اچي چيو، "مس! توهان جلدي واپس پيا وڃو. ڏنر لاءِ نه ترسندؤ؟" پرسان لنگهندڙ ٻن تامل عورتن ڪيس غور سان ڏٺو. هوءَ تکا تکا قدم کڻندي ڪوريدار تائين پهتي. ڪوريدار جي چيڑي تي هڪ ٻيو سنهالي جوڙو ريلنگ تي جهڪيو بيٺو هو. رات جي آسمان جي وسعت ۾ سناٽي جي مقابلي ۾ سندن مٿان هڪ سُرخ ۽ سبز جاپاني قنديل ٻري رهي هئي. چوطرف بي انت هيڪلاڻي هئي.

گهاٽ تان لهي هوءَ موٽر ٻوٽ ۾ ويٺي. اندر روسي سفارت خاني جا ڪجهه مرد ۽ عورتون ويٺا هئا. انهيءَ جاءِ جو اهڙو جادو هو جو شايد ڳالهه ڪندي به ڊپ ٿي ٿيو ته اهو جادو ٽٽي نه پوي.

ٻني ڏينهن عرفان ڪيس لاتونج ۾ مليو. "مون اڄ جميل صاحب سان

ملڻ جي کوشش ڪئي پر هو ملاقات لاءِ تيار ناهي. لاحول ولاقوة، تو مون کي ڪهڙي مصيبت ۾ ڦاسائي ڇڏيو."

"مون کي افسوس آهي تہ مون توکي مصيبت ۾ ڦاسايو آهي. منهنجو خيال هو تہ اسان ٽيئي ڪلچرڊ ماڻهو آهيون ۽ انهيءَ سطح تي اهو خالص هيومُن معاملو، منهنجي صلاح مشوري سان نبيرجي سگهندو."

"تو وري اجايو سجايو چوڻ شروع ڪيوا" عرفان چڙي چيو. "مان ايندڙ ڇهن ڏينهن تائين ڪانفرنس جي ڪم ۾ بي حد مصروف رهندس. تون هتي ايترو وقت بيڪار ڪيئن ڪاٽيندينءَ. بهتر اهو آهي تہ اسڪينڊل جو زور گهٽائڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هفتي ڪن لاءِ ڪينڊي وغيره هلي وڃ. ايندڙ اڳاري ڪان مان واندو آهيان. انهيءَ ڪان پوءِ اسان ويهي سوچي سگهنداسين."

"پر جميل؟"

"انهيءَ جو فڪر نہ ڪر. هو بہ اجا هفتو ڏهہ ڏينهن ڪن ترسندو. پر تون هاڻي خدا جي واسطي هتان رفو چڪر ٿي. ڪنهن امريڪن ٽورسٽ پوڙهيءَ کي پاڻ سان گڏ ڪڻ. هوٽلون اهڙين پوڙهين سان پريون پيون آهن. ڪمپني ۾ رهندي ۽ تون دل ڪولي هن جي جنرل ناليج ۾ واڌارو ڪندي رهج."

"چڱو." هن هڪ پيرو وري فرمانبرداريءَ سان وراٽيو.

"مان امريڪن ايڪسپريس وارن سان ڳالهائي تو لاءِ تمام فرسٽ ڪلاس ٽُور جو انتظام ڪرائي ٿو ڏيان." هن ڪائونٽر تي وڃي ٽيليفون جو رسيور ڪنيو.

12

•سوا چهہ فوٽ ڊگهي ۽ نيرين اکين ۽ سرخي مائل زرد وارن واري، ڊاڪٽر لزلي ونسنٽ مارش ريسٽ هائوس ۾ پهچي ڪار روڪي ۽ هڪ پيرو پوبان مڙي ڏٺائين تہ شايد اها سليٽي رنگ جي هِلمين جنهن ۾ اُها حوبصورت چوڪري ويٺي هئي، انهيءَ طرف ايندي هجي. هو ڪولمبو جي پسگردائيءَ کان هيستائين سندس پيڇو ڪري رهيو هو. سندس خيال هو تہ شايد هوءَ ۾ انهيءَ ريسٽ هائوس ۾ اچي ترسندي، پر جهنگل مان گذرندڙ ورن وڪڙن وارو رستو سنسان پيو هو. هو ڪار مان لهي ورانڊي ۾ آيو. ٻيري نيرن جي تري سندس سامهون اچي رکي. هن بلڪ ڪافيءَ جو ڪپ ختم ڪرڻ کان پوءِ ٽائيپ رائٽر کوليو ۽ مضمون ٽائيپ ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين: 'ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر.' پنهنجي ڪتاب جو ٻيو باب ڪيس جلد از جلد مڪمل ڪري رسالي جي ايڊيٽر کي هارورڊ موڪلڻو هو ۽ وقت تمام گهٽ هو. ڪيس هتان کان مغربي بنگال ۽ ڪيرل ۾ وڃڻو هو.

ورانڊي ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ يورپين تورست بيئر جو گلاس اڳيان رکي چُپ چاپ ويهي اخبار پڙهي رهيا هئا. باغ ۾ ڳاڙها گل ٽڙيل هئا. آسمان تمام شفاف ۽ نيرو هو. هن سامهون واري پُرسڪون منظر کي ڏسي ڊگهو ساهہ لنيو ۽ ٻيهر ٽائيپ ڪرڻ ۾ لڳي ويو.

ڪلاڪ کن کان پوءِ هو هڪ پيرو وري خاموش ڪاري رستي تي روان هو، جنهن جي ٻنهي پاسن کان رٻڙ جا گهاتا وڻ هئا ۽ ڦوٽن جي وٽن تي پيلا پوپٽ اڏري رهيا هئا.

ڪرونگالا ۾ هاٿيءَ جي شڪل جهڙي ڪاري چوٽي اُفق تي ظاهر ٿي. هتان کان چڙهائي شروع ٿئي ٿي. پري پري تائين پامر جا جهُنڊ هوا ۾ جهومي رهيا هئا. هڪ ننڍڙي ڳوٺ جي خوبصورت بازار مان لنگهندي اوچتو ڪيس اُها سائي رنگ واري ڪار ٻيهر ڏسڻ ۾ آئي. ڪجهہ دير تائين اها اڳيان پئي ويئي ۽ هڪ ڳوٺ ۾ ميوي جي دڪان اڳيان بيهي وري پويان رهجي ويئي.

لڙلي مارش کي پاڻمرادو کل اچي ويئي. هو اها کڻڙي مسخري ڪري رهيو هو. جيڪڏهن انهيءَ چوڪري مڙي ڏسي ورتو ته سمجهندي ته مڪو ٻيو تورسٽ پويان پيو اچي ۽ حقيقت ۾ هو به اٿين.

ڳوٺن جي رستن جي ڪناري تي لڳل رنگ برنگي ڪاغذي چرخيون هوا ۾ تيزيءَ سان ڦري رهيون هيون. ڪٿي ڪٿي ٻُڌ مندرن جي ڀاڪن تي اڇا جهنڊا لڳل هنا، جن مان ظاهر ٿي ٿيو ته اُتان جي پروهت جو ديهانت ٿيو آهي. اونداهن جهنگلن ۾ پورچوگالي ۽ ولنديزي عهد جون جوڙيل ڪيٿولڪ چرچ لکيون بيٺيون هيون. خوبصورت ڪاٺيجن جي درين جا پردا لهرائي رهيا هنا.

ڪجهه دير ڪان پوءِ منظر تبديل ٿيڻ شروع ٿيو ۽ زمرد جي رنگ جهڙيون ٽڪريون نيٺ نهار تائين ڦهليل هيون.

پولو نروا ۾ 'پراڪرم سمدر' جي ڪناري ريسٽ هائوس ۾ پهچي هن اُميد پريل نگاهن سان چوطرف ڏنو. هوءَ اُتي به نه هئي.

ڪمري ۾ وڃي هن هٽ منهن ڌوتا ۽ لنچ جو آرڊر ڏيڻ کان پوءِ ٻاهر اچي شيشي جي لائونج ۾ ويٺو. لائونج جي ٽن طرفن کان پراڪرم سمدر لهرون هٽي رهيو هو. اندر ميزن تي وڏا وڏا زرد گل گلدانن ۾ جرڪي رهيا هنا. درين پرسان تي چار امريڪي ۽ يورپي سياح عورتون ڪافي پيئندي آهستي آهستي ڳالهيون ڪري رهيون هيون. پاڇي وانگر مؤدبانه هلندي سنهالي ٻيرا انهن جي خاطرداريءَ ۾ لڳل هنا.

ڊائننگ هال ۾ تورسٽ ڊپارٽمنٽ جي هڪ چوڪري مشڪي ڪيس ٺستي ڪيو.

"پولونروا جا ڪنڌر ڏسڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي؟" هن پڇيو.

"اهو انهيءَ تي منحصر آهي ته ڪيس منجهن ڪيتري دلچسپي آهي."

چوڪري ڏاڍي اخلاق سان وراڻيو.

"مان آرڪيالاجسٽ آهيان."

"اوهه! تڏهن توهان کي 'انورُاڌاپورا' ۾ ضرور وڃڻ گهرجي!"

"افسوس آهي جو هن دفعي مان انورُاڌاپورا وڃي نٿو سگهان. آرڪيالاجي منهنجي هابي آهي، پر اڄ ڪلهه مان هڪ جدا موضوع تي ڪتاب لکڻ خاطر هتي آيو آهيان. تنهنجو ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان تعلق

هجي ته مون کي ڪجهه ڳالهيون ٻڌاءِ." هن ٻيهي ٻي ڪرسي ميز جي ويجهو ڪسڪائيندي چيو، "تون تامل آهين يا سنهالي؟"

"تامل! پر منهنجو ڪنهن به سياسي پارٽيءَ سان تعلق ناهي. معاف ڪجو، مون کي هن وقت ڪولمبو واپس وڃڻو آهي." چوڪري مشڪي جواب ڏنو ۽ نمستي ڪري اڳتي هلي ويئي.

ماني کائي هو ٻاهر آيو. وراندي ۾ سري لنڪا ۽ پولونروا جو نقشو ۽ 'پراڪرم باهو پهرين' جو فرمان فريم ۾ ٽنگيل هو:

'برسات جو ٽورو پائي به انسان جي ڪم اچڻ کان
سواءِ سمنڊ ۾ وهي نه وڃڻ گهرجي - پراڪرم باهو.'

هن ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر' جو مسودو بند ڪري، پورٽ فوليو مان ٻيو مسودو ڪڍيو ۽ نقشي سامهون ڊاڪٽ تي ويهي جلدي جلدي نوٽ وٺڻ شروع ڪيائين:

'عيسيٰ جي پيدائش کان پنج سو سال اڳ، هندستان جي پرنس وجئه، لنڪا تي حملو ڪيو. ساٿس گڏ آيل ماڻهو مڪڙي نسل جا هئا جيڪي سنهالي چوائٽ ۾ آيا ۽ انهيءَ نسبت سان اهو ٻيٽ 'سنهلديپ' سڏجڻ لڳو، يعني شينهن جو ٻيٽ. پرنس وجئه، لنڪا جي شهزاديءَ سان شادي ڪئي هئي. لنڪا جا قديم رهاڪو Pre- Dravadian Astroloids هئا، جيڪي چوٽا ناگپور جي علاقي کان ٽي ملايا، جاوا ۽ آسٽريليا تائين پکڙجي ويا. لنڪا ۾ انهن جي راڄڌانيءَ جو نالو لنڪاپور هو. شايد انهن کي، هندن جي قديم ايپڪ (Epic) رامائڻ ۾ راوڻ هندستان جي آرين پنهنجي نسبلي برتريءَ جي احساس جي بنياد تي، سياح فام راڪشسن جي قوم چيو.'

ايشيا ۾ نسل ۽ رنگ جو فرق، مشرق جي ڪلچرار- انهيءَ مسئلي تي مون کي وڌيڪ ڪم ڪرڻو پوندو' . هن فوٽ- نوٽ ۾ لکيو ۽ ڪيمل سگريٽ دڪائي پراڪرم سمدر جي مؤجن کي ڏسڻ لڳو. انهيءَ واڳڻائي ساڙهيءَ واري چوڪريءَ جو خيال دماغ مان ڪڍي ڪجهه ڪن ڪان پوء هن وري لکڻ شروع ڪيو:

'سيلون جا موجوده جهنگلي، جن جي اوڙيسا جي جهنگلي قبيلن سان گهڻي مشابهت آهي، 'ويدا' سڏجن ٿا ۽ انهن ٿي اوريجنل رهاڪن جو اولاد آهن.

'سنهالي بادشاهه ايكويهين صدين تائين انهيءَ ٻيٽ تي حڪمران ٿي رهيا. انوراڌپورا انهن جي راجڌاني هو. اشوڪ جو پٽ شهزادو مهندر پهريون ٻڌ پرچارڪ هو، جنهن انوراڌپورا اچي، سنهالي بادشاهه 'ديونام پيار تسا' کي بُڌمَت ۾ داخل ڪيو. شهنشاهه سمدرگپت جي الله آباد واري ٿنڀي تي اُڪريل آهي ته جن حاڪمن ڪيس گذارش ڪئي ته گپتا حڪومت جي چارٽر ذريعي ڪين پنهنجي علاقن ۾ رهڻ ڏنو وڃي، تن ۾ سنهالا جا رهاڪو به شامل آهن. بائبل ۾ ڏکڻ لنڪا جي ساحلي شهر تارشش ياڳال جو ذڪر آهي، جتان ملڪه صبا ۽ سليمان جي لاءِ مور ۽ هيرا ايڪسپورٽ ڪيا ويندا هئا.

'اڻين صدي عيسوي تائين لنڪا، اُتر هندستان جي موريا ۽ گپتا ڪلچر کان متاثر رهي ۽ نائين صديءَ کان ڏکڻ هندستان جي سياسي ۽ تهذيبي حلقه، اثر ۾ داخل ٿي. ڪرشنا نديءَ جي اولهه ۾ انهيءَ وقت چولا، پانڊليه ۽ ڪيرالا جون بادشاهيون قائم هيون. لنڪا جي تخت جا مختلف دعويدار پنهنجي گهرو جنگين جي دوران گهٽو ڪري انهن بادشاهن کان مدد ونندا هئا. يارهين صديءَ ۾ چولا جي رهاڪن انوراڌاپورا جي بادشاهت کي شڪست ڏيئي ٻيٽ جي ونڊي حصي کي چولا سلطنت سان شامل ڪري ڇڏيو ۽ پولو نروا کي پنهنجي راجڌاني مقرر ڪيائون، ۽ انهيءَ صدي ۾ سنهالي بادشاهه پراڪرم باهو- پهرين، ڏکڻ هندستان جي تسلط کان آزاد ٿي ٻيهر پنهنجي سلطنت قائم ڪري ورتي.

'لنڪا جو تخت انوراڌاپورا تيرهن سؤ سالن تائين آباد رهيو. اهو عرصو روم، قرطاجنه ۽ ٽيبز کان ڊگهو آهي. ۽ پوءِ جهنگل کيس ڳڙڪائي ويو.

'پولو نروا، لنڪا جي عظيم ترين بادشاهه پراڪرم باهو- پهرين جي عهد ۾، پنهنجي عروج تي پهچ چڪو هو. هن شاندار ٽيئٽر هال، محلات، آرٽ گئلريون، استوپ ۽ مندر جوڙايا. هن سموري ٻيٽ ۾ آبپاشيءَ جو اهڙو زبردست ۽ حيرت انگيز انتظام ڪيو جو پري پري ڪشمير جا حاڪم پڻ هتان کان انجنير گهرائيندا هئا. (ڪولمبو پلان انهيءَ وقت کان شروع ٿيو هو- ليزلي مارش دل ۾ چيو.)

'پراڪرم باهو عظيم الشان مصنوعي سمنڊ تيار ڪرايو. (لکندي

لکندي هُن 'سمدر' ڏانهن ڏنو ۽ وري سامهون لڳل فرمان تي نظر وڌائين: 'برسات جو ٽورو پاڻي به انسان جي کمر اچڻ کان سواءِ سمند ۾ وهي نه وڃڻ گهرجي.') انهيءَ کان پوءِ زوال شروع ٿيو'

لزلي مارش لکڻ جاري رکيو.

'۽ آهستي آهستي ايندڙ صدين ۾ پولونروا به جهنگل جي وڏندڙ سيلاب ۾ غرق ٿي ويو.'

هُن گهري ڏسي. هو سي هس گهرجي ته ته رات تائين سگريٽ پهچي نه سگهيو. کتاب ۽ ڪاغذ سميٽي هن پورٽ فوليو ۾ رکيا ۽ ريسٽ هائوس مان باهر نڪتو. کجهه قدمن تي پراکرم باهو جو عاليشان مجسمو هڪ هيناهين چوٽيءَ تي بيٺل هو. انهيءَ مجسمي کي سنهالي سنگتراشن نؤ سو ورهيه اڳ ٺاهيو هو. انهيءَ مجسمي جي پاڇي ۾ بيهي، لزلي مارش پاڻ کي بيحد حقير محسوس ڪيو. 'مان ڪير آهيان؟' دور دراز نيو انگلنڈ کان آيل لزلي ونسٽ مارش، جيڪو هن وقت مشرق کي تهذيب سيکارڻ نڪتو آهي، جيڪو سمجهي ٿو ته مشرق جي سيني دکن جو علاج فقط ونس آهي، مشرق کي پنهنجي دکن جو پاڻ ئي علاج ڪرڻ جو ڪو به حق ناهي.

مجسمي جي پرسان، مٿي جا وار ڪُٽل ۽ ڪاري رنگ جو هڪ نوجوان، اکيون ڦاڙي ۽ ڏند ڪيڙي بيٺو هو، جيڪو شايد ڪائنس خرچي گهري رهيو هو. ڪيس ائين لڳو جڙ هُو، انهن قديم جهنگلن، انهن سرسبز ڪرين، انهيءَ لهرون هڻندڙ نيري ونڊ، انهيءَ ڳاڙهي پٿر جي نيري مجسمي جو روح آهي، جيڪو اڄ جي ڪلچرڊ دنيا جي اونداهي لاشعور ۾ اوچتو نمودار ٿي مٿس چڙهون ڪري رهيو آهي.

ڪيمرا ڪٽي، هو ڪرين جي چوٽين تان لهندو هوا ۾ سوسات ڪندڙ ڏگهن وڻن جي جهنگل ۾ داخل ٿيو، جتي ڳاڙهي پٿر جا ڪنڊر چؤطرف پري پري تائين پکڙيل هئا.

اُڪر ٽيل ٽنين جي 'مون استون' تي ويهي، هو پنهنجي ڪيمرا فوڪس ڪري رهيو هو ته ڪيس اوچتو هوءَ نظر اچي ويئي. هوءَ ٻئي طرف کان ڏاڪڻ

لهي پراڪرم باهو جي 'پنجاهه ڪمرن واري محل' ڏانهن وڃي رهي هئي. هو هڪدم پنڌيان ٿيو. گاهه تي وڪريل پيلن پنن تي هن جي قدمن جي آهٽ ٻڌي، هُن پُٺ ورائي.

"هاءِ." لزلي مارش مشڪي چيو.

"هاءِ." جواب ۾ هوءَ به مشڪي.

هو ساٿس گڏ هلڻ لڳو. "هيءَ ٻيٽ ايتري قدر خوبصورت آهي، جو سمجهه ۾ نٿو اچي ته چاڪجي." هن ڳالهه شروع ڪئي.

"ها." واڳڻائي سازهي واري چوڪري جواب ڏنو. "اسان جي مقدس ڪتاب رامايڻ ۾ لڪيل آهي ته سائي ۽ سونهري لنڪا اهڙي ته دلفريب هئي جڙ آڪاش تي باغ لڳل هجي."

"ڪيڏو حسين اڌاوت جو نمونو آهي اِهوا" لزلي مارش، محل کي ڏسندي حيرت ۾ ٻيهي چيو. "مان جڏهن به ايشيا ايندو آهيان ته پنهنجو پاڻ کي بيحد ننڍو محسوس ڪندو آهيان."

"تو ڏکڻ هندستان جا مندر ڏٺا آهن؟"

"ها. تون به هندستاني آهين نه؟"

"ها. هُو ڏس 'ست محفل وهار.' اهو راڻي روپ متي نهرايو هو. مون هاڻي گائيڊ بوڪ ۾ ڏٺو."

"منهنجو نالو ڊاڪٽر لزلي ونسنٽ مارش آهي. مان هارورڊ کان آيو آهيان."

"مان ڊاڪٽر ميرچنداڻي آهيان. مان 1954ع تائين ڪولمبو ۾ پڙهي آهيان."

"مس ميرچنداڻي يا مسز ميرچنداڻي؟"

"ميرچنداڻي منهنجو ميڊن (Maiden) نالو آهي."

"توکي خبر آهي ته مان ڪولمبو کان هيستائين تنهنجو پيڇو ڪندو آيو آهيان. تو هڪ دفعو به پوياڻ مڙي نه ڏٺو."

"هارورڊ جا ماڻهو ته بيحد سنجيدا ۽ معقوليت پسند مشهور آهن."

"ها ها ها. تون ڪولمبيا ۾ انگلش ڊپارٽمنٽ جي ڊاڪٽر ايڊورڊ مارش کي سڃاڻين؟ هو منهنجو ننڍو پاءُ آهي."

ڪنڊرن جا چڪر ڏيندي، هن امريڪا جون ڳالهيون شروع ڪيون. هو

انهيءَ پس منظر مان آيو هو، جتي سيتا پنهنجي زندگيءَ جو بهترين وقت گذاريو هو. شايد انهيءَ ڪري هن اجنبي امريڪي سان ڪيس هڪ عجيب ويجهاڻپ محسوس ٿي.

'اينٿراپالاجي' ۽ 'آرڪيالاجي' منهنجا وٺندڙ مضمون آهن، پر يونيورسٽيءَ ۾ پوليٽيڪل سائنس پڙهائيندو آهيان. اڄ ڪلهه هڪ ڪتاب لکڻ خاطر هٿي آيو آهيان. تون به ڪتاب لکڻ آئي آهين؟"

"نه .هي ڏس." هن جلدي گائيڊ بوڪ کوليو. "هيءَ راڻين جي وهنجڻ لاءِ ڪنول جي شڪل جهڙو تلاءُ. هتي لکيل آهي ته انهيءَ ۾ پراڪرام سمدر مان ڪسيءَ جي ذريعي پاڻي پريو ويندو هو."

أهي سموري ڪنڊر ۾ گهمندا رهيا. لنڪا تلڪ مندر. جيت ون وهار. راڻي روپ متيءَ جو نهرايل استوپ. پراڪرم باهو جئي راڻي 'سيدرا' جو نهرايل 'ڪيري وهار.' ڏکڻ هندستان جي طرز جا پڪل ٽنل شيوديوالا. سرن مان جوڙيل گوتم بُڌ جو بي حد دڪهو مجسمو، جيڪو سڏو بيئل هو ۽ جنهن جي گوڏڪ وضع جي مندر جي ڇت ڪري چڪي هئي. ڪارين تاڪرو چوڌين وچ ۾ گاهه تي ليٽيل گوتم بُڌ، جنهن کي 'نرواڻ پدوي' ملي چڪي هئي ۽ جنهن جي سيراندين ڪان آنند هٿ ٻڌي پنهنجي مالڪ جي موت تي اداس بيٺو هو. هڪ وڏي ۽ ويڪري چبوتري تي پدم آسڻ ۾ ويٺل گوتم بڌ، جنهن جي سامهون وٽن تي پوڄارين پنهنجون پنهنجون مرادون ماڻڻ لاءِ سفيد جهنڊيون ٻڌي رکيون هيون، ۽ جنهن جي چو طرف سنهالي عورتون اڇي سجدي ۾ ڪري پيون هيون. مورن، هاڻين ۽ راڄ هنسن جا نفيس ۽ لسا مون استون. لڙلي هڪ هڪ شيءَ ڏسي بي حال ٿيندو ٿي ويو.

"توهان امريڪي ۽ خوب آهيو." سيتا ڪلي چيو.

"هو ڏس، 'ست محل پرساد.'" لڙلي سامهون اشارو ڪيو. "انهيءَ زماني ۾ ماٺهو ست ست ماڙ عمارتون جوڙائيندا هئا. ڪمال آهي!"

"راماڻ ۾ تلسي داس لکيو آهي ته لنڪا جا محل خود وشوَ ڪرم پنڌار جي ديوتا ڪُبير جي رهائش لاءِ پنهنجي هٿن سان جوڙيا هئا." سيتا چيو.

"جي؟ وري چنجو." هن هڪدم پنهنجو نوٽ بڪ ڪڍيو. سيتا ڪلي پيئي. "۽ اهو ٻه لکو ته وشڻو، جادو جو شهر جوڙيو هو، جنهن ۾ شهزادي

وشوَ موهني رهندي هئي." هوءَ هڪ پڳل ٽنيي تي ويهي رهي. لزلي نوٽ بڪ بند ڪري چڏيو.

"تو کي هڪ ڳالهه ٻڌايان." هن چيو، "هندو ديومالا ۽ راماين جي ڪهاڻي پڙهي، مان هميشه سوچيندو هوس ته سيتا ڪهڙي هوندي."

"۽ اُها اڄ ڏسي ورتي." هوءَ اڃا زور سان ڪِلي.

فضول. فضول وقت گذري رهيو آهي.

واپسيءَ ۾ ڪين پري کان 'رڻ ڪوٽ وهار' جو عظيم الشان استوپ نظر آيو، جنهن جي وسيع گنبذ تي گهاٽو گاهه اُپري آيو هو. "ڪيڏي پوائتي ڳالهه آهي." سيتا چيو، "انسان جهنگل جي سامهون بيوس ٿي ٿو پوي."

"ها." لزلي ڪيس غور سان ڏسندي جواب ڏنو، "تون بلڪل نيڪ ٿي چئين."

ريسٽ هائوس جي اڳيان پهچي هن سيتا کي چيو، "جيڪڏهن تون اهو نٿي چاهين ته مان ٻيهر تنهنجو پيڇو شروع ڪريان ته تون منهنجي ڪار ۾ اڄ ۽ پنهنجي ڊرائيور کي چڙ ته اسان جي پويان پويان اچي."

سيتا اڻين ئي ڪيو.

پولونروا جا ڪنڌر پويان چڏي، اُهي وري سڌي رستي تي آيا. سيتا مٿو پويان ڪري اکيون بند ڪري چڏيون. گذريل سال هوءَ عرفان سان بهاولپور جي مٽيهاٽي رستي تان لنگهي رهي هئي. عرفان هن وقت ڪولمبو ۾ هو. جميل به ڪولمبو ۾ هو. هوءَ لزلي ونسنٽ مارش سان گڏ سگريه وڃي رهي هئي.

رات ٿي ويئي.

'ستي ساوتريءَ جهنگل ۾ چيو هو: رات اسان جي چوڌاري گهري ٿيندي ٿي وڃي. سج لهي چڪو آهي. رات جا حيوان چٽني طرفن کان گهمي رهيا آهن ۽ ڏاڍي بي رحميءَ سان طنزيه ٽهڪ ٻيا ڏين. انهن جي هلڻ سان پن ڪڙ ڪڙ ٻيا ڪن. ڏکڻ اولهه کان ايندڙ گدڙن جون ٻيائڪ اوڙائيون منهنجي دماغ کي لوڏي رهيون آهن. منهنجي دماغ کي... منهنجي دماغ...'

رات جي اونداهيءَ ۾ سگريه ريسٽ هائوس تي گهري خاموشي ڇانيل

هئي.

"تنهنجي رزرويشن موجود آهي؟" لزلي ڪار مان لهندي پڇيو.

"ها."

"توهان جو ڪمرو هن طرف ونگ ۾ آهي، ڊاڪٽر مارش." ريسٽ هائوس جي مئنيجر اڇي چيو.

"چگو مهرباني." هو اٽيچي ڪيس کڻي ڏڪيا ڏڪيا قدم کڻندو ٻئي ورانڊي ڏانهن هليو ويو.

صبح جو جڏهن هوءَ پنهنجي ڪمري مان ٻاهر نڪتي ته هو ورانڊي ۾ ويهي ٽائيپ ڪري رهيو هو.

"گڈ مارننگ!" هن منهن مٿي کڻي چيو.

"گڈ مارننگ تو يو پروفيسرا" سيتا وراڻيو ۽ پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

هو ٽائيپ ڪرڻ ۾ مصروف رهيو.

"چا لکي رهيا آهيو؟"

لزلي ٽائيپ ڪيل ڪاغذ ڏانهس وڌايا.

'ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر.' 'سيلون جي سري لنڪا فريڊم پارٽيءَ جو ونگ' ٻئي باب جو پهريون عنوان هو. هوءَ ڪجهه صفحن تي نظر وجهي بيزاريءَ سان ٻاهر ڏسڻ لڳي.

"تنهنجي ڳالهين مان لڳو هئم ته تون معقول قسم جو ڊيموڪريٽ آهين." ڪجهه منٽ رڪي هن چيو.

لزلي ٽائيپ بند ڪري کڻ لڳو. "مون ڪلهه شام پولونروا ۾ توسان بحث ڪرڻ کان پوءِ طئه ڪيو آهي ته ايڏيون خوبصورت گهڙيون سياسي گفتگوءِ ۾ برباد نه ڪندس چو ته جڏهن تون تقرير شروع ڪرين ٿي ته ٻئي ڪنهن کي ڳالهائڻ ئي نٿي ڏين ۽ اهڙي طرح تمام قيمتي وقت ضايع ٿئي ٿو. تو جهڙين حسين چوڪرين کي انٽلڪچوئل بلڪل ٽيڻ نه گهرجي."

سيتا کيس کو جواب نه ڏنو ۽ ساٿس گڏجي بريڪ فاسٽ جي ميز ڏانهن ويئي.

نيرن کائڻ کان پوءِ هن گهڙي ڏٺي.

"هاڻي جلدي سگريٽ ڏسي اچڻ گهرجي."

"چو؟ ڪهڙي جلدي آهي؟" لزلي سندس سگريٽ ڪائيندي پڇيو.

"منهنجي دل ٿي چوي ته هڪ ٻه ڏينهن هتي رهڻ گهرجي."

"مون کي اڳاري جي صبح جو ڪولمبو واپس پهچڻو آهي."

"ڪولمبو پهچڻ لاءِ ايڏي تڪڙ چو آهي؟ تو ته چيو ٿي ته پراچين لنڪا جي سياحت لاءِ آئي آهين. انگريزن جي آباد ڪيل هن ڪالونيل (Colonial) شهر ۾ چا رکيو آهي؟"

هوءَ ميز تي ماڇس جي تيلين مان اکر ناهڻ ۾ لڳي رهي. هڪ ڏمر ننڍي عمر وارو سنهالي جوڙو، جنهن جي انداز مان ظاهر ٿيو ٿي جڻ هني مون ملهائڻ آيو هجي، پنهنجي ڪمري مان نڪري ڪائونٽر تي آيو. چوڪري، ڪولمبو ترنڪ ڪال ڪري رهي هئي:

"مما، ايسان خير سان آهيون. چگو... ماں؟ ماني ڏمر سڻي اهي... ها ها. مون اووليٽين پيتي آهي. مان رتنا کي ڏمر گهٽا پڪچر پوسٽ ڪارڊ موڪليندس. جارج سان ڳالهاءِ."

ڪافي ختم ڪري لزلي اُٿي بيٺو. "جيڪا تنهنجي مرضي. هلو، سگريٽ ڏسي اچون."

سگريٽ جي ڇهه سؤ فوٽ هيٺتناڪ چوٽيءَ تي پهچندي پهچندي ڪافي وقت لڳي ويو. هوا ڏاڍي تيز هئي ۽ هلڪي اُس هيٺين حد تائين ٻنين ۾ ڦهليل هئي.

پري اُفق ۾ تيز نيريون ٽڪريون ڏسڻ ۾ پئي آيون. چوٽيءَ تي پهچي چوڌاري ڏسندي هُن هڪدم لزلي کي چيو، "گناهه جو احساس سگريٽ جي چوٽي وانگر خوفناڪ ۽ اٽل، اونداهو ۽ ڊيڄارينڊڙ آهي."

"تون ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون گهريون ڳالهيون ڪندي آهين جو انهن لاءِ باقاعدي فوٽ نوٽس جي ضرورت محسوس ٿيڻ لڳندي آهي. ٻڌاءِ، دنيا جي ڪهڙي لائبريريءَ ۾ تنهنجي ڳالهين جو اشارو ملي سگهي ٿو؟" لزلي چيو.

سيتا اکين جا ڇهر ڪٽي ڏانهس ڏٺو. ڪيتري قدر احمق ماڻهو آهي.

فضول فضول فضول.

هڪ ٻي چوٽيءَ جي سطح کي پار ڪري هوءَ فرسيڪوز ڏانهن ويندڙ لوهي ڏاڪڻ هيٺ پهچي ويئي. لزلي هڪ قدم پٽ تي رکي مٿي نهاريو.

"جيڪڏهن اِتان ڪان ماڻهو ڪري پوري ته ڪيئن ٿا يانيو؟!" هن اکين

تي هٿ رکي ڇانوَ ڪندي وري چوطرف ڏٺو. هڪدم هن مُڙي سيتا کان سوال ڪيو. "تون گناهه جي احساس جي کهڙي ڀَالهه ڪري رهي هنيءَ؟"

"ڪجهه نه." هوءَ پٽ تي ويهي رهي.

"مون کي ضرور ٻڌاءِ." لڙلي ضد ڪيو.

"رات مان سڳريه جي ڪهاڻي پڙهي رهي هيس،" سيتا ڀَالهه تارڻ لاءِ چوڻ شروع ڪيو، "ته پنجين عيسوي صديءَ ۾ ڏاتوسين لنڪا جو راجا هو."

لڙلي هڪدم نوٽبوڪ ڪڍيو ۽ گوڏا کوڙي سنڊس سامهون ويهي رهيو.

"ڪيس ۾ پٽ هٿا." سيتا هوا جي لهر تي اڏامندڙ رڻي جي پلوَ کي چيلهه جي چوڌاري ويڙهندي چيو. "ڪيشيپ ۽ موگلنا. راجا جي ڌيءَ جي شادي سنڊس سيناپتيءَ سان ٽيل هني. هڪ ڏينهن راڪماري پڇي پيءُ کي چيو ته سنڊس پتي ڪيس چهبڪ سان ماريو آهي. ڏاتوسين غصي ۾ اچي سنڊس سس کي جيئري جلائي ڇڏيو. سيناپتي، راجا تي پاڻ حملو ڪري سگهيو. تنهنڪري هن ڪيشيپ کي پاڻ سان گڏ ڪيو ۽ ڪيشيپ بغاوت ڪرڻ کان پوءِ، پٽس کي جيئري دفن ڪيو ۽ پاڻ تخت تي ويٺو. موگلنا ساهه بچائي هندستان پڄي ويو پر ڪاڪنس پوءِ مهاراجا ڪيشيپ کي گناهه جي احساس ستائڻ شروع ڪيو. ڪيس يقين ٿي ويو ته انتقام جي ديوي ڪيس سنڊس ڏوهه جي سزا ڏيندي. انهيءَ ڪري هروقت ڊنل راجا، سڳريه جي انهيءَ اوچي چوٽيءَ تي پنهنجو قلعو جوڙايو، جيئن دنيا کان محفوظ رهي سگهي. انهيءَ چوٽيءَ جي سطح تي هن محل، ۽ محلا، تلاءُ ۽ حوض ٺهرايا ۽ هتي رهڻ لڳو پر ارڙهن سالن کان پوءِ..."

هن پٽ تان اُٿي وري متي چڙهڻ شروع ڪيو. لڙلي نوٽبوڪ ڪٽي گڏ ڪنڌ جهڪائي ڏاڍي ڌيان سان ڪهاڻي ٻڌندو پئي ويو. هلندي هلندي هڪ ڏاڪي تي سيتا جو پير ترڪي پيو.

"اڙي اڙي! سنياڻي هل." هن گهبرائجي چيو، "ها پوءِ؟"

"ارڙهن سالن کان پوءِ موگلنا فوج وٺي هندستان کان موٽيو ۽ انهيءَ چوٽيءَ هيٺيان پنهنجي پاءُ سان جنگ جوٽيائين ۽ ڪيشيپ جنگ جي ميدان ۾ خودڪشي ڪئي."

اُنهن خطرناڪ لوهي ڏاڪڻ چڙهڻ شروع ڪئي ۽ چند منٽن ۾ متي

پهچي ويا. چوٽيءَ جي بلڪل ڪناري سان گنڊري هئي، جنهن جي ديوار تي اجنتا جي نمونو جا فريسڪوز ٺهيل هئا.

"گلن جي ورڪا ڪندڙ اپسرا جي ري پراڊڪشن ايترا پيرا ڏني اٿم جو ڪيس سچ پچ ڏسندي اعتبار نٿو اچي." لزلي چيو.

"تو اجنتا جا فريسڪوز ڏٺا آهن؟" سيتا پڇيو.

"نه، هاڻي وڃي ڏسندس. ٽورو سوچ، اهي خوبصورت تصويرون ڪهڙن فنڪارن ڪيڏا جوکا، ڪٽي ناهيون هونديون!"

"اجنتا ڏسڻ کان پوء، هي پنج ڇهه ننڍيون ننڍيون تصويرون بلڪل پٽر جهڙيون ٽيون لڳن. مون کي ته ڏاڍي مايوسي ٿي. اجايو ايترو مٿي چڙهي آيس. هلو، هاڻي هيٺ هلي گريفٽي ڏسون." سيتا گائيڊ بوڪ کولي چيو. لزلي تصويرون ڏسن ۾ محو هو. هوء سندس پرسان وڃي بيٺي.

"تنهنجي تصوير جيڪڏهن ڪنهن قديم پٽرائين ديوار تي اهڙي طرح ناهي وڃي ته جيڪر ڪيئن لڳي؟"

لزلي مڙي ڪيس غور سان ڏسندي چيو، "خبر ناهي ته اهي چوڪريون ڪير هيون."

سيتا وارن جي ڇڪ نرڙ تان هٽائي آهستي چيو، "وجولتا- وڄ جي شهزادي. ميگھ لتا- بادلن جي شهزادي. اپسرائون - رمپا ۽ مينڪا."

هن گائيڊ بوڪ ۾ انهن جا نالا پڙهيا. انهن اپسرائن جون مادل چوڪريون اصل زندگيءَ ۾ ڪهڙيون رهيون هونديون.

فريسڪوز کان اڳتي وڌي، اُهي گريفٽيءَ جي ڏڳهي ديوار هيٺ بيهي رهيا. هيٺ شهر جي عظيم الشان چنبن جي وچان نڪري، ڪي سياح ڏاڪڻ چڙهي رهيا هئا. سنهاگريءَ جو پوائنٽو پاڇو پري پري تائين ٻنين تي پٽجي رهيو هو.

"سگريہ ايندڙ سياحن، ڪيئن صديون اڳ اُنهي ديوار تي جيڪي ڪجهه لکيوهو، ساڳي طرح محفوظ آهي." سيتا گائيڊ بوڪ کولي پڙهڻ شروع ڪيو: "هن عظيم الشان گريفٽيءَ تي، جيڪا 'شيشي جي ديوار' سڏجي ٿي، ڇهه سؤ اسي تحريرون اُڪريل آهن، جن کي تو مون جهڙن سياحن لکيو هوندو. گهٽا مزاحيہ نظر سوال جواب جي صورت ۾ آهن.

'دوست' ... هڪ هنڌ لکيل آهي: 'انهن سونهري چوڪرين جون

تصويرون هر هنڌ منجي سپني مثل ٿي وييون آهن. ڪٽان ڪٽان انهن جو رنگ اڏامي ويو آهي... چا هاڻي ڪو اڌرو باقي بچيو ناهي جو سندن زماني ۾ سائن پيار ڪندو هجي؟'

هڪ هنڌ ڪنهن عورت لکيو آهي: 'ٻُڏُ ٻُڏُو، اسان چوڪريون توهان سان مخاطب آهيون - توهان، احمقو! توهان، جيڪي سگريٽ آيا آهيون... گيت ڳائڻ ۽ نظمن لکڻ کان سواءِ توهان اهو به سوچيو آهي ته اسان عورتون آهيون ۽ اسان کي مدرا گهرجي.'

ڪينڊيءَ ۾ شاطوءَ جي دريءَ مان ٻاهر نظر پئي آئي، جنهن جي ڇوڙف ڪرين تي ڳاڙهين چتين وارا بنگلا پام جي گهاٽي جهرمر ۾ لڪا ٻيٺا هئا. ڪرين تي ور وڪڙ ڪائيندو چانو وارا ڊرائيوز(Drives) هئا، جن جا نالا سابق برطانوي گورنرن جي زالن جي نالن تي رکيا ويا هئا: ليڊي هورٽن. ليڊي بليڪس. ليڊي مڪ ڪليئر ... آسمان سامهون، 'بائبل راڪ' ڪُتل هئي.

شاطوءَ جو مالڪ ڪو رومن ڪئٿولڪ بئريسٽر هو، جنهن جو اڌ نالو پورچوگالي، اڌ سنهالي ۽ اڌ تامل هو. هيئين منزل جي ڊرائنگ روم ۾ سندس فئملي گروپ ٽنگيل هئا. مٿي ڊائننگ روم ۾ بئريسٽر جي روغني تصوير ٽنگيل هئي. تصوير جي هيٺيان لکيل هو: 'ڊون فرنانديز ڊي ڪوسٽا سمر سنگهار ونامد ليار.'

"ڪالونيل مشرق ۽ سامراجي مغرب جو اهو ناجائز ڳانڍاپو مون کي هانگ ڪانگ ڪان وٺي گوا تائين هر هنڌ ڏسڻ لاءِ ملي ٿو." لزلي نٽپکن کٽي دريءَ ڀرسان ڊائننگ ٽيبل تي ويهندي چيو.

"تو ڪينڊيءَ جي رقاصائن جو ناچ ڏٺو آهي؟" سيتا پڇيو.

"ها، مان جنگ جي زماني ۾ برما ويندي، هتي ڪجهه ڏينهن ترسيو هوس ۽ اتفاق سان انهيءَ شاطوءَ ۾ ترسيو هوس. انهيءَ زماني ۾ ڪينڊي، لارڊ مائونٽ بٽٽن جي سائوٿ ايسٽ ايشيا ڪمانڊ جو هيڊڪوارٽر هو."

پوءِ هو ترسي ڪنهن سوچ ۾ پئجي ويو.

"چا ٿو سوچين؟" سيتا سلاد جي پليٽ ڏانهس وڌائيندي سوال ڪيو.

"ڪجهه به نه." هن چرڪي چيو. "برما ۾ ڏاڍو زخمي ٿيو هوس ۽ ڪئين سال جنگي قيديءَ ٿي رهيو هوس. منهنجا ٻه ننڍا پائر ٽوڪيو تي بمباري ڪندي مارجي ويا هئا. جنگ ڏاڍي خوفناڪ شيءِ آهي، هني!"

"۽ هاڻي تون هڪ ٻي جنگ وڙهڻ ٿو چاهين."

"چو ته تنهنجي هن خوبصورت ايشيا کي ڪميونزم کان بچائڻ لازمي آهي، هني."

سيتا هڪ دفعو وري خاموشيءَ سان ڪائڻ شروع ڪري ڏنو. "هلو ته سُڻن سياحن وانگر 'ڏند جو مندر' ڏسي اچون." ڪائڻ کان پوءِ هن ٽوري بيزاريءَ سان لڙلي کي چيو.

ڪينڊيءَ جي مشهور 'ڏند جي مندر' ۾ شام جو پوجا ٿي رهي هئي. انهيءَ سان لاڳيتو ڪينڊيءَ جي آخري مهاراجا 'سري وڪرم راج سنگهه' جو ننڍو محل سنسان پيو هو. لڙلي انهيءَ جي ديوارن جي نقش نگارن کي آگرين سان چهندو هليو. انهيءَ بادشاهه کي 1815ع ۾ انگريزن شڪست ڏيئي لنڪا تي قبضو ڪيو هو. سيتا کي ياد آيو، هن ڪولمبو ميوزيم ۾ سري وڪرم راج سنگهه جي راڻيءَ جو طلسمي بلائوز هڪ شوڪيس ۾ رکيل ڏٺو هو، جنهن جي ڪلهي وٽ رت جو هلڪو داغ هو. بلائوز جي هيٺيان لکيل هو: 'ڪينڊيءَ کي ناس ڪرڻ کان پوءِ راج محل تي حملو ڪندڙ برطانوي سپاهين مهاراڻيءَ جي ڪنن مان جيڪي واليون پٽي ڪڍيون هيون، اِهو انهيءَ جو رت آهي!'

جهانسيءَ جي لڪشمي ٻائي. لکنؤ جي راڻي حضرت محل. ڪينڊيءَ جي مهاراڻي.

شاطو واپس اچي رات جو مانيءَ کائڻ کان پوءِ لڙلي سان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ بدران، هوءَ سڌو پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. هوءَ سائس تي ڏينهن مسلسل ڳالهيون ڪري بيزار ٿي پيئي هئي.

ڪافي رات گذارڻ کان پوءِ لڙلي جي ڪمري مان ٽائيپ رائيٽر جو آواز ايندو رهيو. شايد هو انهيءَ وقت 'ڏکڻ ايشيا ۾ ڪميونزم جو اثر' جو ٽيون باب لکي رهيو هو.

ٻئي ڏينهن سوير اُهي ڪينڊيءَ مان روانا ٿيا. شهر کان ٻاهر مهاويلي گنگا ۾ هاڻي وهنجي رهيا هئا. ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي سيلون يونيورسٽيءَ جون ڳاڙهي رنگ جون خوبصورت عمارتون پري پري تائين ٽڪرين تي پکڙيل هيون. چانو وارن رستن تي سوٽي ساڙهين ۾ سانوري رنگت جون چوڪريون ڪتاب کڻي هيڏانهن هوڏانهن آيون ۽ ويون ٿيون.

'خبر ناهي، ويچارين جي قسمت ۾ ڇا ڇا لکيل آهي؟' ڪار ۾ لزليءَ جي پرسان ويٺي هن سوچيو: 'هوءَ به ڪنهن زماني ۾ ساڳي ذوق ۽ شوق سان ڪتاب ڪٽي پڙهڻ ويندي هئي.' هاڻي ڪيس سمجهه ۾ آيو ته سندس ساهورن جون وڏيون، ڪنوارين چوڪرين کي سلام جي جواب ۾ 'الله نصيب چڱو ڪريئي' چو چوندیون هيون. وڏي ماسي، وچين ماسي ۽ ننڍي ماسي- ٽيئي جواب ۾ ڪيس 'سدا سهاڳڻ رهين' ۽ 'سيندڙ ٽڏي رهي' جون دعائون چو ڪنديون هيون!!

ڪينڊيءَ ڪان اڳتي اوچتو وڌيڪ اوچن جبلن جو سلسلو شروع ٿي ويو. پار جا جهڳٽا هاڻي ختم ٿيندا ٿي ويا هئا ۽ انهن جي جاءِ اوچن الپائن جي وڻن ورتي هئي.

ٽپهريءَ جو اهي نوارا ايليا جي هِل اسٽيشن تي پهچي ويا. 'روشنين جو شهر.'

انگريزي ڪنٽري هائوس جي نموني جي ٺهيل 'گرينڊ هوٽل' هڪ گلن سان ڍڪيل ٽڪريءَ تي بيٺل هئي. ان وقت هلڪي هلڪي برسات پئجي چڪي هئي. هوا ۾ جابلو گلاب جي تيز سڱڌ هئي. هر طرف ڏيڪي ۽ ڪارمنيشن جا ٻوٽا لهرائي رهيا هئا. هوٽل اندران مدم مغربي موسيقيءَ جو آواز پئي آيو.

"اوهه!" لزلي ڪار مان لهي هوا کي سنگهندي چيو. "مون کي هڪدم ائين پيو لڳي جڻ ايشيا جي تند و تيز سحر کان بچي هڪ ٻيرو وري پنهنجي محفوظ ۽ سرد مغرب ۾ واپس اچي ويو آهيان."

جيتري دير ۾ سيتا پنهنجو سامان سنيالي نڪتي، هو هال ۾ وڃي ڪائونٽر تي ويهي ڪلرڪ سان ڳالهائڻ ۾ مصروف ٿي چڪو هو. هوءَ به پرسان وڃي بيهي رهي. ڪلرڪ رجسٽر کوليو ۽ لزلي ڏانهن سوالي نظرن سان ڏٺائين.

"ڊبل روم سَر؟"

"ها." لزلي جواب ڏنو.

"نالو؟"

"مسٽر اينڊ مسز لزلي." مارش لزلي جواب ڏنو.

ڪلرڪ لکي ڇڏيو.

"تو کي ڪو اعتراض ته ناهي، هني؟" هن آهستي پڇيو.

هوءَ چپ رهي.

ٻئي ڏينهن صبح جو جبلن تي ٽمار گهاٽو ڪوهيڙو چانيل هو. ڏند صاف ٿي ته سيتا هائوس ڪوٽ پائي دريءَ تي ويٺي ۽ گلن وارو پڙدو هٽائي ٻاهر ڏسڻ لڳي.

"اڄ ڪهڙو پروگرام آهي؟" هن مُڙي لزلي کان پڇيو.

"تون ئي ٻڌاءِ." هن شيوَ ڪندي ڊريسنگ ٽيبل جي اڳيان جواب ڏنو.

"مان تنهنجي وس آهيان."

سيتا دريءَ جي سرد شيشي سان نڪ لڳائي دير تائين ٻاهر جو نظارو ڏسندي رهي.

لزلي هاڻي انتهائي بي سُري آواز ۾ ڏکڻ پلانٽيشنز جو هڪ اُداس نغمو جهونگاري رهيو هو. ٻاهر چوڌين تان بادل ترندا پئي ويا. پري جبلن تي آبشار تيزيءَ سان ڪِري رهيا هئا.

نوارا ايليا ۾ زمين هڪ فوٽ تائين ڪاري آهي. هتان جي ماڻهن جي عقيدو آهي ته سيتا کي بچائڻ لاءِ هنومان هتي اچي سموري جبل کي باهه لڳائي هئي ۽ تڏهن کان اها زمين سڙيل آهي. سيتا هتي ئي گم ٿي هئي. راوڻ، سيتا کي انهيءَ هنڌ قيد ڪِري رکيو هو.

ٻن پهرن جو سيتا ۽ لزلي جبلن تي گهمندا ڦرندا هڪ آبشار جي ڪناري وڃي پهتا.

"ٿورو هتي ترسجو." سيتا لزلي کي چيو. آبشار کان ٿورو پاسيرو هڪ ننڍو اڇي رنگ جو مندر بيٺل هو. هوءَ ڪار مان لهي چوٽيون پار ڪندي مندر ڏانهن وڌي. لزلي به ڪيمرا ڪٽي پويان ويو. مندر جي هيٺيان جابلو ندي جو شور مچائيندڙ پاڻي وهي رهيو هو. اندران پوجاري نڪتو. امريڪي ٽورسٽ کي ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيو جو اڄ دولت جي خدا جو درشن ٿيو هوس. ڏهن رپين کان گهٽ چرخيءَ نه ڏيندو.

"هيءَ سيتا پرميشوري جو مندر آهي." وارن کي ويڙهي، متي ۾ عاج جي ڦٽي وجهي، هڪ راهگير سنهالي، سيتا کي ٻڌائي رهيو هو: "ڏسو مئڈم، اُها آبشار جي پرسان هڪ ننڍي سرنگهه آهي، جنهن مان سيتا کي 'ايلا' مان مانيءَ موڪلي ويندي هئي. راوڻ هتان کان اٽيهه ميل پري

'ايلا' ۾ رهندو هو."

"گڈ گاڈ!" سيتا زور سان ڪِلي، پر لزلي ڏاڍي عقيدت سان پنهنجي نوٽبوڪ ۾ لکندو ويو.

"اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي ڪتاب جي 'فوڪس بليفس' (Folks bliefs) جي باب ۾ لکندس. مان ثابت ڪندس ته تنهنجي ساري ڪميونزم جي باوجود سڄي ايشيا ۾ - هندستان، پاڪستان، لنڪا، هر جاءِ، عوام ڪيڏي شدت سان پنهنجي مذهب جا پابند آهن ۽ پنهنجي مذهبي روايتن ۾ ڪيڏو اٽل ۽ گهرو ويساهه رکن ٿا. هائي هن ويچاري غريب سنهالي مزور کي ڏسو! هيءُ ڪيڏي ويساهه سان پيو ٻڌائي ته راوڻ هتان کان اٽيهه ميل پري ايلا ۾ رهندو هو. اها مشرق جي لازوال طاقت آهي، هني، جنهن کي تنهنجي اڊين ڪميونسٽ پارٽيءَ يا برما جا ڪريب پسند يا هتي جا اشتراڪي 'همسفر' ڪير به ختم نٿو ڪري سگهي."

سيتا چوٽيءَ تي جهڪي اُنهيءَ سرنگهه ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪندي رهي، جنهن جي وسيلي سيتا کي ماني سپلاءِ ڪئي ويندي هئي.

لزلي مندر جي نيم اونداهي ڪوٺيءَ اندر وڃي پوجاريءَ کان انٽرويو وٺڻ شروع ڪري ڏنو. پوجاري سندس مٿي تي تلڪ لڳايو. ڊاڪٽر لزلي مارش ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان ڳاڙهو ۽ اڇو تلڪ لڳرايو. مٿي تي تلڪ لڳرائي، هو بي حد مسخرو ٿي لڳو. ويچارو بيوقوف امريڪن!

اُهي نوارا ايليا جي اُنهيءَ ڪنڊري هائوس جي انهيءَ سرخ گلن جي پردن واري ڪمري ۾، جنهن جي باهران جابلو گلاب ٽڙيل هٿا ۽ پري کان آبشار جو آواز آيو ٿي، چار ڏينهن رهيا پيا هٿا.

13

"... ۽ هنومان راکشس جي محل اندر ويو پر سيتا اُتي نہ هئي. انهيءَ محل جي پرسان هڪ ٻيو محل هو، جنهن جي اندر هريءَ جو مندر ٺهيل هو، جتي ويشنو رهندو هو، جيڪو هري پڄت هو. هن هنومان کي چيو: مان هن جاءِ تي ائين رهندو آهيان جيئن ڏندن ۾ ج پر زبان.

"...رگھوپتي لڪشمڻ کان پڇيو: ياءُ! تون جنڪ جي ڏيءَ کي جهنگل ۾ اڪيلو ڇو ڇڏي آئين، جتي چوطرف راکشس گھمن ڦرن پيا؟

"رام جهنگل ۾ پچندو رهيو: پکيو! جانورو! پنوڙو! توهان منهنجي مرگھ نيٽي سيتا کي ڪٽي ڏنو؟ طوطا، هرڻ، مڇيون، وڃ، پن ڇڻ جو چند، نانگ، ڪامر جو ترڪش، بدڪون، هاٿي، شينهن، هاٿي پنهنجي حسن تي ٻيهر نازڪي سگھن ٿا. ٻڌ جانڪي! ول جو ميوو، سون ۽ ڪيلا هاٿي خوش آهن، ڇو تہ تون وڃي چڪي آهين. اُهي سرها آهن جو هاٿي سونهن ۾ سندن مقابلو ڪري نٿو ڪري سگھي.

"رام جهنگل ۾ هلندي لڪشمڻ کي چيو: 'ڏس لڪشمڻ، جهنگل ڪيڏو خوبصورت آهي! انهيءَ جي سونهن پسي ڪير بيقرار نہ ٿيندو! جڏهن هرڻ اسان جي آهٽ تي اُتي پڇن ٿا تہ انهن جون هرٽيون ڪين چون ٿيون، 'ڏجو نہ، توهان تہ جنم جنم کان هرڻ آهيو، پر اهي ٻئي تہ هڪ سونهري هرٽيءَ جي تلاش ۾ آيا آهن. ياءُ ڏس، بسنت رت ڪيڏي نہ خوبصورت آهي! ڪامديو، سيتا جي گم ٿيڻ ڪري مون کي اُداس ڏسي، جهنگل ۽ ماکيءَ جي مکين ۽ جهرڪين جي مدد سان مون تي حملو ڪرڻ پيو اچي. وٽن تي پکڙيل وليون، سندس فوج جا تنبو آهن. ڪيلي ۽ تاڙيءَ جا پن، سندس جهنڊا آهن. گلن جا ٻوٽا، سندس تير انداز ۽ ڪوئل جو آواز جڻ سندس جهنگلي هاٿيءَ جي گجڪار آهي. ٻگھ ۽ مينائون، ڪامديو جا اُٺ آهن. مور ۽ راج هنس، سندس

عربي گهوڙا آهن. پاموز پکيَ (کبوتر) ۽ جهنگلي تتر، سندس پيادا آهن. جبلن جون چوٽيون، کامديو جا رَٿ آهن. آبشار، سندس نغارا، ۽ سڪندڙ پريون هوائون، سندس جاسوس آهن. اي لڪشمڻ، جيڪو کار ديو جي فوج جو مقابلو ڪري سگهي ٿو، اُهو سچ پچ وڏو بهادر آهي. کار ديوتا جو سڀ کان وڏو هٿيار عورت آهي.

"...هاڻي سرسبز زمين، گاهه سان ائين ڍڪجي ويئي آهي جو پيچرا ڏسڻ ۾ نٿا اچن، جيئن مقدس صحيفا بدعتين جي مباحثن ۾ لڪي ويندا آهن. ڪڪرن واري ڪاري رات جي اونداهين ۾ تاندائا ائين پيا چمڪن، جيئن منافقن جو خفيہ جلوس ٿيندو آهي. ٿڪل مسافر هيڏانهن هوڏانهن ائين آرام پيا ڪن، جيئن ڳولائو، گيان حاصل ڪرڻ کان پوء آرام ڪندا آهن.

"پر لڪشمڻ، ڏس، ساون گذري ويو ۽ پن ڇڻ جي رُت اچي ويئي آهي. زمين هاڻي گلن جي پنن سان ائين ڍڪجي ويئي آهي، جيئن ٻڌاپڻ هوريان هوريان ايندو آهي. رستن تي وهندڙ برساتي پاڻي ائين خشڪ ٿي ويو آهي، جيئن آسودگي، حوس کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي."[1]

(1) تلسي داس جي لکيل 'راماين' مان.

14

اونداهي جهنگل ۾ لڪل ريسٽ هائوس جي هيٺين طرف ڪالينيءَ گنگا شور ڪندي سرخي مائل ڪارين چوٽين تان وهي رهي هئي. وڻن تي پکي رات جو اُجهو وٺڻ کان اڳ، زور زور سان 'چون چون' ڪري رهيا هئا. هوا ناريل جي وڻن مان سڙسڙاٽ ڪري رهي هئي.

سيتا ڪافي دير کان دريءَ تي ويهي نديءَ جي اونداهين لهرن کي ڏسندي رهي هئي. نوارا ايليا کان واپس ايندي، هتي پهچي لزلي مارش کانئس موڪلاڻي پنهنجي سفر ڏانهن اڳتي روانو ٿي چڪو هو. نوارا ايليا ۾ ڪيس ڪيبل ملي هئي ته ڪيس هڪدم ڪولمبو موٽي ڻ ڏينهن اندر ڪلڪتي پهچي وڃڻ گهرجي.

سيتا ڪانئس موڪلاڻڻ کان پوءِ پنهنجي بيڊ روم جو دروازو اندران بند ڪري ڇڏيو هو. اهو ڊاڪ بنگلو سيلون جي گهاٽن جهنگلن ۾ لڪل، هڪ ڊاڪ بنگلن وانگر مادرن ۽ جڳمڳائيندڙ نه هو. انهيءَ جو فرنيچر به پراڻو هو. فرش تي مُڄ جون تڏيون وڇايل هيون. ڊريسنگ ٽيبل جون آرسيون ڪامر ڏنڊليون هيون. هيو ڪو غير ملڪي سياح انهيءَ وقت اُتي موجود نه هو. هوءَ سموري ريسٽ هائوس ۾ بلڪل اڪيلي هئي. امريڪن ايڪسپريس جو ڊرائيور ڪار کي گئريج ۾ بند ڪرڻ کان پوءِ شاگردن ڏانهن وڃي چڪو هو. مانيءَ کائڻ وقت بئري ڏند ڪيي ڪيس چيو هو: "منڊما برج آن رِوَر ڪِوائي (Bridge on River Kiwai) جي شوٽنگ هن هنڌ تي ٿي هئي. هو سامهون هنڌ، جتان گنگا وهي ٿي، اُها برج انهيءَ تي جوڙي ويئي هئي! اليڪ- گنس ۽ وليمر هولڊن ۽ سڀ وڏا ايڪٽر هن ريسٽ هائوس ۾ ترسيا هئا. ڏاڍي رونق هئي، منڊما" هوءَ اها ڳالهه ٻڌي به متاثر نه ٿي هئي. ماني کائڻ کان پوءِ هوءَ ڪمري ۾ وڃي دريءَ تي ويهي رهي هئي، ۽ انهيءَ کان پوءِ بتي وسائي پلنگ تي ليٽي پيئي هئي. سياڻي صبح جو ڪيس ڪولمبو وڃڻو آهي.

رات گهري ٿيندي ويئي. رات، جيڪا چندن جي جهنگلن ۾ پٽڪي

رهي هئي، لونگ ۽ الائچيءَ جي ٻوٽن ۾ سمهي پيئي هئي. رات، جيڪا 'ڪيندپيءَ' جي مندر جي ڏاڪڻ تي وکريل سفيد گلن تي سمهيل هئي. رات، جيڪا ڪالينيءَ گنگا جي ڪناري، درياءَ گاهه ۾ نانگ وانگر وراڪا ڏيئي رهي هئي. رات، جيڪا اوندهه جهنگلن ۾ لڪل ڍڇ ۽ پورچوگالي ديولين وانگر خاموش هئي. رات، جيڪا نديءَ جي تهه ۾ پٽرائين چوٽين تي پاسا ورائي رهي هئي. رات، جيڪا ڪيندپيءَ جي شاهي هاٿين جي شاهي مهاوت وانگر باوقار ۽ مغرور هئي. رات، جيڪا گنگا ۾ وهنجندڙ هاٿين وانگر ڪاري ۽ رفتار ۾ ڍري هئي. ڪيندپيءَ ۾ تاج لائيٽ جلوس نڪري رهيو آهي. 'ٻُڌ جي ڏند جو جلوس.' ٻڌ جو ڏند، سون چاندي سان جهنجهيل، هاٿيءَ جي جڳمڳائيندڙ هودي ۾ رکيل هيرن جواهرن جي صندوقڙيءَ ۾ رکيل آهيَ. گاهه تي ليٽيل ٻُڌ، ڏند ڪڍي ڪلي رهيو آهي. ڪيس نقلي ڏند لڳل آهن. مهاتماٻڌ جا ڏند ڪائڻ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا.

رات، جيڪا هنڌن جو آواز آهي، بنسريءَ جو آواز، بئگ پائپ (Bag pipe) جو آواز، ستارن جو آواز.

'پرياگ ميورا پرتي نرتيتي.' مور پنهنجي محبوبا ڏانهن نچندو وڃي رهيو آهي، پرياگ ... اڙي مون کي تہ سپيني ٻوليون وسري ويون. ٻلا مان ڪيتريون ٻوليون جاڻان ٿي؟ هڪ بہ نہ. مان بلڪل گونگي آهيان.

لفظن جا بادشاهہ! اي لفظن جا بادشاهہ! واڻيءَ ۽ ونائڪ کي منهنجو پرنام، جن لفظن ۽ انهن جون معنائون جوڙيون آهن... مان وساڪ دت آهيان- مهاراجا پاسڪر جو پٽ... منهنجي مٽان بادلن جي گجگوڙ آهي. منهنجو پريتر پري آهي...

هي چاٽيو؟ اڙي هي چا ٽيو؟

امرٻوٽيون برفاني جبلن تي آهن ۽ انهن تي چپ هٽي نانگ وينو آهي... چپ هٽي نانگ...

ابوالحماقت قمرالسلام چوڌري مون کي 'چنڊي داس' جو اُهو کهڙو گيت ٻڌايو هو؟

رات اونداهي آهي ۽ ڪارا بادل. تون اهڙي رات ۾ ڪيئن ايندينءَ؟ اهو گل بَن ۾ ٻيئو مينهن ۾ پسندو رهيو.

منهنجون سس ۽ نڙاڻون ڏاڍيون ظالم آهن.

چندي داس چوي: سکي ڏي، سکي ڏي.

ڀ مهابُتوپاڏيڻ شري پروجيش ڪمار چوڏري، 'وديا پتيءَ' جي ڪهڙي گيت جي معنيٰ ٻڌائي هئي؟

راڌا جي اڏ هوتيل اکين جي ماٽڪي، ائين آهي جڻ ڪنول جي گل تي ڪنڌر وينو هجي. ها ها ها.

ڀ هوا جي جهوٽي جي زور تي پنڪڙين ۾ سرڪيو وڄي.

وهنجڻ کان پوءِ سندس اکيون، ڪجل لڳڻ سان ائين لڳنديون آهن، جڻ ڪنول تي سندُور لڳل هجي.

ڀ اي ي ي ڪ ـ اي ي ي ڪ

ڀ هوءِ رات جو شب رنگ ساڙهي پائي ڪرشن سان ملڻ ويندي آهي.

اجي سُنادي سُنادي ڪرشنا،

تو بنسري ڪي تان سُنادي ڪرشنا.

آن آن آن سُنادي.

راماين ۾ تلسي داس جيءَ لکيو آهي ته نوجوان عورت شعلي جي لات مثل آهي. اي آقا! تون انهيءَ جو پروانو بڻج.

پر ڪو گڏهه جو پٽ تلسي داس جي ڳالهه ٻي نڏي.

رتن پورا ۾ جيڪڏهن اُها چنتامڻي هيرو ملي وڃي جيڪو سڀ خواهشون پوريون ڪري ٿو ڇڏي.

سري لنڪا جا سڀ جبل ترچا ٿي ويا.

خدا ڪري پن چڻ، جيڪا وشٽو جي بدن وانگر زرد آهي،

تنهنجا دک دور ڪري.

اونهو پاڻي، هيبتناڪ مڇين جي ترڻ ڪري بيقرار آهي.

تنهنجو حڪم، تازن ڪلن جي هارن وانگر مون پنهنجي سر تي ڪنيو آهي.

بيلا ڦولي آڏي رات، گجرا مين کي ڪي گري ڌارون...

اري يانـي! مين گـجراکي ڪي گـري ڌارون

مهاراج جي جئه ٿئي! هڪ شخص، جنهن وٽ پاسپورٽ نه هو، هڪ خط ڪٽي اسان جي ڪيمپ مان فرار ٿيڻ چاهيو، ڪيس گرفتار ڪيو آهي.

ٽرڊ ڊگري ڪهڙي طرح ڪيـو ويندو آهي؟ ٽرڊ ڊگري. ايفـ بيـ آ.

سي- آءِ-ڊي. پي ايڇ- ڊي. ڪي- ايل- ايم. پٽن امريڪن، ايئر انڊيا انٽرنيشنل.

بنان پٽ جي وڻ انين ٻيئا آهن، جڏ ڪنهن جي ارٿيءَ سان وڃڻ لاءِ تيار ٻيئا هجن.

هاڻي مان شمشاس ۽ وڃي پربت منتر ٿي جاڳايان. ڪالي ڪلڪتي والي. ماريچور جي بستيءَ ۾ شمشان گهاٽ هو، جتي ويچارن مسلمان رفيوجين جهوپڙيون ٺاهيون هيون. جنڪالي ڪنڪي والي.

ڪائنات جي ابتدا جو اسرار، ڪاليءَ جي جسم وانگر ڪارو آهي. شفق جي سرخي، ڪاليءَ جو غصو آهي. طوفان ۽ بيمارين ۽ موت. سندس ساٿي آهن. اسان بنگالي، صدين کان ڪاليءَ جو تماشو ڏسندا آيا آهيون ... شري پروجيش ڪمار چوڌري جي اسٽيٽمنٽ تو دي پريس ...

بوگس ايڪسپريشنسٽڪ تصويرون ٺاهيندڙ. بوگس بوگس بوگس. ڪاليءَ جي تصوير ايڪسپريشنسٽڪ آهي. بوگس.

ميري ريکا کانچي بلڪل بيڪار گئي
انسويا ني کها سنو راج ڪماري

پوترتا، پتي ورتا، معصوميت، وفاداري ... هاءِ هاءِ... ليڊيز اينڊ جنٽلمين... ڪامريڈس... پائيو تي پينو... اوهان سيني جي سڌ لاءِ اطلاع ٿو ڏجي ته سيتا اڄ جي دنيا جي خوفناڪ جهنگل ۾ گم ٿي ويئي. انهيءَ ڪي اڄ جي دنيا جوڪو راوڻ ڪُنيي ڪٽي ويو. سائين منهنجا! هيءَ دنيا، جيڪا ٻن ڪيمپن ۾ ورهايل آهي- اينگلو امريڪن سامراج جي شڪار دنيا، جنهن ۾ معصومن کي جڏهن ٽرڊ ڏگري ڪيو وڃي ٿو ته کو هنومان بچائڻ لاءِ نٿو اچي. للتا ڊيئر، مائيڪرو فون فيل ٿي ويو. اڙي ڪيلاش نات ماٽر، ٽورو ڪرنٽ ته ڏي، جلدي. ها، ته سائين منهنجا! مون چيو پئي ته اڄ جي دنيا ۾، جتي هائڊروجن بم جا راوڻ، پنهنجي ٻاڻن سان شهرن کي ڪن ۾ پسمر ڪرڻ وارا آهن، جتي ايشيا ۽ آفريڪا جون لکين سيتائون اغوا ڪيو ويندیون آهن... اڙي رامائڻ پڙهندڙ ٻڪلا ٻڪٽؤ، توهان 1947ع ۾ ڪيتريون مسلمان سيتائون اغوا ڪيون هيون، انهن جو ٽورو حساب ته ڪريو. ۽ اڙي يزيد ۽ شمر تي لعنت وجهندڙ مسلمان مجاهدو، توهان جي...

سيتا ميرچنداڻي... رول نمبر 963...؟

يس پليز (Yes please).

جي ها، منهنجو ئي نالو سيتا آهي.

هاءِ سيتا... هني...

سيتا... منهنجي جان.

جانِ من.

سيتا ڊارلنگيست

بٻاءِ، تنهنجي سپ کان وڏي خواهش کهڙي آهي؟

منهنجي خواهش؟ اهائي ته سري لنڪا جي جواهرن جي شهر رتن پورا جا سپ هيرا مون کي ملن. پوءِ ڏسجو ته مان سيني جي کيئن ئي خبر وٺان.

هاءِ هاءِ، مان وڏي سخت بورجوا آهيان.

هيلو هيلو هيلو... آواز... کهڙا کهڙا آواز... ٽيليفون جي تارن جي جهنجهٽاهٽ ... ريل جي ٽيٽن جي چڪ چڪ چڪ... موٽر بوٽ جي گمٽ گمٽ هلڻ جهاز جي انجڻ جي زُون زُون گهُون گهُون سائين شائين ٽائين ٽائين چين پٽاخ رين رين اولڊ انڊين ڪلچر مس ڊسپلات فلفٽ اظهر اختر ڊگلس اسڪاٽ... روان رون ڏائين ڏائين چوا چُو... ڏوهيءِ جو آواز... بيگم صاحب اڄ چا پچايون... تمام عمر رها غمزه و ادا کا شڪار.

دهل . بنارس جي مندرن جي روشن چوڪي. قيصر جي چڄ جي بيند . راجا کي آئيگي بارات . سنڊي کي سنڊي ... محرم جا نغارا... جعفر باندي جو نوحو... اري بلبل کو گل پسند، گلون کو هوا پسند... هر بوترابيون کو هي خاڪ شفا پسند... تجهه کو ارم پسند. همين ڪربلا پسند، همين ڪربلا ... همين ڪربلا پسند... راوڻ جلي ٿو... سيتا جلي ٿي... لنڪا جلي رک ٿي ويئي.

اجهو هيءُ راهُل مشڪيو؟ راهُل جي مشڪ. جميل جو ٽهڪ. شراب جي گلاسن جي ڪڙ ڪڙاهٽ. به پوڙها زال مڙس، جيڪي بروڪ لِن برج تي بيهي مان ميٽ ۾ ڪنهن ڳالهه تي ڪليا پئي... هارن وانگر ڏاڍا خوش...

مان مري ويندیس... مؤت... ۽ منهنجون ڏنگون اولهه ڏانهن ڪيون ويندیون، جيئن منهنجي آتما ٻيڙيءِ ۾ سوار ٿي سنڊ مها ساگر تان پار لنڪهي سگهي. چڪيا جا شعلا... مومر بتيون... تازا گل... قبر جي تازي مٽي... تلسي پور جو قبرستان، جتي ادي جميلا کي دفنائڻ ويا هئا... اڙي جميلا

ڪير هئي؟ ۽ سندس مڙس واڪا ڪري روئي رهيو هو. بلقيس ٻڌايو ٿي ته سندس مڙس کي اُنهيءَ سال ٻي شاديءَ جو فڪر اچي ڪنيو. سوائين. آل مين آر سوائين. (Swine. All men are swine.)... جميل وارلنگ، مان اڃا به رات جو گهٽو ڪري اهوئي پريشان سهنو ڏسندي آهيان ته مان ايم. اي جو پيپر حل ڪري رهي آهيان، جيڪو ڪنهن اهڙي ٻولي؛ ۾ لکيل آهي جيڪا سمجهه ۾ نٿي اچي. ۽ تي ڪلاڪ پورا ٽيئ وارا آهن ... ۽ ڪلاڪ... هڪ ڪلاڪ... ويهه منٽ... پنج منٽ... هڪ منٽ...

Give me five minutes more
Only five minutes more
Ouly five minutes more of your charms
Give me five minutes more
In your arms.

هاڻيءَ جي شڪل جهڙي جبلن جي چوٽيءَ اتاهين چوٽيءَ تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪريو ته پير ترڪي ٿو وڃي. مان سڳريه ڪان ۽ اوچي چوٽيءَ تي وڃي لڪان تڏهن ۽ پڪڙجي پونديس.

اوهان جي سجاٽ؟

جي مان؟ مسز بيچ لڪزري هوٽل

۽ توهان...؟ شري اشوڪا هوٽل... پڌاريو پڌاريو...

انديا دٽ از پارٽ، مهاراج ڏيراج اشوڪ جا ٽنيا ڳولي لڌا. اشوڪ چڪر ڳولي لڌو. اشوڪا هوٽل ڳولي لڌي.

هيءَ منهنجي نڙاڻ آهي... نڙاڻ بجلي بسنت... بلقيس انورعلي... نمبر ون ايڪٽريس پروڊيوسر انٽيلڪچوئل. دهليءَ جي دل جي ڌڙڪن. اي جمني بيگم... امراءُ بيگم... ڪيتو بيگم، سيپني هيڏانهن اچو. اڙي هي ڪانوَن وارو ڏُڙ چو مڃايو آئو؟ جميل جي ڪنوار پنهنجي ڪُڙي ڏنياءِ، ڪٽي نظر نه لڳي. توتي کا مصيبت پوي پوري بيگم، گوشه نشين ٽي وڃين ۽ هاڻي ٻن گهڙين لاءِ آئي آهين ميار لاهڻ. ڦڦي بندي، او ڦڦي بندي، ڪالهه ڪان ادا جميل کي بخار ٽي ڏيوَ آهي. منهنجي ته دل ٽي ٻُڏي. رات مون مولامشڪل

ڪُشا جي نالي رهيو ڏوئي ڪنيو هو... ۽ پُڌ ڪيتو بيڪر، مون بدنصيب تي ڪيڏا نہ الزام هنيا آهن جن پاڻ تہ ست ونتي زال آهي. عروج جي زال وڏي چالاڪ آهي، هن جي ور نہ چڙهجاڻہ امان. هوءَ ڪنهن کي چا ڪارائيندي . مانگهہ ننگي ويساک اگهاڙي ... رات مولا مشڪل ڪُشا سهڻي ہر آيو هو. ادا جميل... او ادا جميل...

آءِ ايم اَ ڪائو. (I am a cow.)

مسٽر سينڊ مين... مسٽر سينڊ مين... ميري جِي ڪي ورنداون مين...

In my little corner of the world
To night my love - To night my love.

پُڌ جي سماڌين تي رات لهي آئي آهي.
اڄي اِنهيءَ رات، ودي مون تي حملو ڪيو؟
هوا ڪيڏي تيز ٿي وئي آهي.
هوا، پراڪرم سمدر تان وهندي پيئي اچي...
ڪالينيءَ گنگا تان ٽيندي پيئي اچي . ڪولمبو ڏانهن سڏڪا پريندي رئندي پيئي وڃي ... هوا...
هوا ...
چنڊ.....
چنڊ، صندل جي تارين تي سمهندو آهي. انهن ماٿهن جي اکين ہر، جيڪي پراڻين ڪاتيجن ہر سمهيا پيا آهن. صدين جي نند آهي. ڏون فرنانديز ڏي ڪرستا سمر سنگهارو نامدليار . رتن سنگهہ جي- سوريہ .گن پال گن وردن. انهن جي اکين ہر جهنگل جي نند آهي. زرهہ پائي پورچوگالي ڏڇ قلعن تي حملو ڪرڻ لاءِ وڃي رهيا آهن. انگريز پلانٽرز جا روح مهاهنيا جي رستي جي پاسن کان بيهي امريڪي سياحن کان مڪڻ ۽ ڪنڊ پيا گهرن. چنڊ اڇا مهاويلي گنگا ہر وهنجي پيو. هاٿي، جيڪي هزارين ورهين جي جهنگل ہر باندي روح آهن.
چنڊ.
رات.

رات، سيتا مهاراڻيءَ جا وار آهن. رام، رگهوراءَ جو سانورو جسم آهي. ڪاليءَ جو چهرو آهي، تخليق ڪان اڳ جي اونداهي. اسان سڀ هر وقت انهيءَ تخليق ڪان اڳ واري اونداهيءَ ۾ قيد ٿيل آهيون ۽ سمجهندا آهيون ته وڏو اوولیوشن (Evolution) ٿيو آهي. ڪاري... ڪاري... ڪاري رات.

مون پنهنجي نند نيوبارڪ ۾ وڃائي ڇڏي. جهنگل ۾ تاڙيءَ جا ڪارا وڻ ڏڳها ٿي آسمان سان وڃي لڳا. لنڪا جو ڪنڌ ۽ ڏند ڪيي ڪلي ٿو: هي هي هي. ڪنول جو ٽلاءُ اوجاڳيل اکين وانگر ڪليل آهي... ليلاوتي ... روپوتي... سيتاوتي...

رڻ ڪوٽ وهار جي استوپا ۾ هڏيون هڪ ٻئي سان انٽرنيشنل سچوايشن (International situation) تي گفتگو ڪري رهيون آهن. پراڪرم باهو پهريون، ايشيا ۾ ڪميونزم جو پنجون باب لکي رهيو آهي. جهنگل مون کي ڀڙڪائي ڇڏيو.

منهنجا ڳهٽا ڪهڙا ڪهڙا هٽا، جيڪي وڏي ماسيءَ مون کي روڻائي جي مهل ڏنا هٽا... ڪنوار جا ڳهٽا... رتن پورا جا سونارا، جڙاءُ چندن هار ٽاهين پيا. روشني... روشني...چمڪ چمڪ چمڪ . جهنگل جا آواز... جهرڪين جا، سمنڊ جا، رستن جا، هاربر جا، جبلن جا... سناٽي جا آواز...

آواز

فقط هڪ آهي:

هيڏانهن هلي آءُ... مون وٽ هلي آءُ... مون وٽ هلي آءُ... هلي آءُ.

15

• "مان اجهو هاٿي اچي پهتي آهيان ... کهڙي نيوز آهي؟" سيتا مائونٽ ليونيا ۾ پنهنجي ڪمري مان شامر جو فون ڪيو.

"اوهه ...هيلو سيتا! تون اچي وئين!! هائو ونڊرفل ...اجازت ڏين ته مٿي تنهنجي ڪمري ۾ اچان."

"اچو."

هو پنجن منٽن کان پوءِ ڪمري ۾ موجود هو.

"تون بي حد خوش پيئي لڳين. جهنگل جي هوا تو تي ڏاڍو سٺو اثر ڪيو آهي. آءِ ايم سو گلڈ! (I am so glad!)"

"ويهو."

هو پهريون پيرو سنڈس ڪمري ۾ آيو هو ۽ ٽورو گهبرايل ٿي لڳو. ڪمري جو هڪ چڪر هٽي، هو ڪنڊ ۾ پيل صوفي تي ويٺو. هوءَ پلنگ جي چيڙي تي ويهي نٽنگ ڪرڻ ۾ مصروف هئي.

"چا ٿي اُٿين؟"

"راهُل لاءِ سويٽر ڪوٽ... مون سوچيو هو ته مڪمل ڪري جميل کي ڏيئي چڏيندیس ته وڃي راهُل کي پارائي... پر مون کي خبر ئي ناهي ته هاٿي هو ڪيڏو وڏو ٿيو هوندو. الائجي ڪيس پورو اينڈو يا نه. اتڪل تي اُٿيان پيئي."

هو خاموش ٿي ويو. ٽوري دير کان پوءِ هن پڇيو: "پيو ٻڌاءِ... پوءِ چا ٿيو؟"

"پوءِ؟ بس!" هوءَ ٿهڪ ڏيئي ڪلي پيئي.

"تون هڪ هفتو ڏاڍي ياد آئينءِ. ڪانفرنس ۾ ته منهنجي دل ئي نٽي لڳي... خبر ناهي ته رپورٽ ۾ چا جو چا لکيو اٿم. تنهنجو سفر دلچسپ رهيو؟"

"تمام دلچسپ."

"امريڪن پوڙهيون ڪيئن لڳيون؟"

"امريڪن پوڙهيون ته نه، پر هڪ امريڪن ٽورسٽ جو سائٽ پولو نروا کان ملي ويو ۽ هو پوڙهو نه هو."

"يُو آر اَ بچ .(You are a bitch)" عرفان هڪدم چپن ۾ چيو ۽ چپ ٿي ويو.

"توهان پنهنجي عادت مطابق پڇيوئي نہ تہ پوءِ چا ٿيو." ڪجهہ ڪن جي خاموشيءَ کان پوءِ سيتا پڇيو.

"تون خود ئي ٻڌاءِ."

"او ... اهو امريڪن آرڪيالاجسٽ هو."

"پوءِ تہ خوب سائس لنڪا جي تاريخ ۽ سڪس ڪئي هوندءِ... جيئن تو مون کي سنڌ جي تاريخ پڙهائي هئي."

"ها." هوءِ بي تعلقيءَ سان نٽنگ ۾ مشغول هئي.

هو ڪجهہ دير تائين ڪيس ٽڪٽڪي لڳائي ڏسندو رهيو. پوءِ هڪدم ڪاوڙ ۾ باهہ ٿي صوفي تان اٿيو. سندس هٿن مان نٽنگ جا سوئا ۽ پشم ڪسي هڪڙي پاسي ڪٽي اڇليائين ۽ ڪيس گهليندو دريءَ ڏانهن وڌي ويو.

"تاريخ ۽ سڪس ڪرڻ کان پوءِ ٻيو چا ٿيو؟" هن گجي پڇيو.

سندس رنگ سفيد ٿي ويو.

"مان پڇان ٿو تہ چا ٿيو؟ ڳالهائين ڇو نٿي؟"

هوءِ هڪدم ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي وئي. "شٽ اپ! توهان کي اهڙي طرح سوال ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ توهان حد کان وڌيڪ وڌندا ٿا وڃو."

هو چپ ڪي چڪ پائيندو رهيو. "حق تہ توتي قانوني مڙس جو به ناهي، جنهن کي ڇڏي تون ٻن سالن کان موجون ڪندي وتين ٿي."

"شٽ اپ عرفان!" هن سموري طاقت سان رڙ ڪري چيو، "گيٽ دي بُل آئوٽ آف هيئر. گيٽ آئوٽ گيٽ آئوٽ. (Get the bull out of here. Get out get out.) نہ تہ مان هاٿي... مان هاٿي بيري کي سڏيان ٿي." هوءِ نهن کان چوٽي تائين ڏکي رهي هئي.

هڪ ڪن تائين هو پٿر بنجي ڪيس ٽڪيندو رهيو. پوءِ هوريان هوريان قدم کڻندو دروازو کولي ڪمري مان نڪري ويو. دروازي کان ٻاهر نڪري هن ڏاڏي نارمل ۽ هيئين آواز ۾ سڪون سان چيو: "ڏاڏي ڪوشش کان پوءِ جميل ملاقات جو وقت ڏنو آهي. نيٺ هو اڄ رات ملڻ لاءِ تيار ٿيو آهي. مان سائس گال مينس هوٽل ۾ ڈنر تي ملاقات ڪندس . انهيءَ کان پوءِ سندس جواب توکي ٻڌائيندس ... گڈنائيٽ."

رات جو ٻارهين وڳي کان پوءِ سندس مٽي کان رڪيل فون جي بيل دير تائين وڄندي رهي، پر هن فون نہ ڪنيو.

16

• هوءَ ساري رات رُندي رهي هئي. ايترو آڪٽوبر 1947ع جي انهيءَ رات به نه رني هئي، جنهن جي صبح جو هوءَ ۽ سندس ڪٽنب ڪراچيءَ کان ڪانپياواڙ روانا ٿيا هئا، يا جڏهن نيويارڪ ۽ جميل ڪيس گهر مان لوڏي ڪڍيو هو. قرول باغ ۾ هوءَ اڪثر راتيون جاڳي راهُل لاءِ مات ميٽ ۽ ڳوڙها ڳاڙيندي هئي ۽ صبح سوير اڳڻ واري نلڪي تي وڃي اکين تي ڇڳي طرح پاڻي جا ڇنڊا هٽندي هئي، جيئن پٽس کي سندس ڳوڙهن جو پتو نه پوي. ۽ هن وقت مائونٽ ليونيا جي هن خوبصورت ڪمري ۾ سندس لڙڪ ڏسي پريشان يا رنج ٿيڻ وارو ڪو به نه هو. انهيءَ ڪري هوءَ اطمينان سان بستري تي ستي رهي. سندس سامهون سارو ڏينهن، ساري زندگي، ساري دنيا خالي پيئي هئي. پيانڪ، اونداهي پولار جو طوفاني سمنڊ، جنهن جو ڪٽي ڪو ڪنارو نه هو... اڻين وڳي ڏاري بيرو نيرن ڪٽي آيو... مهربان، شفيق مشڪ وارو ٻيو سنهالي، جيڪو سندس ڳاڙهيون اکيون ڏسي فڪرمند ٿي نظر آيو، چو ته هو به ٻن نوجوان ڏيئرن جو پيءُ هو، ٽري ميز تي رکي چپ چاپ ٻاهر هليو ويو.

ڏهين وڳي ڏاري تيار ٿي، هُنَ رزرويشن لاءِ هوائي جهاز جي آفيس ۾ فون ڪيو. سمنڊ تي تکي اُس پکڙيل هئي، جنهن جي چمڪ اکين کي نٽي وڌي. سمنڊ جي ڪناري تي ڪجهه انگريز ٻار واريءَ جا قلعا جوڙڻ ۾ مصروف هئا. ڏامر پري مونگيءَ جا هار وڪڻندڙ عورتون ڪنڌ جهڪائي هڪ طرف وڃي رهيون هيون ۽ آلي واريءَ تي سندن پيرن جا نشان ڇٽا نظر پئي آيا. ڏينهن اُجاڙ هو. سمورو مائونٽ ليونيا، سمورو ڪولمبو، سموري دنيا اُجاڙ هئي. اُجاڙ اُجاڙ اُجاڙ.

ڪجهه منٽ ريلنگ جي سهاري بيهڻ کان پوءِ، هن طئه ڪيو ته ٻن پهرن تائين شهر جو چڪر لڳائيندي رهي ۽ پنڪنگ ڪرڻ کان پوءِ وقت کان گهٽو اڳ ايئرپورٽ هلي وڃي. اوڏيءَ مهل هال پورٽر اچي ڪيس چيو ته رسيپشن ۾ سندس فون آهي.

هوائي جهاز جي آفيس مان اطلاع هو تہ مختلف ڪانفرنسن مان آيل ڊيليگيٽس واپس وڃي رهيا آهن، تنهنڪري سيٽ ملڻ ڏاڍي مشڪل آهي.

هن بٽڻ کوليو ٽريولر چيڪ بوڪ تي نظر وڌي. چيڪ ختم ٿيڻ وارا هئا.

"ميڊم، توهان 'ڪيلانيا مندر' ڏٺو؟" رسيپشن ڪلارڪ کانئس پڇيو.

"نہ، هاڻي وڃي ڏسنديس." هن چرڪي جواب ڏنو ۽ ٻاهر هلي ويئي.

ٻاهر اچي هُن ٽئڪسي واري کي اشاري سان سڏيو.

"ڪيلانيا ٽيمپل."

"ساري ميڊيم." هن ڪنڌ لوڏي چيو.

"چو؟"

"شايد ڪرفيو لڳي. شهر ۾ تامل- سنهالي جهيڙي جو انديشو آهي."

'او ماءِ گاڊ...' هوءَ هڪ وڻ جي سهاري بيهي رهي... 'هتي به...'

'هاڻي ڇا ڪريان؟'

هڪدم ڪيس رتن سنگهہ جي- سوريہ جو خيال آيو. هن ڏاڙي ملڪ ۾ هوءَ، عرفان ۽ لزلي مارش کان پوءِ فقط ٽئين ماڻهو جي- سوريہ سان ملي هئي. شايد هو ڪوشش ڪري هوائي جهاز ۾ سيٽ ڏياري.

اندر موٽي هن جي- سوريہ کي فون ڪيو. ان وقت جي- سوريہ جي اخبار جي آفيس ۾ هڪ هنگامي ڪانفرنس ٿي رهي هئي. ظاهر هو تہ سندس آواز ٻڌي ڪيس ڪافي تعجب ٿيو.

"هيلو... هيلو... ڊاڪٽر ميرچنداڻي! ڪيئن ياد ڪيو؟"

هن رزرويشن جي باري ۾ سربستي ڳالهہ ٻڌائي.

"اوهہ... ٻڌو... هن وقت مان ڏاڍو مصروف آهيان. توهان صبح جي اخبار پڙهي هوندي؟"

هن صبح جي اخبار پڙهي نہ هئي.

"جيڪڏهن توهان تڪليف وٺي هتي اچو... مسٽر عرفان ڪڏهن واپس پيو وڃي؟"

"خبر ناهي."

"اوهہ... چڱو، توهان اچو... مان توهان جو انتظار ڪريان ٿو."

اخبار جي آفيس ۾ هرڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ رُڌل هو. ٽيلي پرنٽر ۽ ٽائيپ رائيٽر جي ٽڪاتار تڪ تڪ، سب ايڊيٽرن ۽ رپورٽرن جي پُڻ پُڻ ۽ ٽيليفون ايڪسچينج واري ڪاري چوڪريءَ جي بي انتها مٺي آواز ۾ هڪ جهڙي 'لنڪا ڊيپ - ڊُبمارننگ' جي رَٽ، سنڊس دل جي ويرانيءَ ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿي ڇڏيو. ڪجهه منٽن جي انتظار کان پوءِ چيف ايڊيٽر ڪيس اندر گهرائي ورتو. هوءَ هال مان لنگهي جي- سوريه جي ڪنڌ ۾ داخل ٿي.

هو هڪ ڊگهي ۽ ويڪري ڊيسڪ تي ويهي ٻن ٽيليفونن تي هڪ ئي وقت ڳالهائي رهيو هو ۽ وچ وچ ۾ انٽرڪام تي ڪجهه ڳالهائيندو ٻه ويو ٿي. هوءَ ڪنڌ ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي. جي- سوريه هڪ پاسي جو ٽيليفون بند ڪندي، ڦرندڙ ڪرسي ٽورو ڏانهس ڦيري، ڪيس اڌڙين عجيب نظرن سان ڏٺو جو هوءَ پگهرجي ويئي... 'ڊرٽي اولڊ مئن (Dirty old man)' . هن شديد نفرت سان چپن ۾ پڻ پڻ ڪئي.

جي- سوريه ٻي رسيور تي هٿ رکي ڪيس مخاطب ٿي چيو: "ڊُبمارننگ ڊاڪٽر ميرچنداڻي! اجازت ڏين ته 'سيتا' ڪري مخاطب ڪريان. آرام سان ويهه. ڪلهه رات مون کي عرفان سڃي ڳالهه ٻڌائي."

ٻئي فون جي بيل وڳي ۽ هن هڪدم سنهاليءَ ۾ گفتگو شروع ڪري ڏني.

سيتا کي چڪر اچي ويو... هن مضبوطيءَ سان ڪرسيءَ جي ٻانهن کي جهليو ۽ ڪجهه ڪٽ لاءِ ڪنڌ هيٺ ڪري اکيون بند ڪري ڇڏيائين... 'جو نٽي زمين ڦاٽي پوي جيئن مان اندر هلي وڃان...' پر جيئن ته سيتا ۽ ساوتريءَ جي دنيا نه هئي، ڪل يُگ هو، انهيءَ ڪري نه زمين ڦاٽي ۽ نه سيتا اُن ۾ پيهي ويئي. ٻيءَ ڪن ۾ هن پرس مان سگريٽ ڪيس ڪڍي هڪ سگريٽ ڪڍايو.

جي- سوريه فون تي ڳالهه پوري ڪري ڏانهس مڙيو. "اوهه معاف ڪج. مون توکي سگريٽ پيش نه ڪيو." هن سيتا کي غور سان ڏٺو. هوءَ بي انتها سفيد نظر پيئي آئي. 'هن ويچاريءَ جا حواس ضرورت کان وڌيڪ ڪمزور آهن.' هن دل ۾ اهو سوچي وري ڪيس چيو، "گهٻراءِ نه. مان عرفان جو پراڻو راردار آهيان. شايد توکي خبر ناهي ته هو ۽ مان، جنگ کان اڳ ڪيئن سال جرمنيءَ ۾ گڏ رهيا آهيون... اُن وقت تون ته تمام ننڍي ٻار هوندينءَ." هن

هڪ دفعو وري سيتا کي انهن ئي ڏکائيندڙ نظرن سان ڏٺو. "عرفان جي نجي ۽ جذباتي زندگيءَ جي ڪا ڳالهه مون کان لڪل ناهي. تنهنجو راز به مون وٽ محفوظ رهندو. ڪڏهن ڪڏهن جرنلسٽن تي به پروسو ڪري سگهجي ٿو !! چگو... هاڻي هڪ خوشخبري ٻڌ. اڄ ڪرفيو نه لڳندو .... ڪافي پيندينءَ؟" هن ٻيل وڄائي.

"نه، مهرباني." سيتا کي پنهنجي سموري وجود کان نفرت محسوس ٿي. 'مان هتي ڇو آيس.؟'

"مان... هو... هوائي جهاز جي سيٽ." هن ڪمزوريءَ وچان چيو.

"شيور...شيور... ماءِ ڊيئر. (Sure...sure...my dear) مون کي هڪدم سڀاڻي جو ايڊيٽوريل لکڻو آهي ... پنهنجي سيڪريٽريءَ کي چوان ٿو."

هو انٽرڪام ڏانهن جهُڪيو. "رتنا، ٽورو مارٽن کي هيڊانهن موڪل... ۽ تون به اڄ."

ٻيءَ ڪن ۾ سندس سنهالي سيڪريٽري ۽ ڪلرڪ اندر آيا. سندس پوبان نيوز ايڊيٽر به آيو ۽ ڊيسڪ تي جهڪي ڪيس جلدي جلدي ڪجهه چوڻ لڳو.

هڪ دفعو وري جي- سوريه سيتا جي موجودگي وساري پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. هوءَ ڪجهه وقت ويهي چت کي گهوريندي رهي، پوءِ اُٺي پرواري ڪمري ۾ هلي ويئي. انهيءَ ڪمري ۾ گهنديدار وارن ۽ گهري سانوري رنگ جو هڪ تامل نوجوان دريءَ وٽ بيهي هيٺ رستي تي ترٽفڪ ڏسي رهيو هو... شايد هو به جي- سوريه سان ملاقات جو منتظر هو. سيتا ڏاڪڻ ڏانهن وڃڻ لاءِ وک وڌائي ته جي- سوريه جي سيڪريٽري ڪيس سڏڻ لاءِ دوڙندي آئي ۽ ڪيس کڻڻ ۾ ٻيهر وڃڻو پيو. ايتري ۾ جي- سوريه انٽرڪام تي چيو، "رتنا، مسٽر راما سوامي کي هيڊانهن موڪل."

پردو مٽي ٽيو ۽ اُهو ئي تامل نوجوان ڪمري ۾ داخل ٽيو. هن مشڪندڙ نظرن سان سيتا ڏانهن ڏٺو ۽ ديوار سان ٻيهي رهيو.

پنهنجي استاف سان ڳالهيون ڪندي ڪندي، ڪرسي سيتا ڏانهن گهمائي جي- سوريه چيو، "سيتا، هي بيحد شرير نوجوان منهنجو دوست راماسوامي آهي. اسان جي ملڪ جو شعلہ بيان ڪالم نويس آهي. اسان جي مخالف اخبارن ۾ لکندو آهي پر مون جهڙن فرقي پرستن سان ڪڏهن

ڪڏهن ملندو آهي... ويهه رام، اسان جي هندستاني مهمان ڊاڪٽر ميرچنداڻيءَ سان مل. هندستاني هڻڻ جي ناتي، تي سگهي ٿو ته هيءَ تنهنجي هم خيال هجي!" انهيءَ تعارف کان پوءِ جي- سوريه وري پنهنجي گفتگو ۾ لڳي ويو.

راماسوامي سيتا کي نمستي ڪيو ۽ڏاڍي سلجهيل ۽ ميل جول واري انداز سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو: ڇا هوءَ بمبئي کان آئي آهي؟ دهلي کان... هو به دهلي ۾ رپورٽر جي حيثيت سان ڪيترن سال رهي چڪو آهي... دهليءَ ۾ هو فلاڻن فلاڻن صحافين کي سڃاڻي ٿو؟ وغيره وغيره. هن اهو به ٻڌايو ته هن جو اڌ ڪتب مدراس ۾ رهندو آهي، ۽ هو پاڻ اوورسيز انڊين آهي.

۽ ان وقت اوچتو هڪ ڏاڍي نرالي ڳالهه ٿي... اجنبي سنهالين جي مجموعي ۾ گهيريل، سيتا پنهنجي هر عمر انهيءَ تامل نوجوان لاءِ هڪ عجيب ويجهاڻپ محسوس ڪئي... جهڙي طرح صدين پراڻي، ابديت پرست پولونروا جي سنسان ڪنڊن جي وچ ۾ هُن جديد انسان، لزلي مارش لاءِ انهيءَ جذبي کي محسوس ڪيو هو... جو ته هو سندس ڄاتل سڃاتل، ويهين صديءَ جي مغربي، ماده پرست دنيا جو هڪ فرد هو. پولونروا ابديت هئي. ڊاڪٽر لزلي ونسنٽ مارش تاريخي وقت. جهڙيءَ طرح انهيءَ لزلي مارش جي پيٽ ۾، جابلو رستن تان لنگهندي هن متي جي وارن جون چوٽيون ڪنڌ ۽ سيررنگ پائينڊڙ سنهالي هاري مردن ۽ عورتن لاءِ ويجهاڻپ محسوس ڪئي هئي، جو ته اُهي هن جي پنهنجي تهذيب جو حصو هئا ۽ لزلي مارش غير ملڪي، مسيحي، مغربي انسان هو... جهڙيءَ طرح مائونٽ ليونيا جي ڊائننگ هال ۾ ويٽل فيشن ايبل سيلوني مردن ۽ عورتن جي پيٽ ۾، پاڪستان کان آيل عرفان بلڪل هن جو پنهنجو معلوم ٿي ٿيو، جو ته هو هن جي اُپڪنڊ جو رهاڪو هو، جيڪو هن جي تهذيب جو هڪ حصو هو... انسان پنهنجي پيچيده زندگيءَ ۾ هڪ ئي وقت ڪيترن مختلف ۽ متضاد سطحن تي زنده رهي ٿو.

هاڻي راماسوامي به جي- سوريه سان گڏ ڪنهن بحث ۾ اڙجي ويو هو. ڪنڌ ۾ ڳالهين جو گوڙ تمام وڌي ويو. سندس متي ۾ سور پئجي ويو هو. اوچتو بي انتها بيزار ٿي هوءَ ڪنڌ کان ٻاهر نڪتي ۽ تيزيءَ سان ڏاڪڻ لهي رستي تي آئي.

دڪان جي سامهون وراندي ۾ بنان مقصد جي هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ کان پوء هوءَ ڪتابن جي اسٽال تي اچي بيٺي ۽ اسٽال واري کان آءِ.اي.سي جي آفيس جو ڏس پڇيائين.

"هلو، مان ٽو توهان کي اُتي پهچايان."

هن مڙي ڏٺو. راماسوامي مشڪي رهيو هو.

"مهرباني. مون کي فقط ڏس ڏيڻي چڏيو، مان پاڻيهي هلي ويندس."

"توهان جي وڃڻ کان پوء مسٽر جي. سوريه ڏاڍو پريشان ٿيو ته توهان کيڏانهن غائب ٿي ويبون، پر هن تامل. سنهالي ڪرائسس ڪري هو ايترو منجهيل هو جو ڪيس ڪجهه سمجهه ۾ ڪجهه نٿي آيو. جنهن وقت توهان اُتي هليون ويبون ته هو فون تي پنهنجي وڏي پاءُ سان ڳالهائي رهيو هو، جيڪو ڪئبنيٽ ۾ منسٽر آهي. اڄ هن جي وزارت ۾ خطري ۾ آهي."

هو وراندي ۾ سيتا سان گڏ هلڻ لڳو.

"هيءُ جهيڙو چا تي ٿي رهيو آهي؟" سيتا گهڙي ڏسي بي خياليءَ سان سوال پڇيو.

"اڇو، ڏهه منٽ ڪٽي وبهي ڪافي پيئون... تون اڄ ني دهلي واپس وڃڻ ٿي چاهين؟"

اُهي هڪ ڪافي هائوس ۾ گهڙيا. جتي يونيورسٽيءَ جا شاگرد ۽ اخبارنويس زورشور سان بحث ۾ مصروف هنا. هتي به ڏاڍو گوڙ پئي ٿيو. اُهي دروازي جي ڀرسان هڪ ميز تي ويٺا. سيتا آهستي آهستي آگرين سان دروازي جي ڀرسان ڪن بند ڪيا. ڪيڏو شور هو. سموري دنيا ۾ ڪيڏو هنگامو هو.

"اوهه... معاف ڪجو... مان اجهو اچان ٿو." ايترو چئي رام تيزيءَ سان مرشدآبادي ريشمي ساڙهي واري هڪ چوڪريءَ ڏانهن ويو، جيڪا انهيءَ وقت ڪافي هائوس مان ٻاهر وڃي رهي هئي. چوڪري مڙي قهر پريل نگاهن سان سيتا کي ڏٺو ۽ ٻاهر هلي ويئي. رام رومال سان منڊي جو پگهر اگهندو واپس اچي ويٺو.

"هيءَ منهنجي مَڱڻ هئي..." سيتا جي سوالي نظرن سان نظرون ملائي هن ٽورو هيڪي جواب ڏنو. هو ڪيڏو ننڍو ۽ جوشيلو هو.

هو سندس هر عمر هو. هوءَ سندس زبان، سندس جوش، سندس جذبو

سمجهي سگهي ٿي.

"هني... چا مطلب؟ هائي ناهي؟" سيتا مشڪندي پڇيو.

"انهي جو مدار تازه ترين سياسي صورت حال تي آهي."

هنڪيءَ جي پيالي ڏانهن اُداسيءَ سان ڏسندي هن ٻڌايو، "هيءَ چوڪري سنهالي ٻُڌست آهي... جيئن ته منهنجو تامل هندو گهراڻي سان تعلق آهي تنهنڪري چوڪريءَ جا ماڻ پيءُ انهيءَ شادي جي خلاف آهن. چوڪري بلڪل غير سياسي آهي پر هو ڪيس ايجوڪيٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي. انهيءَ چوڪريءَ جو پيءُ يو۔ اين۔ پي جو ليڊر به آهي ۽ سندس سمورو فيوڊل خاندان بي انتها دولتمند، بي انتها ري ايڪشنري ۽ بي انتها امريڪا پرست آهي.

"گذريل هفتي مان سائٽس وڙهي پيس. منهنجو ضد هو ته ٻئي ڪنهن شهر هلي سول ميريج ڪريون ۽ انهيءَ کان پوءِ ڪجهه عرصي لاءِ مدراس هليا وڃون. پر هوءَ انهيءَ لاءِ تيار ناهي. وڃڻي ڪنهن جاءِ جيڪا نه ڄاڻان ڇو مان پنهنجو داستان ٻڌائي تو ڪي بور پيو ڪريان."

"مون کي پنهنجي باري ۾ اڃا ٻڌاءِ..." سيتا هن جي لاءِ ڪافيءَ جو ٻيو ڪپ اڳيان ڪندي چيو.

"تون هتي نيٽو (Native) مائهن سان ملي آهين؟"

"سواءِ جي۔ سوريءَ جي، ٻني ڪهن سان نه ملي آهيان ۽ هڪ دڃ برگر چوڪري جو نغمو ٻڌو اٿم."

"يعني مسٽر جي۔ سوريءَ کان سواءِ، پهريون خالص نيٽو مان آهيان. جنهن سان تنهنجو مُڪاميلو ٿيو آهي؟ دڃ برگر هتي جا اينگلو انڊين آهن... هيترا ڏينهن ٻيو ڇا ڪيو؟"

"بس... سارو وقت نوارا ايليا ۾ گذري ويو."

"پوءِ ته تون صحيح معنيٰ ۾ غير ملڪي سياح آهين! توکي مسٽر جي۔ سوريءَ پنهنجي ڏنر ۾ مدعو ڪيو هو؟"

"ها، تو کي ڪيئن خبر پيئي."

شايد تو کي انهيءَ جو اندازو ناهي ته ڪولمبو ننڍو شهر آهي ۽ تو انهيءَ ۾ چڱو چڙبول مچايو آهي. منهنجي هڪ سائٽ، پنهنجي اخبار جي سوشل ڪالم ۾ تنهنجو ذڪر به ڪيو هو... 'مائونٽ ليونيا ۾ ترسيل

دلفريب هندستاني خاتون، جيڪا انتها خوبصورت ساڙهيون پائي ٿي.' هن تنهنجو انٽرويو ۽ وٺڻ ٿي چاهيو پر تون ڪيس ڪنهن صورت ۾ ملي نه سگهين!"

"گڊ گاڊ!"

رام نظر پري ڪيس ڏنو. "تون مون کي پهرين چو.نه ملين؟"

'خدايا... خدايا...هي ۽...'

"منهنجو مطلب آهي... مان فقط ايترو چوان ٿو ته مڪمل ڏينهن اڳ توسان ملاقات ٿئي ها ته مان توکي هتي جي اصلي ڏاڪڻ زندگيءَ جي جهلڪ ڏيڪاريان ها، تامل گهراٽن ۾ مدعو ڪريان ها، پنهنجي پينرن سان ملايان ها."

"پنهنجي مَنڊ سان نه؟"

"هوءَ منهنجي گهر ڪٽي ٿي اچي!" هو پوءِ اُداس ٿي ويو. "ڀ منهنجي تمنا آهي ته هوءَ پنهنجو محل چڏي منهنجي تن ڪمرن جي فليٽ ۾ اچي رهي! سيتا، تو ڪينڊيءَ جي فيوڊل طبقي جي ۽ يورپين پلانٽرز جي زندگي ڏٺي ناهي... برطانيا جي حسين ترين 'ڪرانون ڪالوني' واقعي اُنهن ماڻهن لاءِ جنت هني ۽ هاٿي ۽ آهي. تون ته مڊل ڪلاس آهين نه؟"

"ها، لوئر مڊل ڪلاس." سيتا وراٽيو.

"منهنجي بي انتها ارسٽوڪريٽڪ ويلما، هاٿي مون کان پڇي رهي هني ته تون هندستان جي ڪهڙي فلاٽنگ مهاراڻيءَ کي ڪافي پيو پيارين!!!"

سيتا ڪلي پيئي.

"اڄ صبح واريون خبرون ته ڏاڍيون پريشان ڪندڙ آهن. اُتر ۾ وڏو فساد ٿيو آهي." هن رام جي هٿ مان اخبار ونڊي چيو.

ميز جي پرسان لنگهندي ڪجهه دوستن کي ڏسي هو مشڪيو. ايڏو بدشڪل ڪارو شخص، پر سندس چهري مان ذهانت ٽپي ٻکي! هن جا ڏند ڏاڍا خوبصورت هنا ۽ ڪلندي ڏاڍو وٺيو پئي. سيتا ڪيس بي ڏيانيءَ سان ڏٺو. "ها... ٻڌاءِ،" هن ڪنڌ جهڪائي ڪن تي آگر رکي چيو. "توهان وٽ ايڏا جهيڙا چو ٿا ٿين؟ هڪ ملڪ جا رهواسي ٿي ڪري پاڻ ۾ وڙهو ٿا."

"سيڪڊهه جاٿيندي، ايڏو اڇاٽائيءَ جو سوال شايد تون انهيءَ ڪري ٿي ڪرين جو واقعي بور ٿي چڪي آهين... ته لاءِ اچا ڪافي گهرايان...

براءا" هن سڏ ڪيو. "توهان وٽ جهيڙو چو ٿو ٿئي؟ توهان به هڪ ملڪ جا رهواسي آهيو. توهان ۽ اسان ٻئي سرمائيدار بورجوا سياست جو شڪار آهيون."

سندس لهجي جي تلخي سيتا کي ياد ڏياريو ته هڪ دفعي ٻوبارڪ ۽ جميل جو تعارف سندس وڏي پاءُ جي هڪ هم وطن سان جدهن ڪرايو ويو هو ته جميل انهيءَ تلخيءَ سان جواب ڏنو هو: "اسين ماڻهو به اُنهيءَ مُلڪ جو آزاد شهري آهيان، جنهن کي توهان "جهڙ سان اکي 'جنت نشان' چوندا هئا."

"توهان تاملن لاءِ چيو، ٻئي اهي ته اُهي مين لينڊ (Main land) ڏانهن نهارينداآهن ... جهڙي طرح سب اوورسيز چيني، مين لينڊ چائنا ڏانهن نهارينداآهن" سيتا کيس چيو.

"مون ڪهڙي جو اخبارن ۾ لنڪا جي اندين پرابلم جي باري ۾ سلسليوار مضمون لکيا هئا. تو کي انهن جي ڪتنگ موڪلينداس... شام جو منهنجي گهر مون سان ماني کائج."

"ضرور رامرا تو کي خبر آهي ته منهنجي هميشه کان اها خواهش رهي آهي ته سموري دنيا ۾، جتي جتي اوورسيز انڊين رهن ٿا، انهن کي وجي ڏسان... ويسٽ انڊيز... ماريشس... آفريڪا... فجي... ملايا... ۽ نه جاڻان ڪٽي ڪٽي... مدتن کان پنهنجي وطن کان هزارين ميل پري رهندي، انهن جي زندگي ڪيئن هوندي... انهن جي تهذيب، رهٽي ڪهٽي، انهن جي نفسيات. منهنجو مضمون سوشيولاجي آهي... انهيءَ کان سواءِ... منهنجي دماغ ۾ خلل به آهي." هن ٻيهر گهڙيءَ تي نظر وڌي.

"توکي ڪولمبو مان پنجن جي ايڏي جلدي چو آهي؟ تو جهڙا خوبصورت مهمان هتي روز روز ڪڏهن ٿا اچن."

"چو؟ اسان جا هندستاني فلم استارز ۽ ڊانسرز ته هتي اڪثر ايندا رهندا آهن" سيتا سندس آواز جي وڌندڙ جذباتيت کان گهبرائجي، ڳالهه کي چرچي ۾ تارڻ چاهيو.

"توکي خبر آهي... تون 'لنڪا ديپ' جي انهيءَ ڪمري ۾ جڏهن داخل ٿيئين ته مون کي ائين لڳو جڻ ڪشمير جي خوشگوار هوا جو جهوٽو ڪٽان اچي ويو هجي!"

"مان سنڌي آهيان."

"ها، پر بلڪل ڪشميري ٽي لڳينءَ!"

"سنڌي به بدصورت نه هوندا آهن."

هو ڪلڻ لڳو. انهيءَ وقت... ڪولمبو جي هڪ ننڍي ڪافي هائوس ۾ ويٽل ۾ نوجوان ... هڪ سيلوني اوورسيز انڊين تامل... هڪ هندستان ڪان آيل پاڪستان جي 'سنڌي شرنار ٽي' ... ساڻيءَ وقت ڪيترا خوش ۽ ڪيترا اُداس ٽي لڳا... ڪير خبر هئي ته زمين، سنڌن اڄ جي نوجوان پيڑهيءَ جي پيرن هيٺان نڪري چڪي آهي ۽ سموري دنيا جو مستقبل سنڌن ڪيڏي وڏي ذميداري آهي! چا وڏن کي اها خبر هئي ته سنڌن پيڑهيءَ جي سياستدانن جي بنايل دنيا ۾ سنڌن اولاد کي چا چا سهڻو پوندو؟

"هل، تو کي ڪولمبو گهمايان." رام ڪرسيءَ تان اٿندي چيو.

"پر ايئر لائنز جي آفيس؟"

"جهنم ۾ وڃي تنهنجي ايئر لائينز جي آفيس. هي لنچ ٽائيم آهي. سڀ آفيسون ٽين وڳي تائين بند رهنديون. فڪر نه ڪر، تو کي سياڻي هوائي جهاز ۾ روانو ڪيو ويندو."

'شايد تون انهيءَ جو علاج نٿي ڪري سگهين جو مانهو تو ۾ دلچسپي ونن، اها ٻي ڳالهه آهي ته پنهنجي حد تائين تون به انهن جي دل توڙڻ نٿي چاهين.'

"تو ڪهڙي جاءِ اجا تائين نه ڏني آهي؟" ٽنڪسيءَ جو دروازو بند ڪري رام پڇيو.

"ڪيلانيا ٽيمپل." هن مرٽينگ آواز ۾ جواب ڏنو. مندر جي چڙهائيءَ تي پهچي، چؤطرف نظر دوڙائيندي سيتا چيو. "توهان وٽ سياسي صورت حال ڪهڙي به هجي، پر مون کي گذريل ائن ڏهن ڏينهن کان بلڪل ائين پيو لڳي جڻ ته ڏکڻ هندستان ۾ آهيان. ساڳيا منظر آهن، ساڳيو ڪلچر." هوءَ ٽڪجي ڏاڪڻ تي ويهي رهي. 'دنيا ۾ ايڏو هنگامو چو متل آهي؟'

"ڪائيڊ ... ليڊي ...؟ فرسٽ ڪلاس ڪائيڊ!" هڪ سنهالي اوچتو ڪتان نروار ٽي اچي پڇيو.

هو ڏاڪڻ تان اُٿي. "توهان جي بُڊست مندرن ۾ هندو ديوي ديوتائن جو ايڏو زور چو آهي؟" هُن عمارت ڏانهن هلندي سوال پڇيو. رام ڪنڌ

جهڪاني خاموشيءَ سان سائس گڏ ڇڏي آيو.

"اهي هندوُ ديوي ديوتا، لنڪا ۾ اسان جي ہڏڙمر جا رکپال آهن." گائيڊ وڏي پروسي سان چيو.

"ها، هي به ہڏي ڇڏا" سيتا رام کي چيو ۽ ڪيس ڊاڪٽر لرلي مارش ياد اچي ويو.

"پورچوگالين جي اچڻ کان اڳ تائين، لنڪا تهذيبي لحاظ کان بلڪل هڪ هو ۽ برطانوي تسلط کان اڳ تامل- سنهالي جهيڙي جو وجود به نه هو." رام چوڻ شروع ڪيو پر وري تنگ ٿي چپ ٿي ويو.

نارنگي رنگ جي ڪپڙن ۾، وڏا وڏا تاڙيءَ جا وڇٽا ڪٽي، پڪشون جي هڪ ٽولي سامهون اچي لنگهي.

"تون مون کي ڪجهه چئي رهيو هئين؟"

"ڪجهه نه. تون سوشيولاجسٽ آهين نه ... تو هاڻي ڏکڻ هندستان جي ڳالهه ڪئي. تو صحيح چيو ته سنهالي رهٽي ڪهٽيءَ جو طريقو، بنيادي طور تي هندوُ رهٽي ڪهٽي جو طريقو آهي. پر پوءِ اهو سوال ٿو پيدا ٿئي ته ہُتازم يا گهٽ ۾ گهٽ لنڪا جو ہڏازم، هندو مُتَ جو هڪ ورشن (Version) آهي يا ڪيس جدا مذهب ۽ ڪلچر سمجهيو وڃي؟ سنهالي سماج جو بنياد ڪاسٽ تي هو، جيتوڻيڪ ڪاسٽ سسٽم ہُتازم ۾ ناهي. ڪهٽائي ہُڏست هندُن جي خدائن کي پوڄيندا آهن... پوءِ قومي ڪلچر ڇا آهي؟ نج سنهالي قومي ڪلچر...؟ نج هندستاني قومي ڪلچر؟ نج پاڪستاني قومي ڪلچر؟

مون جي- سوريه جي ڏنر ۾ اُنهيءَ ڏينهن مين لينڊ کان آيل ڪجهه هندستاني ۽ پاڪستاني مهمانن کان پڇيو هو ته ڇا پاڪستاني اسلام، اُهو ئي آهي جيڪو سعودي عرب يا مصر ۾ رائج آهي؟ ۽ ڇا هندستاني هندوُ عوام جو ڪلچر اُهو ئي آهي جيڪو اشوڪ جي زماني ۾ هو؟ جڏهن مان جي- سوريه کي چوان ٿو ته توهان تاريخ جي ارتقا کي ڪهڙي رُخ کان ٿا ڏسو ته هو هڪدم اسان جلاوطنن جي نفسيات تي هڪ تقرير شروع ڪري ٿو ڏي."

"هتي برطانوي دؤر جي نئين مڊل ڪلاس، نوڪريون ۽ سياسي سهوليتون حاصل ڪرڻ لاءِ ايجي ٽيشن ڪيا هوندا... ۽ مڊل ڪلاس جي

مختلف نسلي ۽ مذهبي فرقن جي مفادن جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿيو هوندو ؟" سيتا پڇيو.

"ها... هاڻي بُدست ڪانگريس جو مطالبو آهي ته لنڪا جي تاريخ نئين سر لکي وڃي... ايشيا جي هر ملڪ ۾ نئين سر لکي پيئي وڃي... پر تاريخ کي کهڙي زاويي کان انٽرپريٽ ڪيو ويندو ؟"

مندر جي پاسي واري ديوار تي ٻين خدائن سان گڏ، راوڻ جو ننڍو پاءُ ويشڻ ڏنڊ ڪڍي ڪلي رهيو هو. پڳوان ويشڻ وچارو پڳوان هئڻ جي باوجود راڪشس به هو. انهيءَ کري سندس به ڏنڊ ٻاهر نڪتل هئا. "گهر جو ڀيدي، اهو مهاڀيد هوا" سيتا، رام کي چيو ۽ وري کيس انهيءَ پهاڪي جو مطلب سمجهايائين.

هال ۾، آرٽ اسڪول جو هڪ شاگرد، فريسڪور جو نقل ڪرڻ ۾ مصروف هو. رام کي سائس ڳالهيون ڪندو چڏي، هوءَ اڳتي وڌي ويئي.

پرواري ڪمري ۾ گوتم ٻڌ جي تمام ڏگهي ليٽيل مجسمي جي قدمن ۾ پوجارٽين مان ڪنهن هڪ جو ننڍڙو ٻار ميري ڪپڙي ۾ ويڙهيل، مٿي ننڍ ۾ سُتو پيو هو ۽ سندس ماءُ ٽڏي مرمرين فرش تي سجدي ۾ جهڪيل هئي.

راهُل... راهُل... راهُل ...

تمام هوريان هوريان ۽ سنيال سان قدم رکندي، متان سندس پيرن جي آهٽ تي ٻار جاڳي نه پوي، هوءَ ٻي ڪمري ۾ ويئي، جتي هڪ ٻيو سونهري گوتم ٻڌ هميشه وانگر ڪنول تي سڪون سان ويٺو هو. هوءَ اڪيون ٽورو بند ڪري مورتيءَ اڳيان مرمرين ڊاڪڻ تي ويهي رهي... ڪجهه پل رکي هن اڪيون کوليون...

سامهون عرفان ٻيٺو هو.

17

هن خاموشيءَ سان منهن ۾ٿي پاسي ڦيري ڇڏيو ۽ ديوار جون تصويرون غور سان ڏسڻ لڳي.

عرفان اڳتي وڌيو... "سيتا... ٻڌ...ڏس... ڳالهه ٻُڌ... گوتم ٻڌ امن جو شهزادو هو... مان سندس سامهون جُهڪي تو کان معافي ٿو وٺان ... سيتا مون کي معاف ڪر... مون کي معاف ڪر... سيتا..."

هن فريمڪوز تي نظرون جمائي ڇڏيون.

"سيتا... ٻڌين پيئي...؟ سيتا... سيتا... سيتا..."

18

"كالهه مان دل جو آرام پائڻ لاءِ مهاتما بُڌ جي مندر ويو هوس، پر اڄ منهنجو موڊ ايترو ڊرامائي ناهي.... تنهنڪري اڄ شام جو هلو ته شهر کي رونق بخشيون." مائونٽ ليونيا جي بالڪنيءَ تي جهڪيل عرفان رٽ ڏني.

"هلو." سيتا خوش ٿي جواب ڏنو.

"لٽل هَٽ (Little hut) هلي، چيني ڪنبري (Cabret) ڏسندا سين ... سيني نائيٽ ڪلب ۾ هلندا سين."

"هلندا سين."

"سان مشيل هلي، ڊچ برگر چوڪريءَ کان پنهنجي فرمائش جا نغما ٻڌندا سين."

"ٻڌندا سين."

"زوُ ۾ هلي هاٿي کي هارمونيم وڄائيندي ڏسندا سين."

"ڏسندا سين."

"پر توکي ته پنهنجي جرنلسٽ دوست جي گهر وڃي اوورسيز ۽ اسٽيٽ ليس انڊينس (Overseas and Stateless Indians) جي مسئلن جي تجزيي جي پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻو هو."

"او عرفان... واقعي...!" هوءَ ٽهڪ ڏيئي ڪلي پيئي.

"تون به ڪهڙن ڪهڙن قسمين قسمين ماڻهن کي ڪٽان ڪٽان ٻڪ آپ ڪري ٿي وڃين! ڪمال آهي!" عرفان جي لهجي ۾ ڪا طنز، ڪا تلخي نه هئي. هو هڪ بي تڪلف ساٿي وانگر ڳالهائي رهيو هو... جيڪو حاسد، بد گمان، شڪي، ڪم ظرف عاشق نه هو پر فقط هڪ پراڻو دوست هو... انسان ڪيئن نه جدا جدا وقتن ۾ مختلف ٽينڊو رهندو آهي. "اڙي... پنهنجي هُن هنومان کي فون ته ڪر ته سندس ڊنر ۾ اڃي نٿي سگهين."

"هنومان ڪير؟"

"اهوئي تنهنجو راماسوامي اپاسوامي ڪير آهي؟"

اها حقيقت آهي ته ان وقت تائين هوءَ راما سواميءَ کي بلڪل وساري چڪي هئي. عرفان ڪيس ڪڍڻ جو واپس گهرائي ورتو هو. راماسوامي جي

ننڍي عمر، سياسي هر خيالي، تهذيبي ويجهائپ- هر شيءَ، سندس دماغ مان ڪيلانيا جي منڊر ۾ ئي نڪري ويئي هئي... دنيا ۾ ماڻهو فقط هڪ ئي هو... عرفان... عرفان... اول ۽ آخر... عرفان... ٽيون ڏينهن شام جو جڏهن عرفان سندس بيعزتي ڪئي هئي ۽ سندس روح، سندس دل ۽ دماغ جا چوڏا لاهي چڏيا هئائين ... ڪالهه رات... جڏهن هوءَ ڦٽي هانءُ روئندي رهي هئي... اُها خوفناڪ صبح جڏهن ڪيس جي- سوريه جي آفيس ۾ ويهڻو پيو هو... اُها اُجاڙ منجهند، جڏهن هن راماسواميءَ سان گڏ سگريٽن جي دونهين سان پريل ڪافي هائوس ۾ سيلون جي سياست تي ڳالهيون ڪيون هيون... اهي سڀ هڪ دفعو سندس ذهن مان نڪري ويا... ڪن... حال... ڪن، جيڪو موجود آهي... جيڪو تنهنجي هٿ ۾ آهي... اهو قابو ڪري رک... مضبوطيءَ سان قابو ڪري رک... ڇوته ڏينهن ۽ رات تيزيءَ سان ڪسڪندا ٿا وڃن.

وقت اجهو ختم ٿيڻ وارو آهي.

19

• انهيءَ رات عرفان لِتل هَتَ کان موٽندي پهريون پيرو جميل جو ذڪر ڪيو. هن چيو ته لڙائي واري رات، هن ٻارهين وڳي اهو ٻڌائڻ لاءِ فون ڪيو هو ته جميل سان ملاقات ته ٿي هئي، پر وٽس ڪي ماڻهو اچي ويا، جنهنڪري ڪا ڳالهه ٿي نه سگهي، پر سياڻي شام جو ته هو ضرور ڪنهن به صورت ۾ جميل سان ملندو.

"مان توهان جي انهيءَ ملاقات جي ڪوشش ۽ ملاقاتن مان ايڏي بور ٿي چڪي آهيان جو هاڻي مون کي بلڪل ڪا پرواهه ناهي." سيتا بي ڏياڻيءَ سان جواب ڏنو. "مان هاڻي وڃان ٿي ڏهلي واپس."

پر ٻئي ڏينهن صبح جو سوير سندس دروازو کڙڪيو.

"ڪير آهي؟" هوءَ چرڪي اُٿي ويئي ۽ وڃي دروازو کوليائين.

"آ... چي..." عرفان چڪون ڏيندو اندر داخل ٿيو.

"اڙي... توهان ڪيئن آهيو...؟" سيتا پريشان ٿي پڇيو.

"بلڪل ٺيڪ آهيان... فڪر نه ڪر... منهنجو حشر قمر جهڙو نه ٿيو آهي... دراصل ڪلهه رات گهٽي دير تائين سمنڊ جي ڪناري گهمندي زڪام ٿي پيو اٿم... هوا ڏاڍي تيز هئي."

"هون...! ته توهان سمنڊ ڪناري گهُميا پئي ! ڪنهن سان گڏ؟"

"هيلو!" عرفان ڪيس غور سان ڏٺو. صوفي تي ويهي هو خوشدليءَ وچان ڪليو. "تنهنجي پتي ديو سان گڏ." هو بي انتها سُٺي موڊ ۾ هو. "ڏاڍو لطف آيو... تنهنجي مڙس سان منهنجي ته دوستي ٿي ويئي... خوب شيءَ آهي." هو سگريٽ دڪائڻ کان پوءِ ڏاڍو ڪليو.

"ڳالهه ته ٻڌايو..." سيتا وهاڻن جي سهاري اونڌو ليٽي سوال پڇيو.

عرفان ساڳي طرح خوشيءَ وچان ڪلندو رهيو. "تنهنجي پراڻ.ناٽ جو جواب ناهي والله. ڪلهه شام جو جڏهن مان گال مينس پهتس ته هن مون کي مٽي پنهنجي ڪمري ۾ سڏائي ورتو. هميشه وانگر تمام گهٽو ڊرَنڪ (Drunk) هو. نه دعا نه سلام، گهڙندي ئي هن مون کي 'پدماوت' جو 'سنگلديپ ڪنڊ' ٻڌائڻ شروع ڪيو... ائين پئي لڳو جڻ مَلڪ محمد جائسيءَ جي روح

منجهس واسو ڪيو هجي... دوها پڙهندو ٿي ويو ۽ تو ڪي ياد ڪري زاروزار روئندو ٿي ويو. جڏهن 'سنگلديپ ڪند' پڙهي چڪو ته پنهنجي موجوده زال جي تصوير ڏيکاريائين ۽ علامہ اقبال جا اسپين وارا شعر پڙهڻ لڳو."

موجوده زال جي ذڪر تي عرفان محسوس ڪيو ته سيتا جي چهري تي هڪ هلڪو بادل چانڻجي ويو ۽ هن بي چئنيءَ وچان پاسو بدلايو... عرفان ٿوري ڳالهہ مٽائي چيو، "سيتا... تون نيرن ڪيڏي مهل ڪندي آهين؟"

"نيرن جو فڪر نہ ڪريو... ڳالهہ ٻڌايو..."

"چگو سائين..." هن نڙي صاف ڪئي. "انهيءَ کان پوءِ جميل صاحب ۽ تلسي داس جيءَ جي روح اچي واسو ڪيو ۽ هن راماين جون چوپايون ونيِ پڙهڻ شروع ڪيون... ڪيس بي انت چوپايون زباني ياد آهن... واقعي تو ڪنهن ڪرڻ سان شادي ڪئي هئي!"

سيتا کي اها ڳالهہ نہ وڻي. "هو ڪرڻ بلڪل ناهي... لٽريري شخص آهي.. اوهان جهڙا خالي ماٿو پدماوت ۽ راماين کي چا سمجهن."

"اوهہ... ڪاوڙجي ونيءِ. اڙي تون حڪم ڪرين ته سمورو مهاپارت، سمورو ڪاليداس، سمورو ديوان حافظ، سمورو شيڪسپيئر، سمورو ايليٽ، جيڪو چاهين ٻڌايان... پر انهيءَ فراڊ ۽ منهنجو يقين ناهي... توهان عورتون، اهڙين ڳالهين جي چڪر ۾ اچي ته بيوقوف بنبيون آهيو... چا توکي خبر ناهي ته اهي وڏا شاعر ۽ ڪهاڻيڪار، جيڪي محبت ۽ زندگيءَ جي حسن جي ساراهہ ۾ هزارين صفحا ڪارا ڪندا آهن ۽ نہ ڄاڻان زمين ۽ آسمان کي ڪٿان جو ڪٿان پاڻ ۾ ملائيندا آهن، گهرن ۾ پنهنجين زالن سان سلوڪ ڪيئن ڪندا آهن؟ خير... پوءِ ته هو، راماين چڏي وري 'سنگلديپ ڪند' کان شروع ٿيو... ۽ انهيءَ پيري مون کي چينيپيندو ٻہ ويو ته مان ٻہ ايترو وڌيڪ شراب چو نٿو پيان... پوءِ هڪ هڪ دوهو ڏهہ ڏهہ پيرا مون کان پڙهايائين. ڪمال جو ماٿهو آهي والله... گريٽ مين... ڏاڍو چگو ماٿهو آهي ويچارو..."

عرفان پنهنجي ايڪسائيٽمنٽ (Excitement) ۾ اُٿي درياءَ ڏانهن ويو. هو بيحد خاموش هو.

"هڪ ٻہ دوها تون ٻہ ٻڌندين؟" هُن مڙي سيتا کان پڇيو.

"نہ."

"نہ ڪيئن...؟ پُڇا پوندا... تو ڪي شڪايت آهي تہ مان لٽريري ناهيان." هن پيار ڪندي نڙي صاف ڪئي. "ڪهڙا هي اُستاد ڪ

"سنگلديپ ڪڏا اب گائون
او سو 'پدمن' هرڻ سناؤن!"
ٻڌايان؟"

"نہ."

"تنهنجا تہ وڏا بہ پُڇندا. جيئن تنهنجي مڙس مون سان ويڏن ڪئي آهي تيئن مان بہ تنهنجي خبر چو نہ ونان... پُڇ... ويچاري جميل ڪيتري قدر روئندي ٻڌايو هو:

راڳهو جو سيتا سنگ لاتي- راوڻ هَرلي ڪون سڏ پائي
يہ سنسار سُڻن کر ليکا- بچڻ ڪئي جانو نہ ديکا(1)

هاءِ هاءِ... اڄا پُڇ:

سنگلديپ جو نانهہ نياهو
يهي ڏاڙن سانڪر سب ساهو(2)"

"ها... انهيءَ جو ڪجهہ اندازو تہ مون کي بہ آهي...!"

سيتا کي بي اختيار ڪل اچي ويئي. هو پنهنجي جوش ۾ پسار ڪندو وري دريءَ وٽ آيو ۽ هيئن طاق تي ٽوئيون رکي دوهي مٿان دوهو ٻڌائيندو رهيو. هو واقعي ايڏو خوش هو جڏ ڪو وڏو مقابلو جيتي آيو هجي... سيتا ڪيس اڃ تائين ايڏو خوش نہ ڏٺو هو.

"اڄا پڇ، ڇا چيو اٿس ظالم...

محمد جيون جل پرن رهنت گهري کي ريت
گهري جو آئي جيون پري دري جنم گا بيت (3)

آ... چي."

---

(1) رام چندر جيءَ سان گڏ سيتا هئي ۽ ڪنهن کي خبر هئي تہ ڪيس راوڻ ڪئي ويندو. هيءَ دنيا سڀني مثل آهي. اُنهن وچڑيا جڏ هڪ ٻئي کي ڏٺو ۽ نہ هئائون.

(2) سنگلديپ جهڙي جاءِ تي ڪيئن پهچندين، اهو هڏ لنگهن سيني لاءِ ڏکيو آهي.

(1) اي محمد! هيءَ زندگي نار مثل آهي جنهن ۾ پاڻي پريو آهي ۽ هاريو آهي. گهڙي ۾ پاڻي پرجن جڏ زندگي آهي ۽ پاڻي جو هارجڻ موت.

"توهان تي به منهنجي پتيءَ جي ڪرنڪٿي جو اثر ٿيو ٿو ڏسجي." هن عاجز ٿي چيو. "هاڻ اصل ڳالهه تي اچو."

"اڇا ٻُڌ...ٻُڌ... پوءِ نه چنڊجان ته مون کي نه ٻڌايئه... اڙي هاءِ هاءِ..." هو سندس ٻُڌي ان ٻڌي ڪري ٻُڌائيندو رهيو:

"هي ڪي جوت ديپ جو سوجها - يه جو ديپ انڌيرا بوجها
جو پي ناهن استر وسا- جگ اجارکا کيجئي بسا."

"ڇا مطلب آهي؟" سيتا پڇيو.

"ملڪ محمد چوي ٿو ته دل جي روشنيءَ ۾ سنگلديپ ڏٺم ... ۽ هن اونداهي دنيا ۾ بلڪل ڪارو ڪارونهار آهي. جڏهن محبوب ٿي وس ۾ ناهي، ته دنيا آباد هجي يا ويران، تنهن کي ڇا ڪبو... ۽ ٻڌ..." هو هڪدم رائٽنگ ٽيبل تي ويٺو...

"محمد چنگ پيم کي سن مهه گگن ورائي،
ڏن برهن او ڏن هيا جيهين يه آگ سمائي" (1)

هن سيتا کي انهيءَ دوهي جو مطلب وري سمجهائڻ جي ضرورت نه سمجهي ۽ منهن هيٺ ڪري خاموش ٿي ويو.

"توهان به وڏا ڪٿان نڪتا!" سيتا چيو.

هن جهڪي سلام ڪيو. "اڙي، تو کي ڪهڙي خبر، مان وڏو لڪل رستم آهيان. ڇا ٿي سمجهين، بس اڪيلو تنهنجو جميل خان ئي اُستاد آهي؟"

"اوهان ديوانا آهيو بلڪل!" هوءَ ٿهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳي.

"سيتا!"

"جي؟"

هاڻي هو هڪ دفعو بي حد سنجيدو ٿيڻ جي غور سان پنهنجي بوٽن

(1) اي محمدا محبت جي چٽنگ کان ته زمين ۽ آسمان به وڃي ٽا. شاباس آهي محبتن ۽ انهن جي دلين کي، جن ۾ اها آگ سمائجي وڃي ٿي.

ڏانهن ڏسي رهيو هو. پوءِ هن پنهنجي بي چئني لڪائڻ لاءِ قلمدان ۾ رکيل پينسلن سان کيڏڻ شروع ڪيو... "سيتا..." هن ٻيهر چيو.

"جي...؟جميل...جميل...چا چيو...؟" سيتا ساهه روڪي پڇيو.

"جميل کي مون سموري ڳالهه سمجهائي. آڏي رات جو جڏهن مون کيس سمنڊ جي ٺڏي هوا پئي کارائي تڏهن هو سوبر (Sober) ٿي چڪو هو... مون کيس چيو ته توکي طلاق ڏيئي ڇڏي... چو ته... چو ته... چو ته... مان توسان شادي ڪرڻ ٿو چاهيان. سچوئيشن بيحد پراڻي ۽ گنڊ آهي نه..." پر تون پاڪستان نه ايندينءَ... يا ايندينءَ؟"

گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ تير ٿي ويئي، ٻاهر سمنڊ ۾ گجگوڙ هڪدم وڌي ويو. ڪجهه ڪڻ جي ماڻ کان پوءِ سيتا چيو: "توهان اهو ڪيئن سمجهيو ته مان..."

"منهنجو سمجهڻ يا نه سمجهڻ بلڪل منهنجو فعل آهي... ۽ جيتري قدر منهنجو خيال آهي ته مان پنهنجي فعل جو پاڻ مختيار آهيان. اوهان منهنجي سوال جو جواب ڏيو، مهرباني فرمائي..."

"اوهان هتان هليا وڃو."

"ڪيڏانهن...؟ ڪمري کان ٻاهر...؟ هليو ويندس. هڪ دفعو تون اڳ ۾ به ٻاهر ڪڍي چڪي آهين. هوننءَ اهو سمجهي ڇڏ ته مان ننڍ آهيان... ۽ خبر ناهي ته ڪهڙي مصيبت آهي جو هاڻي توتي غصو نٿو اچيم... بس پيار آهي، جو وٺين ٿي... ٻڌ، ايندڙ مهيني مان پنرس پيو وڃان... تون هڪ ڪم ڪر..." هن بي انتها نروس (Nervous) ٿي وري پينسلن سان کيڏڻ شروع ڪيو... "تون هيئن ڪر جو اُتي اڇ."

هوءَ پلنگ تان اُٿي بيٺي. "جو ٽيٽو هوندو سو ٽيندو ... هاڻي وڃو."

"چڱو...هڪ دوهو ٻيو به ٻُڌي ڇڏ. انهيءَ تي سوچجانءِ..." هن دروازي تي پهچي چيو:

"محمدا مڌ جو پير ڪا هيي ديپ نيهه راک!
سيس ندئي پتنگ جيون تب لڳ جائي نه پاڪ (1)

---

(1) اي محمدا محبت جي شراب سان دل جو ڏيئو ٻار. پرواهه وانگر جيستائين سرد ڏيندين تيستائين پرين وٽ ڪيئن پهچي سگهندين؟

20

"... ۽ جڏهن ڪامديو، شمپو ڪي آڻ مجائڻ لاءِ روانو ٿيو تہ سپيئي مقدس صحيفا بيڪار ٿي ويا. پوترتا، صبر، سنياس، فرض، معرفت، علم، بي نيازي، سپيئي ميدان ڇڏي اٿي ويگا. عقل ڪتابن ۾ وڃي لڪو.

رتيءَ جو پتي [1] پنهنجو تير ڪمان ڪٽي ايڏي غصي ۾ ڪنهن ڪي ٿو پنهنجو شڪار بڻائڻ وڃي؟ ساري ڪائنات محبت ۾ گرفتار ٿي ويئي. وڻ جُهڪي ولين تي چانڇجي ويا. نديون وڃي سمنڊ جي پاڪر ۾ پيڙيون ٿيون... جل ٿل هڪ ٿي ويا... پکي ۽ جانور، ديوتا ۽ پريون انسان ۽ نانگ، لطيف ارواح ۽ جهنگلي پوت پريت، شمشان جا پوت ۽ ساڏو سنت سڀ سندس طلسم ۾ ونجي ويا.

عاقل، جيڪي هيستائين دنيا کي برهما جو پاڇو سمجهندا هنا، سموري دنيا هاڻي ڪين عورت جي روپ ۾ نظر اچڻ لڳي... اهڙي حالت ۾ ڪامديو، شمپو وٽ وڃي پهتو." [2]

۽ ڪالياس لکيو آهي..."

تہ اُنهيءَ وقت مدن جي ٻاڻ تي، جيڪو انب جي مُکڙين سان سجيل هو، بهار جي ماکيءَ جون ڪاربون مکيون اهڙي طرح ويهاريون ويڻيون هيون، جڻ اُهي خيال مان پيدا ٿيل خدا جي نالي جا اکر هنا. هلال جهڙا گل، نهن جي نشانن جهڙا هنا، جيڪي بسنت رُت جي ويڑهجن ڪري جهنگل جي بدن تي پٽجي ويا هنا... بهار، تلڪ جو گل لڳائي، پنڌڻ جي ڪاري ڪجل سان گڏ، پنهنجي چپن کي (جيڪو انب جو ٻور هو) صبح جي سج جي سرخيءَ سان سجايو هو... پيال

---

(1) ڪامديو، هندو ديومالائي عشق جو ديوتا.

(2) تلسي داس جي لکيل رامائڻ مان.

جي وٽن مان چٽندڙ زرگل سان هرٽن جو اکيون ڏنڏلاڻجي وييون هيون ۽ اُهي جهنگل جي پنن تان چلانگ ڏيندا ٽي ڦريا... ڪوئل جو آواز، خود محبت جو آواز بنجي ويو هو... ڪوئل جو آواز، جيڪو مغرور عورتن جي سرد مهريءَ کي ٽوڙڻ ۾ ڏاڍو ماهر آهي... مدن جي حڪم سان وڻ هڪ هنڌ بيهي ويا هئا، پنڙا خاموش، جهرڪيون چپ چاپ ۽ هرڻ مات ٽي ويا هئا... سارو جهنگل ايئن ٽي ڏسڻ ۾ آيو جڻ هڪ وڏي تصوير هجي." (1)

(1) ڪالياس جو سنسڪرت ۾ لکيل ناٽڪ 'شڪنتلا' مان

21

• پٽرس ۽ سيتا ۽ عرفان ڪنين مهينن تائين رهيا. عرفان جو بولوارسُوشي ۾ هڪ ڏاڍو خوبصورت فليٽ هو، جنهن کي سيتا اڳي کان ئي وڌيڪ نفاست سان سجايو هو.عرفان صبح جو آفيس هليو ويندو هو. سيتا بازار مان سؤدو وڻي اچي ماني تيار ڪندي هئي... عرفان جا ڪپڑا استري ڪندي هئي، گهر جي صفائي ۽ پهاري ڏيندي هئي. شام جو هو ڪم تان موٽندو هو ته جلدي سندس گرم سليپر سندس صوفي جي هيٺيان آتشدان وٽ رکندي هئي... سمهڻ جي وقت کان گهٽو اڳ ۾ سندس سليپنگ سوٽ کي گرم پاڻيءَ جي بوتل ۾ ويڑهي سندس بستري تي رکيندي هئي.هوءَ اهڙي مڪمل ۽ سُکون بخش ۽ آرامده هائوس وائيف هئي جو عرفان کي عجب لڳندو هو.

هوءَ هر روز صبح جو ٽپالي‌ءَ جو ڏاڍو انتظار ڪندي هئي. شايد اڄ نيويارڪ کان سندس طلاق نامو اچي...شايد... پر ڏينهن گذرندا ويا ۽ کو طلاق نامو نه آيو. هوءَ ڪولمبو کان دهلي واپس وڃي ڪنهن سان به ملي نه هئي. هن پنهنجي ماءُ پيءُ کي چيو هو ته ڪيس پٽرس ۾ نوڪري ملي ويئي آهي ۽ هوءَ اوڏانهن وڃي پيئي. اُهي به هاڻي ڪيس ڪجهه به نه چوندا هئا ۽ نه ڪجهه پڇندا هئا. اهڙين ڳالهين جو وقت ڪڏهوڪو نڪري چڪو هو. پٽرس وڃڻ کان هڪ ڏينهن اڳ هن ڪنات پئليس کان بلقيس ۽ هيما کي فون تي "خدا حافظ" چيو هو.

"هاڻي ڪڏهن ايندين‌ءَ...؟" بلقيس پڇيو هو.

"خبر ناهي. ڳالهه اها آهي ته منهنجي دل هتي نٽي لڳي ۽ جيڪڏهن هڪ دفعو يورپ پهچنديس ته اُتان نيويارڪ وڃڻ ۾ آساني ٿيندي، راهُل کي ڏسڻ."

"ٺيڪ ٽي چوين..." بلقيس وراٽيو هو، "پر ڪڏهن ڪڏهن خط ته لکندي رهج."

"بلڪل لڪنديس."

بلقيس ڪانئس اهو نہ پڇيو هو تہ هو پٽرس ڇو پيئي وڃي. ڪيس خبر هئي تہ پٽرس ۽ سيتا جو شادي ڪئي بنان عرفان سان گڏ رهڻ، ڪا نرالي ڳالهہ نہ هئي. سمند جي ڪاپي ڪناري تي اهڙي طرح ڪٽين جوڙا ورهين ڪان رهندا پيا اچن ۽ سندن قانوني طور تي شادي ڪرڻ جو ڪو ارادو نہ هو.

موڪل جي ڏينهن اُهي 'سين' جي ڪناري گهمڻ ويندا هنا... 'ڪارتر لاطين' ۾ آوارا گردي ڪندا هنا... ڪنهن ڪافي هائوس ۾ بلنڪ ڪافي پيئندي، هوءَ سوچ ۾ پئجي ويندي هئي تہ هو پڇندو هو: "ڇا پيئي سوچين؟"

"مون سوچڻ ڇڏي ڏنو آهي، فقط محسوس ڪندي آهيان." هوءَ ڪنڌ مٽي ڪٽي جواب ڏيندي هئي.

ڪنهن پُل جي ديوار تي جهُڪي ڳالهيون ڪندي ڪندي هوءَ هڪدم اوچتو ماٺ ٿي ويندي هئي تہ هو ڪيس سگريٽ ڪڍي ڏيندو هو: "هان، سگريٽ چڪ... لڳي دم، مٽي غم..."

هڪ ڀيري عرفان ڪيس چيو، "تو کان سواءِ، هڪ ٻيءَ بہ تون آهي... جڏهن تون اوچتو ماٺ ٿي ويندي آهين، تہ مان اڪيلو رهجي ويندو آهيان...تون مون کان هزارين ميل پري هلي ويندي آهين... تون تمام بلنديءَ تي هوندي آهين. مان تنهنجون ڳالهيون سمجهڻ چاهيان ٿو، پر ڏپ ٿو ٽئيمر." ڪڏهن ڪڏهن هوءَ پنهنجي انهيءَ طريقي جي ڏکڻي ماٺ مان بيزار ٿي خود چوندي هئي، "عرفان... ڳالهاءِ نہ."

"ڳالهائيندي ڏپ ٿو ٽئيمر." هو جواب ڏيندو هو.

سرڻ جي موسم ۾ اُهي بني ايسپيڪٽ ويڙ، جي مسجد فرضيہ جي ڀاڪر تي چاندوڪي رات ۾ ڪين هڪ پاڪستاني شاگرد مليو. جنهن بعد وٽندڙ سر ۾ اقبال جو نظم ٻڌايو:

"سلسلہء روز و شب نقش گرِ حادثات
سلسلہء روز و شب اصلِ حيات وممات."

"هاڻي مون کي انهيءَ جو مطلب سمجهاءِ." سيتا عرفان کي چيو.

ڪافي دير تائين شعر جي تشريح ڪرڻ کان پوءِ عرفان ڪڪ ٽي ڪيس چيو: "تون پنهنجا ڪالياس تلسي داس ڪندي رهه، اقبال تو کان زور آهي."

هڪ ڏينهن امريڪا کان خط آيو. هن کولي پڙهيو ۽ پوءِ خاموشيءَ سان ڪپڙا استري ڪندي رهي.

"سيتا!" عرفان ڪمري ۾ داخل ٿي ڪيس سڏيو.

"ڇا آهي؟" هُن چڙي چيو ۽ استريءَ جو سوئچ بند ڪري دريءَ ڏانهن هلي وئي.

"آپ آهو چشم هين آهو نهين

هم سے وحشت کي نہ ليجي آيئي." عرفان آتشدان پرسان صوفي تي ويهي ڏانهس هانهون ڏڪيريندي چيو.

هوءَ ساڳي طرح دريءَ کان ٻاهر ڏسندي رهي.

"سيتا ڪهڙي ڳالهه آهي، مون کي ٻڌاءِ."

"ڪجهه ناهي عرفان." هُن مڙي جواب ڏنو.

"مامي جو خط نيو يارڪ مان آيو آهي... لکي ٿي ته هاڻي هوءَ ڪهڙن نالن جا نُڪتا تبديل ڪندي رهندي؟"

هو خاموش رهيو.

"عرفان... منهنجو خيال آهي ته اسان وڏي سخت غلطي ڪئي آهي. مان ڪيستائين اهڙي طرح تو سان رهنديس؟"

"چو؟" هو ڪوڪلي ڪل ڪليو. "ڪجهه مهينن ۾ ني گهبرائجي ونئينءَ؟ 'گيري نندني اُوما' ته شميو سان شادي ڪرڻ لاءِ هڪ هزار سال تپسيا ڪئي هئي... 'ڪُمار سنيو'[1] پڙهه."

"مون کي نٽو ڪپي تنهنجو ڪُمار سنيو." هن بيزار ٿي چيو.

"ها ها... هاڻي تنهنجو عقل نڪاڻي آيو آهي. مون تو کي چيو نه هو ته تنهنجو سمورو ڪالياس، شاعري،ادب، فلاسافي، سڀ فراڊ آهن... زندگيءَ جي تلخ حقيقتن آڏو سڀ اجايون آهن يا نه؟"

نيٺ هُن هڪ ڏينهن ڏڃندي ڏڃندي بلقيس ڏانهن خط لکيو... پئرس جي موسم بابت لکيائين. فرخنده ۽ ننڍي مامي جي خيريت جو پڇيائين، پر اهو پڇڻ جي همٿ نه ٿيس ته جميل کين سندس باري ۾ ڪجهه لکيو آهي يا نه.

(1) ڪالياس جو سنسڪرت ۾ لکيل ناٽڪ.

بلقيس جو هڪدم نهايت ئي مفصل جواب آيو. تمام نارمل، خوش ۽ غيرشخصي خط هو، جيڪو ڪنهن ذاتي تذڪري جي بدران فقط ٽينٽر جي تازين خبرن سان پرپور هو.

- اپٽا (Indian Peoples Theatre Assoiation) جي اڻين سالياني ڪانفرنس جو هن سال ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن افتتاح ڪيو. ڪافي روسي ڊيليگيٽ به آيل هئا. گوپي نات به ڊانس ڪيو.

- هن پيري 'راج نگريءَ' پر تون ڏاڍو ياد آئينءَ.

- اندين آرٽ ٽينٽر طرفان 'خيال ميرزا' اسٽيج ڪيو ويو آهي. چگو آهي.

- 'نئي نوٽنڪي' وارا نوٽنڪيءَ جي طرز تي 'مٽيءَ جي گاڏي'[1] پروڊيوس ڪري رهيا آهن. چگو دلچسپ تجربو ٿيندو... لتا کالهه تو کي ڏاڍو ياد ڪيو ٽي.

- بمبئي جو لِٽل بيلي گروپ، 'ميگهه دوت'[2] اسٽيج ڪرڻ وارو آهي...

'آهه ڪاليداس! ڪاليداس!! شڪنتلا... آڪرابازار... مٽيءَ جي گاڏي... هماچل پرديش جا فوڪ آرٽسٽ...' خط بي دليو هڪ پاسي اڇلي، هوءَ بورچيءَ خاني ۾ هلي ويئي.

عرفان سان گڏ رهندي ڪيس اهي ڳالهيون ڪنهن بي دنيا جون ٽي لڳيون.

هڪ مهينو بيو گذري ويو.

"عرفان ٻڌاءِ، هائي مان چا ڪريان ؟" هن بيوس ٽي پڇيو.

"وري بلقيس جي خوشامد ڪرينس، پيو چا...؟" هن ٺوڙو بي پرواهيءَ سان وراڻيو ۽ ڪوٺ پائي آفيس هليو ويو.

دريءَ تي ويهي سيتا وري بلقيس ڏانهن خط لکڻ شروع ڪيو:

---

(1) ڪاليداس جي سهيوگي ناٽڪ ڪار، شودرڪا جو سنسڪرت ۾ لکيل واحد ناٽڪ "مرچّڪٽڪ" (The Little Clay Cart).

(2) ڪاليداس جو سنسڪرت ۾ لکيل ناٽڪ.

"مان جميل سان ڪوبه پر ڳالهائي به نه سگهيس، ڳالهائڻ ته نهيو پر سندس هڪ جهلڪ به ڏسي نه سگهيس. تون نيڪ چوندي هئينءَ ته اهو جهنگلي بدڪ جو پيڇو ڪرٽو آهي. خدا جي واسطي ڪيس لڪينس ته مون کي جيترو جلد ٿي سگهي، آزاد ڪري. هو مون کي ڪافي سزا ڏيئي چڪو آهي."

ڀ سندس لڙڪ ڪاغذ تي ٽپ ٽپ ڪرڻ لڳا. هوءَ صفحن جا صفحا لکندي ويئي ۽ هڪ ڊگهو ساهه کڻي لفافو بند ڪيائين.

اُنهيءَ خط جي جواب ۾ بلقيس لکيو هو:

"تو کي اهو پڙهي خوشي ٿيندي ته 'بلونت گارگيءَ' جو 'سوهني مهيوال' ماسڪو ۾ ڇهن مهينن کان هلي رهيو آهي. پاڻنا جي 'آپتا' (A.P.T.A) وارن 'تال ڪتورا ڊراما فيسٽيول' ۾ هن دفعي پنهنجو ڊرامو 'پير علي' ڏيکاريو اهيءَ جو هڪ ايڪٽر تنهنجو پراڻو ڪلاس فيلو نڪتو. تو کي سلام چيا اٿس.

- ميرا نالني سارا پائي، گجراتيءَ ۾ نوه تمثيلون پروڊيوس ڪري رهي آهي.

- يونيتي ٿيٽر وارا فيروز شاه ڪوٽلا جي اوپن ايئر ٿيٽر ۾ 'اورنگزيب' اسٽيج ڪرن وارا آهن. ۽ آغا حشر جي تجديد جي سلسلي ۾، تو کي بڏي خوشي ٿيندي ته دهلي پبلي هائوس وارا 'رستم سهراب' پيش ڪري رهيا آهن."

هڪ شام جو سنيما کان واپس اچي پنهنجي فليٽ ۾ پهتا ته ڪونسي آرج (Concierge) هڪ ڪيبل آڻي سيتا جي هٿ ۾ ڏني. عرفان ڪلف ڪولي اندر وڃي چڪو هو. سيتا چائنڊ تي بيٺي لفافو ڦاڙيو. سندس پاڻ کان اطلاع آيو هو: 'ڊيڊي گذاري ويو.'

جڏهن عرفان ڪپڙا تبديل ڪري سٽنگ روم ۾ آيو، ان وقت هوءَ آنڊان اڳيان ڪنڌ لاڙي ويٺي هئي ۽ آهستي آهستي ڏڪي پئي.

"ڪهڙي ڳالهه آهي، لٽل وومن (Little woman)؟" عرفان جهڪي سندس مٿي تي هٿ گهمايو.

"ڪجهه نه." هن ڪنڌ مٿي ڪئي عرفان ڏانهن ڏٺو. سندس اکيون

بلڪل خنڪ هيون. هن ڪيبل عرفان جي هٿ ۾ ڏني.

"اوهـ! آءِ ايم سـاري. (Oh! I am sorry.)" ڪاغذ تي نظر وجهندي عرفان آهستي چيو.

"مان دهلي وڃان ٿي."

"چڱو."

"مان ممي، سان ڪجهه عرصو رهنديس."

"ها ها، ٺيڪ آهي. ضرور وڃ." عرفان وراڻيو.

رحمت منزل قرول باغ تي پهچي، هوءَ ڪيترا هفتا گهر کان ٻاهر نه نڪتي. بلقيس جي 'مادرن ٿيٽر گروپ' عذرخواهي لاءِ وٽس اچڻ چاهيو ٿي، پر هن بلقيس ۽ شهزاد هٿان سيني کي منع ڪئي. هڪ مهيني ۾ هوءَ بلڪل پيلي پنجي ڇڪي هئي.

هڪ ڏينهن سندس ماءُ چيو، "هي تو کڻڻي دشا بنائي رکي آهي. وڃ، باهران گهمي اچ. بيمار ٿيڻو اٿيني چا؟"

سندس ماءُ اڃا تائين ساٿس پنرس يا عرفان جي باري ۾ هڪ لفظ به نه ڳالهايو هو. هاڻي اها استيج اچي ويئي هئي جو سندس ڏيءُ جي ذاتي زندگي بلڪل سندس ذاتي معاملو هو.

نيٺ هڪ ڏينهن ٻپهرين جو هوءَ تيار ٿي 'چاٽڪيا پوري' ويئي. بلقيس وٽ سيني ڏاڍي محبت سان سندس آدرياءُ ڪيو. فرخنده ديرتائين ساٿس ڳالهيون ڪندي رهي. انهيءَ وقت نئين تمثيل جو اسڪرپٽ ڪٽي ڪيلاش اچي پهتو.

چانهه کان پوءِ هن ڳالهين ڳالهين ۾ سيتا کي چيو، "سيتا، پروجيش بابو توهان جو ڏاڍو پڇيو ٿي. دهليءَ ۾ جڏهن به اسان سان ملندو هو ته بلڪل توهان جو ذڪر ڪندو هو. پر توهان ته اسان سيني کان منهن موڙي ولايت کي پنهنجو ديس بنائي ڇڏيو."

هوءَ ڏاڍي اخلاق سان مشڪي. "اڄ ڪلهه پروجيش بابو ڪٿي آهي؟"

"سندس نمائش ٿي رهي آهي، انهيءَ ڪري هتي آيل آهي."

"ڪٿي ترسيل آهي؟"

"اٿيني... سندس پراڻو هنڌ. بلقيس، هي للتا جو پارٽ ڏسي وٺ."

سيتا اُٿي لائونج ۾ هلي وئي.

"هاڻي ڪٿي ٽي وڃين؟ رات جو اسڪريبل کيڏيندا سين." ڪيس ويندو ڏسي بلقيس ڊرائنگ روم مان سڏيو.

"نه بلي، هاڻي مان وينديس، مُنجي گهر ۾ اڪيلي آهي."

"ٽورو اڃا ترس، رات جو توکي گهر ڇڏي ايندا سين." ننڍي ماسيءَ چيو.

"اڄ اسان فرينچ لفظ ناهيندا سين. تون ته فرينچ تمام گهڻي سکي ويئي هوندينءَ." بلقيس کيلاش سان گفتگو ڪندي وڃان چيو. ۽ هاڻي سندس آواز ۾ مصروفيت هئي. سيتا باهر نڪري آئي.

وقت تيزيءَ سان گذرندو ويو. شروع شروع ۾ عرفان کيس پابنديءَ سان هر هفتي خط لکندو هو. پر گذريل ڪجهه مهينن کان بلڪل خاموش هو. سيتا هيستائين کيس ڪافي خط لکي چڪي هئي پر ڪنهن جو به جواب نه آيو هو. عرفان آخري خط ۾ کيس لکيو هو ته هو آفيس جي ڪم سان جرمني وڃي رهيو آهي. پر انهيءَ ڳالهه کي به ڪافي وقت ٿي ويو هو.

هاڻي هوءَ انهيءَ شدت سان عرفان جي خط جو انتظار ڪندي هئي، جيئن هو هيستائين جميل جي طلاق نامي جو انتظار ڪندي رهي هئي. سندس ماءُ کي ڪليم جي معاوضي جي ڪجهه رقم ملي هئي ۽ سندس پاءُ درگاپور مان پنهنجي اڳ پگهار موڪلي ڏيندو هو. انهيءَ اميد تي ته هوءَ جلدي عرفان وٽ واپس هلي ويندي، هن نوڪريءَ جي ڳولا به نه ڪئي. سارو ڏينهن رسوئيءَ ۾ ماڻس وٽ ويئي هوندي هئي.

زندگي ڏينهون ڏينهن اوداهي ٿيندي ويئي.

اُن رات ڏاڍو پارو پئي پيو. ماني کائڻ کان پوءِ، اڳڻ جي نلڪي تي هٿ ڌوئندي، اوچتو کيس خيال آيو ته سندس ڪو دوست ناهي. هيڏي وڏي دنيا ۾، هيڏي وڏي عظيم الشان جڳمڳائيندڙ دار السلطنت ۾، واقفڪارن جي هيڏي وڏي هجوم ۾، ڪو سندس همدرد ناهي. ڇو ناهي؟ هن ڪنهن جو چا ڦٽايو آهي؟ پروجيش هڪ پيري کيس چيو هو: 'سيتا ديوي! تون اهڙي عجيب و غريب چوڪري آهين جو توکي هن دنيا ۾ اُها خوشي مشڪل سان

نو ملندي. جنهن خوشيءَ جي تون ڳولا ۾ آهين.' ... پروجيش ؟؟

"ممي، مان ٽورو ٻاهر ٿي وڃان " هٿ اُگهڻ کان پوءِ اوور کوٽ پائي هن گهٽيءَ ۾ لهندي چيو. سندس ماءُ اڳڻ ۾ اچي ڏيڏيءَ جو دروازو اندران بند ڪري چڏيو.

نئين دهلي ويندڙ بس لڳ ڀڳ خالي هئي. هوءَ هڪ دريءَ جي شيشي سان مٿو پرائي ويهي رهي ۽ اکيون بند ڪري چڏيائين. 'هاڻي مون کي ائين ٿو لڳي،' هن پنهنجي دل ۾ سوچيو، 'جڻ رات جي اونداهيءَ ۾ گهٽيءَ جي ٻيڙيون گهاٽ سان اچي لڳن ۽ مون کي خبر نه پوي ته انهن مان منهنجي ڪهڙي آهي...'

پروجيش جي رهائش تي پهچي هن ڪلرڪ کان پڇيو: "مسٽر چوڌري آهي؟"

"ڪهڙو مسٽري چوڌري؟"

"جيڪو ڪلڪتي کان هتي آيل آهي."

"اهو جيڪو ايڪٽر آهي؟"

"نه...جيڪو آرٽسٽ آهي."

"اوهه... جي ها... هيڏانهن اچو."

جڏهن هوءَ اندر هلي ويئي ته ڪلرڪ مٽو ڪنهندي دل ۾ چيو: 'خوب... سال ڏيڍ ٿيو، مون کي ياد اچي ٿو ته هيءَ ساڳي طرح رات جو آئي هئي. تڏهن ڪلڪتي واري ايڪٽر مسٽر چوڌريءَ جو پڇيو هئائين. هي سپ چاجو چڪر آهي؟'

پروجيش ڪمار چوڌري ڪمري ۾ آرام ڪرسيءَ تي ويهي ڪجهه لکي رهيو هو. ڪيس دروازي تي بيئل ڏسي هڪو ٽي ويو. "سيتا ديوي..." هن ڪيڪارڻ لاءِ هٿ وڌائي ڊاڍي ڊرامائي انداز ۾ چيو، "مون کي خبر هئي ته هڪ ڏينهن تون ضرور واپس ايندينءَ... هڪ ڏينهن ضرور منهنجي روح جي پڪار تو تائين پهچندي... تون هڪ ڏينهن ضرور مون وٽ ايندينءَ."

گوري، ڪامني، سيتا، سانوري پروجيش ڪمار چوڌريءَ جي ٻانهن ۾ ائين وڃي ڪري جيئن گنگا جو شفاف پاڻي، جمنا جي تاريڪ غضبناڪ پاڻيءَ سان وڃي ملندو آهي.

انهيءَ کان پوءِ تمام جلد دهليءَ جي فنڪارن جي حلقي ۾ اها خبر

ڏهلجي ويئي ته شري پروجيش ڪمار چوڏريءَ جو 'سنڈي پيريڊ' شروع ٿي چڪو آهي.

ڇهه مهينا ٻيا لنگهي ويا. سيتا پروجيش سان گڏ 'اسپرنگ فيسٽيول' (Spring festival) لاءِ سرينگر ويل هئي. اُتان موٽي هوءَ سائس گڏجي ڪلڪتي هلي ويئي. نيٺ ڊسمبر ۾ پروجيش جي جاپان وڃڻ کان پوءِ هوءَ دهلي واپس آئي. اڃڻ سان سندس ماءُ ڪيس ۾ لفافا ڏنا. هڪ تي روم جي مهر لڳل هئي. تمام مختصر خط هو:

"تازه ترين خبرون جيڪي تنهنجي باري ۾ ٻڌيون اٿم، صحيح آهن؟
- عرفان."

ٻيو ڊگهو لفافو نيويارڪ مان آيو هو. سندس دل تيزيءَ سان ڌڙڪڻ لڳي. جميل جو خط...جميل جي هٿ سان لکيل سندس نالو ... سندس هٿ ڏڪڻ لڳا. شام ٿي رهي هئي. دريءَ تي وڃي هن پڙهڻ شروع ڪيو... اهو خط به تمام مختصر هو:

"راهُل بلڪل ٺيڪ آهي. مان توکي طلاق ڏيان ٿو. تون هاڻي آزاد آهين ۽ جنهن سان چاهين، شادي ڪري سگهين ٿي. راهُل کي مان ايندڙ سال دهلي جامعہ مليہ موڪلينديس، جيئن هو پنهنجي ملڪ ۾ رهي ۽ هندستاني ٿئي، هتي بلڪل امريڪن ٿي ويو آهي. هو دهليءَ ۾ اچي ته تون فرخنده وٽ وڃي سائس ملي ٻه سگهين ٿي. مون کي ڪو اعتراض ناهي.

فقط جميل."

ڪيس ڏاڍي ڪمزوري محسوس ٿي رهي هئي. هوءَ اُتيئي دريءَ وٽ فراسيءَ تي ويهي رهي ۽ ديوار جي سهاري ويهي هنومان جي تصوير ڏسڻ لڳي، جيڪو هٿ جي تريءَ تي جبل کنيو اُڏامندو پئي ويو.
پئي ڏينهن هن عرفان کي ايتروئي مختصر جواب لکيو:

"مان پنهنجي پاءُ جو انتظار پيئي كريان. هو جيئن ئي هتي ايندو تيئن ئي مان پنهنجي ۽ ليلا ۽ موهنيءَ كي ساڻس درگاپور موكلي، هكدم تو وٽ پهچنديس. منهنجو انتظار كر. مان توكي... ۽ فقط توكي پيار كريان ٿي ۽ انت سمي تائين اهڙيءَ طرح پيار كندي رهنديس."

'وقت نكرندو پيو وڃي. وقت ڏوڙندو پيو وڃي. هاڻي مون كي دير كرڻ نه گهرجي.' هن لفافو بند كندي پنهنجو پاڻ كي چيو.

پر هاڻي وقت جي كهڙي پرواهه آهي! هن ٻيهر پاڻ كي ياد ڏياريو... هاڻي هوءَ تمام جلدي مسز عرفان بنجي ويندي. هوءَ هاڻي قانوني طور تي آزاد آهي. هوءَ عرفان سان شادي كندي، جيكو انٽلكچوئل يا بوهيمين ناهي... بيحد سمجهدار سڏو سادو سالڊ (Solid) ماڻهو آهي... پوءِ هوءَ پاكستان هلي ويندي ۽ پاكستاني شهري جي حيثيت سان پنهنجي شهر كراچي واپس هلي ويندي، جيكو هاڻي سنڌس ناهي پر پوءِ ٿي ويندو...شايد... پوءِ هوءَ انهن سڀني جاين تي ٻيهر ويندي... حيدرآباد... ساڌ ٻيلو... سكر... ملتان...پنج ند جو اهو ڊاك بنگلو جتي رات جي راڻي مهكي هئي.

جميل ۽ قمر ٻنهي سنڌس روح كي مالامال كرڻ بدران اٿلندو سنڌس روح كي گهاڻيل كيو هو. پروجيش پنهنجي عظمت ۾ ايڏو گم ٿيل هو، جو سنڌس روح كي چهيائين ٻه نه... پر عرفان ... عرفان.

سيتا ميرچنداڻي... سيتا جميل... سيتا عرفان... ۽ هاڻي تمام جلدي سنڌس پراڻا دوست، بلقيس، هيما، للتا، هن جي لاءِ غير ملكي ٿي ويندا. سنڌس ماڻ، سنڌس پاءُ پيئ، سموري هندستان ۾ پكڙيل سنڌس ماڻهو... سنڌ مهاساگر هاڻي جن جو ناهي... پر سيتا ميرچنداڻي سنڌ ديس واپس وڃي رهي آهي. نيٺ كيس پنهنجو گهر ملي ويو... عرفان جو خيال، هن جي لاءِ هاڻي ائين هو جيئن اُماس جي رات ۾ اوچتو چند نكري اچي.

ٻه هفتا كيس سفر جي تياري ۾ لڳي ويا. جنهن ڏينهن هوءَ جلدي

جلدي پنهنجون ساڙهيون استري ڪري سوٽ ڪيس ۾ رکي رهي هئي ته هن جي ماءُ سندس ڪمري ۾ اچي پڇيو: "هاڻي ڪٿي ٽي وڃين؟"

"ممي... مان عرفان سان شادي ڪرڻ وڃان ٿي." هن سوٽ ڪيس بند ڪري سڪون سان وراٽيو.

منجهند جي وقت ڪنات پٽليس ۾ ايئرلائنز جي آفيس مان ٻاهر نڪري هن سوچيو ته سڀني دوستن کي آخري پيرو 'خدا حافظ' چوي. ڪافي هائوس اڃا سنسان پيو هو. هوٽلن للتا ۽ ڪيلاش جو گروپ گهٽو ڪري شام جي وقت يا آڇر جي صبح جو اتيئي ملي ويندو هو.

آتو رڪشا ۾ هوءَ سڀ کان اول نظامالدين ويسٽ ويئي، جتي چوڌاري پري پري تائين نوَن بنگلن ۾ گهٽو ڪري وچولي طبقي جا پنجابي آباد هئا. هوءَ پهريون پيرو للتا وٽ وڃي رهي هئي. ڏاڍي مشڪل سان ڪيس للتا جو نَنڍڙو گهر مليو. هوءَ اندر اڳڻ ۾ سليپنگ سُوٽ تي شال اوڍي اُس ۾ ويٺي هئي. سندس ٻار اسڪول مان موٽي اڳڻ ۾ ٽرائيڪل هلائي رهيو هو. سندس مڙس اڃا آفيس مان واپس نه آيو هو. رسويو بورچيخاني ۾ ماني تيار ڪري رهيو هو. سيتا وڃي للتا وٽ ڪٽ تي ويٺي.

"اڄ جماندارڻ اڃا تائين آئي ناهي. سموري گهر ۾ ايترو ڪچرو پيو آهي." للتا مطمئن آواز ۾ ڪيس چيو. ڪيس زڪام ٿي پيو هو. "هيڏانهن اڇ، هاڻي اُس اِتان ڪسڪي پريان هلي ويندي."

نئين هندستاني اسٽيج جي هيءَ بلندپايه اداڪارا پنهنجي گهر جي چوديواريءَ ۾ محفوظ، ڪيڏي سڪون سان ويٺي هئي.

هوءَ ڪلاڪ ڪن سيتا سان هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي رهي. هن به سيتا کان وڌيڪ ڪجهه نه پڇيو. جڏهن اُس اڳڻ مان ڪسڪي هلي ويئي ته هن چيو: "اڇ، سامهون هلي ويهون." هوءَ چپ چاپ اُٿي ٻاهر آئي، جتي ننڍڙي لان ۾ به موڙا وڇهي للتا ڪيس ويهڻ لاءِ چيو.

"هاڻي هلنديس." ڪجهه دير رڪي سيتا چيو.

"واهه! ماني ڪائي وڃجانءِ."

"نه، دير ٿي ويندي."

"چڱو. موهن جو ته انتظار ڪر، هاڻي ايندو هوندو."

"چڱو."

سامهون کجهہ قدمن جي مفاصلي تي نظام الدين اوليا جي مقبري جي ديوار تي اُس لهرون هڻي رهي هئي. فضا ۾ ڏاڍي بي چئني ۽ اداسي هئي. سيتا ٽکجي پاسو بدلايو. للتا چپ چاپ رستي ڏانهن ڏسندي رهي.

نظام الدين اوليا جي مسجد مان اذان جو آواز آيو. فضا جو سناٽو گهرو ٿي ويو.

"للتا، هاڻي مان هلنديس. ڪيلاش، پرديپ، ڪامران، سيني کي منهنجا سلام چئج ۽ ڪافي هائوس واري سموري ڪرائوڊ (Crowd) کي."

"چڱو."

نوڪر آٽورڪشا وٺي آيو.

رستي تي هٿ هٿ تي واچوڙا هنا. هوءَ للتا کان موڪلائي آٽورڪشا ۾ اچي ويٺي. آٽورڪشا واري سردارجيءَ جي ڏڳهي اچي ڏاڙهي، سياري جي ٽڏي هوا ۾ لهراڻي رهي هئي.

للتا پنهنجي ننڍڙي ڦاٽڪ تي جهُڪي دير تائين رستي ڏانهن ڏسندي رهي.

املتاس جا پيلا پن واچوڙي ۾ اڏري رهيا هنا. اُس هاڻي ٽڏي پنجي چڪي هئي.

"ڪيڏانهن هلون بِيبِي؟" سردارجي باهر مين روڊ تي اچي پڇيو.

بلقيس جي گهر ۾ اُن وقت ڏوهي آيو هو. ننڍي ماسي پنڌين وراندي ۾ ياڄي واري کان پتاتا ترائي رهي هئي. فرخنده جا ٻار اسڪول مان موٽي هميشه وانگر پاڙي جي ٻارن سان پنڌين لان ۾ ڪرڪيٽ کيڏي رهيا هنا. بلقيس لائونج ۾ بيد جي ڪرسين جا ڪوَر لاهڻ ۾ مصروف هئي.

"هن ڪمري ۾ اڄ، مان ٽورو اِهي چادرون لاهي ونان." سيتا کي ڏسي هن سڪون سان چيو.

تمام عمر رها غمزه و ادا کا شڪار

ڊرائنگ روم جا ميز پوش سميٽي هوءَ فرخنده جي بيڊ روم ۾ آئي.

"هن پاسي وارو دروازو بند ڪرينس، ڏاڍي هوا پيئي لڳي." هن سيتا کي چيو. پوءِ هوءَ جلدي جلدي ڊريسنگ ٽيبل جون شيون هٿائي فرش تي رکڻ

لڳي. سيتا صفائي ڪرڻ ۽ سندس مدد ڪندي ويئي. بلقيس، فرخنده ۽ گهوٽس جي پلنگن جا پوش لاٿا. انش- تري صاف ڪيائين. نِيرن پردن جي پنيان لڪيل، 'هندستان ٽائيمز' جي ويڙ تان مٽي چنڊيائين. گهوٽس جا ڪپڙا، جيڪي ڪمري ۾ وکريا پيا هنا، سميٽيائين.

تمام عمر رها غمزه و ادا کا شڪار

پر واري ڪمري ۾ ننڊي ماسي هيٽر جلايو ۽ شال ۾ نهن کان وٺي چوٽي تائين ويڙهجي پلنگ تي اوڪڙون ويهي رهي ۽ سوپاري ڪترڻ لڳي. باهران ٻارن جي ڪلڻ ۽ وڙهڻ جا آواز آيا پئي. سردي هاڻي وڌي ويئي هئي.

چاٽڪيا پوريءَ جي ڊپلوميٽڪ ڪالونيءَ ۾ اعليٰ آفيسرن جا سرڪاري فليٽ ۽ سفارت خانن جون عمارتون پري پري تائين بي نيازيءَ سان ڦهليل هيون. مسرور ۽ مطمئن انسان، انهن عمارتن ۾ رهندا هنا. پريان گردوغبار جي ڏنڊ ۾ ويڙهيل اشوڪا هوٽل پنهنجي عظمت ۾ سربلند ۽ اٽل ڳاڙهي پٿر جي اوچي عظيم الشان جبل وانگر بيٺي هئي. باغن ۾ سرءُ جا گل ڦڙي چڪا هنا.

تمام عمر رها غمزه و ادا کا شڪار

لائونج جو دروازو کڙڪيو. ڪيلاش آيو هو. پرديپ جو فون آيو. ٻارن ڊرائنگ روم ۾ ٽڪاءُ سان گلاس پيچي وڌو. ادي بتول وراندي ۾ ٽهريءَ جي نماز کان پوءِ وظيفو پڙهندي هونگر ڏني.

چاٽڪيا پوريءَ مان رواني ٿي، سيتا شام جو ڪمشنر لين پهتي. 'نيري ڪوٺيءَ' جي وراندي ۾ بينل ۾ ٽن چوڪرين ڪيس ڏستي ڪيو.

ڪارڊن هائوس ۾ هيما پنهنجي ٻار سان بيڊروم ۾ وڃي چڪي هئي. سندس مُڱس لنڊن مان موٽي آيو هو ۽ هوءَ ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ ساٿس گڏجي پنهنجي ساهورن شولاپور وڃڻ واري هئي.

گارڊن هائوس ٻاهران گاهه تي ٻه ننڊڙا تبتي ڪتا کيڏي رهيا هنا: 'چنگ ۽ چائو.' شهزاد انهن کي هنج ۾ ڪڻي سيتا سان انهن جو تعارف ڪرايو: "اِهي ٻئي دلائي لاما سان گڏ هتي آيا آهن."

"اچا؟!"

"اقبال وٹي آيو آهي سرحد تان. هو دلاڻي لاما جي قافلي سان ڊيوٽيءَ تي هوندا خبر اٽيئي، اقبال هاڻي ليفٽننٽ ڪرنل ٿيڻ وارو آهي!"

"هائو ونڊرفل!"

امان ٻاهر نڪري آئي.

"اڙي سيتا، ڪافي ڏينهن کان پوءِ ڏسڻ ۾ آئي آهين. ڪيئن آهين؟"

"ٺيڪ آهيان امان."

"شام ٿي وئي آهي، سرديءَ ۾ ٻاهر نه ٻيهه."

"ڇگو امان."

"انهيءَ گهڙيءَ، جڏهن ٻئي وقت پاڻ ۾ ملندا آهن، تڏهن مهاديو ۽ پاروتي ڪيلاش تان لهي اُڏامندا ڦرندا آهن." اهڙي ئي هڪ سرد شام جو امان ڪيس ٻڌايو هو.

هيما ۽ شهزاد کان موڪلاڻي هوءَ رات جو قرول باغ موٽي. صبح جو سوير هوءَ پيرس لاءِ فلاءِ ڪرڻ واري هئي.

22

• جنوري 1961ع جي انهيءَ اونداهي ٽپهريءَ جو مينهن اوهيڙا ڪري وسي رهيو هو. جڏهن ٽئڪسي 'بوليوار سوشي' جي هڪ ڇاتل سيجاتل عمارت هيٺيان وڃي بيٺي، تڏهن سيتا کي ائين لڳو جڻ هوءَ صدين کان پنهنجي گهر موٽي آئي هُجي، ڇو ته جتي عرفان آهي، اُهو سندس گهر آهي. جميل سندس نؤعمري جو پيار هو، جيڪو ڪجهه مهينن کان پوءِ ئي ختم ٿي ويو. قمر جي بي پرواهي، ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو هو. پروجيش چوڌري کي سائس همدردي محسوس ٿي هئي. شهرت، عزت، دولت، ۽ مقبوليت، انهن چئني شين جي وٽس گهٽائي هئي. عورتون مٿس ساهه ڇڏيندیون هيون. مرد مٿس رشڪ ڪندا هئا، پر انهن سيني ڳالهين جي باوجود هو بيڪس لڳندو هو. سيتا کي پهريون پيرو اهو محسوس ڪري شديد خوشي ٿي هئي ته اُن وقت تائين ڪيس رحم جي قابل سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي هوءَ پاڻ ۾ ڪنهن تي رحم ڪائي سگهي ٿي. انهيءَ رات پروجيش ڪانسٽيٽيوشن هائوس ۾ سيتا کي چيو هو: "سيتا ديوي، مان ساري عمر بلڪل اڪيلو رهيو آهيان. دنيا منهنجين تصويرن کي سمجهي سگهي ٿي پر مون کي نٿي سمجهي. منهنجا دوست، منهنجا نقاد، منهنجا مداح، ڪوبه، اصلي پروجيش چوڌري کي نٿا سڃاڻين. ڪوبه اُنهي پروجيش چوڌري کي نٿو سڃاڻي، جيڪو ڪنهن زماني ۾ آڏيءَ رات جو ڪلڪتي جي سنسان گهٽين ۾ پنهنجي روح جي ڳولا ۾ ٻڪندو وتندو هو، ۽ هاڻي شهرت ۽ عظمت جي سپ کان اوچي سنگهاسن تي ويٺو آهي، پر پوءِ به خوش ناهي. بي شمار سهٽيون چوڪريون منهنجي زندگيءَ ۾ آيون، سيتا ديوي، پر منهنجي روح جي گهرائين تائين ڪابه پهچي نه سگهي."

سيتا کي خبر هئي ته پروجيش ڪمار چوڌري لباڙ پئي هنئي پر پروجيش جي انهيءَ فراڊ تي ته ڪيس ترس اچي ويو. جڏهن هو ٻارن وانگر ڪيس چوندو هو ته مون کي تنهنجي ضرورت آهي سيتا ديوي، ته سندس اندر لڪل ماءُ جاڳي اُٺندي هئي.

پر عرفان. عرفان....

هيستائين هوءَ قانوني طور تي مسز جميل هئي، پر هاڻي اهو ڪاغذ امريڪا مان اچي ويو هو. 'مسز عرفان' سڏائڻ جو حق هاڻي ڪانئس ڪوبہ نٿو ڪسي سگهي. هاڻي اُهي جيترو جلد ٿي سگهيو اوترو جلد شادي ڪندا. عرفان هاڻي سندس 'عاشق' نہ هوندو پر سندس 'مڙس' هوندو. مجازي خدا. ديوتا. سيني سَنگن ڪان اُتم، مقدس، خوبصورت ۽ پيارو سَنگ. سندس قانوني مڙس.

هوءَ تيزيءَ سان ڏاڪڻ چڙهي مٿي آئي ۽ پنهنجي فليٽ جي دروازي تي وڃي زور زور سان ڪال بيل وڄائڻ لڳي. دروازو ڪليو، اندران هڪ اجنبي مهاندي ڪنڊ ڪڍيو.

"ڪير ؟"

"مان 'مئدم عرفان' آهيان."

"جي؟ مئدم عرفان؟" اجنبي، جيڪو ڪُراڙو فرانسيسي هو، دروازي مان اڌ باهر نڪري، ڪيس غور سان ڏٺو. "توهان کي يقين آهي تہ توهان مئدم عرفان آهيو؟"

"جي ها. چو؟ ڇا مطلب؟" غصي، شرم ۽ خفت ڪان سندس ٽنگون ڏڪڻ لڳيون.

"پر موسيو عرفان تہ ڪالهہ ئي صبح جو مئدم عرفان سان بن مهينن جي موڪل تي 'ڪرانسي' ويو آهي، اوري عرصي لاءِ ننهنجو فليٽ مون کي ڏيئي ويو آهي. اچو مئدم، اندر اچو."

"مئدم عرفان؟" سيتا ٻڌندڙ آواز ۾ اهڙي طرح چيو جڻ ڪوهہ جي اونهائيءَ مان ڳالهائي رهي هجي.

"اهائي مئدم، جيڪا اڳ ۾ 'مادموزيل مارسيل دوبيئر' هئي. هوءَ موسيو عرفان جي آفيس ۾ ڪم ڪندي هئي. شادي گذريل آڇر تي ٿي هئي، مئدم. سابق مادموزيل دوبيئر، نارمنديءَ جي ملڪہ، حُسن رهي چڪي آهي. ننڍي عمر جي آهي. لڳ ڀڳ اُٺويهن سالن جي ٿيندي."

رومال سان هٿ اگهندي بالڪنيءَ ۾ وڃي هوءَ آسمان ڏانهن ڏسڻ لڳي.

"ڪيترن ڏينهن کان سج نڪتوئي ناهي. اڄ ڏاڍي ٺڏ آهي. خبر ناهي تہ

بهار هن سال ڪيتري دير کان پوءِ ايندو. اچو، اندر اچو. هتي هوا ڏاڍي تيز آهي."

تمام عمر زها غمزه و ادا کا شڪار

اڄا ڏينهن باقي آهي. پوءِ رات پوندي. پوءِ صبح ٿيندو. هڪ ٻيو ڏينهن. هڪ ٻي رات.

سلسلهء روز و شب نقش گرِ حادثات.

ڏينهن ۽ رات جو حساب رکڻ جي غلطي ڪڏهن نه ڪج. وقت جو حساب ڪو به لڳائي نه سگهيو آهي.

تُجهي پرکتا هي يہ، مُجهي پرکتا هي يہ

سلسلهء روز و شب صيرفي ڪائنات

"ڏينهن ۽ رات جو حساب. زندگي کا تنهنجي ڊاڪيومينٽري فلم آهي جو سموري زندگيءَ کي ڪٽي لانگ مِڊڪلوز (Long mid- close) ۾ سموئي ڇڏيندينءَ.؟" بلقيس هڪ پيري صولت کي چيو هو.

سلسلهء روز و شب تارِ حرير دو رنگ

هوا جي جهوٽي سان دروازو زور سان بند ٿي ويو.•••

••• لارينس اڳڪٿي ڪئي هئي تہ مستقبل جو ادب انسان ۽ انسان جي رشتن جي بدران انسان ۽ خدا جي تلاش ۽ تعبير کي پنهنجو فڪري موضوع بنائيندو. خبر ناهي. ايا تہ انسان پنهنجي ۽ پنهنجي دنيا جي تعلق کي سمجهڻ ۽ متعين ڪرڻ جي جدوجهد ۾ لڳو پيوآهي. قرة العين حيدر جي ڪهاڻين (سيتا هرڻ، دلربا، اڳلي جنم موهي بٹيا نہ ڪيجو) ۾ انهن رابطن جي تفهيم ۽ تقدير جي نسواني حوالن ڪجهہ نقادن کي انهيءَ نتيجي تي پهچايو آهي تہ سندس بنيادي مسئلو وقت ۽ تاريخ جي تناظر ۾ عورت جي مقدر سان جُڙيل آهي. 'اعترافات' جي فلورا، 'چاءِ ڪي باغ' جي راحت ڪاشاني، 'آگ ڪا دريا' جي چمپا احمد، 'دلربا' جي گلنار، 'نظاره درميان هئہ' جي قيروجا دستور، 'اڳلي جنم موهي بٹيا نہ ڪيجو' جي قمرن، 'هائوسنگ سوسائٹي' جي ثُريا حسين، 'آخرِ شب ڪي همسفر' جي ديپالي سرڪار ۽ 'سيتا هرڻ' جي سيتا ميرچنداڻي جو مقدار برحق. مرد جي هٹان عورت جو استحصال، عورت جي خود سپردگي، قرباني، ذهني ۽ جذباتي جلاوطني جا مسئلا بہ برحق. پر قرة العين حيدر جي تخليقي مقصدن، تاريخي موقعن ۽ ذهني ۽ جذباتي سروڪار جو پڙاڏو جيڪڏهن ايڏوئي سولو هجي ها تہ بحث ۾ پري وڃڻ جي ضرورت ئي نہ پوي ها. قرة العين حيدر وٽ سندس ڪردارن جي حيثيت اهڙن آئينن جي آهي، جن جي متاڇري تي زندگي ۽ وقت پنهنجي رنگ برنگي صورتن ۽ سوالن سان ڏسجن ٿا. بناءُ ۽ بگاڙ جو هر تماشو انهيءَ متاڇري تي پنهنجي صداقتن جي اظهار ۽ ڳُجهہ جي ڳولا ڪري ٿو. اهي ڳُجهہ ڪهڙا آهن، انهن جي جاڻ لاءِ نظاري جي پرئين پَر وڃڻو پوندو.

صداقتون معنيٰ جي مسلسل ۽ ارتقا پذير توسيع ۾ لڪل آهن. قرة العين حيدر بہ توسيع جي انهيءَ عمل کي پنهنجي بنيادي تخليقي مقصدن جي طور اختيار ڪيو آهي. تاريخ کان مابعدالتاريخ تائين، مشاهدي کان انومان تائين ۽ تجربي کان ذاتي ۽ اجتماعي ياداشت تائين انهيءَ عمل جا سلسلا ڦهليل آهن •••

A ROSHNI BOOK
Novel/Fiction (Translation)